# پنهل ڪان پوءِ
# جڳ مڙيوئي سڃو

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهل کان پوءِ

جڳ مڙيو ئي سپنو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو ڪتاب

# پنهل کان پوءِ
# جڳ مڙيوئي سپنو

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1990ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ڏهه

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس<br>هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد. |
| پهريون ايڊيشن | فيبروري 1990ع |
| ٽائيٽل ڪيليگرافي | لياقت علي |

قيمت -/40 رپيا

پڪي جلد سان -/60 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

PUNHAL KHAUN POI and GAG MIRIOYEE SAPNO. (Short stories, letters and Auto bio graphy) written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition Febrary 1990. Price Per Copy Rs. 40/-

---

ڪتاب 'پنهل کان پوءِ' پهريون دفعو سيپٽمبر ١٩٥٤ع ۾ حبيب پبليڪيشنس، فريئر روڊ سکر ڇپرايو هو. ڪتاب 'جڳ مڙيوئي سپنو' مئي ١٩٨٥ع ۾ سنگت پبليڪيشنس، لاڙڪاڻو، پهريون دفعو ڇپرايو هو.

# فهرست


| عنوان | صفحا |
|---|---|
| **مهاڳ — شيخ اياز** | **٩** |
| پنهل ڪان پوءِ | [١١–١١٨] |
| نوران | ١٣ |
| ڪلهي | ٢٠ |
| ڪارو رنگ | ٢٦ |
| رولو | ٣١ |
| شرابي | ٣٨ |
| نظيران | ٤٤ |
| سفيد وحشي | ٥٠ |
| واچ جا ڪانٽا | ٥٧ |
| مسافر مڪراني | ٦٢ |
| پاڙيسري | ٧٠ |
| پنهل ڪان پوءِ | ٧٧ |
| جي تند برابر توريان | ٩٩ |
| چار ايڪڙ ٻني | ١١١ |
| جڳ سڙيوئي سهنو | [١١٩–١١٤] |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

مون نون ورهين جي عمر ۾ پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات شاعريءَ سان ڪئي هئي ۽ جڏهن مان ۱۳/۱۴ سالن جو هوس تڏهن منهنجا نظم اُن وقت جي چوٽيءَ جي رسالي 'سندوءَ' ۾ ڇپيا هئا. سائين ڪيڏل داس فاني، جو حال حيات آهي ۽ ڀوپال ۾ رهي ٿو ۽ جو شڪارپور جي نيوايرا اسڪول ۾ پهرئين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهائيندو هو، گواهي ڏئي سگهندو ته مون هن کان پهريون نظم تڏهن درست ڪرايو هو جڏهن مان هن وٽ پهرئين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس. ۱۶/۱۷ ورهين جي عمر ۾ مون ڪهاڻيون به لکڻ شروع ڪيون جن جو پهريون مجموعو 'سفيد وحشيءَ' جي نالي سان ورهاڱي کان اڳ ڇپيو. منهنجي ڪهاڻي 'پاڙيسري' ورهاڱي کان ٿورو وقت اڳ 'اسان جي سنڌ' نالي ڪتاب ۾ ڇپي هئي. ورهاڱي کان پوءِ منهنجي دوست مرحوم عبدالرزاق راز 'سفيد وحشيءَ' واريون ڪهاڻيون 'پنهل کان پوءِ' جي نالي سان شايع ڪرايون، جن ۾ اهي خط به شامل ڪيا ويا، جي مون مرحوم روشن کي لکيا هئا جڏهن هوءَ سان فرانسسڪو (يو.ايس.اي) هڪ سال لاءِ وئي هئي. منهنجون ڪهاڻيون 'چار ايڪڙ ٻني'، 'جي تند برابر ٽوريان' ۽ ڪجهه ٻيون ڪهاڻيون به ۱۹۴۷ کان ۱۹۴۹ تائين لکيون ويون هيون. ان ۾ 'چار ايڪڙ ٻني' ۽ هڪ ٻي ڪهاڻي جنهن جو نالو وسري ويو آهي ۽ 'سندوءَ' ۾ شايع ٿي هئي، سال ۱۹۴۷ جي شروعات ۾ لکيون ويون هيون. انهن کان سواءِ هڪ ٻي ڪهاڻي 'فيروزان' به هفتيوار 'روشني' ۾ شايع ٿي هئي، جا سکر مان مرحوم شمس الدين شاهه ڇپائيندو هو ۽ جنهن جي پهرئين پرچي جي سال ۱۹۴۹ ۾ ادارت مون ڪئي هئي، پر اهو پرچو مون کي دستياب نه ٿي سگهيو آهي. 'جي تند برابر ٽوريان' مون تڏهن لکي هئي جڏهن سال ۱۹۴۹

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪراچي ڇڏي مان مستقل طور سکر وڃي ڇڪو هوس ۽ آتي وڪالت ڪندو هوس. ڪجهه ٻيون ڪهاڻيون ٻه ورهاڱي کان اڳ اخبارن ۾ ڇپيون هيون جن جا نالا مون کان وسري ويا آهن. هن مجموعي ۾ مون فيروز احمد کي ’چار ايڪڙ ٻني‘ ۽ ’جي تند برابر تورريان‘ شامل ڪرڻ لاءِ تڏهن ڇهو جڏهن هو مون وٽ ’پنهل کان پوءِ‘ واري حصي جا پروف ڏيکارڻ آيو. ان ڪري اهي ڪهاڻيون ٻين ڪهاڻين سان تسلسل ۾ ڏنل نه آهن.

مان هن وقت انهن ڪهاڻين کي ڪائي خاص اهميت نه ٿو ڏيان ڇو ته اهي منهنجي ادبي زندگيءَ جي انهيءَ دؤر جون لکيل آهن جڏهن مون نثر ۾ لکڻ جي ابتدا ڪئي هئي، پر فيروز احمد ۽ ٻين دوستن جي اصرار تي انهن کي وري ڇپائڻ جي اجازت ڏني اٿم. ممڪن آهي ته انهن جو مطالعو منهنجي ذهني ۽ ادبي اوسر جي جائزي ۾ مددگار ثابت ٿئي. ٻيو ڪتاب ’جڳ مڙيوئي سپنو‘ تڏهن شايع ٿيو، جڏهن منهنجو وائيس چانسيلريءَ جو ٽرم پورو ٿيو ۽ مون حيدرآباد ڇڏي، وري سکر ۾ وڪالت ڪئي، ۽ وري نثر ۾ به لکڻ لڳس. اهو ڪتاب ’سگند پبليڪيشن‘ لاڙڪاڻي ١٩٨٥ع ۾ ڇپايو هو، جو وڪامي چڪو آهي. چاڪاڻ جو ڪهاڻين ۽ خطن جو مجموعو ننڍو هو ۽ مون ٻيهر ٻهريون ٻيرو نثر ۾ ’جڳ مڙيوئي سپنو‘ لکيو هو، ان ڪري آن کي به هن مجموعي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

’پنهل کان پوءِ‘ واريون ۽ ٻيون ڪهاڻيون ۽ خط اهو خيال ۾ رکي پڙهيا وڃن ته اهي منهنجي ڪم عمريءَ ۾ لکيا ويا هئا، جڏهن سنڌ ۾ مسلمان ڪهاڻي لکڻ وارا اديب نه برابر هئا.

**شيخ اياز**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهل کان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نوران

عزيز غور سان ڏسي رهيو هو. ساڳي پنهنجي پنهنجي فضا، ساڳيو صاف سٿرو ڪمرو، ساڳيو سامان سڙو، رنگ ڍنگ، اُٿ ويهه، اچ وڃ! سڀڪجهه هوبهو ساڳيو هو. ڇهن وقت کي ان ڪمري ۾ دخل ڏيڻ ڪونه هو. ڇهن ٻه سال گذريا ڏيئي نه هئا، ڄڻ هو ڪلهه اتان ٿي ويو هو. سندس دل تي ان ڪمري جي هڪ هڪ ياد ڇٽي هئي، هڪ هڪ واقعو تازو هو. پٿرين کي نه رڳو ڪن هئا پر زبانون به هيون. هو ڪيس ماضيءَ جي هرهڪ رنگين ڳالهه ٻڌائي رهيون هيون ته هي ساڳيو ڪمرو آهي جتي تو زندگيءَ جون پياريون پياريون گهڙيون گذاريون، جتي تنهنجون امنگن ڪر موڙيا، جتي تنهنجي محبت رابيل جي ڇڪيءَ وانگر ڦلي ڦولي ۽ ٽهڪارون ڏنيون. اهو به زمانو هو جڏهن تون انهيءَ گهٽيءَ مان لڏندو لمندو ايندو هئين، تنهنجا نيڻ جوانيءَ ۽ محبت جي ڪيپ ۾ پريل هوندا هئا. اڇڻ سان تنهنجون نظرون انهيءَ چائنٽ کي ڇمنديون هيون، ۽ گويا دنيا جو سڄو دک درد، آنڌ مانڌ ۽ اڻ تڻ ان چائنٽ جي پٺيئن پاسي ڇڏي ايندو هئين. چائنٽ کان ٿورو اڳتي پڌر ۽ تنهن کان اڳتي اهو ڪمرو. اهو ڪمرو جتي تنهنجا ٽهڪڙا ۽ اوچنگارون اڃا تائين گونججي رهيا آهن، جتي هر چيز تنهنجي غم غصي، پيار پڇتاو، جا داستان دهرائي رهي آهي. هن چوڌاري نظر ڦيرائي ته ڪيس ٻه ڪرسيون ۽ ميز نظر نه آئي. ٻه سال اڳ اهي پٽ جي اوت ۾ رکيون هونديون هيون جتي هو ۽ رضيه هڪٻئي جي آمهون سامهون ويهي ڳالهيون ڪندا هئا. ڳالهيون جن کي معنيٰ نه مطلب، اڳياڙي نه پڇاڙي، مگر ماکيءَ ۽ مصريءَ کان مٺيون ڳالهيون، جن ۾ پل پهر اڏامندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا ها، جن ۾ پنهي جي زندگي رلندي ملندي ويندي هئي ۽ هو ايئن پائيندا هئا ته هو انهيءَ ميز جا ٻه پاسا هئا، هڪ ٻئي جي ويجهو به، هڪٻئي کان دور به. ”آمي،“ عزيز نوران کي سڏيو، ”آمي، هتان ميز ۽ ڪرسيون ڇو ڪنيون اٿئي؟“ ”ابا،“ نوران جواب ڏنو، ”جڏهن ويهڻ وارا ڏسي هليا ويا ته اهي ڪرسيون رکي ڇا ڪندس.“

(٢)

نوران رضيه جي ماءُ هئي. رنگ جي پوري پني، اڇي اجري ۽ سادي سودي هئي. پندرهين سورهين ورهين جي عمر ۾ ڏني بيوه ٿي وئي. رضيه ڇاڻي مس ته نوران جو مڙس گذاري ويو. نوران جو مڙس ته نه هو، ويل هو ويل! نوران پندرهين ورهين جي. سندس مڙس پنجهٺ جو. سخت ڇيڙاڪ. ڪج فهم، وحشي! هوءَ جڏهن به مڙس جي ڳالهه ڪندي هئي ته روئي ويهندي هئي- غم مان نه پر غصي مان. الائي ڇو، رضيه ۽ عزيز جي محبت نوران کي نه آئڙندي هئي. ”ڏس ته سهين روز اهو ناڙڪ ٿهي ٿو“ هوءَ چوندي هئي، ”پراڊو پٽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اڇي ٿو ويهي. اها سس پس چڱي نه آهي. لوڪ آهي بوڪ. جنهن کي جيئن وڻندو تيئن هل وجهندو.“ پر هوءَ پاڻ جيڏيءَ پڙهيل ڳڙهيل ڌيءَ تي زور زبردستي به ڪري ڪانه سگهندي هئي. رضيه جي عمر نوران کان چوڏهن پندرنهن سال گهٽ هئي. رضيه جو قد ويو هو پيءُ تي، سو نوران کان ڊگهي لڳندي هئي. شايد ان ڪري نوران هن تي رعب رکي نه سگهندي هئي. پيو ته ڪوئي ڏڌي سائين هيس ڪونه جو سمجهائيس ته اسڪول ۾ ته تون سچيءَ محبت جون ڪهاڻيون پڙهي آئي آهين پر اڄ ڪاله سڄي پنهونءَ وارو زمانو نه آهي. رضيه بلڪل بي پرواه ٿي پئي هئي. هن ڪتابن ۾ پڙهيو هو ته پيار پنڌن ۾ نه ٻڌبو آهي، دنيوي رسم رواج ٻن دلين جي وچ ۾ ديواريون ڪڙيون ڪندا آهن پر پيار جهل پل جو نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ان تي ڪائي روڪ ٽوڪ نہ آهي. ان وقت هوءَ پاڻ کي سهڻيءَ وانگر سمجهندي هئي، گويا سير ۾ لڙهندي تي وئي، جڳ جا لڳ لاڳاپا لاهي پرينءَ جي پار ترندي تي وئي، ۽ پريان ميهار جي ڪافيءَ جو مٺو آلاپ ٿي آيو. سندس ساري سڌ ٻڌ پلجي ويندي هئي، ڇو ته محبت جون هيرون لڳنديون هيون ۽ سندس ننڊاکرا نيڻ ڪيس رنگين خوابن جي دنيا ۾ وٺي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ عزيز کان پڇندي هئي تہ ڇا اهي سسئي پنهونءَ، سهڻي ميهار جون ڳالهيون سچيون آهن؟ عزيز جون زمانيساز نگاهون مرڪي ڏينديون هيون. الائي ائين ڇو آهي تہ مرد شاديءَ جي برخلاف هوندا آهن ۽ عورتون شاديءَ جي فائدي ۾ — مرد ڀنئور وانگر هوندا آهن ۽ گل گل جو واس وٺي رمندا رهندا آهن ۽ عورتون چاهينديون آهن.... عورتون الاهي ڇا چاهينديون آهن؟ عزيز جي دل ۾ ڪائي خوبصورت تشبيهہ لڪ ڇپ ڪيڏي رهي هئي — هن پنهنجي گهر ۾ اڏامندڙ جيتڙا ڏٺا هئا جي مٽيءَ جي ذري ذري ڪري ڪٺي ايندا هئا جنهن مان هڪڙو ننڍڙو مٽيءَ جو گهر ٺاهيندا هئا جنهن ۾ پاڻ کي پوري ڇڏيندا ها. سندس ڳوٺ جا ماڻهو انهن جيتڙن کي ”گهريتڙيون“ ڪوٺيندا هئا. سڀ عورتون گهريتڙيون آهن، عزيز سوچيو هو. هميشه سوچيندو هو تہ ڇو نہ رضيہ بہ نوڪري ڪري مان بہ نوڪري ڪريان، ٻنهي جي زندگيءَ جون ڪشتيون ائين ئي چانڊوڪيءَ کي ڇهنديون روان دوان رهن! هي نوران ساڳيا سڙه ڇو ٿي چاهي، هي ائين ڇو ٿي چاهي تہ گڏ ٻڏجي گڏ ترجي؟ هر انسان جي زندگي الڳ الڳ آهي، هر ڪنهن جي منزل ماڳ جدا جدا آهي، پر انهيءَ لنبي سفر ۾ جي بہ ٿڪل مسافر ڪنهن ڪڙيءَ تي ملي وڃا ۽ چار گهڙيون پيار جي ٿڌيءَ ڇانو ۾ ويهي ڪر ساهيائون تہ ان جي معني اها نہ آهي تہ هو منزل جي توڙ تائين گڏ هليا هلن! رضيہ ڪنول جي گل جيئن هئي جنهن ڇوڻ پاڙون

پختيون هجن؛ عزيز پاڻيءَ جي لهر جٿن، جا ڪنول سان وڏي وڏي لڳندي هجي ۽ ملييون وٽي رمندي رهي. ان جو مطلب اهو نه آهي ته عزيز جي رضيه سان محبت نه هئي. رضيه، هن جو روح هئي جنهن ڪان سواءِ هو دنيا جي هر لطف ۾ ڪمي محسوس ڪندو هو، جنهن ڪان سواءِ سندس زندگيءَ ۾ هڪ خال هوندو هو، جنهن کي دنيا جي ڪائي به مشغولي، مصروفيت، پوري نه سگهندي هئي. هو صرف آهو اڏامندڙ پکيڙو هو، اڄ هيتي سيان هٽي پڃري جي پنڊ ۾ هن جو رهڻ محال هو. هن جي رضيه سان ايتري محبت هئي ڏي ان ڪري جو رضيه ٻين وانگر ڪيس شاديءَ جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش نه ڪندي هئي جيتوڻيڪ هوءَ چاهيندي هئي ته عزيز کي جند جان سان جڪڙي ڇڏي، عزيز سندس رڳ رڳ جي ويجهو رهي، نظر نظر ۾ ڪڏندو رهي.

نوران الائي ڇو عزيز سان نه ٺهندي هئي. اٿندي وهندي، عزيز جي گلا ڪندي هئي. رضيه کي هن جي خلاف ڀڙڪائيندي، ڳالهائيندي ڳالهائيندي بگڙي تپي ويندي. پوءِ ته جهڙو تتو لوهه، جو آيو سو سيڪ ڪائي ويو. سندس نظرون ڇيپون ڪيڻنديون هيون ۽ هوءَ مرد جي ساريءَ ذات تي پٽي ڇوءِ ڇنڊينڊي هئي. عزيز به پيو لنوائيندو هو. ڪڏهن ڏاٽ، ڪڏهن هڏي، ڪڏهن ڇهڙ، ڪڏهن صفا جهيڙو! هين ڪن ڪان ٻڌي هڻن ڪن ڪان ڪيي ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس ڏاڍو غصو ايندو هو پر پوءِ ڪجهه سوچي مرڪي ڏيندو هو. ڀلا ويچاري نوران ڪڏهن ڪيو هجي ڪوئي عشقڙو ته ڪل پويس! هڪڙي پيري رضيه ۽ عزيز طئي ڪيو ته سکر بيراج تي گهمڻ هلنداسين. عزيز سوچي رهيو هو ته تارن ڀريءَ راتڙيءَ ۾ پل تي گهمڻ ۾ به ڪوئي لطف هوندو! تڏو تڏو نيرو نيرو پاڻي، تنهن ۾ بجلي بتين جا پاڇاوان- ندي به تارا تارا، آسمان به تارا تارا! نوران هنن جو ارادو ڏسي، مٽي کي پٽي ٻڌي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ رضيه کي چيائين ته اڄ رتڻ پچائڻ جو ڪم تون ڪر. عزيز ٻه منٽ ورسو ٿي، نوران کي ڏنو ۽ پوءِ ڪلي ويٺو. اهڙا سوين واقعا ٿيا جن مان عزيز سمجهي ويو ته نوران جي زندگي ويران بيابان هئي، جتي محبت جي هير ڪڏهن به نه گهلي هئي ۽ هو ڪڏهن به ڪيس پنهنجي پاسي نه ڪري سگهندو.

(٣)

پيار جي گهڙين کي پر ٿيندا آهن. عزيز جو سڄو سال انهيءَ ڪمري ۾ گذري ويو. اوچتو ڪيس ڪراچيءَ مان نوڪريءَ جو حڪم آيو ۽ هو سکر ڇڏي ڪراچيءَ ويندو رهيو. نوران ڪيس پوئين ڏينهن تائين ليکيوئي ڪون، گويا ڪوئي اجنبي هو. ڪراچيءَ جي ٽڪڙي ٽڪڙي، ترڇي ترڇي زندگي، ڏيک ويک، ٺاه ٺوه، رنگ ڍنگ، راڳ روپ، ڪيئي يار باش، ڪيئي سهڻيون سرتيون، ڪيئي وندر ورونهه، جون جڳهون، ڪيئي روح رهاڻ جون ڳالهڙيون! ڪٿي سکر ڪٿي ڪراچي هڪ هنڌ زندگي ڪيٽليءَ جئن مس چري پري، ٻئي هنڌ باز جيئن اڏامندي وڃي. عزيز رضيه کي اُئين وساري ويٺو جيئن ڪائي ضروري شئي ڪوئي ٽڪڙ ۾ وساري ڇڏي. ڪڏهن ڪڏهن رضيه کي خط لکندو هو سو ٻه ڦڪو، الوڻو، ڪڄسو! ٻه سال عزيز رضيه کان دور رهيو ۽ جڏهن موٽي آيو تڏهن رضيه جي اسلم سان شادي ٿي چڪي هئي. عزيز رضيه جي شاديءَ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ سکر آيو. ڪيس پاڻ تي ڏاڍو افسوس هو. گويا هو پاڻ وڃائي ويٺو هو. هو سوچي رهيو هو ته هو خود پاڻي هو ۽ رضيه ڪنول هئي، پاڻيءَ کان سواءِ ڪنول مرجهائجي وڃي ها، سو اسلم چني ان کي گلدان ۾ رکيو. رضيه عزيز کان سواءِ اڪيلي ۽ اپاڙڪي ٿي پئي هئي، هن جي زندگيءَ ۾ خال هو جو روز بروز وڌندو ٿي ويو، سندس حسن آب تاب سان چمڪندو هو، سندس جواني چشمن جئن ڦاٽ ڪائيندي چوندي هئي ته آهي ڪوئي اڃايل جو اچي

پياس بجهائي. جيسين ڪوئي اجايل اچي تيسين رضيه ڪي پنهنجي سونهن جو سارو آب تاب رچ مثل لڳندو هو. ڏينهون پوءِ عزيز جو عڪس سندس دل ۾ ڇٽو ٿيندو ويو. ڇٽو، ڦڪيرو، ميرانجهڙو، صفا غائب! نيٺ اسلم اچي سندس زندگيءَ جو خال پُريو. رضيه جو اسلم سان پيار ڪونه هو، صرف ڪشش هئي، ڪشش جا ڪاٺيءَ ۽ پٿر جي گسڻ تي باهه پيدا ڪندي آهي جيتوڻيڪ پٿر خود نه جلندو آهي. رضيه جي عزيز سان محبت هئي، اسلم سان رفاقت ٿي وئي. سماج جي پين پنڌڻ کان آزاد هوندي به هوءَ شاديءَ جي پنڌڻ ۾ رضا خوشيءَ پنهنجي وئي. عزيز دنيا ڏٺي هئي، انساني فطرت جا گوناگون پهلو جاچيا هئا انڪري هن کي رضيه تي نه افسوس ٿيو نه عجب آيو.

افسوس نه عزيز کي پاڻ تي ٿيو ۽ عجب نوران تي آيو. نوران رضيه جي شاديءَ جي سخت برخلاف هئي. هونءَ نه نوران چڱي عزيز جا پير ڌنيندي هئي ۽ ڪيس بيلو نه سهندي هئي پر اسلم جي اچڻ شرط هن عزيز جي ساراهه جا ڍڪ پرڻ شروع ڪيا. ”عزيز نهايت سياڻو آهي، نهايت عمدو آهي. جهڙو پڙهڻ لکڻ جو قابل تهڙو اٿڻ ويهڻ جو لائق! منهنجو نه چڱي پيٽ ڄاڻو پٽ آهي. مون سان ڏاڍو پيار اٿس. امي امي پيو ڪندو آهي.“ رضيه پٺي عزيز جي ڳالهه لنوائيندي، نوران پٺي دهرائيندي. رضيه تڏو ساهه کڻي گذريل محبت تي قل پڙهي ڇڏيندي، نوران ساهي پٺي وري الحمد شروع ڪندي. هوءَ محبت کي لٺي ڇڏيندي، هيءَ پٺي ڪيس ڏيکاريندي نه ڪوڙي ڪچ تي ماڻڪ پٺي مڙهيون؛ شادي عادت آهي، محبت عادت نه آهي؛ شادي پلئه پلي تي پڌي، محبت روحن کي ڳنڍيون ٿي ڏئي- ڳنڍيون به ريشم جون، ڇڪينديون نه ڇڄن؛ شادي دنيا ۾ ضروري نه آهي محبت ضروري آهي- ”ترس عزيز موٽي ايندو. مون کي پڪ آهي ته هو موٽي ايندو. هن جي روح تو سان

لاڏون لڏيون آهن. تون هن کان ڪڏهن به وسري نه ٿي سگهين. ڇري ٿو ڇا ڏنو هو. مون عزيز جون اکيون ڏٺيون هيون جڏهن هو توکي ڏسندو هو. گويا سندس تارن تي روح نچندو هو، گويا هن جا چپ تنهنجي محبت جون سرڪيون پريندا هئا. گويا هن جي زندگي تنهنجي محبت ۾ جلي ٿي ويندي هئي. مون کي پڪ آهي ته عزيز موٽي ايندو، توکي ياد آهي ته مون هڪ طوطو پاليو هو- تون چوندي هئين ته هن جا پَر ڪتري ڇڏ ته اڏامي نه وڃي. مون هن جا پَر نه ڪتريا. هڪ ڏينهن هو سچ پچ اڏامي ويو. تو چيو ته ڏٺءِ هن جا پَر ڪترين ها ته اڏامي نه وڃي ها. مون چيو ته پاڻهي موٽي ايندو. تو خار ۾ پڃروئي پڃي ڇڏيو. طوطو رلي پني موٽي آيو. هن جو پڃري سان پيار ٿي ويو هو. پر تو پڃروئي پڃي ڇڏيو. پنڪي پٽڪي موٽي ويو.“ هي ڪمرو برابر پڃرو آهي، عزيز سوچيو، هن جا پر ڪتريل نه هئا پر ان پڃري سان هن جي پريت ريجهي وئي هئي. هي پيارو ڪمرو جتي هن زندگيءَ جون پياريون گهڙيون گذاريون آهن! ڪمرو بلڪل ساڳيو هو پر انسان بلڪل بدلجي چڪا هئا، رضيه اها رضيه نه هئي، نوران اها نوران نه هئي- عزيز اهو عزيز نه هو. هن ڪمري ڏانهن ڏسي نوران ڏانهن ڏٺو. ”ابا تون ايترا ڏينهن ڪٿي هئين؟“ نوران چيو. نوران جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. عزيز جي چپن تي مرڪ هئي- هو دل ۾ چئي رهيو هو، ”نوران، رضيه منهنجي زال نه آهي پر تون سس ضرور آهين....“

# ڪلڙي

هن جي سادگيءَ ۾ چالاڪي هئي، چالاڪيءَ ۾ سادگي. ڪڏهن ٻار جيئن نچندي ٽپندي ايندي ۽ پنيان اچي اکيون ٻوٽيندي. ڪڏهن اوچتو منهنجا وار ڇڪي چوندي، ”ڏس ته، ڪيئن ٿي پيو آهين؟“ ۽ پوءِ آرسي کڻي هٿ ۾ ڏيندي. ڪڏهن مان پينسل رکي پاڻي پيئڻ اٿندس ته، گورو پٺيان ڇڏيندي ۽ اچا ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندس ته ڪل ۾ ويڙهجي ويندي. ڪڏهن پوتي ٻڪ ڪري ٻڌي ايندي ۽ ڪتاب منهنجي هٿ مان کسي چوندي ته ”ڇو، هاڻي ڇا ٿو ڇئين؟“ ڪڏهن ٽاچڙي کڻي منهنجي ڪنڌ ۾ ڇپائيندي، ڪڏهن شربت ۾ لوڻ وجهي کڻي ايندي، ڪڏهن ڏينهو ڦاسائي، پر ڪان وٺي منهنجي اڳيان آڻي ڏيکاريندي. هڪ ڏينهن وچون ترڻيءَ تي کڻي آئي. الاجي ڪيئن ڏنگ ڪڍيو هٿائينس! ”ڏس مون هن کي منڊيو آهي،“ هن چيو. مون ڏانهس شرارت ڀريل نظرن سان ڏسندي چيو، ”تون ته ماڻهوءَ کي به منڊي سگهندي آهين.“ هن جي منهن تي لڄ ڇانئجي وئي ۽ وچون کڻي منهنجي پاند ۾ وڌائين. مان ڇرڪ ڀري اٿيس ۽ چوٽيءَ کان ڇڪي چيومانس، ”ڇو، وري ائين ڪندينءَ؟“ ”نه بابا توبه، منهنجي ماءُ جي به توبه!“ هن هٿ وجهي چوٽي ڇڏائيندي چيو. هڪڙي ڏينهن منجهند جو مون کي دير ٿي وئي ۽ هوءَ ماني کڻي آئي. مون گهٽوٺي ڪيس چيو ته پاڻ ئي کائيندس. پر هوءَ ٿي مڙي! زوريءَ گره گره ٺاهي وات ۾ ڏيندي وئي. ”زالون سڀ بيوقوف آهن،“ مون خار کائيندي چيو، ”تڏهن ته تون به پاس نه ٿي ٿئين.“ ”ٺيڪ آهي،“ هن گوشت جو ڪنڊو مانيءَ ۾ لڪائي منهنجي وات ۾ وجهي چيو. مون هڏو ڇپي اڇلا منهن گهنجايو مس

تہ هوءَ ڪلنديءَ پڇي وئي. مون خار ۾ چيو، بس وري اڳتي هتي نہ ايندس؟ ”اڙي، ڏسان تہ گهڻا ڏينهن تو انهيءَ گوڙ ۾ پڙهي سگهين.“ هن نڪ کي موڙ ڏيندي چيو، ”گهر ۾ هڪ اکر بہ پڙهي وٺين تہ چڱو.“ مون سوچيو تہ چوي سچ ٿي. اسان جو گهر ننڍڙو هو ۽ ڀيو تہ ٻار هئا گهڻا. سو مان هن جي گهر اچي پڙهندو هوس. سندس گهر ۾ رکيو بہ پاڻي هئا. ماسي ۽ هوءَ. پر هن بہ تہ منهنجو نڪ ۾ دم ڪيو هو. هر روز نيون شيطانيون سوچيندي هئي. پاڻ تہ مئٽرڪ ۾ ناپاس ٿي پڙهڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو هيائين، هاڻي لڳي هئي منهنجي پٺيان.

هڪڙي ڏينهن منهنجي هٿ ۾ ڪئميرا ڏسي ضد ڪيائين تہ منهنجو بہ فوٽو ڪڍ. گهڻي رد بدل ڪان پوءِ جڏهن مون سندس فوٽو ڪڍيو ٿي، تڏهن هن پوٽي ڇڪي پنهنجو منهن ڍڪي ڇڏيو.

هڪ گهمري مان اچا ڪتاب کڻي آيس تہ ڏٺم تہ بہ چار چوڪريون ويٺيون آهن. مان ڪوٺيءَ ۾ گهڙيس مس تہ سيني وٺي ڪليو ۽ هوءَ ايترو تہ کلي، جو پيٽ کي هٿ وٺي ويهي رهي. مون ڦڪو ٿي ڪيس چيو، ”آهي تہ خير؟“ ”توتي ٿوروئي ٿي کليوسين،“ هن کل روڪي چيو، ”نون پاڻ چؤ تہ تنهنجي شڪل اهڙي آهي ڇا؟ تنهنجي شڪل ڏسي تہ مون کي روئڻ ايندو آهي، کل وري ڪيئن ايندي؟“ ”هاڻي بڪ ڇڏ،“ مون ڪيس چڙيو، ”انهن مائهو ڏسي مٿو ڇو ڦري ويندو انيئي؟“ ”مٿو تہ تنهنجو پڙهي پڙهي ڦري ويو آهي“ انهن چئي هوءَ وري کلڻ لڳي. ”سچ ٻڌايانءِ تہ ڇو پئي کليوسين. مون زهره کي ٻڌايو تہ تو بي. اي ۾ فلاسافي کنئي آهي، تنهن تي هن هڪڙي فيلسوف جي ڳالهہ ٻڌائي تہ ڪئين هن ڇيٽو پيت تي ڏسي چيو هو تہ ڳئون اهو ڇيٽو پيت تي ڪيئن لاٿو ۽ ان تي مون کي ڏاڍي کل آئي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دفعي مون ڪيس جمهوريت جا اصول ٿي سمجهايا.
”پر خدا ته اسان کي جمهوريت نه ٿو سيکاري،“ هن سوچيندي چيو. ”خدا ته گهڻائي دوزخ ۾ وجهي ٿو ۽ ٿورائي جن ۾ ملان مولوي، چريا ڪريا آهن تن کي بهشت ڏئي ٿو.“ هوءَ تقرير ڪرڻ لڳي، ”پر پهلي هي بهشت دوزخ جو معاملو به عجيب آهي. مان ته سوچيندي منجهي پوندي آهيان. مشترڪ ۾ اسان کي ماسٽر پڙهايو هو ته صوفي چوندا آهن ته انساني روح ۾ خدا جو جزو آهي. جي ائين آهي ته پوءِ ته دوزخ ۾ به صرف روح ٿو وجهي ۽ ان جي معنيٰ اها ٿي ته دوزخ ۾ خدا ٿو وجهي.“ هوءَ مذهب جي بي معنائيءَ تي کلڻ لڳي. مان سوچي رهيو هوس ته هن کي اهي شرارتي خيال اچن ڇو ٿا؟ خدا مان به نه ٿي رهي!

سندس کل ۾ زندگي هئي، زنده دلي هئي. کلڻ مهل سندس ڳلن ۾ ڄڻ سفيد ۽ سرخ گلاب گهوٽجي ويندو هو، سندس ننڍڙا چپ ماڪ ۾ آلا ٿي ويندا هئا. مون هن کي مرڪندو ته ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هوءَ هميشه کلندي هئي ۽ سندس کل ۾ ڄڻ سڄيءَ دنيا جي سنگيت سمائجي ايندي هئي، سندس ٽهڪ ۾ ڄڻ معصوميت ۽ شرارت هٿ هٿ ۾ ڏئي نچنديون غائب ٿي وينديون هيون. اڪيلي هوندي ته پئي ڳائيندي، ماڻهو ڏسندي ته کلي ويهندي ڄڻ سڄي دنيا جي خوشي سندس روح ۾ سمايل هئي. هوءَ ايترو ته کلندي هئي جو سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿيندا هئا ۽ پتو نه پوندو هو ته هوءَ کلي ٿي يا روئي ٿي! هن جي حياتيءَ ۾ لڙڪ ۽ مرڪ گڏ گهوٽيل هئا. هوءَ مرڪڻ کي تنگ ڪندي هئي پر ڪوئي منجهائس ڪڪ نه ٿيندو هو. مان ته ساڻس نفرت ان ڪري ڪندو هوس جو مون کي هن سان محبت هئي ۽ محبت ان ڪري ڪندو هوس جو مون کي هن کان نفرت هئي. مٺي مٺي نفرت، ڪوڙي ڪوڙي محبت! دور رهي، دور رهڻ نه چاهيندو هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويجهو رهي ويجهڙائيءَ مان ڪڪ ٿي ويندو هوس. مون کي ڀيون به سوٽيون ماساتيون هيون پر ڪا اهڙي عجيب و غريب نه هئي. ڪنهن کي ايتري مجال نه ٿيندي هئي جو مون سان ڪٿي کيچل ڪري. سڀ ڪتابي ڪيڙو سمجهي، منهنجي عزت به ڪنديون هيون ۽ مون کان نفرت به ڪنديون هيون. پر هوءَ الاجي ڇو مون کي چيڙيندي هئي. مان ڪتاب جي ڪنهن صفحي تي نشان وجهي بند ڪري ويندس ته هوءَ اها نشاني آتان ڪڍي ٻئي صفحي تي وجهي ڇڏيندي، مان فائونٽين پين ۾ مس پري رکندس ته هوءَ مس ڪڍي پاڻي پري رکندي. مطلب ته عجيب شامت هئي. مون ڪيئي ڀيرا خيال ڪيو هو ته وري سندس گهر نه ويندس. اڃا به ادائي ڪلاڪ گهر ۾ ويهندس ته هوءَ ڪوئي بهانو ڏاهي ماڻهو موڪليندي. مثلاً چوائي موڪليندي ته ”امان کي مٿي ۾ سور آهي دوا ته ڏي.“ ۽ مان اڃا سور جي دوا ڪٿي ويندس ته نياڻو ڏيندڙ گم ٿي ويندو ۽ لاچار مون کي ڏي دوا ڪٿي سندس گهر وڃڻو پوندو. اڃا ويندس مس ته هوءَ کلندي چوندي، ”ڏس ڪيئن چالاڪي ڪري گهرايومانءِ، پتو پيئه!“ ۽ ڀوءِ نوڙيءَ تي ٽپڻ لڳندي.

پر ائين به ناهي ته هوءَ مون کي صرف مسخريءَ لاءِ گهرائيندي هئي. مون کي ياد آهي ته ٿڌ اونهاري ۾ مون کي پڙهي پڙهي ننڊ اچي ويندي هئي ۽ ڏاڍيءَ گرميءَ ڪري پاسا بدلائيندو هوس ته ڪنهن مهل ٿڌي جهلڪي تي اک پٽجي ويندي هئي ۽ هوءَ وڃڻو هلائيندي نظر ايندي هئي. مون کي اکيون پٽيندو ڏسي ٽڪاءُ ڪرائيندي هئي پٺيءَ تي وڃڻو ۽ ائين چوندي اٿي ويندي هئي ته ”ننڊ ۾ ڳالهائين ڇو ٿو؟ اسان جي ننڊ ٿي ڦٽي.“

جڏهن ڳڏجي ماني کائڻ وهندا هياسين تڏهن چوندي هئي ته ”ڏسجانءِ جي مون اڄ تو کي بک نه ماريو.“ ۽ ڀوءِ ٿهڪ ڏيندي هئي. پر مون ڏٺو هو ته هوءَ تمام ٿورو کائيندي هئي

۽ سڀ سڀ شيءِ منهنجي لاءِ رکندي هئي.

هڪڙي ڏينهن مون کي سخت بخار هيو، سو مون پيڻ کي چيو ته ”مٿي کي ٿورا زور ته ڏينم.“ هن هڏيءَ مان چيو ته ”پر ڪلاڪ سوانده ماساتنهن ويهي زور ڏنا اٿيئي. اجا پيو زور زور ڪرين.“ مون کي خبر نه هئي ته غشيءَ جي حالت ۾ هن مون کي زور ڏنا هئا. اهڙيءَ طرح ڪيئي دفعا مون محسوس ڪيو هو ته هن جي مون سان همدردي هئي.

مون بي.اي جو امتحان پاس ڪيو ۽ هن وٽ ويس. هن چيو ”مٺائي کاراءِ!“ ۽ ٿهڪ ڏئي چوڻ لڳي، ”هل سچا تون چا کارائيندين!“ منهنجو مڱڻو ٿي ويو ۽ هوءَ آئي ۽ چيائين ”مٺائي کاراءِ“ ۽ پوءِ ”هل سچا تون چا کارائيندين!“ چئي، ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳي. منهنجي شادي ٿي وئي ۽ هوءَ آئي ۽ چيائين ”مٺائي کاراءِ“ ۽ پوءِ ساڳيءَ طرح هل سچا تون چا کارائيندين، چئي، ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳي. مون کي ڪڪو ڄائو ۽ هوءَ آئي ۽ وري ساڳيا لفظ چيائين، ”مٺائي کاراءِ“ ۽ پوءِ ”هل سچا تون چا کارائيندين،“ چئي ٿهڪ ڏنائين. هن ۾ اجا به اها معصوم شرارت هئي، اجا به زنده دلي هئي، اجا به کلي کلي، ڳوڙها وهي ايندا هيس.

پر...............

ڪالهه هوءَ منهنجي ڪڪي کي کيڏائي رهي هئي. هن جي منهنجي ڪڪي سان ڏاڍي دل هئي. ڪڪو بانبڙا پائي ٿورو گهمڻ سکي ويو هو، سو ڪالهه جڏهن هوءَ ڪڪي کي کيڏائي رهي هئي. مان آفيس مان موٽيس. ڪڪي مون کي ڏسي ڪيو ”با آ با آ (بابا)“ مون ٻانهون ڊگهيريون ته ڪٽانس. پر ڪڪو ڪنڌ ڏوڻي هن جي ڇاتيءَ سان چهٽي پيو ۽ چيائين، ”ام مان (امان)“ مون چرچي ۾ چيو، ”اڙي امان ته تنهنجي ماني پٺي پچائي، هيءَ آئي پڦي!“ پر ڪڪي جڻ منهنجي ڳالهه نه مڃي ۽ هن جي ڇاتيءَ مان منهن ڪڍي، ڏانهس ڏسي، چيائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”امان.“ اچانڪ مون ڏٺو ته هن جو منهن ون ون ٿي ويو ۽ ڳوڙها سندس اکين مان لهي ڳلن تي اچي ويا. مون تعجب ۾ پڇيو، ”ڇو، آهي ته خير؟“ هن ڪڪي ڪي ڇميو ۽ سندس چولي ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀرڻ لڳي. مان حيرت ۾ هوس. اڄ شايد ڀهريون ڀيرو هو، جو ٿهڪ ۽ لڙڪ دوستي ڇني جدا ٿيا هئا، زندگي ڪل جو سهارو نه وٺي سگهي هئي ۽ ڳوڙها قابو پائي ويا هئا، خوشيء غم کي ڇميون ڏئي الوداع ڪئي هئي.

# ڪارو رنگ

هوءَ رنگ جي ڪاري هئي. ڇــڻ ٽئي جي ٻٽ ڏنئہ. جڏهن وهنجي سهنجي منهن کي ڪريم لائــي نڪرندي هئي ۽ اها آس ۾ رجي ويندي هئي تڏهن هن جو منهن ڀهڪندو نظر ايندو هو، هن جو ڪارو ڪارو، خوبصورت رنگ ڇڻ ٽڙي پوندو هو. تون ضرور تعجب ۾ پيو هوندين تہ مون هن جي رنگ کي خوبصورت ڪيئن ڪوٺيو! پر مان توکان پڇان ٿو تہ ڪاري ڪاري رات، اٿاهين اونداهي خاموشيءَ جــي سير ۾ لڙهندي خوبصورت نظر نــہ ايندي آهي ڇا؟ هــوءَ خوبصورت هئي ۽ خاموش! ڪيس پنهنجي خوبصورتيءَ جــو احساس نہ هو. دنيا ڪيس بدصورت سمجهندي هئي. هن اهو ڄاتو ٿي ۽ ان ڪري سندس چپن تي خاموشيءَ جــي مهر لڳل هوندي هئي. انڌي کوہ جئن خاموش! پر مان هن کي خوبصورت سمجهندو هوس. اهو چئي نہ ٿو سگهان تہ هن جي خاموشيءَ ۾ خوبصورتي هئي يا خوبصورتي ۾ خاموشي! پــر مان ڀانيان ٿو تــہ ٻوئين ڳالهہ صحيح آهي. هن جي خوبصورتي دنيا کي وڏي واڪ چئي نہ سگهندي هئي تــہ مــان خوبصورت آهيان، منهنجو انگ ڏولائتو آهي، منهنجي چمڙي هميشه ٻهڪندي آهي، مان سفيد ڪپڙن ۾ ڇڻ دوزخ جي حور لڳندي آهيان. هن جي ڪنهن سان بہ محبت نہ هئي، نہ ڪاڏ خوراڪ سان، نــہ ڪپڙي لٽي سان، نہ مٽ مائٽ سان، نہ سڪي ساهيڙيءَ سان. سندس دنيا صفا اڪيلي هئي، سانتيڪي، سپاجهي، سهڻي دنيا! پــر هــوءَ هميشه ڳائيندي هئي. چپن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ پئي جهونگاريندي. دل ۾ ايندس تــہ بہ ٿي سڻون ڏاڍيان آلاپيندي. سندس سڄاڻو ڪيس ڪوٺيندائي هئا "ڪوئل." پــر هن جــو آهو لفظ ٻڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن لهي ويندو هو. هوءَ سمجهندي هئي ته هي منهنجي رنگ تي ڪلي رهيا آهن ۽ نه راڳ کي ساراهي رهيا آهن. ڏٺو ويندو هو ته هو پنهنجي ڪائنات سان لڳل رهن ٿا. اول ٿو چوان ته هوءَ خاموش ٿيندي هئي ۽ پوءِ ٿو چوان ته هوءَ ڳائيندي هئي. پر دوست خاموشي ڳائيندي نه آهي ڇا؟ تو رات جو مٿو، جهيڙو ”ترل رل“ جو آواز نه ٻڌو آهي؟ سناٽي جو سريلو گيت! انهن مون کي هن جي راڳ ۾ به خاموشي نظر ايندي هئي. ڳائيندي خاموشي! خاموش راڳ.

رات جي وقت هوءَ بالڪنيءَ ۾ ويهي پنهنجي جو راڳ ٻڌندي هئي. ٿورس ۽ چوڏس رات پنهنجا چڙ وجد ۾ اچي ويندا هئا. ڏهه ويهه ڇڙا پنهنجي وجود جو احساس وڃائي، راڳ جي رس ۾ ملي ويندا هئا. سندن راڳ ۾ پرديسي پرين جون يادگيريون، باجهريءَ جا سر سبز گيت، ڪنهن رڻ پٽ جي چمڪندڙ ريتي، برسات ۾ ڇنل ڇپر، انتظار جون گهڙيون، اڻاڻڪا ستارا، اداس نيڻ وغيره موضوع اچي ويندا هئا. جهانجهه جي آواز ۾ ڪائنات ملياميٽ ٿي ويندي هئي، ۽ ان وقت هن مان آداسائي نڪري ويندي هئي، سندس روح جهن جهنا جهن جي آواز تي جهومڻ لڳندو هو، ۽ هوءَ پائيندي هئي ته هوءَ هن ديس ۾ هڪ مسافر هئي، هڪ اڻ سونهون، واٽڙو مسافر، هڪ پياسي، پيادل راهي ۽ هي مٽ مائٽ، هي سڪيون ساهيڙيون سڀ ڏي مسافر هئا، هر ڪنهن جي منزل جدا، هر ڪنهن جو رستو الڳ، هر ڪنهن جي رفتار علحدي! آسمان ڏانهن اکيون کڻي، وهائوءَ کي گهوري ڏسندي هئي ته ڪيس ڪيئي ڪائناتون نظر اينديون هيون، دور دور جون دنيائون جتي صرف خوبصورتي هئي، جتي محبت حسن جي محتاج نه هئي، جتي زندگي بي معنيٰ نه هئي، دوستي دلبو نه هئي، جذبات بيوس نه هئي. ان وقت هن جي دل ڪنول تي ماڪ جي قطري جئن ٿي ويندي هئي، جو پنهنجي چوڌاري اٿاهه پاڻي ڏسي، ڪنهن وقت گهبرائجي ۽ ڪنهن وقت پيار مان چلڪڻ لڳي. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئي ڀيرا موت تي به خيال ڪيو هو. موت! موت کي سمجهڻ اهڙو تہ ڏکيو نہ آهي جهڙو حياتيءَ کي! ماڻهو الاجي ڇو منجهي پوندا آهن؟ هي جسو، هي "مٽيءَ جو مٽهن" ڪڏهن به ڊهي پوي ۽ مٽي مٽيءَ سان ملي وڃي! موت جو خيال ڪري، هن جي دل وڏي ٿي ويندي هئي. هوءَ سمجهندي هئي تہ ڇڻ سندس مٽيءَ جو غبار آڏامي وڃي وهائوءَ سان لڳو هو، ڇڻ هوءَ آسمان ۾ تارن جي ڪٽ تي سمهي پيئي هئي، ڇڻ ڪيرڏارا ۾ لڙهندي تي وئي، سندس هستي ڪنهن نفيس شيءِ ۾ گهوٽبي ويندي هئي- واهہ جي جهلڪن کان بہ نفيس، راڳ جي لهرن کان بہ نفيس شيءِ ۾. راڳ! راڳ ئي سندس بي معنيٰ هستيءَ کي ڪنيو بيٺو هو، ۽ جهڙي هئي سندس زندگي بي معنيٰ، تهڙو هيو سندس راڳ! بيحد حسين جل پرين جي باري ۾، پنهورين جي پرواز تي، سيتاقل جي وڻ تي، نم جي ٻور تي ۽ ٻيو بہ الاجي ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين تي سندس دل ۾ مٺا مٺا لفظ ترندا ايندا هئا ۽ هوءَ اهي جهونگاريندي رهندي هئي. بي انداز بي معنيٰ، ليپائيندڙ لفظ!

منهنجي بالڪني هن جي بالڪنيءَ جي سامهون هئي. مون جڏهن بہ هن کي ڇتائي ڏٺو هو تہ هوءَ ڪنهن ڏوراهين ڏيهہ جو فرشتو لڳندي هئي، جنهن جو هن دکي دنيا سان ڪو تعلق نہ هو، جو ڪوئي مبهم پيام ڏئي رهيو هو ۽ پيام پوري ٿيڻ تي آڏامي وڃڻو هو. صبح جو اٿي هوءَ ذڪر جي پاتين ۾ پکين لاءِ ان ۽ پاڻي وجهندي هئي. جڏهن پکي چوڳو چڳي اڏامندا هئا ۽ صاف نيري آسمان جي گهراين ۾ گم ٿي ويندا هئا، تڏهن هن جون اکيون انهن جي پٺيان نامعلوم دنيائون گهوليندين ويندڙيون هيون. هوءَ ڪيترو وقت پٺي انهن ڏانهن گهوريندي هئي. منهنجي پيڻ چوندي هئي تہ هوءَ ڏاڍي سپاجهي آهي پر ساڳئي وقت ڪجهہ سوداهہ بہ اٿس. مون هن کي ڪڏهن بہ کلندو نہ ڏٺو هو. هوءَ ڪڏهن مرڪندي هئي، ۽ سندس چپن تان مرڪ اڻون غائب ٿي ويندي هئي جڻ

شفق جــي پوئين رنگيني رات جــي ڪاراڻ ۾ ميٽجي وڃي. مون هن کي سوچيندو به ڪڏهن نه ڏٺو هو. هوءَ اڪثر گم سم، وائڙي بيٺي جهونگاريندي هئي، ڄڻ سندس مٿي ۾ دماغ ڪونه هو. ان هوندي به، هوءَ مون کي ڏاڍو وڻندي هئي. مان جڏهن به هن کي ڏسندو هوس تـه ائين محسوس ڪندو هوس ته اسين صديون اڳي ڪٿي مليا هياسين، ڪنهن ٻڙ جي درخت ۾ جهولا ٽنگيل هيا جن ۾ اسان گڏجي جهوليو هو، ڪنهن نديءَ جي ڪناري تي هڪٻئي جــي پٺيان ڊوڙيا هياسين. سندس وار هوا ۾ لهرايا ٿي ۽ پوتي اڏامندي ٿي وئي ۽ گهاٽ وٽ اچي هوءَ ٽڪجي ويهي رهي هئي جتي مون ڪيس گهاگهر کڻي ڏني هئي. هڪ صدين جي گهري واقفيت، هڪ جهونو شديد احساس، هڪ بي معنيٰ بي چيني منهنجي دل کي تڙپائيندي هئي. هن جو ڪارو رنگ چمڪندو نظر ايندو هو ۽ هوءَ مون کي خوبصورت لڳندي هئي. بيحد حسين!

جڏهن مون پهريون ڀيرو هن سان ڳالهايو هو ته مون کي هن جو آواز ٻڌي تعجب نه لڳو هو. مون اول ئي ٿي سمجهيو ته سندس آواز ڏاڍو مٺو هوندو. هن پنهنجي بالڪنيءَ مان چيو ته ”منهنجي پاءُ ايڏانهن ڪيئهون اچليو آهي“ ۽ مون ڪيئهون کڻــي سندس بالڪنيءَ ۾ اڇلايــو ۽ چوڻ ۾ چيم ”ڪويل!“ چئن پنجن مهنن ۾ هن منهنجي ڀيڻ سان چڱي واقفيت وڌائي پر هوءَ اڃا تمام ٿورو ڳالهائيندي هئي. منهنجي ڀيڻ سندس نس نس مان واقف ٿي وئي هئي ۽ مون کي ٻڌايائين ته هــوءَ جيترو سباجهي ۽ معصوم هئي اوتري ئــي زيـاده کيس پنهنجي رنگ جو احساس هو. کيس ٻن شين سان رغبت هوندي هئي. هڪڙو آرسيءَ سان ٻيو پنهنجي ٻلــيءَ سان. هــوءَ سئو دفعا ڏينهن ۾ آرسي ڏسندي هئي ۽ سئو دفعو ٻليءَ کي ڪڇ ۾ کڻندي هئي. هن جي پهرين ڳالهه ۾ نفرت جو احساس هوندو هو ۽ ٻيءَ ۾ محبت جو. ڀيڻ ٻڌايو ته هن شادي ڪرڻ کان قسم کنيو هو.

منهنجي ڪراچيءَ مـان نوشهري فيروز بدلي ٿي وئي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال کان پوءِ جڏهن مان ڪراچيءَ آيس ته هن جي گهر وٽان به لنگهيس. هوءَ بالڪنيءَ ۾ بيٺي هئي، ۽ پڻ بالڪنيءَ ۾ ساهيڙيءَ سان ڏاڍيان ڳالهائي رهي هئي ۽ ڳالهه ڳالهه تي ٽهڪ ڏيئي رهي هئي. ڪيس ڏسي منهنجي تعجب جي حد نه رهي. سندس ڇاتي گهگهريءَ مان ڄڻ ڦاٽي ٿي، سندس ڳل پرچي آيا هئا. ڪاڏيءَ جي ڪپڙن بدران ڪيس پٽ جي پنجابي ڊريس پيل هئي. هن مون کي ڏسي مرڪيو. سندس مرڪ ۾ چالاڪي ۽ شرارت هئي. پهريون دفعو مون کي سندس ڪارو رنگ بد-صورت لڳو. ڄڻ هوءَ ڏائڻ ٿي لڳي ڪاري- ڏائڻ. رستي تي مون کي چوڪيدار ٻڌايو ته هوءَ ڏاڍي ڪري پيئي هئي. لڪي لڪي رات جو ٻئي ڪوٺي تي هلي ويندي هئي جتي هڪڙو ايس. ڊي. او. رهندو هو. سندس ماءُ کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئجي وئي هئي ۽ انڪري هن مڱڻي ڇڏيو هوس. اينڊڙ چنڊ تي سندس شادي ٿيڻي هئي. ”ڏس ته سهڻين يار!“ چوڪيدار ڳالهه ڪٽائيندي چيو، ”شڪل ڇا ٿي چوي، افعال ڇا ٿا چون.“ مون دل ۾ چيو ته ڪير ٿو چوي ته هن جي شڪل خوبصورت نه آهي. ڪارو ڪارو چمڪندڙ چهرو، سپاجهو، معصوم! الائي ڇو هن ۾ اهڙو ڦيرو اچي ويو هو. هئي تہ اهڙي نہ. مان تصور ڪندو وڃي رهيو هوس ۽ ائين ٿي ڀانيم ته ڄڻ ڪائنات جي شروعات وقت رات ڏينهن کي چئي رهي هئي تہ ”مان ڪاري آهيان، مون سان پنهنجو رنگ مٽاءِ.“ ڏينهن ڪيس چئي رهيو هو ته ”ڇڱو، جو تون ڪاري آهين. سڀ عيب ثواب لڪا پيا اٿئي. منهنجي اڇاڻ گهوري! سڀ چڱائي مدائي پڌري ٿيو پوي.“

مهيني کان پوءِ اهو ساڳيو چوڪيدار مونکي رستي تي مليو. هن ٻڌايو ته هوءَ ڪالهه بيماريءَ ۾ مري وئي ڪيس پيٽ مرض سان گڏ ڪوڙه به ٿي پيو هو ۽ هوءَ نهن کان چوٽيءَ تائين اڇي ٿي وئي هئي. سندس ڪارو رنگ ميٽجي چڪو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رولو

رياض ڪيس پهريون ڀيرو ڪلفٽن تي ڏٺو هو. سنڌس وار هوا ۾ ٿي لهرايا ۽ هوءَ هڪ جل پريءَ جيئن ڇولين ۾ اڏامندي ٿي وئي. سنڌس فراڪ آلو ٿي سنڌس ڇاتيءَ سان چهٽي پيو هو ۽ ان مان ٻه ڇهنب وارا ڪوڏ جڻ سمنڊ ۾ ٽٻي ڏيئي لاءِ آتا ٿي نظر آيا. سنڌس ڦڪيري ڪاري رنگ جا تارا ڪڏهن ڪڏهن رياض تي ڪِرِي ٿــي ويا ۽ پوءِ سمنڊ جي اٿاه لهرين ۽ گجيءَ ڏانهن ڦري ٿي ويا. هر هر هن پنهنجي سونهري وارن تي هٿ ڦيري سينڌ ٿي ٺاهي. رياض ڏٺو ته هن جا وار ڪجهه سونهري، ڪجهه اڇا هئا. پر پريان غضب جي ڪشش ٿــي ڪيائون. هن ڪي سمنڊ تي ٻوڏين پهر جــي ڦڪي چانڊوڪي ياد آئي ۽ جا ڪيفيت هن جي دل تي ان وقت ڇانئجي وئي هئي، سا هينئر ٻه پنهنجو رنگ ڇمائي رهي هئي. ”هوءَ ڪير، مان ڪهڙا!“ رياض دل ۾ چيو، ”ڪو ته سبب آهي جو ٻه اجنبي هڪٻئي کي ڏسي جڻ صدين جي گهري واقفيت محسوس ڪن ٿا! ايتريون ڇوڪريون ڇڏي، جو مــان هن جي پٺيان آيو آهيان، آخر ڇو؟ ڪو ته سبب آهي. هن جو نماڻو، اداس حسن ايتري ڪشش ٿو ڪري!“

ڇهين مهيني ڪان پوءِ هن ڪيس روهڙيءَ ۾ هڪڙي سنت جي آستان تي ڏٺو. وقت جو سمنڊ ڇوليون ماريندو ٿو رهي. ڪيئي لهريون سطح تي اڇي، ٻه ٽي پل لهرائي، چانڊوڪيءَ کي چميون ڏئي، وڃي ترو وٺن ٿيون. ته مٿان ته آهن انساني ذهن جا، بي نشان، بي انداز، بي انت. رياض جي دل ۾ ٻه هڪ هلڪي هلڪي ياد جي لهر آئي. ”مون هن کي ڪٿي ڏٺو ته آهي! هي سونهري وار، هي ڦڪا ڪارا تارا، هي اپوجهه اداس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو!“ هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه ياد نه آيس. پريان گهڙو-رتي ڇولي ۾ جوڳي سلفي ڇڪي رهيو هو. دونهون هوا ۾ اڏين وٽ ڪائيندو ٿي ويو جئن رياض جي دماغ ۾ خيال. هو هڪ سيلاني هو، هڪ ادبي رولو. ڪڏهن ڏس ته شاهه جي ڀٽ تي ڪلام ڳائيندو، جهوليندو نظر ايندو؛ ڪڏهن گنجي ٽڪر تي ڪنهن خيال ۾ سونجهيندو نظر ايندو، ڇڻ ڪنهن پارس جي ڳولا ۾ نڪتو آهي؛ ڪڏهن ٿاڻي بولا خان ۾ ڪنهن ماهيڙياڻيءَ ڪان مڪڻ وٺندو ڏسبو ۽ اڏين اکين سان سندس حسن، پريل ڇاتيءَ، گلابي ڳلن جو نظارو به ڏسندو رهندو؛ ڪڏهن عمرڪوٽ ۾ مومل جي ماڙيءَ تي ويٺي، لهندي سج جي گهري گهري شفق کي رات جي اونداهي ۾ گم ٿيندو ڏسندو نظر ايندو هو؛ ڪڏهن ڀراڻي سوٽ ۾ منگهي پير کان لاهوت-لامڪان پيو ويندو، گهنڊيدار وار بنا ڏنگ جي سندس منهن تي پيا پوندا ۽ هو اهي هٿ سان هٽائي هلندو رهندو؛ ۽ ڪڏهن فريئر هال ۾ راڻي وڪٽوريا جي بوتي وٽ ڪنهن پارسياڻيءَ سان مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪندو، ڪيس مغربي موسيقيءَ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري پنهنجو ڳائيندو نظر ايندو. هو چوندو هو زندگي هڪ سفر آهي، هڪ بي منزل، لاپتي سفر- ۽ هو هڪ اڻ ٿڪ لا مقصد مسافر!

اڄ هو سنت جي درشن لاءِ آيو هو، ان لاءِ نه ته هن جو درويشن ۾ اعتقاد هو، پر ان لاءِ جو هن کي سنڌ جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، جاءِ جاءِ، ڏاڙي ڏاڙي، چونڪ چونڪ، ڪنڊ ڪڙڇ سان محبت هئي. اڏوراڻي پننت سان هو تڏي تي ليٽيو، پتي جي بيڙي پي رهيو هو ۽ سوچي رهيو هو ته مون هن اداس اکين کي ڪٿي نه ڏٺو آهي! ٻه ٽي موالي پينگ گهوٽي رهيا هئا. گهرڙ گهوٽ گهرڙ گهوٽ جو آواز سندس خيال کي تيز ڪري رهيو هو. اوچتو آواز ٻيهجي ويو ۽ هڪ مواليءَ اٿي مٽ سان لوٽي پيري. رياض جو خيال پينگ جي ڪونڊي

ڏانهن ڇڪجي ويو. ڇٽا صاف جهلي ويٺا هئا ۽ هڪ مٿان پلنگ وڇڻو تي ويو. هن جي ذهن ۾ به اُنهن ڇهن مهينن جا خيال ڇٽي رهيا هئا، پر هڪ جهوني ياد نه ٿي لڌي. دونهين ۾ ڪاري ٿيل ڇت، پٿرين جي جهوني کهگل جنهن مان بهه جا ڪڪ ڇٽي رهيا هئا، ميرانجهڙا ٽڏا، پٿرين تي سنت جون به ميريون تصويرون، دروازن مٿان لوهي شيخن تي ڪوريئڙن جا گهاٽا چار، سڀ هڪ خاص تصوير ڪڍي رهيا هئا. سنڌ جي جهوني، پٿي، وهمي تهذيب جي تصوير! ايتري ۾ ڪوئي پلنگ جي جمني کٽي آيو ۽ چوڻ لڳس، ”بابو، بابا جي آستان جي امرت-رس توهان به پيئو.“ هن پهريون ته خيال ڪيو ته وٺي پيئانس پر پوءِ ارادو ڦيرائي ڪنڌ ڌوڻي چيائينس ته ”مان نه پيئندو آهيان.“

”بابا، اٿيو آهي،“ ڪنهن اچي چيو ۽ پوءِ سڀ اٿي پٺي ڪمري ۾ وڃڻ لڳا. رياض به پيڙي ڦٽي ڪري، پهرين اڳهاڙو اچي قطار ۾ بيٺو. اتفاقاً سنڌس سامهون اهي اداس اکيون هيون. ناسي فراڪ، سونهري وار، اداس اکيون. هن ڪان ساهيڙيءَ تي پڇيو ته ”تو کي ڪهڙو ڪم آهي.“ هن آهستي جواب ڏنو، ”بس ڪوئي ته آهي.“ ۽ هن جون غمگين اکيون وڌيڪ غمگين ٿي ويون. رياض سمجهي ويو ته هوءَ انگريزي پڙهيل هئي. هن نظر ڊوڙائي ته چوڌاري سڀ نٽ يا پڙي واريون نظر آيس. رڳو هيءَ ۽ ٻي ڇوڪري جنهن ڪانئس سوال پڇيو تنهن کي فراڪ پيو هو. پر ٻين جڻن هيءَ به هٿ جوڙي بيٺي هئي. سنڌس منهن تي بي انت اداسائي هئي. هن جا شفق رنگ وار چڻ ان اداسائي کي وڌيڪ گهرو ۽ گنڀير بڻائي رهيا هئا. سنت ٻن قطارن جي وچ ۾ ڦري رهيو هو ۽ الائي ڇا جو ڇا جپي رهيو هئو. شرڌالو واپائيون سنڌس پير چمي رهيون هيون. گهٽيءَ مان گهٽيل باسي هوا ٿي آئي. پر رياض صرف انهن اکين جي گهرائيءَ ۾ گم هو. بي انت گهرائي- قطبي

ساگر جي تهه، مٿان لهرين جئن گهري! ساڌ بيلي جي مور جي آواز جئن اداس! روهڙيءَ جي کجورين مٿان چانڊوڪيءَ جئن اداس! نمن جي چونڪ ۾ پوئين پور جي بوءِ جئن اداس! هن اهڙيون اداس، خوبصورت اکيون، اهڙا اداس، خوبصورت وار ڪٿي نه ڏٺا هئا. رياض خودبخود جهونگارڻ لڳو، ”گهرا گهرا ڪارا نيڻ، جادو لائي ويا جيءَ ۾.“ هن ڪنڌ ورائي ڏٺو ته ٻه ٽي ڇوڪرا بيا بس، انهن اداس اکين کي تڪي رهيا هئا. هڪڙي کي اڇي پتلون، اڇي قميص، سونا بٽڻ ۽ هٿ ۾ پنهنجي پيٽي هئي. هي ڪيس ائين ڏسي رهيو هو جئن ٻلي ڏسي شيشي جي برنيءَ ۾ مڇيءَ کي. ٻئي کي زين جو سوٽ، ڦڪل رنگ جي ٽاءِ ۽ خاڪي قميص پيٺي هئي ۽ ڪيس آڏين اکين سان ڏسي رهيو هو. جڏهن هن سان اکيون ٿي مليس تڏهن پاڻ ڪري ٽي ڪنڌ جهڪايائين.

رياض مرڪي وري انهن اداس اکين ڏانهن ڏٺو. جئن سرءُ جي چانڊنيءَ جو پوئين پهر ۾ سوجهرو اداس ٿيندو آهي، جئن سياري ۾ شام جو اس جا پويان ترڪا اداس لڳندا آهن، جئن ماڻي درياه ۾ سکر براج جي پيٽين جو پاڇو اداس لڳندو آهي، جئن منڇر تي ساٿيءَ کان وڇڙيل پکي اداس لڳندو آهي ۽ بندوقن جي آواز کان خوف ۽ هراس ۾ ان کي ٻوليندو آهي، تئن رياض کي لڳي ٿي انهن اکين جي اداسائي!

رياض ڪيئي ڇهڪندا چهرا ڏٺا هئا. ڪيئي ڪنڊا مک ڪيس ياد آيا. ٽر ۾ ترائيءَ تي هن هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي گهاگهر ڪٽائي هئي. جڏهن هن چيلهه تي گهاگهر رکي هئي، ته سندس ڇاتي جي گهگهريءَ مان ڦٽي لڳي هئي. هن جو انگ انگ ٻولائيندو هو. رنگ اڇو نه هوس نه پوءِ ڇا! چيني جي ڪوپ کي پنهنجي سونهن آهي پر جڏهن ڪنير لسا لسا پيالا چڪي تي چاڙهيندو آهي تڏهن انهن جي پني بوءِ ۽ سانوري رنگ مان اهو لطف ايندو آهي جو شايد ئي چينيءَ جي ڪوپ مان اچي! ڪجهه

پنڌ هلي هن ساهيڙين سان ٿهڪ ڏنو هو، بي پرواهه آزاد، ابوجهه ٿهڪ، ڄڻ سڄيءَ ڪائنات هڪ پـل لاءِ جل ترنگ هلايو ۽ چوڌاري واريءَ جون بـي انداز پٿون جهومي اٿيون، ڪانڊيرا پنهنجا پيلا گل لهرائڻ لڳا، صاف نيلي آسمان مرڪي ڏنو.

پراڻي سکر ۾ يارهينءَ جـي ميلي تي هن شاهه خيرالدين جي آستان جي پٺئين دروازي وٽ هڪ عورت کي ڌاڙئي مرد سان ڳالهائيندو ڏٺو هو. لڪي لڪي محبت ڪرڻ ۾ مـزو آهي، سو کُلي کلائي پيار ۾ اصل ڪونهي. بدناميءَ جو خوف ملاقات جي لطف کي ڄڻ چار چنڊ تـو لڳائي ڇڏي. ڪهڙو نه مٺو هو ان عورت جو آواز! جڻن واڄولن جو آواز! ڇيڻدڙ، مٺو، سيسرات اپاريندڙ! ڄڻ خوشي سندس آواز سان لڪ ـ ڇپ ڪيڏي رهي هئي. هر هر هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، پنهنجي دوست جي قميص جو بٽڻ ڦيرائيندي، هن ڪهڙيون نه مٺيون مٺيون ڳالهيون ٿي ڪيون.

لڪي لڪي محبت ڪرڻ جي ڪيس هڪ بي به ڳالهه ياد آئـي. هـن ڪان هڪ پڪرار درخواست لکائي هئـي. ڳالهيون ڪندي، هـن ڪانئس پڇيو هـو تـه "ڪڏهن عشقڙو بـه ڪيو اٿئي." پڪرار، جو سندس ڪلاڪ کن ۾ گهرو واقف ٿي ويو هو تنهن چيو ته "سائين اهڙو ڏيکاريانءِ، جو عمر پير نه وسرئي."

۽ پوءِ رات جو رياض کي کيڙ جي وڻ پٺيان بيهاري، پڪرار دڙي تي بيهي بين هلائي هئي. بين جو آواز رات جي سناٽي کي چيريندو ڪوهين دور نڪري ويـو. چوطرف اونده هئي، پوري اماس. تارا هڪبئي سان اشارا ڪري رهيا هئا ۽ انسان جي اڙٻنگائيءَ تـي مرڪي رهيا هئا. ٿڌي ٿڌي هـوا بدن ۾ سياڙو وجهي رهـي هئي. ڏهه پندرهن منٽ مس گذريا تـه هن پريان هڪ ڇوڪري ڏٺي، جا وڏيون وکون کڻندي، سهڪندي تـي آئي ۽ بن ڇڻن قدمن تان ٻڪ پيري اچي پڪرار جـي ڇاتيءَ سان لڳي. ڪيتري نه جانباز هئي محبت هن جي! ڪوئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چٽ ڪين ڏسي ها ته منٽ ۾ ڪارو ڪاري ڪري ٻنهي جون سسيون ڪهاڙيءَ جي هڪ ڌڪ سان اڏائي ڇڏي ها. رياض ڪراچي ڪاليج جي لئبرري ۾ لڪي لڪي محبت ٿيندي هزار بار ڏٺي هئي. پر هيءَ محبت بيمثال هئي. هڪ اڻ-پڙهيل ڇٽيءَ جي محبت! ڪو سر جو سانگو نه ڪيائين، ٻين جي مڌر آواز تي بيتاب ٿي هرڻيءَ جيان ڇالون ماريندي آئي. سر جي سٽ هئي. نه رکو مٽ مائٽ، پاڙي اوڙي، ڏيٺ ويٺ جي گلا جو گهانگهو پاڻڻو هو پر ساه تان آه ڪٽڻي هئي. ڪهاڙيءَ جي چمڪندڙ ڌار جو خيال نه ڪري، هوءَ پرينءَ جي ٻين جي آواز تي پنيوريءَ جئن اڏري آئي. موت ۽ محبت ڌارازيءَ جي پڙ ۾ هئا ۽ هن سودو قبوليو هو.

اڇي سان هن پرينءَ کي ٻڌايو ته سندس سوٽ ڪيس ذري گهٽ ڏٺو هو ۽ پوءِ ٿهڪ ڏيئي چڻ ٻن ڪهاڙين جي ڌارن ٽڪري آواز ڪيو، چڻ سانوڻي بادل گجيا. ڪهڙي نه بي خوف محبت. جاهل خوشي!

رياض ڪيئي ڪلٽيون، چلوليون ڇوڪريون ڏٺيون هيون، ڪيئي ڪاليجي ڇوڪريون جن محبوب جي تقرير ٻڌي يا ڪيس ٽينس ۾ راند ڪندو ڏسي، خوشيءَ سان تاڙيون وڄايون هيون، پر انهن سڀني جي خوشيءَ ۾ ايتري ڪشش نه هئي جيتري هن جي غم ۾، انهن جي ٽهڪ ۾ ايتري سنگيت سمايل نه هئي جيتري هن جي ڦڪيءَ غمگين مرڪ ۾، انهن جي چلولائيءَ ۾ ايترو حسن نه هو جيترو هن جي گنڀيرتا ۾. رياض سوچيو ته غم کي پنهنجي ليکي سونهن آهي. غم خوشيءَ کان وڌيڪ سهڻو آهي، لڙڪ مرڪ کان وڌيڪ پيارو آهي. هو شاعر نه هو جو ان تي ڀي ڪي شعر لکي وجهي، هو ڪلاڪار نه هو جو ان تي ڀي تصويرون چٽي يا بيت جوڙي. پر هن جي دل هڪ شاعر يا ڪلاڪار جي دل کان زياده گهري ۽ وسيع هئي. هن جي جذبات ۾ شعر جو درياه پيٽيل هو، هن

جي خيالات ۾ ڪيئي تصويرون چٽجي چڪيون هيون، ڪيئي بت گهڙجي چڪا هئا، پر هون جهڙو منو شعر، هن جهڙي سهڻي تصوير، هن جهڙو من-موهڻو بت رياض اڳي ڪڏهن نہ ڏٺو هو. اي حسن جا غم، تو تي ساري دنيا جي خوشي قربان آهي، اي غم جـي ديوي تنهنجي سڏڪي اڳيان اندر ديوتا جي محفل جي سڄي سنگيت تڇ آهي.

رياض ڏٺو تہ هو بوٽ پاڻي وڃي رهيا هئا. هو بہ ٿي منٽ ترسي هن جي پنيان هلڻ لڳو ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا قدم کڻي، درياه جي ڪناري تي پهتو. هو ٻيڙيءَ تي پهچي چڪا هئا، ۽ جيستائين هـي پهچي ٿي پهچي تيستائين ٻيڙي هلي چڪي هئي. ڪناري تـي پهچي هـن ٻيڙيءَ ڏانهن حسرت ڀري نگاه اڇلي. شام ٿـي چڪي هئي. سج جو سونهري گولو آهستي آهستي پـاڻيءَ ۾ ٻڏڪندو ٿـي ويو. سونهري لهرون ڪناري ڪان ملڻيون وٺي غائب ٿي ويون. رياض محسوس ڪيو تہ ڄڻ هڪ پڇڙ تارو آسمان تـان ٽپي ٻئي تاري جي پاسي ۾ شعاع ڪندو غائب ٿي ويو، ڄـڻ بهار جـي هير ۾ هڪ شاخ نمي آئي ۽ ٻيءَ شاخ سان ڳلي ملي جدا ٿي ويئي، ڄڻ زنده پير تان هڪ لهر هلي ۽ ساڻ ٻيلي جي ڏاڪڻ جا پير ڇهي هلي وئـي. بہ غير واقف اکيون مليون ۽ هڪٻئي کـي مبهم پيام پهچائي جدا ٿي ويون. هوءَ ٻيڙيءَ تـي وڃي رهي هئي، هڪ جل پريءَ جئن. اوچتو رياض کي ياد آيو تہ هن کيس ڪلفٽن تي ڏٺو هو!

# شرابي

هو پيئندو هو ته جيئندو هو نه ته سندس زندگي موت جئن خاموش هوندي هئي. زندگي! هن ڪيئي ڀيرا خيال ڪيو هو ته آدمي ڇاڻو ڇو؟ صرف انهيءَ لاءِ ته مصيبت، مرض، ۽ موت جو شڪار ٿئي؟ آدمي ته ڇڏ پر هيءَ ڪائنات وجود ۾ ڇو آئي؟ هي گل صرف انهيءَ لاءِ پيدا ٿيا ته شاخ تي ڇڻي، ڦٽي ڦاٽي، مرجهائجي وڃن؟ هي ڏينهن رات، هي واچ مينهن، هي چنڊ تارا، هي سڀ مانداڻ، هي سڀ ڪٿراڳ ڇا لاءِ؟ ان لاءِ ته ڏينهن جي روشني رات جي اونده ۾ گم ٿي وڃي، چنڊ تي گرهڻ ڇانئجي وڃي، تارا ٽٽي لاٽون ڪندا ڪنهن گمنام اونڌيري ۾ غائب ٿي وڃن؟ خيال ڪندي ڪندي هو شراب جو پيالو ڀريندو هو ۽ هٿ مٿي ڪري چوندو هو، ”جنهن ذئيت هيءَ دنيا پيدا ڪئي تنهن جي نالي“ ۽ پوءِ ڳيت ڏيئي پي ويندو هو. شراب خاني خراب! پر شراب کان وڌيڪ هيءَ سڄي دنيا خراب هئي. هيءَ بي انصافي، بدصورتي ۽ بدانتظاميءَ جي دنيا! شراب سندس جان ۾ عجيب جوش پيدا ڪندو هو. هو ٽٽي جهومندو هو، ڳائيندو هو، سڀئيون وڄائيندو هو. هوش ۾ ڪيس شاعرن کان نفرت هئي. جي لفظن جي بازيگريءَ ۾ عمر وڃائي ڇڏيون هئن، تن سان محبت ڪيئن هوندي! شاعر، اهي خود فريب مداري! پر جڏهن هو پيئندو هو تڏهن ڪيس راڳ مان بيحد لطف ايندو هو. سندس روم روم ۾ راڳ جي لهر ڊوڙي ويندي هئي، سندس انگ انگ بحر وزن تي هلندو هو.

هوش ۾ هن ڪي مصورن لاءِ تڪار هئي. ڀلا ڇا رکيو آهي شفق جي رنگ ۾! اسپتال ۾ نرس نمونيا جي مريضن جي ڇاتيءَ تي پلستر رکندي آهي، سونهري پلستر! شفق جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگ ان پلستر جي رنگ کان ڇا ۾ بهتر آهي! ڇالاءِ اهي بيوقوف ڪلاڪار ڪلاڪن جا ڪلاڪ آسمان جي گهراين کي تڪي، ڪاغذ تي رنگ ٿڦي، پنهنجا احساس پيا ڇٽين! پر جڏهن شراب جي چڪي چاڙهيندو هو تڏهن سندس دل ٿيندي هئي ته وڃي سمنڊ جي ڪناري تي ڊوڙون پايان، سج جي پوئين رنگ جي جهلڪ ڇني وٺان، ڇولين جي جواني ۽ مستي کسي وٺان، جهوليان، لهرايان، ۽ ناچ ڪريان.

هو چوندو هو ته دنيا جا وڏا ماڻهو سڀ بيوقوف آهن. عام ماڻهو ڪانئن محنت ڪرائي سندن ساراه ٿا ڪن. ڪهڙا نه سياڻا آهن اهي عام ماڻهو! پاڻ اصل محنت نه ٿا ڪن پر ٻئي کي سندس محنت لاءِ ساراهن ٿا ته جئن هو سڄي عمر سندن خدمت ۾ گهمندو رهي. اهي سياستدان، شاعر، فنڪار سڀ احمق آهن. سيني کي عام ماڻهن ساراهي ڪاٺ جو الو بڻايو آهي. هو سياڻو هو ۽ ان ڪري هن به وڏي ماڻهوءَ ٿيڻ جي تمنا نه ڪئي هئي. ڪري به ڇو؟ ڀلا خواب ۽ حقيقت ۾ تفاوت ئي ڪهڙو آهي! شراب جي مدهوشيءَ ۾ هو پاڻ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو ماڻهو سمجهندو هو. بنا محنت جي وڏو ماڻهو، دنيا جو پهريون سياڻو وڏو ماڻهو! جڏهن خمار لهي ويندو هوس تڏهن ڪيس سچيءَ حالت تي ڪوبه افسوس نه ٿيندو هو. زندگي به ته هڪ خمار آهي، اها وڏ ماڻهپ به ته هڪ خمار جي لهر آهي، موت کان پوءِ ڇڻ ته ڪوئي وڏو ماڻهو ٿيو ئي نه هو. انساني بدن مادي جو ٺهيل آهي ۽ مادي سان ملي ويندو. پوءِ ڪيئن پتو پوندو ته هيءَ مادي جو جزو منهنجي بدن جي جوڙجڪ ۾ ڪم آندو ويو ۽ هي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي.

هو پيئندو هو ۽ جيئندو هو. هوش ۾ ڪيس عورتن کان نفرت هوندي هئي. ڀلا ڇا رکيو آهي عورت جي ڇاتيءَ ۾؟ به ڇربيءَ جا گوڙها ڏسي، ماڻهو الو بڻجي وڃي! عورتون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِهي بيوقوفيءَ، بڪوات، بيهودگيءَ جا نمونا گهڙيءَ ۾ سياڻي ۾ سياڻي ماڻهوءَ جو سر جهڪائي ڇڏن! هُن حياتيءَ ۾ هڪ پيرو عشق ڪيو هو. اونهاري جا ڏينهن هئا، سندس محبوبڙيءَ کي ڏينهن جو ننڊ اچي وٺي هئي. هونءَ ته هوءَ ڪيس ڏاڍي سهڻي لڳندي هئي. سندس سنهڙا چپ، باداميءَ جهڙيون اکيون ۽ انهن تي ڪجل جون ليڪون هن کي آپي مان ڪڍي ڇڏينديون هيون. پر اڄ هوءَ بي خبر ستي پئي هئي. سندس وات کليو پيو هو جنهن تي مکيون ويٺيون هيون، سندس اکين ۾ پيليون چيپون هيون، گرميءَ ۾ سندس ڪڇن مان پگهر وهي سندس گهگهريءَ کي خراب ڪري رهيو هو. هن جي سونهن جي احساس کي اهڙو ته ڌڪ آيو، جو وري ڪڏهن به هن ڪنهن عورت سان محبت نه ڪئي. پر جڏهن هو نشي ۾ هوندو هو تڏهن سڌو ڪنهن طوائف جي گهر ويندو هو جنهن جا ناز نخرا، هار سينگار هن کي ايترو ته وڻندا هئا، جو ڪيسي ۾ جيڪي به رپيا پيا هوندا هئس سي هو انهيءَ کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

هو چوندو هو ته زندگي مون کي فريب ڏيئي رهي آهي ۽ مان زندگيءَ کي فريب ڏيئي رهيو آهيان. مان "هاڻي" مان ڇاڻان! "ڪالهه" پورو ٿي چڪو، "سڀاڻي" اڃا آيو ناهي. پر جي شراب پي مان انهيءَ "هاڻي" جي وجود کي مٽائي سگهيس، ته ڇڻ مون زندگيءَ جي سچي ڍونگ کي ڊاهي وڌو، قدرت جي سچي ڪارسازيءَ کي شڪست ڏيئي ڇڏي. هو چوندو هو ته اهو شريف آدمي نه آهي جنهن حياتيءَ ۾ آپگهات جو خيال نه ڪيو آهي. هو خود شراب پي روز "اڄ" جي زندگيءَ جو خاتمو ڪندو هو.

هو چوندو هو.... وڏيڪ ڇا پڙايانءِ، مطلب ته هو گهڻو ڪي چوندو هو ۽ جيڪي چوندو هو ان تي هلندو هو. ڪيس ڪوبه ڪم ڪار نه هوندو هو. ٿوري گهڻي پيدائش، جا سندس

پيءُ جـي ڇڙيل ملڪيت مان ٽيندي هيس، اها شراب جـي خريديءَ ۾ وڃائيندو هـو. ماڻهو سندس گلا ڪندا هئا، هـو ماڻهن جي گلا ڪندو هو. پاڙي وارا ڪيس گاريون ڏيندا هئا، هو پاڙي وارن کي گاريون ڏيندو هو. حياتي ڪيس ڌڪو ڏيندي هئي، هو حياتيءَ کي ڌڪو ڏيندو هو.

هرهڪ انسان پنهنجي محدود دنيا جـو مرڪز آهـي. ڪهڙو به ڪاڻو ڪوجهو، ٽُنڊو منڊو هجي ته به پنهنجي زندگيءَ جي ناٽڪ جو هيرو آهي. پر هن جي ننڍڙيءَ دنيا ۾ ڪجهه به نه هو سواءِ شراب جي بوتل جي. شراب سندس جگر، جان، جيري ۾ وسي چڪو هو. سندس حياتيءَ ۾ جـو خال هوندو هو ان کي هو شراب سان پريندو هو. ٽپائيءَ تـي لٽون رکي سگريٽ دکائيندو هو ۽ سگريٽ جي دونهين جهڙ سڄيءَ دنيا کي ور وڪڙ کائيندو ڏسندو هو. هڪ ڏينهن هو ائين سگريٽ چڪي رهيو هو ۽ پنهنجي بي معنيٰ حياتيءَ تـي سوچي رهيو هو. سوچڻ کان ڪيس نفرت هئي پر جيترو وڌيڪ هو سوچ کان نٽائيندو هو اوترو ئي وڌيڪ سوچيندو هو. هن جو خيال هو ته انسان هڪ وڏو ڪمبخت ساهوارو آهـي. حيوان، جنهن کـي ڪابه سوچ سمجهه ناهي، انهيءَ کان بهتر آهي.

”مياڻو،“ ”مياڻو،“ هـن هڪ ننڍڙو ٻلي جـو پونگڙو ٽپائيءَ هيٺان ڏٺو. هـن هٿ وڌائي ان کي کنيو ۽ ٽپائيءَ تـي رکيائينس. آهو جڏهن به شراب پي گوشت ۽ ڊبل روٽي کائيندو هو تڏهن آهو ٻلڙو ٽپائيءَ هيٺان اچي ”مياڻو“ ”مياڻو“ ڪندو هو، پر هن ڪڏهن به ڏانهس ڌيان نه ڏنو هو. جيئن هو گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ تي هري ويو هو تئن آها ”مياڻو“ ”مياڻو“ به سندس خيالات ۾ دخل نه ڏيندي هئي. پـر اڄ هـن جو ڌيان ان ڏانهن اوچتو ڇڪجي ويو ۽ هو ان کي ٽپائيءَ تي رکي، هٿ گهمائڻ لڳو ۽ ڊبل روٽـي گوشت ۾ ٻوڙي کيس کارائڻ لڳو. هن کي انهيءَ ننڍڙي جانور کي هٿ گهمائڻ مان جا خوشي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي هئي، سا شايد هن کي هن مهل تائين ڪڏهن به نه ٿي هئي.

روز هو انهيءَ ٻليءَ جي ٻچي کي گوشت کارائڻ لڳو. آن جي کير لاءِ هڪ تسري به جدا ڪري رکيائون. جڏهن به کيس هوش هوندو هو تڏهن ان ٻليءَ جي ٻچي سان راند ڪندو هو. هن به ٿي کينهون آڏايا هئا، جي ان جي اڳيان ڦٽي ڪندو هو ۽ ان کي کينهن تي پنهنجا ننڍڙا ، نرم گدين وارا پير رکندو ڏسي خوش ٿيندو هو. ڪائنٽس دنيا جو بي معنيٰ وجود، سماج جي بيهودگي، انسان ذات جي ڪميڻائي وسري ويندي هئي. هميشہ سندس دل ۾ نفرت جي ڪڙي جذبي بجاءِ مٺو مٺو لطف هوندو هو. هن ٻليءَ جي ٻچي جي ڳچيءَ ۾ گهنگهرو ٻڌا ۽ انهن جي ڇم ڇم مان ايترو مزو ايندو هوس جو سندس روح نچڻ لڳندو هو.

هاڻي هو جيئندو هو ۽ پيئندو هو. هن جي جيئڻ جو دارومدار شراب تي نه هو. سندس زندگيءَ جي خال کي ٻه شيون پري رهيون هيون. شراب جي بوتل ۽ ٻليءَ جو ٻچو. اهو ننڍڙو خوبصورت جانور سندس زندگيءَ ۾ معنيٰ پيدا ڪري رهيو هو. هو اڳي کان گهٽو وقت هوش ۾ رهڻ لڳو ۽ اهو سمورو وقت هو انهيءَ بي سمجهہ حيوان کي پيار ڪرڻ ۾ گذاريندو هو. آهستي آهستي هو شراب جو واهپو گهٽائيندو ويو. هڪ بوتل، چار پيگ، ٻه پيگ، هڪ پيگ.... ان ريت هن پنهنجي عادت کي ڪيتري قدر مٽائي ڇڏيو. هاڻي کيس شعر، فن، حسن، محبت، دوستيءَ سان به دلچسپي ٿيڻ لڳي هئي. هن ٻيهرين دوستي مون سان رکي. هڪ رات سندس ڪنڌ ڪپي وئي هئي، سو خيال ڪيائين ته ٻليءَ جي ٻچي کي ڦڪو کير ڪيئن پياريان. اچي منهنجو در کڙڪايائين. منهنجي زال در وچي لاٿو ته، الاجي ڪير ههڙو ڪمهلو آيو آهي! هن کي ڏسي واڙڇي ٿي وئي ۽ اچي مون کي چيائين ته، هي چنڊال هن مهل ڇو آيو آهي؟ جيستائين مان وچان ٺي وچان تيستائين هو اندر گهڙي آيو ۽ چيائين، ”معاف ڪجو، مون کي ٿوري ڪنڌ کپي.“ مون کي هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حال تي تعجب آيو ٿي ۽ ڪل ٻه ٻر هن جون ڳالهيون ٻڌي مون کي هن سان همدردي ٿيندي هئي. سو هن کي ڪنڌ ڏيندي مون چيو، ”پيو ٻه ڪجهه کپي؟“ ”نه، مهرباني. مون کي پنهنجو ته خيال ڪونهي، مان ته ڦڪو پي سگهندو آهيان، پر هن معصوم حيوان کي ڦڪي ڪير پيارڻ تي دل نه ٿي، سو توهان وٽ لنگهي آيس. تڪليف معاف ڪجو،“ هن چيو. مون کي اها ڳالهه اهڙي ته عجيب لڳي، جو مان هن جو دوست ٿي ويس. هو هاڻي سڌري رهيو هو. شراب گهٽو ڇڏي ڏنو هئائين. زندگي ٺاهڻ جا ويچار ڪندو هو. ماڻهن کان نفرت نه ڪندو هو. پر مون کي هن جي انهيءَ ٻليءَ جي ٻچي سان ايتري محبت نه وڻندي هئي. مون چاهيو ٿي ته هو ماڻهن جهڙو ٿئي ۽ اهي چرياڻيءَ جون ڳالهيون ڇڏي ڏئي.

ڪلهه هو مون وٽ آيو ۽ چيائين ته ”اياز! ٻوتل ٽپائيءَ تي رکي آيو آهيان. منجهس ٻويون پيگ بچيو آهي. اڄ مان اهو ٻويون پيگ ٻي اِن ٻوتل کي پڇي ڦٽي ڪندس ۽ وري شراب نه پيئندس. تون مون سان هل ته مان تنهنجي منهن تي انجام ڪريان.“ مان يڪدم هن سان گڏجي آيس ۽ اچا اندر گهڙياسين مس ته هن رڙ ڪئي. هو زمين تي ڏسي رهيو هو. ٻوتل فرش تي ٽڪرين ٽڪرين ٿي پئي هئي ۽ ٻليءَ جو ٻچو رتو رت ڦٿڪي رهيو هو. آن شايد ٽپائيءَ کي ڌوڏيو هو جنهن تان ٻوتل ڪري پئي هئي ۽ آن کي شيشيون لڳيون هيون. هن ٻليءَ جي ٻچي کي کنيو ۽ کيسي مان رومال ڪڍي رت اگهيائينس. ٻه ٽي ڏينهن هن ان جي دوا ڪئي پر زخم روز بروز وڌندا ويا ۽ ڳوڙها ڻيندا ويا ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ اهو ٻچو مري ويو. سندس بدن تي زخم هئا، ڳاڙها انگوري شراب جهڙا.

# نظيران

دريءَ جي ڀڳل شيشي مان ٿڌي هوا ٿي آئي، رڪي رڪي عبدالغفور جي بدن ۾ سياٽو پئجي ٿي ويو. لوڏي، جا واري سان ڪِري پاڻهن تان لهي ٿي ويس تنهن جو پلئه ڪلهي تان اچلائي، ۽ عينڪ جا نڪ تان واري سان ڪسڪي ٿي ويس، سا هٿ سان مٿي ڪري، اکين تي ڪَپائي، هو لکڻ ۾ محو ٿي ٿي ويو. "اڄ جهڙو سيءُ ته سڄيءَ عمر ۾ نه پيو آهي،" هن مس ڪپڙيءَ ۾ ڏسندي چيو، جنهن مان مس ڪِري چڪي هئي. وڪيل جي منشگيري ڪئي،ڪيس پاڻيتاليهه سال ٿيا هئا. اهڙيون هن ڪيئي درخواستون لکيون هيون. قلم رکي، هن ٿڪل آڱريون ٻڳهيريون. عريضيون لکي لکي، ڪيس ڪاپي ڪري ڪري، سندس هٿن جون رڳون ٻه ٻيريون ٿي ويون هيون. نيري نيري رڳ، چڻ فائونٽين پين جي رٻڙ ۾ ڪنهن مس پيري هئي، سندس هٿ جي سڌين هڏين تي وراڪا کائيندي ٿي وئي- ڪنهن وقت انهن هٿن تي ماس چڙهيل هو، ٻولائتا، ڳورا هٿ!

هن کي ياد آيو ته ڪٿن نظيران کي چپاٽ هنئي هئائين، جا ڪجهه وقت ته رسي ويٺي هئي ۽ پوءِ روئي چيو هئائين ته "زندگي ڏسي ٿو مارين، رضا الله جي!" اڄ ڪيترو نه کيس نظيران تي رحم ٿي آيو. ويچاريءَ پيُءَ جي ته سانپر ۾ شڪل ئي نه ڏٺي هئي. ماءُ به سندس شاديءَ کان سال پوءِ مري وئي. انسان جي دل ۾ ڪيڏي نه محبت ٿي ٿئي! پيءُ ماءُ سان، مٽ مائٽ سان، ڏيٽ ويٽ سان، پاڙي اوڙي سان! پر نظيران جي محبت ايتري ئي محدود هئي جيتري گهري. هن جو دنيا ۾ غفور کان سواءِ ڪو به نه هو. هو سندس سوٽ

به هوگهوٽ به هو. محبت، ايتري اندي محبت، جو هوءَ غفور ڪان اڳ ڪائيندي نه هئي توڙي به به رات جا وچي وڃن، ۽ هي وري ٻي ٻي ٻجهن تائين پنگ جي جمني پي، وڏيري ڪريم بخش جي اوطاق ۾ تاس کيڏندو هو. هڪڙي پيري پڳت تي ڌ-ي وڃي ويس. پڳت ٻـه ڪو ڳاتو ٿي! ڪات هو ڪات! پوڊيون سهڻيءَ جو ٻيٽ ته اهڙو هميائين! ابوءِ! چي، ”ٻگها جي ٻيٽن جا، ڪلها تن ڏناس!“ سڀ زارو زارٽي رنا، چڻ ڪنهن جگري دوست جو جنازو سامهون ٿي وين. غفور به قميص جي پاند سان ڳوڙها اگهندو گهر آيو، پر گهر جي چائنٽ ٽپيو ته چڻ ورق وري وياه ”نظيران، او نظيران،“ هن ڪڙڪي سان سڏيو. جواب ايندو نه ڏسي، هو چڪي ڏانهن ويو. ڏنائين ته ڪير جو لوٽو اونڌو پيو هو ۽ زمين تـي ڪير هاريو پيو هو. سمجهائين ته اهي ٻليءَ جا ڪم هوندا. پوءِ تـه سندس غصي جي حد نه رهي. پر ڪري ڇپاٽ هميائين نظيران کي، جا ڪٽ جي هڪ پاسي ٿي مٺيءَ ننڊ ۾ ستي پيئي هئي. ويچاري ڏڪ کائي چرڪ ڀري اٿي، ويتر جو هن رڙ ڪيس ”چنڊي اڄان رات مس ٿي آهي ته ڦوڪون ٿي ڏٺئي،“ تـه اڳو پوءِ حوصلا خطا ٿي ويس. آها رات ڪيس اڄ به ياد ٿي آئي. ڪهڙي نه غريب هئي نظيران! ويچاريءَ به سال به جواني نه ماڻي. ڏس ته سهڻن پنهنجي شيءِ جو ڪو قدر نـه ٿو ڪري! مفت ۾ ملي هئي سو مارون سهي سهي، چپ پيڪوڙي، اکيون اگهي اگهي ڀري ويئي. پچاڙيءَ جو ٻار به مئو ڄاڻس. مٺيءَ مٽيءَ جي نشاني به نه رهي.

عبدالغفور پاٽي ڪُپڙيءَ ۾ وجهي، ان کي هٿ ۾ ڦيرائيو جڏن پاسن لڳل مس پاڻيءَ سان ملي وڃي. تب کي نهن تـي سڌو ڪري وري هو لکڻ ويٺو. اڄـا اڌ پنو مس ڪنيو هئائين ته ڏيٺي مان وٽ جون پوڊيون ڇيون نڪرڻ لڳيون. هن ڪاغذ رکي تيل جـي شيشي ڳولي. ايتري ۾ ڏيٺو به پڙڪا ڏيٺي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسامي ويو. عبدالغفور ڪٽ سان ڻاپو ڪاڻي، گوڏي ڪي هٿ، وٺي ويهي رهيو. ”جيئن سڀئي جو ڏاڪو وڏو تيئن وڏيڪ ڳنڍيون، جيئن عمر وڏي تيئن وڏيڪ مونجهارو“ هن سوچيو. خير، مان ايڏو وڏو ته نه آهيان. ته به پريا پنجي ويا آهن، سڄي عمر نه ماٺيو نه چوڙيو. ويچاريءَ نظيران ڪيئي ڀيرا ته چيو هو ته سونيون چوڙيون گهڙائي ڏينم. پر ان وقت ڏچت ڪٿي هئي- عاج جي ٻانهين ۾ ته چڻ اک ئي نه ٻڏيس. چي ”اڄ نوان فيشن آهن، اڄ عاج عيب آهي.“ هن مٿيءَ نظيران تي خار ڪاڻي. سندس خار ۾ آها غضب ناڪي نه هئي، تنهنڪري چڙ چڻجي. هن ڪي ياد آيو ته ڪئن اطلس جي سٿڻ ۾ ته چڻ پري لڳي رهي هئي. مٿان وري زريءَ سان ڳچيءَ پريل چولو. هن ائين محسوس ڪيو چڻ نظيران سان شب برات جو پينگهي ۾ ٿي لڏيو. جهرمر جهرمر ڏيئا هوا ۾ پري رهيا هئا ۽ اچوڪي ڏيئي جئن وسامي نه ٿي ويا. اڄ رات ڪنهن نه ڪنهن وقت هي دلن جو سڀ پاڻي ڪير ٿي ويندو، هنن پنهي سوچيو هو ۽ دلو پاسي ۾ رکي، هڪٻئي سان رهائيون ڪرڻ ويٺا هئا ته اتي ٿي ننڊ اچي ويئي هين. ڪيس ياد آيو ته ڪئن آسمان ۾ پڇڙ تارا ڏسي ڪيس نظيران ٿي چيو ته انهن ڪي شيطان ڊيڪائي ڀيو آهي. ۽ هن انهيءَ رات خواب لڌو هو، هڪ ڀيانڪ، ڪنباڻيندڙ خواب، جنهن ۾ هڪ چمڪندڙ ڏاڙهيءَ وارو ڀوت ڪيس ڊيڪائي ڀيو هو. هڪ ڀيري وري هنن ڪٺاندي ۾ ڪاري ٻلي ڏٺي هئي. چوندا آهن ته ڏائڻ ڪڏهن ڪاري ٻلي ٿي ايندي ۽ ڪير جهڙي اچي شيءِ ڏسي ماڻهو ٿي پوندي آهي.

هن پريان ماڻهو ڏٺو جو هيڏانهن چڙهيو پريو ٿي. ٻوءِ ۾ اکيون ڦاڙي وري ڏٺائين. منٽ ڪان پوءِ ڪيس ڪپڙو هوا ۾ اڏامندو نظر آيو. ”سٿڻ آ،“ هن جي ڦڪيءَ ڪل سرد فضا ۾ ڪنجهي جو آواز پيدا ڪيو، ۽ ڪيس وري اطلس جي سٿڻ ياد آئي، نظيران جي لسي لسي، نرم نرم، ملايم اطلس جي سٿڻ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس بدن ۾ وري جواني اڀين ڊوڙڻ لڳي جيئن مٿان ڇت ۾ ڪوئا ڊوڙي رهيا هئا. هن کي پاڻ تي خار آيا ته ڇو نظيران کي ماريندو هو. هن اڀين محسوس ڪيو ڄڻ نظيران جي وارن تي هٿ ڦيري رهيو هو ۽ ڪيس پرچايائين ٿي. ڪيس ياد آيو ته نظيران جا وار جي ڇيلهه کان به هيٺ پوندا هئس، سي ڪٽن ويڙ ۾ ڪمزوريءَ سبب ڇڻي ويا هئا. سونهن بہ ڪنهن چٽڪو آهي. هن جي بدن ۾ ڏرڙي اڀري ويئي. سونهن! نظيران بيشڪ سهڻي هئي. سندس سچي ڇپ جي پرسان ڪارو تر کهڙو نہ سهڻو لڳندو هو! ڳلن تي بہ ڏي ماتا جا سيڱرا هيس پر ماس پرجڻ ڪري اهي اڻ لڪا داغ غضب جي ڪشش پيدا ڪندا هئس. نظيران کهڙي نہ چڱي هئي. هڪ ڀيري نظيران ميٽ ۾ ڏهي وجهي، وارن جي چيڙه لاهڻ لاءِ اهو سڄو مٿي کي ٿڦيو هو. هن کيس ڏٺو هو تہ ڄڻ ڪراهت وٺي وئي هيس. پر جڏهن وهنجي سهنجي هوءَ گلاب جو گل ٿي آئي هئي تہ کهڙي نہ ٿي وڻي! سندس ڳلن جو زيتوني رنگ ڄڻ ٽڙي پيو هو. نظيران جي سونهن تہ ڏهي، پر سياهُ تہ ڏس! ويچاري بہ سڏڪا پري، نڪ سڻڪي، ڪمڪار ۾ لڳي ويندي هئي. اڄ جون زالون اهڙيون ڪٿي آهن؟ زبان اڻن ڪلهن تي. شڪل وري کهڙي اٿن. نظيران جي جتيءَ برابر بہ نہ ٿينديون. هن جهڙي پري پري، ڇهنب دار ڇاتي اڄ تر ۾ ڏي نظر نہ ٿي اچي. غفور جي رت ۾ ماڪوڙيون ڊوڙڻ لڳيون. هن خيال ڪيو تہ جي اڄ نظيران هجي ها تہ وڪيل صاحب جي بہ- گهوڙيءَ گاڏيءَ تي وٺي، لڪ ڇپ ۾ سئنيما ڏيکاري اچانس ها. ڪنهن کي خبر ٿورو ڏي پوي ها- هن کي تيون ڏينهن وارو کيل ياد آيو جنهن ۾ هيرو پنهنجي محبوب کي گهوڙي تي کڻي ٿي ويو. کيس اوچتو ياد آيو تہ کٽن نندي هوندي هو گهوڙو ٿيندو هو ۽ سندس سوٽ نظيران ڇمڪي کڻي، کيس هڪليندي هئي. ننڍي هوندي جون عجيب ڳالهيون آهن. غفور من ڏي من

۾ جھونگاريو ، ”جھونا ٿيا جهاز، سٽ نــہ جهلن سڙهہ جي.“ ڪيس ياد آيو تہ ڪڻن نہ ڪاغذ جي ٻيڙي ٺاهي، هو ۽ نظيران گندي پاڻيءَ جي موريءَ ۾ هلائيندا هئا.

هڪڙي ٻيري مڪ ماري، ڏاڪي ۾ ٻڌي، ڏينهوءَ جي اکيان رکي هٿائون ۽ ڏينهو ان ڪي جهٽي ڏاڪي سوڌو اڏاميو پئي، چڻ ننڍڙو هوائي جهاز تــي لڳو. اوچتو ڪيس مورت يـاد آئي جا هن نبو حجم جي دڪان ۾ ڏٺي هئي جنهن ۾ هوائي جهاز کي هيٺان هڪ سپاهي بندوق هڻي رهيو هو.

اهي سپاهي وڙهن ڇو ٿا، هن خيال ڪيو. جنگ ۾ وڏي چريائي آهي. هن اخبار ۾ پڙهيو هو تــہ ڇيهائي پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن. هڪ گهر ۾ رهي، پاڻي پاڻ ۾ وڙهن، ان ڪان وڌيڪ تہ چريائي ٻي دنيا ۾ ڪولي ليي. پــر ساڳي وقت هو بہ تہ هڪ گهر ۾ رهــي نظيران سان وڙهندو هــو، غفور لڄي تــي سوچيو، هائي جيڪڏهن نظيران هجي تہ جيڪر اصل نہ مارياس- اصل نــہ. هائي تــہ مان هزار رپيا ميڙيا آهن جيڪر سونيون چوڙيون گهڙائي ڏيانس، راضي نہ ٿئي تہ جھومڪيون بہ گهڙائي ڏيانس. سٽ روپيا وڌيڪ لڳندا. ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي. هن ڏٺو تہ نظيران آئيني اڳيان جھومڪيون پائي رهي هئي. ”ڏس تہ سهڻي،“ نظيران چيو،”ڪنن جا سوراخ ٿي چڻ پورجي ويا آهن.“ سونيون جھومڪيون سندس اکين اڳيان ائين تجلا ڏيڻ لڳيون چڻ انڌاري رات جــو اوچتو جهڙ لهي وڃــي ۽ تارا ٽمڪندا نظر اچن. هن ائي اڳٽ مان چاپيون چوڙي پنهنجي پيتيءَ مان سو سو جا ڏهہ نوٽ ڪڍيا. اونده ۾ بہ هو انهن تي بادشاه جي تصوير چڱيءَ طرح ڏسي رهيو هو. هن سوچيو تہ ٻيو پلا ڇــا وٺان. هــن خيال ڪيو- سو چوڙيــن تــي، سٽ جھومڪين تي، اهڙا ڪي ٽين سوين جا ڪپڙا- اطلس جي نرم سٽڻ چڻ سندس بــدن سان گيسرائيندي هڪ مٺي خارش پيدا ڪندي وٺي. برقعو بہ ريشمي سبائيندومانس، هن ڪاري ملائيءَ

جو برقعو ڪيئي پيرا نوجوان عورتن کي پائيندو ڏٺو هو. ڪيتري نه ڪشش هئي ان ۾. لئي جو برقعو ته چڻ بذوين جو تنبو ٿي لڳو. ”نظيران“ هن ڪجهه ڏاڍيان چيو. ”ماما، مان آهيان عذرا“ سندس پاڙيسري صابو ڪاسائيءَ جي ڌيءَ عذرا چيو، جا دروازو پٽي اندر آئي هئي ۽ غفور جي اٿ ويهه ڪي حيرت ۾ ڏسي رهي هئي. هن چيو ”ماما، ابا کي ڏاڍو بخار ٿي پيو آهي. امان سڏي ٿي.“ چانڊوڪيءَ جي روشني، جا پٽيل دروازي مان اندر ٿي آئي تنهن ۾ عذرا جي ملائي اطلس جي سٿڻ ۽ نوڙي چمڪي رهي هئي. ”اطلس جي سٿڻ، نوڙيءَ جي چمڪي،“ غفور دروازو ڏيندي وحشين جئن جهونگاريو ۽ عذرا جي وارن تي هٿ گهمائڻ لڳو. چار پنج منٽ هو ائين بيٺو هٿ گهمائي رهيو هو. اڇي جوان ٿي آهي، هن سوچيو، يارهين ورهين جي ٿي آهي، باقي ڪو سال ڏيڍ. هاڻي ته پٽس ڪان سگ گهران. وٺندو چار پنج سو. هن وارن تان هٿ لاهي، عذرا جي نوڙيءَ تي آندو. نوڙيءَ جي چمڪي تان هٿ ڪري، عذرا جي اطلس جي سٿڻ تان گيسرندو اچي پنهنجي سٿر تي لڳس. اطلس جي سٿڻ، نرم نرم، لسي لسي، ملايم اطلس جي سٿڻ!

# سفيد وحشي

آس ۾ واري چمڪي رهي هئي. پريان ساحل تي چٽ چانديءَ جو پڙچ وڇايو پيو هو. ڇوليون ڪناري تي اڇي واريءَ سان ملي ٿي ويون ۽ سندن رنگ چٽ پگهريل سوني جي جهلڪ ڏئي رهيو هو. دور آسمان ۽ سمنڊ نيري افق ۾ ملي ٿي ويا، صديق ڪناري تي پيڙي جهلي. سنهي چار ۾ سفيد مڇيون ڦٿڪي رهيون هيون ۽ سج جي روشنيءَ ۾ چلڪيون ٿي. ٻن ٽِن ڪڳن يا سرمائن ۾ ساه هيو باقي پيون سڀ آڌيون ٿي ويون هيون. وڏيون، وڪري جهڙيون مڇيون چونڊي صديق ڪاريءَ ۾ رکندو ويو ۽ باقي ننڍڙيون، ڪچيون مڇيون ڪناري تي ڦٽي ڪندو هو. ڪاري ڪپڙي سان ڍڪي هن سگريٽ دکايو. سندس نگاه پهريان جهاز جي چمنيءَ تي هئي جنهن مان دونهون نڪري رهيو هو. ڪلفٽن تان ڪيماڙيءَ جا جهاز چڱيءَ طرح ڏيکاربا آهن. هن ڪي جهاز ۾ خلاصيءَ جي حياتي نه وڻندي هئي، جيتوڻيڪ هن جا ٻئي ڀائر اتي ڪم ڪندا هئا. سندس طبيعت آزاد ۽ تنهائي پسند هئي. ڪيئي ڀيرا هن چاهيو هو ته روشن منار ۾ بتي ڏيکارڻ جي نوڪري ڪريان. شام جو جڏهن سج ڏيري ڏيري سمنڊ ۾ غائب ٿي ويندو هو ۽ شفق جي سونهري رنگ پاڻيءَ جي نيري چٽ سان ملي هڪ عجيب سمو پيدا ڪندو هو، تڏهن هن جي دل ۾ ڪيئي امنگ اٿندا هئا. سمنڊ جي گهرائيءَ جيئن، بي انت، اڻ ٿه، اونها! ان وقت هو پنهنجي دل ۾ هڪ خال محسوس ڪندو هو، سندس احساس ڪي هڪ بي معنيٰ ڪتڪتائي بيتاب ڪري ڇڏيندي هئي.

اڄ سج هو اڻين پيڙيءَ تي لٿ لڪي، پريان پاڻيءَ ۾

ٽڪريون ڏسي رهيو هو. هن سگريٽ جو دونهون نڪ مان ڪڍندي چرڪ ڀريو. خيالات جي روءِ ۾ هن کي پتوئي نه پيو هو ته سامهون گلان مڇيون، جي هن ڦٽي ڪيون هيون، سي ميڙي رهي هئي ۽ ڳائي رهي هئي. جتي نه لنگر ٻيڙيءَ مان اڇليو آهي ۽ وچي واريءَ ۾ کپندو آهي تئين اڄ گلان سندس دل ۾ کپي وئي. هن اڳ ۾ به ڪيئي ڀيرا کيس ڏٺو هو پر اڄ الاجي ڇو هن جو چهرو ائين غير معمولي طرح چمڪي رهيو هو- هن جا وار هوا ۾ لهرائي، غضب جي ڪشش ڪري رهيا هئا. هوءَ هڪ ننڍڙيءَ سرءائيءَ جتي ٿي لڳي- سهڻي، سنهڙي، لچڪئي، چلڪئي! گلان هڪ وارو آڏيءَ اک سان هن کي ڏٺو ۽ پوءِ مڇين ميڙڻ ۾ محو ٿي وئي. هن جو پيءُ ڪلفٽن تي ريسارنٽ پرسان ڪوڏ وڪندو هو ۽ هو رهندا به ميربحرن جي وڙهي ۾ هئا. روز هوءَ ڪناري تان مڇيون ميڙڻ ايندي هئي، جي هو ڏينهن رات تري ڇانورن سان ڪاٺيندا. هميشه وانگر هوءَ اڄ به آئي هئي ۽ پنهنجي ليءَ ۾ جهونگاريائين به ٿي ۽ مڇيون به ميڙيائين ٿي. صديق ٻيڙيءَ مان چار ڪڍي گلان کي ڇيو، ”گلان هي چار نه پتاراءِ.“ گلان ڪاري رکي، چار کي ٻن ڪنڊن کان جهليو ۽ پوءِ ٻنهي آهستي نوڙي ڌرتي تي چار پتاريو. ۽ پوءِ هوڪاري ڪئي وڃڻ لڳي. صديق کيس ٻانهن کان جهلي ڇيو، ”گلان ڪيڏانهن؟“ گلان ڀهريون ته هڪي ٻڪي ٿي وئي پر پوءِ جهٽڪي سان ٻانهن ڇڏائي وڃڻ لڳي.

ٻئي ڏينهن هن سٺيون مڇيون گلان لاءِ رکيون. گلان کي ايندو ڏسي هن اهي مڇيون ڪناري تي ڦٽيون ڪري ڇڏيون. گلان ايڏيون وڏيون مڇيون ڏسي ڀهريون ته عجب ۾ پئجي وئي پر پوءِ صديق ڏانهن ڏسي مرڪي. اڄ صديق کيس ڪجهه نه چيو. چوي به ڇو؟ مڇي خودبخود چار جي ويجهو اچي رهي هئي.

روز بروز صديق جـي گلان سان دوستي وڌندي وڌي. پهريون مرڪ پـوءِ چرچو پـوءِ گل اِتـي هلڪي ٿڦ، پوءِ ڪتڪتائي، پوءِ.... هاڻي هو پنهنجي زندگيءَ ۾ خال محسوس نه ڪندو هو، منجهس اڳين اُپاڙڪائي ۽ اڪيلائي نـه رهي هئي. هو ڪناري تي چار لاءِ نوڙي وٽيندي خيال ڪندو هو ته گلان سان شادي ڪندس، ٻار ٿيندا، انهن کي ونجهه هلائڻ، چار ڳنڍڻ، ترڻ تڙڳڻ سيکاريندس، انهن لاءِ ٽڪريءَ تـان ڪيٽي ڪوڏ، سپون، ناڙ ميڙي ايندس ۽ اڻين هـيءَ زندگي، هيءَ ٻيڙيءَ جـو پور، سڪ سانت سان گذري ويندو. گلان هينئر سندس روح ۾ رمي چڪي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن هو شام جو گلان کي ٻيڙيءَ تي سير ڪرائيندو هو. سڙه چاڙهي، پوءِ ٻيڙيءَ کـي هوا جي رخ تـي ڇڏيندو هو ۽ پاڻ گلان جي سامهون ويهي ڳائيندو هو.

”پرين ويا پرڏيهه، اسان جا پرين ويـا پرڏيهه!“ منهنجو پرين ته منهنجي سامهون ويٺو آهي، هو دل ۾ ويچاريندو هو، پر الائي ڇو، گلان جي ويجهڙائيءَ ۾ به ڪيس دوري نظر ايندي هئي. سج ٽڪريءَ پٺيان ڇپي ويندو هو ۽ سون رنگ آڪاس ۾ ٽڪريءَ جي چوٽي هڪ بخشيل روح جئن ڏيکاري ڏيندي هئي. سامونڊي پکين جا وار پر ڦڙڪائيندا دور نڪري ويندا هئا. دور، اُفق جي هن پار، جتي صديون انسان جي بوءِ به نه آئي هئي، جتي نه ميلاپ هيو نه وڇوڙو، نه ويجهڙائي نه دوري، نه صديق نه گلان، جتي صرف وحدت هئي، نيري نيري يڪرنگي! اونده آس پاس ڇانئجي ويندي هئي، پاڻي گهاٽو نيرو ٿي ويندو هو ۽ شفق جي پوئين سرخ ليڪ ڪارنهه جي تهن ۾ گم ٿي ويندي هئي. هو سڙه ڦيرائي ڪناري جو رخ ڪندو هو. گلان ٻيڙيءَ جي هڪ پاسي ٻانهن هيٺ ورائي لپ ۾ پاڻي کڻندي هئي. لپ! لپ! پاڻي هن جي ٻانهن سان لڳي ڇلڪو کائيندو هو ۽ هـوءَ ٽهڪ ڏيئي ڦيڻگن ڪان منهن پـري ڪندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صديق سکان کي هٿ کان وٺي، ٻيڙيءَ جي مهاڙيءَ تي پير رکي، اونده جي بي انت گهرائيءَ ۾ گهوري ڏسندو هو. سمنڊ جو مٺو، ٿڌو شور سندس بدن ۾ سيسرات اپاريندو هو، سڄي ڪائنات طلسماتي ٿي ويندي هئي. آسمان ۾ ستارن جي جهڳم-مڳ، پريان منهوڙي وٽ بتين جي جهرمر، ماحول تي ڄڻ جادوءَ جو چار وڇائي ڇڏيندي هئي. پاڻيءَ ۾ تارن جو عڪس لهرائيندو هو ۽ هو ڀانئيندو هو تہ ڄڻ آسمان سمنڊ ۾ ٻڏي ويو آهي، ڄڻ سندس ٻيڙي عرش تي هلي رهي آهي، گلان هڪ فرشتو آهي ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ جو، ڪنهن فردوس جي پارنهن دريءَ جي حور!

صديق هميشه جئن مڇي ڦاسائي ڪناري تي چار پٽاري رهيو هو، تہ هن وڏا ٺڪاڪا ٻڌا ڄڻ تہ پريان ٽڪريءَ کي ڪنهن بم سان اڏائي ڇڏيو. هن زندگيءَ ۾ اڳي ڪڏهن بہ اهڙا دهشت انگيز ٺڪاءَ نہ ٻڌا هئا. هو اڃان انهن تي غور ڪري رهيو هو، تہ پريان ريسٽارنٽ جي طرف شور ٻڌائين ڄڻ تہ ڪو وڏو فساد ٿيو هو. تعجب وچان هو چار اتي ڦٽو ڪري ريسٽارنٽ طرف ويو. اٽ ڏهہ گورا سولجر هندستانين کي گاريون ڏئي رهيا هئا، ۽ هندستاني گونگا، گم سم ٿي، هنن ڏانهن ڏسي رهيا هئا. هن ريسٽارنٽ جي نوڪر کان پڇيو تہ "ڇا آهي؟" جنهن ڪيس ٻڌايو تہ گورا سولجر هندستاني خلاصين سان وڙهيا هئا ۽ "هندستان" جهاز کي باهہ لڳائي هئائون. صديق جون واڇون ٻتال ٿي ويون. هن جا پيءُ پاڙر "هندستان" تي نوڪري ڪندا هئا. "پوءِ ڇا ٿيو" ڪندو، هو نوڪر کي ٻانهن کان وٺي ڌونڌاڙڻ لڳو. پر نوڪر گوڙ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ هن ڏانهن ڪن نہ ڏنائين. صديق ٽڪڙو ٽڪڙو موٽي آيو ۽ مڇيءَ جي ڪاري ڪٺي وڃي گهر رکيائين ۽ پنهنجي اڌورائي سائيڪل تي چڙهي شهر ڏانهن هليو. ڪچهري روڊ تي ڪيترا ڪاليجي ڇوڪرا ڏٺائين، جي جهنڊا کڻي "انقلاب

زنده باد،“ ”هندستان آزاد“جا نعرا هڻي رهيا هئا. هن سائيڪل تان لهي هڪ ڇوڪري کان اڀري آواز ۾ پڇيو، ”هندستان جهاز جو ڇا ٿيو؟ منهنجو پيءُ به اتي خلاصي هو.“ ڇوڪرا سندس ڇوڏاري مڙي ويا ۽ هڪڙو ڇوڻ لڳو ته ”اهي گورا، اهي سفيد وحشي اسان جي زندگيءَ کي تڇ پيا سمجهن. هو سمجهن ٿا ته اسان ذليل آهيون، غلام آهيون، ڪارا آهيون....“جوش ۾ سندس ڳل ڦوڪجي ويا ۽ هو وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيو. صديق ڪجهه سمجهي نه سگهيو، هن کي ته پنهنجي پيءُ جي خبر رکڻي هئي. هو سائيڪل تي چڙهيو ۽ بولٽن مارڪيٽ ۾ آيو جتان کيس خبر ملي ته کياماڙيءَ ڏانهن دڳ بند هو. هن کي اتي سچو احوال معلوم ٿيو ته ڪئن بحري بيڙي وارن پنهنجون گهرجون پيش ڪيون هيون ۽ اضافي جي بدران کين گولين جو شڪار ڪيو ويو هو. هو سائيڪل تي چڙهي موٽي رهيو هو، ته صالح کي منگ ڦلي وڪڻندو ڏٺائين ۽ هٿنبل ڦيرائي آيو انهيءَ وٽ. صالح هن کي ڏسي اچي ڦٽو. چي”هي انگريز ڏاڍا ظالم آهن، ڪو انسان تي کهڪاءُ نه ٿو اچين.“ ۽ پوءِ رڻ هارڪي جوش ۾ اچي کيس ٻڌايائين ته سندس پيءُ به زخمي ٿي پيو هو. صالح صديق جي پيءُ جو سالو هو ۽ ان ڪري ٻنان نيرن جي صبح جو ڏي پڳو هو ته خبر رکي اچان. هن صديق کي ٻڌايو ته عيدگاه ميدان تي انهيءَ انڌير جي برخلاف ميٽنگ هئي. صديق کيس سائيڪل جي پٺيان ڪنيون ۽ پوءِ ٻئي آيا عيدگاه ميدان تي. ميدان تي گوڙ گهمسان لڳو پيو هو. هو اڳتي وڌيا ته سندن اکين ۾ خودبخود ڳاهه ڳاهه گوڙها اچڻ لڳا. پوليس ٽيئرگئس تي هلائي. پر ماڻهو چڻ انجام ڪري آيا هئا ته مرڻو آهي پر ورڻو ناهي. جڏهن گئس هلڻ بند ٿي ٿي، تڏهن ڪنهن تقرير ٿي شروع ڪئي، ۽ سڀ ماڻهو ان کي ٻڌڻ لاءِ ٿي ڀڳا. ڪجهه وقت کان پوءِ صديق سمجهيو ته معاملو ڇا هو. ليڊر وچ ۾ بيهي تقرير ڪري رهيو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسين هندستاني پنهنجا جائز حق گهرون ته اسان کي گوليءَ سان اڏايو وڃي، اسين، جي ظلم ۽ بي انصافيءَ خلاف آواز اٿاريون ته اسان کي ٽيئر گئس هلائي ڇڙوڇڙ ڪيو وڃي! آخر هي انگريز، هي سفيد وحشي، ڪيسين هندستاني عوام جو خون وهائيندا. ڪيسين....“ وري ٽيئرگئس هلي ۽ ماڻهو ٽڙڻ پکڙڻ لڳا. ”سفيد وحشي!“ اهو لفظ صديق جي منجهيل دماغ ۾ گونجڻ لڳو. ”هي انگريز هي گورا صاحب! هي وڏا آفيسر! سڀ سفيد وحشي!“ شام تائين هو انهيءَ ڪشمڪش ۾ ٻيٺو رهيو. هن اهڙو بغاوتي نظارو ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هندو مسلمان سڀ جوش ۾ هئا. سڀ پنهنجي ڀائرن جو خون ڏيندو ڏسي انقلاب لاءِ ڪڙا ٿي ويا هئا. گهڙو پرجي نيٺ وهي!

ڏئي ٻرئي مهل هو سائيڪل تي چڙهي گهر وريو. هر ڪنهن چونڪ تي گورا سولجر بندوق ڪلهي تي کڻي بيٺا هئا. هو جيئن پوءِ ٽيئن پئڊل تي وڌيڪ زور ٿي ڏيندو ويو. فريئر هال، پل، ڪلفٽن.... ذهن منتن ۾ هو گهر پهچي ويو. ڪيس اڄ خيال آيو ته گلان اڄ مچي ڪنٺي الاجي نه ڪنٺي! هن اڄ چڱي وڏي سرمائي قاسائي هئي، سو ڪيسي مان چاقو ڪڍي انهيءَ جو اڌ ڪيائين ۽ سڌو آيو گلان جي در وٽ. اندر گاسليٽ جي بتي ٻري رهي هئي. ڪجهه گوڙ آيو ۽ هو ڇرڪ ڀري پوئتي هٽيو. در جي پرسان سيخن سان دري هئي ۽ هن ان مان اندر نظر ڊوڙائي. هن جي دماغ کي چڪر آيو. اندر ٻه گورا سولجر بيٺا هئا. هڪڙي گلان کي ٻانهن ۾ جهليو هو ۽ سندس منهن چمي رهيو هو. ”فائيو رپيز، نات مور“ (يعني پنج رپيا وڌيڪ نه). گلان جو ٻيءَ ٿلهي قلل اردوءَ ۾ چئي رهيو هو، ”نهين صاحب! پانچ نهين دس. سب دس دي جاتي هين.“ (نه صاحب! پنج نه ڏهه. سڀ ڏهه ڏئي ويندا آهن.)

”سفيد وحشي! اسان جي زندگيءَ، غيرت، محبت جا خوني! سفيد وحشي!! سفيد وحشي!!!

سفيد .... سفيد ....“ صديق جو مغز ڦري ويو. هن صدريءَ جي کيسي مان چاقو ڪڍي کوليو، ۽ درڪي لت هڻي، اندر ڏوڪي آيو. هڪ، ٻيو، ٽيون! ٽئين ڌڪ سان سولجر ڌرتيءَ تي ڪري، آدم خور مڇيءَ جيان ڦٿڪڻ لڳو.

ڪالهه صديق کي خون جي جرم هيٺ جنم ٽيپ جي سزا ملي هئي. هن کي جهاز جي حياتيءَ کان نفرت هئي، پر هو اڄ مجبور ٿي پنج ڇهه ڏينهن ان تي سفر ڪري رهيو هو، دور هڪ قيد جي ڪوٺڙيءَ ڏانهن، جتي هن کي زندگيءَ جا باقي ڏينهن محنت ۽ اڪيلائيءَ ۾ ڪاٽڻا هئا. هو تنهائي پسند هو ۽ هينئر سڄي عمر کيس تن-تنها ڪاٽڻي هئي، هن انسانيت، انصاف جي خوني دنيا کان دور! دور جتي نه گلان هئي نه ان جو پيار نه ان جي بيوفائي! ”ڇا گلان سچ پچ بيوفا آهي؟“ هن ڪيئي پيرا جيل ۾ ان تي خيال ڪيو هو. جڏهن هوءَ کيس پوئينءَ مهل جهاز تي ملڻ آئي، تڏهن هن جي دل ۾ آيو ته جيڪر هٽڪڙيون هڻي گلان جو مغز ڦاڙي وجهي. پر گلان جي اکين مان ڳوڙها وهندا ڏسي، هن جي دل رحم سان ڀرجي آئي، غيرت جو ڪوڙو جذبو هار کائي ويو. سچ به گلان جو ان ۾ ڪهڙو ڏوهه هو. سندس پيءُ ڪوڏ وڪڻندو هو جنهن مان چار پنج آنا مس ڪمائي ٿيندي هيس. پوءِ ڇهين پنجين آني مان تي پاڻي ڪيئن پلندا! هن ضرور گلان کي انهيءَ پيشي لاءِ مجبور ڪيو هوندو.

رات جا ڪارا پاڇولا پاڻيءَ تي حڪومت ڇمائي ويا هئا. ڪڏهن ڪڏهن لائيٽ هائوس مان روشني پاڻيءَ تي اڀين پئجي رهي هئي جيئن هن جي دل ۾ پيڇجي وڃڻ جو ناممڪن خيال مصنوعي جوت جڳائي گم ٿي ٿي ويو ۽ پوءِ اونهي اونداري پاڻيءَ جهڙي اٿاهه پيانڪ مايوسي ڇڏي ٿي ويو. ڊيڪ تان ڪِل جو آواز آيو. ۽ پوءِ ڪجهه انگريزي لفظ. ”سفيد وحشي!“ صديق ڏند پڪوڙيندي ڇيو ۽ ته ڪان بدن لڪائڻ لڳو!

# واچ جا ڪانٽا

سگريٽ جي دونھين مان ڇلا ٺاھيندي نظير سوچي رھيو ھو تہ آخر ھن زندگيءَ جو مقصد ڇا آھي؟ صبح کان شام تائين محنت ٿو ڪريان، نہ فرصت آھي نہ فرحت، سارو ڏينھن ٽائيپ جي ٽڪ ٽڪ ۾ گذري ٿو وڃي. صرف منجھند جو ڪلاڪ ڪن ريسٽارنٽ ۾ چانھہ جو ڪوپ پي، سنگتي ساٿيءَ سان ڳالھائي ٻولھائي، وري وڃين ٿو ڪرسيءَ تي ويھان ۽ دفتر جا ڪاغذ اٿلايان. ھر روز ھو ائين سوچيندو ھو ۽ سندس خيال سگريٽ جي دونھين وانگر وٽ ڪائيندو، سندس دل کي جلائيندو غائب ٿي ويندو ھو. سندس خوش خلقي ۽ رلڻي ملڻي سڀاءَ ڪري سيڪريٽريٽ جا سڀ ڪلارڪ ساڻس چڱيءَ طرح پيش ايندا ھئا. ھي ھو بہ فراخدل، دوستن کي چانھہ پاڻيءَ جي صلاح ڪندي ڪڏھن بہ نہ ڪيٻائيندو ھو- سندس پگھار ڪٽي ٩٠ رپيا ھئي تڏھن بہ ڏيک ويک اميراڻو ھوس. ماھ پيءَ جو تنگ حال بہ ڪڏھن ڪين ستائيندو ھو. پر ھو ڪري ئي ڇا ٿي سگھيو! بچت ڪري بہ تہ ڪيئن! سگريٽ نہ ڇڪي، ھفتي ۾ ٻہ پيرا سئنيما تي نہ وڃي، چانھہ نہ پيئي، بس جو ياڙو نہ ڏئي، ڪڏھن ڪڏھن ايمليءَ لاءِ سوکڙي نہ وٺي اچي! نوي روپيا آخر ڪٿي پورا ٿي، ڪٿي پورا ٿيندا. دنيا ۾ ٻہ شيون ھيون جن سان سندس بيحد محبت ھئي ۽ ٻئي سندس اندر کي جلائينديون ھيون. ھڪ سگريٽ ۽ ٻي ايملي- ايملي ڪرستان ھئي ۽ سيڪريٽريٽ ۾ ڪلارڪ ھئي. ٻنھي جي ٽيبل پرسان ھئي. ھر آرتوار تي ھو ايمليءَ سان ڪلفٽن تي ويندو ھو ۽ شام جو انگريزي پڪچر تي.

اڄ ھو سگريٽ ڇڪيندي سوچي رھيو ھو تہ آخر ھيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي ڪٿي پهچائيندي. زندگي! هو زندگيءَ جو تصور ڪندو هو ته سندس اکين اڳيان هڪ ريل هلي ايندي هئي، جا ويرانيءَ ۾ هلندي هجي- نه ڊرائيور، نه اسٽيشن، صرف ٻه مسافر- هو ۽ ايملي. نه آئنده ۾ اميد ۽ نه ماضيءَ لاءِ محبت. هو حال جي چال تي هلندو هو، ”ڪيڏانهن“، يا ”ڇا لاءِ“ ان جو ڪيس نه پتو هو نه پرواهه. انهيءَ سوچ ۾ هو ته پريان ايملي مرڪندي آئي ۽ هن ٻيري ڪي ڇانهه ۽ پيسٽري آڻڻ لاءِ چيو. ”سڀاڻي آرتوار آهي“، ايمليءَ چيو ۽ اجان جملو ئي پورو نه ڪيائين ته نظير چيس ته ”منهنجي سائيڪل کي پنچر ٿي پيو آهي سو تون ڀاءُ ڪان سائيڪل وٺجان ته ٻئي ان تي چڙهي هلنداسين.“

ڇهين بجي صبح جو نظير ۽ ايملي ڪلفٽن تي وڃي رهيا هئا. ايملي سائيڪل تي اڳيان نظير جي ٻانهن ۾ ويٺي هئي. سندس وار هوا ۾ ڦڙڪندي، سندس سانوري ڇهري کي زيب ڏيئي رهيا هئا. پريان افق تي نيري آسمان ۾ ڦڪي روشنيءَ جي لهر چانڊجي ويئي. نظير ايمليءَ جي منهن ڏانهن ڏٺو. هن کي ساڳي معصوميت، ساڳي تازگي، ساڳيو سانورو رنگ نظر آيو. ڪلفٽن تي پهچي، نظير واچ ۾ وقت ڏٺو. ساڍا ڇهه لڳا هئا. ايمليءَ پنهنجي واچ نظير کي سوکڙي ڏني هئي، جئن هو جڏهن به وقت ڏسي ته ڪيس حياتيءَ جي منٽ منٽ ۾ ياد ڪري.

آسمان جي نيري گهرائي پاڻيءَ جي نيري لس ليٽ سان ملي، هڪ عجيب سمو پيدا ڪري رهي هئي. هوا جي گهم منهن کي ٻيڻو ڪري رهي هئي. ايمليءَ جو فراڪ تيز هوا ۾ سندس بدن سان چهٽي پيو ۽ هوءَ هڪ جل پري ٿي لڳي. سائيڪل رڪي، نظير جرسي پاتي ۽ ايمليءَ مٿيون فراڪ لاهي ڇڏيو. ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏيئي، لهرن ۾ اڏامندا ويا، ٻه فطرت جا جزا، ٻه سمبون، دنيا جي دک درد کان پري، پورهئي ۽

پگهار جي مسئلي کان دور، پر روح اسم جسم کان آزاد، ناهه ڏوهه کان آجا، رسم رواج کان بي نياز! ڪڏهن تہ ڏهن پنهي جي مٿان ڇولي ٿي اڇي ويئي تہ ايملي نظير کي چنبڙي ٿي پيئي ۽ هو محسوس ڪري رهيو هو تہ هوءَ سندس ساهہ ۾ سمائجي رهي هئي. پنهي جي هستي گڏ گهولبي ٿي ويئي، ڄڻ هو رت ماس جا انسان نہ هئا، پر بہ فرشتا- بي موت، معصوم، آزاد.

"ايملي،" نظير ڪيس جذبـات سان ڊپيل آواز ۾ چيو:
"اسان کي زندگي شايد اڇوڪي ڏينهن لاءِ عطا ٿـي هئي."
امنگن ايمليءَ جو آواز سندس گلي ۾ روڪي ڇڏيو ۽ هن نظير جي ڪلهي تي پنهنجو ڪنڌ ڪٽي رکيو.

جڏهن مـوٽي رهيا هئا تہ ڏهن نظير واچ ۾ وقت ڏٺو. پورن ٻارهن تـي پيئي سيون هڪيئي جـي مٿان اڇـي ويون هيون. نظير واچ ايمليءَ کي ڏيکاري چيو: "ڪيتري نہ ڪانٽن ۾ سڪ آهي! سڄو ڏينهن هڪيئي جي پٺيان ڦرندا ٿا رهن ۽ نيٺ اچي ملن ٿا!" سندن شرارت پريءَ نظر ۾ محبت جا سوين پيغام هوا. پنهي رستي تي فيصلو ڪيو تـہ هفتي کن ۾ سول مئريج ڪنداسين. محبت جو مذهب الڳ آهي، ان ۾ ڪرستان يا مسلمان جو ڪو تفاوت نہ آهي. نظير پنهنجي سنڌي لاهي ايمليءَ جي چيچ ۾ پاتي.

صبح جو نظير ڪلب ۾ چانهہ پـيئي رهيو هـو ۽ مستقبل لاءِ هوائي قلعا بہ اڏي رهيو هو. ايملي بـہ سو کن رپيا ڪمائيندي ۽ هـو بـہ. پنهي جـي حياتي سکي گذرندي. سندس دل ۾ خيال آيو تہ ايمليءَ کي نوڪري نـہ ڪرايان، پر پوءِ پنهي جي نوي روپيئي ۾ پورت ڪيئن پوندي! پردي وغيره کي تہ هو اڳيئي سورهين صديءَ جي بيوقوفي سمجهندو هو. سو هن ايمليءَ جي نوڪري نہ ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو- رستي ۾ بـہ هو پنهنجي تصور ۾ گم هو. ايمليءَ لاءِ ويڊنگ

ڪيڪ کهڙيءَ بيڪريءَ تان وٺان؟ ڪلب ۾ ته ڇڏڻي پوندي. ڪراچيءَ ۾ جوءِ کان اول ته جاءِ جو خيال ضروري آهي. سعيد منزل ۾ شايد ڪمرو ملي وڃي.

آفيس ۾ ٻه ڪلارڪ سندس منهن ڏانهن ڏسي مرڪي رهيا هئا ۽ هڪٻئي ۾ سس پس ڪري رهيا هئا. ”اڄ ڪنهن جي آسري ۾ آهي.“ نظير هونءَ ته ٻاهران اڳي کان ٻه چست ٿي لڳو پر جڏهن آئينده لاءِ ٿي پيو پڇاڻيءَ تڏهن ڪجهه واڻڙو ٿي لڳو. ايملي اڄ نه آئي آهي. هو واري سان سندس ٽيبل ڏانهن ڏسي رهيو. ڪالهوڪي ٽڪ ڪري بخار ته نه ٿي پيس! تڏهن ڇو نه آئي؟ اڇي ويندي. هو واري سان واچ ڏسي رهيو هو ۽ ڪيس ياد ڪري رهيو هو. سادا نَو، ڏهه، ڏهه- پندرهن، ڏهه-ويهه. جيئن پوءِ ٿيئن هو ٿوري وقت کان پوءِ واچ تڪي رهيو هو. سندس خوشيءَ تي ڇڻ پاڇاڙون پئجي ويو. هو وهمي ته نه هو پر اڄ الاجي اهڙي بي چيني ڇو! ”نظير بابو ادهر هيءَ!“ آفيس جي در تان ٽپاليءَ پڇيو. نظير اٿي در وٽ ويو ۽ هن ڪيس تار ڏني. جئن نه رستي تي ڪوئي خيال ۾ هجي ۽ اوچتو بجليءَ جو ٽنپو ٽڪاءُ تي وڃيس، اهڙي حالت ٿي نظير جي. سندس پيءُ وفات ڪري ويو هو. نظير جو پيءُ غريب درزي هو ۽ سارو ڏينهن پورهيو ڪري ٻار ٻچا پاليندو هو. سندن گهر ۾ ٻيو ڪو مرد ماڻهو ڪونه هو. ماءُ، ڀيڻ، ننڍو ڀاءُ- انهن کي ڪير پاليندو؟ ڪيس پيءُ جي موت جو ته افسوس ڪونه ٿيو پر پنهنجي ڀاتين جي آئيندي سندس اکين اڳيان انڌارو آڻي ڇڏيو. هن يڪدم چار ڏينهن موڪل ورتي ۽ آفيس مان نڪتو ته سامان ٺاهي سکر وڃان. رستي تي ايمليءَ جو خيال آيس. هڪ دل چيس ته ڪيس وڃڻ جو اطلاع نه ڏئي. ٻيءَ دل چيس ته متان انتظار ڪري پويس، متان هڪ جو ٻيو سمجهي، متان...... ان ”متان“ جي خاتمي لاءِ هن فيصلو ڪيو ته ايمليءَ کي تار ڏيکاري ٿو اچان. فريڊر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روڊ تان هو بس ۾ چڙهيو. ڪنڊيڪٽر پڇي رهيو هوس تہ ڪٿان جي ٽڪيٽ گهرجيئي تہ هو چئي رهيو هو سکر جي! پر ڪنڊيڪٽر سمجهيو تہ هو چئي ٿو صدر جي سو کيس اها ٽڪيٽ ڏنائين.

سوين خيال سندس دماغ ۾ آيا ويا ٿي. جئن ڏينهوءَ جي ڏنگ مهل ڪڏهن ساري بدن تي چاپاڪو ٿي پوندو آهي ۽ هڪ جاءِ تان کنهي ٻي جاءِ تي کنهبو آهي، تئن ان تار سندس خيالات ۾ اٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏي هئي. هڪ خيال آيس ٿي ۽ ان جو حل ڏي نہ ٿي گهوليائين تہ ٻيو خيال ٿي آيس. ڪڏهن قسمت تي افسوس ٿي ڪيائين، ڪڏهن خدا کي گاريون ٿي ڏنائين، ڪڏهن سوچيائين ٿي تہ ڪوٺ وڃان ڏي نہ. منهنجو ڇا، جو ماءُ پيءُ جي ڪري سڄي زندگي عذاب ۾ وجهان، ڪڏهن اشتراڪين سان وڃي ٿي شامل ٿيو ۽ مفلسي ٽڙي ڪيڻ لاءِ انقلاب زنده آباد جا نعرا ٿي هنيائين- صدر ۾ لهي، هن واچ ۾ وقت ڏٺو. ٻارهن ۾ هڪ منٽ پيو هو. اچان ڪانتا هڪيئي مٿان ڪين آيا هئا. ٽرام جي پٽيءَ تان رستي جي ٻئي پاسي وڃي رهيو هو تہ ٽا! 'سولجر بازار' جي ٽرام اچي سائس ٽڪرائي. هو ڪري پيو، سندس مغز مان رت وهي رهيو هو، سندس واچ پچي پيئي ۽ ان مان هڪ ڪانٽو گم هو. ان وقت ٽاور ٻارنهن گهنٽا هنيا.

# مسافر مڪراڻي

چوڏاري ڪپهه جون پوٽيون هيون ۽ عورتون انهن کي هٿن سان پٽي رهيون هيون. مزدور مڪراڻي عورتون- سٺيون ۽ سوٽ! وڏيل سٺيل ويٺيون، ڏٺـا مٺا منهن! پڪي چمڙي. ڪڪا وار! چڱ ڏامي جون مشينون ٿي لڳيون. ڪپهه جهڙي نرم شيءِ سندن سخت هٿن ۾ نـه ٿـي سونهين! پريان ڪپهه جون ڳوٽيون پيون هيون ۽ انهن جي پرسان سندن ٻار کيڏي رهيا هئا. "مسافر! ابا مسافر! هيڏي ته آءُ،" هڪڙيءَ عورت پوٽي اڏائيندي چيو. سندس پٽ، مسافر، لاٽون ڦيرائي رهيو هو ۽ جئن ماءُ ڏانهن منهن ورايائين ته مون تي نظر پيس. منهنجو سوٽ ۽ ٽاءِ ڏسي شايد کيس رونشو آيو ۽ هـو لاٽون ڇڏي مون ڏانهن وڌي آيو. ٿوري دير مون ڏانهن تڪ ٻڌي ڏٺائين ۽ پوءِ نچڻ لڳو. "سالي بابوجي. او سالي بابوجي!" هن سـر سان ڳاٽو ۽ ڦيري پاتي- مون کي ڏاڍي کل آئي. هـو نچي رهيو هو يا کينهونءَ ٿي ٽپ ڪاڏا ! پريل بت، ڦنديل ناسون، کنڊريل چڳون! سندس ناسي وار ته ڳويا ان جون پوٽيون هئا. "او سالي بابوجي! او سالي بابوجي!" هـن لانڊ لاتي ۽ جهمر هڻڻ لڳو. سيني جو ڌيان مون ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ عورتون رئي جو پلئه منهن کي ڏئي کلڻ لڳيون. هـو "سالي بابوجي" چئي، ٽاڙي هڻي، ڇيلهه موڙي، ڦيري پائي رهيو هو. مون کي غصي بجاءِ کل اچي رهي هئي. جڏهن هـن جهمر هڻي پوري ڪئي، تڏهن وري مون ڏانهن تڪ ٻڌي ڏسڻ لڳو. هن سمجهيو ته مان چڙي ويندس، پـر مون کي سانت ۾ ڏسي هو هٻڪي بيهي رهيو. مون کيسي مان آنو ڪڍي کيس ڏنو. هو ککو وکو ٿي ويو. مون کيس سلام ڪيو. هو واڏڙو ٿي ويو. مون

ڏانهس هٿ وڌايو. هو سن ۾ اچي ويو. مون ڪلي ڏنو، هن به ڪلي ڏنو. ”سلام سالي بابو جي“ چئي، هو ڪچهه جي گوڻ پٺيان پيچي ويو.

انهي ڪان پوءِ ننڍڙي مسافر سان منهنجي سنگت ٿي وئي. هر آچر تي مان ڪلفٽن تي ويندو هوس. ڪچهه جو گدام بس اسٽاپ جي سامهون هو. جيسين بس اچي تيسين مان مسافر جو ناچ ڏسندو هوس ۽ وچڙ مهل ڪيس آنو ڏئي ويندو هوس. مسافر جي عمر چار پنج سال هئي. منهن ماسيرو، چپ ٿلهيرا، رنگ سانورو، وار ڪڪوريا! انهن سان گڏ مون ڪي هن جي منهن تي هڪ عجيب مرڪ نظر ايندي هئي. گويا سندس انگ انگ مرڪندو هو. سندس اکيون چمڪي، پيرون ٽاڙجي، ناسون ڦولارجي، چپ وسڪي ويندا هئا ۽ هو سراپا مرڪ تي ويندو هو. اها مرڪ هن جي ماحول تي فتح هئي. گدام جي هانو-پوسات، پيٽ ۾ چتي بڪ، بت ۾ بچان، پگهر جي هلڪي بو ۽ چڪٽي مٽي، ماءُ جو داب دڙڪو، چڪيون چڙهيون! انهن سڀني جي شڪست هئي اهو ناچ! انهن سڀني تي فتح هئي اها مرڪ! سڀ پار سندس چوڌاري مڙي ويندا هئا ۽ هو پنهنجي طوطيلي زبان ۾ ڳائيندو هو:

رڏو وڏو امان جو

طرو وڏو ابا جو

تئو وڏو امان جو

چرو وڏو ابا چو

پيٽ وڏو سوٺ جو

پيٽ وڏو سوٺ جو

خبر نه آهي ته هن اهو راڳ ڪٿان سکيو. هو تڪ تڪ ڪان پوءِ هو تاڙي وڄائيندو هو، ۽ سڀ ٻار سندس پٺيان تاڙي وڄائيندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽئو وڏو امان جو– تڙاپ، تڙاپ، تڙاپ!
ٽرو وڏو ابا جو– تڙاپ، تڙاپ، تڙاپ!
پيٽ وڏو سيٺ جو– تڙاپ، تڙاپ، تڙاپ!

پوئين ٽڪ ٽٽي، هو نينگ ڏيندو هو ۽ سندس منهن تي مرڪ ڦهلجي ويندي هئي. مٺي مٺي مرڪ مبهم مبهم. جهونجهڪڙي جي پهرين ريک، روحانيت جو ٽٻو رنگ! ٽڻ خوشيءَ ليٽو پاتو، ٽڻ معصوميت گهونگهٽ هٽايو! مٺي مٺي مرڪ، بي‌غم بي‌غم، آٿاسي، اڻ ٽاڻ! نه ڏکن بکن جو خيال، نه ڏمر ڏاڍ تي خوض! هن جي زندگي ناچ هئي، راڳ هئي، مرڪ هئي. ننڍڙو ننڍڙو قد، ننڍڙا ننڍڙا نينگ. ننڍڙا ننڍڙا گيت! روز نئون ناچ ڪندو هو، روز نوان گيت ٽوندو هو. مون کي سندس وار نهايت وڻندا هئا. گهنڊي گهنڊي، گهاٽا گهاٽا! جڏهن هن جي وارن تي جهڪي هٿ ڦيريندو هوس تڏهن مون کي ساريءَ انسان ذات جا ابهم نظر ايندا هئا، پيارا پيارا ٻار، قدرت جا مٺڙا مٺڙا ميوا! سندم دل درد سان پرجي ويندي هئي. نه هن لاءِ پورو کاڌو پيتو هو، نه لٽو ڪپڙو، نه تعليم تربيت! هي مسافر. هي مڪراني ٻار. هيءَ عمدي شيءِ. هي ماس جو ڪيڏوڻو! هونءَ ته هي بهترين رقاص ٿئي ها پر هاڻي وڏي هوندي داداگير ٿيندو! خوني ٿيندو!! جي نه ته اڌ بکيو مزدور ٿيندو!!!

منهنجي دل بغاوت سان پرجي ويندي هئي. هي ٻار جنهن جي ماءُ صبح کان سانجهيءَ تائين ڪپهه پچي رهي آهي، تنهن جي انگ تي لٽو نه آهي! دل ۾ ايندو هو ته پوٽي پوٽي اڏايان، ڳوٽي ڳوٽي جلايان. گدام ڦهلندو نظر ايندو هو، سندس حدون ساريءَ دنيا سان ملي وينديون هيون. هيءَ ساري دنيا هڪ گدام آهي جنهن تي ڪپهه جون پوٽيون پکڙيل آهن. بس هڪڙي ٽڻنگ، هڪڙي تيليءَ جي ضرورت آهي ۽ پوءِ ٽيهون ٽرڪنديون نظر اينديون، دنيا جرڪندي نظر ايندي،

انسانيت مرڪندي نظر ايندي. هڪڙي ڇٽنگ، فقط هڪڙي تيلي! اي انگ-اگهاڙو! اٿو، هيءَ دنيا. هي ڪڇه، جڙ گدام توهان جو آهي! اي پيٽ بکيؤ اٿو! هي دنيا، هي ڪڻڪ جو گدام توهان جو آهي! ان تي صرف ان جو حق آهي جو پڇي ٿو، جو پوکي ٿو، جو پورهيو ڪري ٿو.

مسافر سان منهنجي سنگت سال ڪن هلي. اڳئين هفتي مان بس-اسٽان تي اڌ ڪلاڪ ڪن بيٺو هوس پر مسافر نه آيو. مون گدام ۾ وڃي هن جي پڇا ڪئي. سندس ماءُ اکين مان لڙڪ اگهندي چيو، بابو، مسافر کي ته نمونيا ٿــي پئي آهي- توهان جي آني آني مان هن تي رپيا ميڙيا هئا سي ڊاڪٽر جي في ۾ ڏناسين ۽ باقي جو رپيو ڏيڍ هــو سو دوا تــي لڳي ويو. پنجن ڏينهن ڪان مسافر بنا دوا جي هنڌ تي پيو آهي. اسان وٽ پيسو هجي ته دوا دارون ڪريون! ويئا الله جا رنگ ڏسون.

مان هن کي وٺي سڌو سندس گهر ويس. مسافر جا گلل پيهي ويا هئا ڇڻ ريڙ جي ڪينهونءَ مان هوا نڪري وئي هئي. سندس منهن پيلو ٿي ويو هو.

هو مون کي ڏسي مرڪيو- ساڳي غيرفاني مرڪ- مرض کي شڪست، موت تي فتح! نه بيوسيءَ جو ڏيان، نه بيماريءَ جو خيال، نـه دوا دارونءَ جي پرواه! مون سندس ڳل کــي ٺڪائيندي چيو، "مسافر، مان آيـو آهيان، مون کي راڳ نه ٻڌائيندين؟" مسافر مرڪي رهيو هو- هن نبل هٿن سان تاڙي وڄائي ۽ جهيڻي آواز ۾ ڳايو:

ٺٺو وڏو امان جو
ڇـرو وڏو ابا جو
پيٽ وڏو سيٺ جو

پيٽ وڏو...... ڪٺون، ڪٺون، ڪٺون، ڪه .... ٺون .... دم ٻيهجي ويو- مسافر ويندو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هي شاعر

هن سڪل ڊبل روٽيءَ ڏانهن گهوري نهاريو. سنئين سخت ميز تي سڪي ٺوٺ روٽي گويا کيس چيڙائي رهي هئي ته ”بکيا شاعر! ڏسين ڇا ٿو؟ ختم ڪر هي رهيل ڪُهيل سلائيسون! رکيون سکيون ٿي ڳڙڪائي وڃ! نڙيءَ مان نه لنگهن ته پاڻيءَ ڍڪ سان ڪاءُ! ڇانهن جي ڪوپ لاءِ تو کي ڇهه پئسا نه آهن ڪونه!“ هو روٽيءَ ٽڪري کي ڇتائي ڏسي رهيو هو، گويا کيس اکين سان ٿي کائي ويندو! هيءَ روٽي، هيءَ ڪڻڪ، هي منع ٿيل ميوو جنهن سندس وڏي ڏاڏي کي بهشت مان نڪرايو هو، سو اڃا تائين سندس اولاد کي پنهنجي پٺيان لائيندو، پٽڪائيندو ٿو رهي! هن کي بک هئي. سندس آنڊا ”مياڙو، مياڙو“ ڪري رهيا هئا. سندس اکين مان خالي ڪکيون نظر اچي رهيون هيون. هو هن وقت نه شاعر هو، نه اديب، نه انسان! هو فقط بکيو هو.

اڄ کيس ڪجهه به ياد نه هو. نه اهي اجليون اجليون باکون جڏهن هو سائيڪل ڊوڙائيندو ڪلفٽن تي ويندو هو، تازيءَ هوا ۾ سندس ڦڦڙ ڦولجي ويندا هئا، دور افق ۾ آسمان جي نيري نيري رنگ تي ڳاڙهيون ريکون ترڪنديون وينديون هيون ۽ پنهل هوا ۾ سندس منهن جو رنگ ٽڙي پوندو هو! ان وقت هو فطرت جي گود ۾ جهوليندو ويندو هو، ڇو ته کيس پڪ هوندي هئي ته نيرن تيار رکي هوندي. اڄ کيس ڪجهه به ياد نه هو. نه ئي اهي جهڙالا ڏينهن جڏهن ڪڪريون سڙهه ڦهلائينديون هيون، جهڙ جي جهاڳ ۾ لڏندو ٻڏندو سج ڪڏهن ڪڏهن ڪنڌي ڪڍندو هو ته سڄي دنيا مرڪي اٿندي هئي ۽ هو ملير ۾ رلندو وتندو هو، ۽ ان وقت کيس پنهنجو وجود وسري ويندو هو، سندس زندگي شعر ٿي ويندي هئي، ۽ پوءِ ٿي گيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس روح مان ٽپڪي نڪرندا هئا ڇو ته ڪيس بڪ جو خيال نه هوندو هو، سندس ڪيسي ۾ ايترا پئسا هوندا هئا جو بڪ لڳڻ تي هو باغ ۾ پپيها وٺي ڪائي سگهي.

اڄ ڪيس ڪجهه به ياد نه هو. نه اهي سهاوڻيون شامون، نه دونهون دونهون دنياڻون، نه نيريون نيريون، ميٺايون ميرانجهڙيون فضائون، نه چوهيون چوليون، نه ڳاڄ، نه ڳجي، نه ڳهم، نه ڳهٽا! اڄ ڪيس ڪجهه بـه نـه ياد هو. نه مرڪندڙ چپ نـه ڏرڪندڙ پنبڙيون، نه نياڻيندڙ ڳالهيون نه لچار ڳل، نه لڪ-چپ جون ملاقاتيون نه سس پس جون ڳالهيون، نه ٺهڪڙا نه ٺونڪون، نه سڏڙا نه سڏڪا! هونءَ هن انهن جا گيت ڳايا هئا. لفظ لفظ سويو هو. سٽ سٽ پوئي هئي. اڄ اهي موتي، اهي مالهائون، اهي گيت هـن لاءِ ڪچيون ڪوڏيون هئا. نڪما، نحس آواز جن سندس وهي وهه ڪئي هئي. هن سريلا راڳ لکيا هئا ته پل هن لهسيل اڇيل دنيا، هن ڏکن-ڏٺي انسان، هن تتي-تنور جي هاڙو تي ٺڏو چنڊو پوي. پر ان جي بدلي ۾ ڪيس ڇا مليو هو؟ بک! ڇتي بک، انڌا چيريندڙ بک! اڄ ڪيس صرف پنهنجي بک ياد هئي.

هن روٽي ميز تي رکي الماريءَ مان پنهنجو تازو شعر جو ڪتاب ڪڍيو. هن ان ڪتاب جو انتساب پنهنجي محبوبه جي نالي ڪيو هو. اهو نالو سندس روح ۾ رمي چڪو هو، هو ڪٿي به اهو نالو پڙهندو هو ته ڇرڪ نڪري ويندو هوس. سندس دل جي ساز تي ضرب لڳي ويندي هئي ۽ سوين گيت ڇڙي پوندا هئا.

”آهه! منهنجي پري

گهٽائون پنهنجي بي‌نشان رفتار سان اچي رهيون آهن!

هي رم جهم جو عالم، ٿڌي ٿڌي، پٽي پٽي دنيا!

هي جهيل جهيل ستارا، آپ-ريل آپ-ريل بادل!

آهه، منهنجي ننڍڙي پري!

اڄ رات منهنجي دل چاهي ٿي ته تون به مون سان گڏ هجين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اڄ پنهنجي محبوبہ جو نالو پڙهي ٻہ، هو ماضيءَ ۾ ملياميٽ ٿي نہ ويو. هن جي منهن تي نفرت هئي. ”ڪيئن نہ مون ڪي دم دلاسا ڏيندي رهي،“ هن سوچيو، چوندي هئي تہ ”تنهنجي ذات تي دل ڏني اٿم. پر چاندي چاندي آهي شعر شعر آهي! سڪي ڪي سو سلام، صفحي تي لک لعنت! هوءَ ٻئي ڪنهن سان شادي ڪري وئي، چو تہ هو زياده پئسي وارو هو. خير وڃي تہ گهوري! هينئر گهٽيئي اهڙيون ملي پونديون.“ هن انتساب وارو پنو ڦاڙي ٽڪريون ٽڪريون ڪيون ۽ روٽيءَ جي ٽڪر ڪي چڪ هنيو.

هن ٻيو صفحو ڦاڙيو. ان صفحي تي جو شعر هو سو هن روح جي رت سان لکيو هو. هو نيٽي چيٽيءَ تي ترڻ ويو هو. شام جا پاڇاوان پاڻيءَ کي گهاٽو نيرو بڻائي رهيا هئا. هوا جا جهلڪا لهرين جي رواني ۾ تيزي آڻي رهيا هئا. وهڪ ۾ هڪ عجيب بيگانگي هئي. چولي چولي ڌاري هئي، پر ڌارا ۾ هڪ ٻئي سان لڙهندي ٿي وئي. هو ڇو اڇي مليون هيون، ڪيڏانهن وڃي رهيون هيون، ڇا لاءِ وڃي رهيون، ان جو پتو نہ هو. صرف وهڪ نظر اچي رهي هئي، ٻيو اونهو، اٿاه پاڻي. هو تري پيٽ تي ويو. ٻکهن جو جوڙو هوا ۾ پر ڦڙڪائيندو لنگهيو. هن جي دل ۾ هڪ سيسرات آيريو. لفظ اکين اڳيان قطارون ڪري آيا، لڙڪ گلن تان ڳڙي، پاڻيءَ جي بي معني، بي مقصد وهڪ ۾ ملي ويا. اڄ هن انهيءَ شعر تي ٿهڪ ڏنو. ڪڙو، ڪجسو ٿهڪ، ۽ پنو ڦاڙي ڦٽي ڪيو. روٽيءَ ۾ چڪ هڻي، هن پاڻيءَ ڍڪ پيتو.

ٽيون، چوٿون، پنجون، ڇهون.... غرض تہ سڄو ڪتاب ڦاٽي ويو. هو ڊبل روٽيءَ کي چڪ هڻي رڙڪيندو ڪتاب ڦاڙيندو ويو. سندس محبت نفرت، ڏک سک، پيار پڇتاو جا شعر، سندس زندگيءَ جو ساز سامان، سندس روح جو سات سهارو

ناس ٿيندو رهيو. هو ڊبل روٽيءَ کي زور سان چهاڙي رهيو هو. گويا جڪ تي ڪاڙائين! پويون روٽيءَ ٽڪر ختم ٿي ويو ۽ هن جي ڪتاب جو آخرين صفحو ڦاٽي ويو. ”بس وري شعر نه لکندس،“ هن قسم کنيو، ”آه! هيءَ بک!.... پر مون جهڙن پيا به ته ڪيترائي بکيا آهن! ڇا، انهن جي بک جو سبب به شاعري آهي!.... هڪ بکيو پيو پيٽ پريو، هڪ سڪو سڙيو، پيو سکيو ستابو، هڪ مزدور پيو مالڪ! آخر ڪيسين سهبو؟ هي ظلم ستم، هي بک ڏک!“ هن جذبات جي رو ۾ اچي قلم کنيو ۽ لکڻ لڳو.

”اي انسان! تون هن ڌرتيءَ تي ڪيسين ستم سهندين! سوين سج نڪتا، سوين چنڊ آيريا، پر انسانيت جو ستارو نه چمڪيو! اي نادان! ڪيسين اونده ۾ ٿاڦوڙا هڻندين؟ آءٌ ته هن سماج کي بدلايون! آءٌ ته مان ت-وکي آن نئين‌ءَ دنيا جا گيت ٻڌايان جڏهن انسان بکيو ڏکيو نـه رهندو، آءٌ ته مان توکي ان نئين‌ءَ دنيا جا گيت ٻڌايان جڏهن محبت دولت تي نه وڪامندي، آءٌ ته مان توکي ان دنيا جا گيت ٻڌايان جڏهن انسان جو دشمن انسان نه پر قدرت هوندي....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڙيسري

خانو حجم سئلون ۾ وار ڪٽي رهيو هو ته سامهون نئشنل گارڊ پريڊ ڪندا لنگهيا. چپ راست، چپ راست، چپ چپ، چپ راست چپ راست .. خاڪي وردين ۾ سگهڙ نوجوان، پگهر ۾ شل، بي پرواهه، خنڪيءَ ڀريا، مضبوط! ڪرسيءَ تي ويٺل سيٺ شامداس منهن ڦيرائي رستي ڏانهن ڏٺو. سندس منهن تي هراس، بيوسيءَ ۽ نفرت جا احساس نهاري رهيا هئا.

"خانو، اهو اڳ ۾ چنڊ تاري جي جهنڊي سان ڪير آهي،" هن هيسيل آواز ۾ پڇيو. "اهو سالار خان محمد آهي. لوهارڪو ڪم ڪندو آهي."

"خانو" سيٺ منجهس اعتبار رکندي پڇيو، "اهي سالار ڇا ٿا چون. ڦشاد (فساد) ڦشاد ته نه ڪندا؟"

خانو هو ته مسلم ليگي ۽ دل ۾ اسلام جي عروج جا جذبا هئس، پر گراهڪن سان هميشه خوش خلقيءَ ۽ لحاظ سان هلندو هو، سو چيائين ته "سيٺ فساد ڇو ڪندا؟ هي ته صرف ورزش ڪري رهيا آهن." "پر پيلي ورجش (ورزش) ته راما مورتي يا واحد بخش جي آکاڙي ۾ ڪن نه؟ هتي رستي تي ڇو اها چپ راش (راست) چپ راش لڳائي اٿائون. مان ته سڀاڻي جودپور وڃي رهيو آهيان. ٻار ٻچا ۽ جال (زال) ٻال سڀ وٺي ٿو وڃان."

خانو ٻن چئن ڏينهن کان اها ساڳي ڳالهه ٻڌي رهيو هو. هن ڪيئي ڀيرا الوحيد ۽ سنسار سماچار ۾ بنگال ۽ بهار جي دردناڪ واقعن جا دل ڏاريندڙ احوال پڙهيا هئا، جتي انسانيت کي ڪچليو ويو هو، ڀاءُ ڀاءُ جي خون سان هولي کيڏي هئي، زالن جي عصمت لٽي ويئي هئي ۽ ٻارن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معصوميت کي موت جي گود ۾ ليٽايو ويو هو. هن سرحد، لاهور، بمبئي ۾ فساد جا روح ڪڙا ڪندڙ فوٽا ڏٺا هئا. سندس دل ۾ ڪيئي گهرا خيال آيو هو ته هندن بهار جي مسلمانن سان نسورو ظلم ڪيو آهي، اسان جي هم مذهب ڀائرن جي رت سان راند ڪئي آهي، پرده نشين زالن جي بي حرمتي ڪئي اٿائون.

”پر ڇا، بيءَ جون ڪان پوءِ سچ پچ فساد ٿيندو؟“ خانوءَ پاڪي هلائيندي سوچيو، ”ڇا اسان بهاري مسلمانن جي خون جو بدلو وٺنداسين؟ مثال طور مان هن سيٺ جو پاڪيءَ سان گلو لاهي ڇڏيندس؟“ اهو خيال ايندي ئي خانوءَ جي بدن ۾ ڏرڙي آيري ويئي.

خانو هو ته حجم، پر شام جو جڏهن پامپيچ جي پٺنٽ پائي اچي لکيدر تي ويهندو هو ته ڪيس ڪوئي حجم نه سمجهندو هو. شڪارپور جا ڪيترائي ڪاليجي ڇوڪرا ان سان دوستيءَ جا خواهان هوندا هئا، ڇو ته خانوءَ جي دوڪان ۾ هميشه سنڌ جي سيني ڪاليجن جون مسيلنيون، اردو ۽ هنديءَ جا ٻه چار رسالا، اشوڪ ڪمار ۽ پرٿوي راج جا فوٽا رکيا هوندا هئا ۽ خانو انهن تي اڻون بحث ڪندو هو ڇو ته سئنيما ۽ ساهتيہ جي ڳالهين تي هو سند هو. خانوءَ جي دوڪان تي ڪيترائي فئنسي پائوڊر ۽ تيل به رکيا هوندا هئا. جن تي هر ڪجهي ڪيئي اسڪولي ڇوڪرا خانوءَ سان واقفيت رکندا هئا. خانوءَ جي دوستي پڙهيل ڳڙهيل ڪاليجين سان هئي يا ته انهن اڻ پڙهيل مسلمانن ۽ هندو سيٺين جي ٻارن سان جي پٺنٽ پائيندا هئا، سئنيما جي اداڪارن تي بحث ڪندا هئا ۽ شيل شڪار جا شوقين هئا. ٻه ٽي ساميوادي به سندس سئلون تي ايندا هئا پر اهي هميشه پاڻ ۾ بحث ڪندا هئا ۽ خانوءَ ڏانهن گهٽو ڌيان نه ڏيندا هئا. ڪالهه به هو ڏاڙهي ڪوڙائڻ آيا هئا ۽ پاڻ ۾ بحث تي ڪياڻون ته ”سنڌ سنڌين جي آهي. اڄ اسان سنڌين

جي قوميت ۽ علحدي شخصيت خطري ۾ آهي. هي پنجابي، بهاري، گجراتي اسان جي تهذيب، ٻوليءَ، واپار، زمين ڪي ڳڙڪائڻ ٿا چاهين. اسان جو فرض آهي ته ان وڏنڊڙ وبا کي اِتي نهوڙيون. سنڌ جي ساريءَ ڪانگريس تي گجراتين جو قبضو آهي ۽ سنڌ جا مسلم ليگي ليڊر ته بهارين ۽ پنجابين لاءِ ننگر کولي ويٺا آهن، پوءِ پلي ته سنڌي عوام ٻک مري ته مري."

انهن مان هڪ، جو هندو تي ڏنو، تنهن چيو ته "مان آديپور ۽ جئپور جي هندن سان گڏ رهڻ بدران سنڌي مسلمان ڀائرن جي هٿان مرڻ وڌيڪ ته پسند ڪريان. منهنجون هن ديس سان روح جون ڳنڍيون آهن. هتي جي ڪنڊ ڪڙڇ، رستو رستو، آس گس، ٻٽ باغيچا منهنجي روح ۾ رمي ويا آهن. منهنجي هستي سنڌ ڪان سواءِ موت برابر آهي."

خانوءَ هن ڪان اڳ ۾ اهڙو پيو فراخدل هندو نه ڏٺو هو ۽ هو ڪيس ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان پڙهي رهيو هو. هن جوش ۾ اچي هڪ عجيب لفظ چيو، "جئه سنڌ." خانوءَ "جئه هند" جو نعرو ته ٻڌو هو پر ان مان ڪيس هندوپڻي جي بوءِ ايندي هئي ۽ محسوس ڪندو هو ڄڻ ڪيس ڪنهن پاڪيءَ جو ٽڪو ڏنو. پر "جئه سنڌ" لفظ ۾ ڄڻ پاڻيءَ جي ڦوهاري ۽ خوشبودار تيل جو اثر هو، جنهن سندس دماغ کي معطر ڪري ڇڏيو.

اڄ هن کي خيال آيو ته جي سنڌ ۾ فساد لڳي ته مان جيڪر ڇا ڪريان؟ ڇا، هن سيٺ جو گلو ڪپي ڇڏيان؟ سيٺ جو پٽ پهرئين سال ۾ شڪارپور ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ خانوءَ وٽ وار ڪٽائڻ ايندو هو. هڪ پيري نوروزيءَ جي ميلي تي هو سنڌ واهه تي مليا هئا ۽ خانوءَ کي پاڻ سان ويهاريو هئائون. چوڌاري ڇهل ٻهل لڳي پيئي هئي. واهه ڏنيءَ ڪنيءَ تي وهيو. پل وٽ پاڻي اڇلون ڪائي دل ۾ آمنگ پيدا ڪري رهيو هو. خانوءَ ڪن تي هٿ رکي ڏوهيڙا چيا- "چولي واري نينگري..." فضا ۾ ڄڻ مستي ۽ محبت ڦهلجي ويئي هئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندو مسلم جو تفاوت نہ رهيو هو ۽ سڀ گڏجي راڳ جي مٿر مڌ ۾ پيا رهيا هئا. ڪڏهن توريون، جي ترڻ لاءِ ڪنيون هئائون، تن تي ڪنهن آڱرين سان سريلو آواز ٿي ڪيو تہ دل ۾ عجيب ڪتڪتايون ٿي ٿيون. پوءِ هو پاڻيءَ ۾ لات پيا هڻندا ۽ گڏجي انب ٿي چوسيائون. ”درياهہ، جو وهي رهيو هو سو تہ اسان پنهنجي لاءِ ساڳيو هو،“ خانوءَ سوچيو، ”ائين تہ نہ هو تہ پاڻيءَ هندوءَ کي ٻوڙيو ٿي ۽ مسلمان کي تاريو ٿي. مٿان اونهاري جو سج پنهنجي تي تاءُ ڪري رهيو هو ۽ پنهنجي تتي مٽيءَ کي ٺارڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ ٽپيون ٿي هنيون. ائين تہ نہ هو تہ سج مسلمان مٿان ڇانو ٿي ڪئي ۽ هندوءَ کي پنهنجي تکيءَ اُس ۾ جلايائين ٿي؟ جڏهن اهي قدرت جا عنصر اسان ۾ مت-ڀيد نہ ٿا رکن تہ انهن جو خلقيندڙ ڪئن رکندو هوندو ۽ خلقيندڙ نہ رکندو هوندو تہ خلقت ڪيئن رکي؟“ خانوءَ جو دماغ چڻ ڪنهن اردو رسالي جو پنو ٿي پيو. هن جيڪي ڪتاب پڙهيا هئا، اهي چڻ سندس سوچ تي زور ڇمائي پنهنجو ادبي رنگ ڏيکاري رهيا هئا ۽ هو سوچي رهيو هو تہ ڪيئن مون جن سان ڪاڏو پيتو آهي ۽ اٿيو ويٺو آهيان تن جو يا تن جي پيءُ ماءُ جو گلو ڪپيندس؟“

خانو شاهي باغ ۾ پنهنجن هندو دوستن سان ٻيگهت تي ويندو هو. جڏهن ٻيگهت کن تي هٿ رکي شاهہ جو ڪلام ڳائيندو هو تہ ”تڏي وسائج تر جي، مٿي مٽيءَ مٿان، جي پويون ٿٿي پساهہ، تہ بہ نجا مڙه ملير ۾“، تڏهن اها عجيب فضا پيدا ٿي ويندي هئي جو سندس دل چاهيندي هئي تہ اتي مران، انهي ڏکهي، تڏي بڙ جي درخت هيٺان! بڙ جا پتا منهنجي قبر تي ڦڙڦڙ ڪندا ڪرن ۽ بڙ جا ڏينو ڪري منهنجي قبر کي گل گل ڪري ڇڏين. شاهي باغ جي ٿڌي ٿڌي هوا منهنجي قبر کي ٻهاري ڏيئي، منهنجي قبر کي صفا ڪري، ۽ جڏهن ٻيگهت ڳائي تڏهن ان جي ڏوهيڙي جون لهرون ۽ رابيل جي خوشبوءِ

ملي سنهنجي روح کي گدگد ڪن ۽ مان قبر ۾ به سر ڏوڻيان، ڳايان، لهرايان. جي مون کي ملائڪ بهشت ۾ وٺي وڃن تـه اتان به جند ڇڏائي پڇي اچان ۽ ڀڳت جـي آواز ۾ رانديون رمان، رابيل جي خوشبوءِ سان هٿ چراند ڪرايان.... نه رڳو خانوءَ پر سڀني هندو مسلمان ٻڌندڙن جي دل ۾ اها خواهش، اهو جذبو قابو پائي ويندو هو. "هي هندو سنڌ ڇڏي ويندا؟ ڪيئن اهو مارئي جو ملڪ ڇڏيندي دل ٿيندن؟ ڪير اتـي ڪين شاهه جو ڪلام ٻڌائيندو؟"" خانوءَ ريڊيئي ۾ گيت ٻڌا هئا ته ڪيس اهڙي ڪراهت آئـي هئي، جو يڪدم اسٽيشن ڦيرائي ڇڏيائين. ڇو ته جنن جي ٻولي هئي! ڀلا مارواڙي يـا مرهٽي ٻوليون ڪيئن اسان کي رس ڏينديون، جن مان صرف ٻاجهري ۽ سڪي ساڳ جي بوءِ پئي اچي. اسين سنڌي، ڪڻڪ جا هريل، شاهه جي ڪلام جا مشتاق، سنڌ واه تي شيل ڪندڙ ڪيئن سنڌ کان ٻاهر سڄي عمر بسر ڪنداسين؟

خانوءَ کي ڪيئي اهڙا روزمره جا واقعا ياد آيا، جڏهن هندو مسلم عوام جو روح ملي جلي ويو هو، ۽ جن سنڌ جي هڪ تهذيب، هڪ قوميت جي گواهي ڏني هئي.

سڄو ڏينهن خانوءَ جي دل ۾ جهيڙي، فساد، لڏپلاڻ جا خيال اچي رهيا هئا، سندس دماغ ڪنهن جي اليڪٽرڪ مشين وانگر ڪم ڪري رهيو هو.

شام جو خانو دڪان بند ڪري گهر وڃي رهيو هو ته اسٽيشن ڏانهن ويندڙ بگين تـي نظر پيس. شايد انهن مـان هڪ ۾ هندو ڪٽنب اهڙا به هئا جي پنهنجي جنم مرڻ جي ديس کي الوداع ڪري وڃي رهيا هئا.... دور جتي نه شاهه هو، نه سامي، نه ساڌ ٻيلو نه زنده پير نه ڀڳت نه ملا ڪڙو، نه ٻارهينءَ جو ميلو، نه چوڏس جو راڳ! دور هڪ اجنبي ديس ڏانهن، جتان جي زندگي، ريتيون رسمون، اٺ ويهه، خوراڪ پوشاڪ سڀ جدا هئا.

”پر...،“ خانوءَ سوچيو، ”هتان لڏڻ جو خيال به ته صرف به ٽي سيٺيون ڪري سگهندا، جن کي اڏيپور ۽ جئپور ۾ ڪوٺيون آهن، جي مسافريءَ جو خرچ سهي سگهندا. پر هيءُ غريب منشي، هو ڪلارڪ، سنڌي اسڪولن جا ماستر جي سنڌس دڪان ۾ ايندا هئا ۽ وارن جا چار آنا ڏيڻ ۾ ڪسڪندا هئا، سي ڪيئن اهي پاڙا پتا، خرچ پکا برداشت ڪندا؟ سيٺ ته وچي واپار ڪندو پر منشي ڪيئن سنڌيءَ ۾ درخواست لکندو، سنڌي اسڪول جو ماستر ڪيئن سنڌي پڙهائيندو؟“

ٻئي ڏينهن صبح جو خانو نم جو ڏندڻ ڏيئي رهيو هو ته سنڌس گهر وٽ هوڪو آيو، ”پلو اٿو“ پلو!“ خانوءَ جي زال مهانيءَ کي سڏ ڪري بيهاريو ۽ ڪانئس پلو چڪائڻ لڳي، ”مون کي اڌ پلو گهرجي،“ خانوءَ جي زال چيو. ايتري ۾ پير واري گهر مان پيسوءَ ماءُ به نڪري آئي ۽ چيائين ته ”پيڻ، اڌ تو کي کپي ته اڌ مان ٿي وٺانس. سڄو ڪٿي چڪائنس.“ جڏهن ٻنهي پلو اڌو اڌ ڪري ڪنيو تڏهن پيسوءَ ماءُ چيس، ”پيڻ جيبل (زيبل)، چون ٿا ته جد (ضد) وڏي ويا آهن ۽ مشلمان فشاد ڪندا. مان تہ توهان وٽ اچي رهنديس.“ خانو، جو پرسان ڏندڻ ڏيئي رهيو هو تنهن کيس چرچي ۾ چيو ته ”مان ته مسلم ليگي آهيان. جناح ٽوپي پائيندو آهيان. تو کي ته پوءِ ٽي مون مان ڪرڻ کپي.“

”نہ پائو، چا ٿا چئو،“ پيسوءَ ماءُ ڪنڌ کي ڌوڻي، نڪ کي لوڏيندي چيو، ”لک ڪٿي مسلم ليگي ٿيو ته به اسان لاءِ اهي ٽي ڪانو (خانو) پائو آهيو. اسان کي ڪيئن ماريندؤ؟ توهان ته چوندا آهيو پاڙو ابو امڙ آهي. اسان کي عيد تي ڦرنيون ڏيندا آهيو، ٽڏڙيءَ جا لولا کائيندا آهيو، ڇا اهو به لحاج (لحاظ) نہ پوندو؟ پر جي ميس ته گهوريس. توهان جي هتان مرنديس نہ!“ ۽ پوءِ هن جهوني زماني جي هڪ سٽ چئي، جا ماءُ، پاءُ پيڻ کي وڙهڻ وقت چوندي هئي-

"مر مارن ننڍا ٻاڙا، سسيءَ ڏيندا لت."

جانورن جا چڱ ڪپاٽ کلي ويا. ڇا هيءَ عورت، جا سنڌس اڄهو طلبي رهي هئي، تنهن کي هو ماريندو؟ هرگز نه! هرگز نه! اهڙو سنگدل ڪيئن ٿيندو؟ ٻهار ۾ هندن ڪٿي مسلمانن کي ماريو هو ته به ان ۾ پيسوءَ ماءُ جو ڇا؟ هوءَ ته ننڍي هوندي کان سنڌس ٻاڙي ۾ پلي، نپني هئي، ٻنهي ننڍي هوندي ساڳيءَ ٻير ۾ پتر هڻـي ٻير ڪيرايا هئا ۽ جهوليون ڀريون هيون، ٻنهي ساڳي پمپ تان پاڻي ڀريو هو ۽ هن ڪيئي گهمرا ڪيس گهاگر ڪٽائي هئي، ڪيئي ڀيرا خانوءَ جـو لغڙ ڪاٽا ٿي هن جي ڪوٺي تي وڃي ڪريو هو ته هن اهو ڪيس ڪٽي ڏنو هو. نه رڳو ايترو پر جڏهن سنڌس زال زيبل کي پيٽ ٿيو هو، تڏهن پيسوءَ ماءُ ڪيس سگهڙا ۽ پاڻي پڙهائي آڻي ڏنو هو. ٻهار ۾ مسلمان ٻاڙر تـه ماريا ويا پـر ان ۾ پيسوءَ ماءُ جو ڪهڙو ڏوه؟ ان کي ڇو ماريو وڃي؟ بيشڪ، بيشڪ هن صوفين جي سنڌڙيءَ ۾ فساد ڪڏهن نـه ٿيندا. ڪير اهڙو ظالم، سنگدل ٿيندو، جو ٻاڙي جو ٻچاءُ نه ڪندو ۽ بيواهن جو گلو ڪاٽيندو؟ سنڌس ڪنن ۾ ڪنهن ساڳيو لفظ پڙڪيو، "جئم سنڌ"! سنڌس من جو مونجهارو لهي ويـو ۽ سنڌس دماغ ڇـڱ ڪلين شيو (Clean Shave) ٿي ويو.

# پنهل کان پوءِ

منهنجي روشني!

تو شراب جو ڪوزو منهنجي چپن تائين آندو، مون تو ڏانهن ڏٺو. تنهنجي اکين ۾ ڪيپ هو، الوٽ اربمايون اکڙيون! منهنجا هٿ ڏڪڻ لڳا. ڪوزو لڏيو لميو، ڇلڪيو، ڇيهون ٿي ويو. شراب تنهنجي جهوليءَ ۾ هارجي ويو، مان هينئر تنهنجو پاند نپوڙي بوند بوند ڪري پي رهيو آهيان. پياس ٿي نٿي پجهي! تون ڪيترو نه دور ٿي وئي آهين. تنهنجي دنيا ڪهڙي نه اجنبي ٿي وئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي خبر ملندي آهي ته مون کي ماضيءَ جي وجود تي يقين نه ايندو آهي. تنهنجون يادگيريون ايندريون آهن جن مان منهنجو من سرڪيون پرپندو آهي. پر اهي يادگيريون ته ننڍڙيون بوندون آهن ۽ اسان پراڻا پياڪ. گيت ۾ ڪيئي ڪوزا پي وڃون. فقط يادگيريون ڇا ڪنديون!

توکي ياد آهي ته تو هڪڙي دفعي چيو هو ته ”اسان جا جسم جدا ٿي سگهندا. روح جدا نه ٿيندا.“ پر مون کي خطرو آهي ته هينئر تنهنجو روح به مون کان جدا ٿي رهيو آهي. تون دور ٿي وئي آهين. جسماني طرح به، روحاني طرح به. اسان جون دليون ٻن ڪنارن وانگر آهن جن جي وچ ۾ وقت جو درياهه ڇوليون ماري رهيو آهي! اڙه، اونهو، بي‌انت! جنهن ۾ زندگيءَ جون ڪيئي پياريون گهڙيون لڙهي ويون. الاجي وري ملون يا نه ملون! توکي ياد آهي آها منهوڙي جي شام! شفق جا پاڇاوان ڇولين کي ڳراٽڙيون پائي رهيا هئا. تنهنجون چڳون تيز هوا ۾ اڏين آڏامي رهيون هيون، گويا دور ٿي پڇنديون ويون، ڪنهن دوهين دار ڪڪريءَ جي تلاش

پر، پوءِ پورا پکيئڙا دور افق ڏانهن اڏامندا ٿي ويا. ڪنهن نامعلوم، نارس هستيءَ جي جستجو ۾! هوا جي ڪنهن تيز جهونڪي انهن کي جدا ڪري ڇڏيو. پوءِ هو هڪٻئي جي تلاش ڪرڻ لڳا. پرڙا پٽوڙيندا پٽوڙيندا گم ٿي ويا. وري نه مليا. تو چيو”اي ڪاش! هي ٻئي جدا نه ٿين ها ۽ ان نامعلوم نارس هستيءَ جي ڳولا ۾ محو هجن ها! هاڻي ته هڪٻئي جي جستجو مان ئي فارغ نه ٿيندا.“

اڄ تون دور نڪري وئي آهين، نهايت دور. منهنجو روح پنڪي ٽڪجي پيو آهي. خاموش ۽ اداس آهيان. نه لوچان ٿو نه لهان ٿو.

تنهنجو اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي روشني!

آخر تو مون کي ياد ڪيو. تون رچ آهين، مان اڄ آهيان. مون عمر ڀر تنهنجي جستجو ڪئي آهي. پر آخر توکي احساس ٿيو ته تنهنجو وجود منهنجي هستيءَ سان منسلڪ آهي.

تنهنجو خط پهتو. مون کي يقين هو ته، تون مون کي وساري نه سگهندينءَ. منهنجي محبت تنهنجي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڇپي ڳائي رهي آهي. تون تعجب ۾ هئينءَ ته اهو مٺو مٺو نغمو ڪٿان اچي رهيو آهي. تو انهيءَ کي وهم سمجهي لنوائي ڇڏيو. مگر اهو پيارو پيارو آواز تنهنجي تمنائن ۾ ڪتڪتايون ڪندو رهيو. نيٺ تو کولا ڪئي، پنهنجي روح جي چنڊ ڇاڻ ڪئي ۽ تو ڏٺو ته اهو نغمو بلڪل جهونو هو. ان جا سُر هزارين دفعا تنهنجي سماعت سان لائون لهي چڪا هئا. فقط زندگيءَ جي شور و غل ۾ اهو ڪجهه وقت توکي ٻڌڻ ۾ نه آيو هو.

تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ چار سال آهن. تون اهو وقت مون سان نه ملي آهين. اي ڪاش مان وقت جي وجود کي مٽائي سگهان! اي ڪاش مان هڪڙيءَ ساعت کي سئو سال بڻائي سگهان ۽ سئو سالن کي هڪڙيءَ ساعت ۾ سمائي سگهان! چڱو، آءٌ ته ڪائنات جي نظام کي شڪست ڏيون. تون منهنجي گذريل زندگي جيءَ ۽ مان تنهنجي گذريل زندگي جيئان. جا جان و تن تي واردات گذري آهي سا هڪٻئي کي لکون. مون کي يقين آهي ته تون خطن جو سلسلو بند نه ڪندينءَ.

تنهنجو اياز

منهنجي روشني!

اسان جي زندگي نم جي درخت وانگر هئي، جنهن جي ڇانو تہ نهايت پياري هئي پر ڦل ڪوڙو هو. اسان ان جي ٿڌيءَ ڇانيا ۾ ويٺاسي پر ڦل نہ چکيوسي. ڇئي سگهنديئن تہ اسان سياڻا هياسي يا اياڻا؟

چار سال اڳ جڏهن مان توکي آخري الوداع ڪئي تہ منهنجا چپ مرڪي رهيا هئا. مان اهو بدقسمت بيڪاري هوس جنهن پهڻيون چونڊيندي هيرو لڌو هو ۽ جيتوڻيڪ ان جي چمڪ سندم دل موهي ڇڏي هئي، تہ بہ مون ان کي هار ۾ ان ڪري پوئي نہ پاتو تہ متان اهو سندم ڳلي ۾ بار ٿئي. هاءِ، مون ائين ڇو ڪيو! مان رلي رلي ڪناري تي پهتو هوس. هيٺان ٿڌو مٺو پاڻي وهي رهيو هو. پر مون ڪجهہ سوچي گهڙو پٺي ڇڏيو. مون چيو تہ بهتر ائين آهي تہ پاڻيءَ جا ٻہ ٻڪ پي في الحال پياس بجهايان. گهڙي جو بار کڻڻ تي ڪير ڪٽندو! مان پاڻي پي رمندو رهيس. راه ۾ ڪيئي نهرون آيون پر پاڻي ڪارو نڪتو. پياس وڌندي رهي- جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پياسو، وڌيڪ ماندو! هاءِ مون گهڙو ڇو ڦٽو!

جڏهن مان توکي آخري بار الوداع ڪري ڪراچيءَ وڃي رهيو هوس تہ رستي تي سارو وقت اهو سوال منهنجي ذهن کي وچوڙ وانگر ڏنگي رهيو هو، ”مون ائين ڇو ڪيو!“ گذريءَ زندگيءَ جا واقعات سئنيما جي تصويرن مثال منهنجي ذهن ۾ ڦري رهيا هئا ۽ مان سوچي رهيو هوس تہ اسان جي دوستي ائين ختم ٿي وئي جيئن وچ مان ريل ڪٽجي وڃي!

مون کي ياد آيو تہ توسان پهريون غائبانہ دوستي ڪيئن ٿي هئي- شڪارپور ڪاليج جي لائبريريءَ ۾ مون ٽئگور جو ”گيتانجلي“ سوٽايو ۽ انگريزي اخبار ”لٽرري سپليمينٽ“ تي پڙهي. اوچتو چوڪرن ۾ ڪجهہ سس بس ٿي- مون نگاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦيرائي ڏٺو ته توُن ڪتاب وٺي رهي هئينءَ. تنهنجا ناسي مائل ڪارا وار تنهنجي ڪمر تائين لڙڪي رهيا هئا. ڪاليج کلئي ٻه ٽي مهينا ٿيا هئا جڏهن ڪان مان تو کي ڏسندو رهندو هوس. نه ڄاڻان ڇو جڏهن مون تو کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو ته منهنجي دل ۾ عجيب و غريب خيال آيا هئا. مون ڀانيو هو ته توُن مان صديون اڳي مليا آهيون. ماضيءَ جي ڪنهن مبهم ميرانجهڙيءَ دنيا ۾، جا ذهن جي تري ۾ لٽجي وئي آهي ۽ جنهن کي منهنجو حافظو هزار ٽٻيون هڻي به هٿ نه ڪري سگهيو آهي. مان اڄان تائين محسوس ڪندو آهيان ته گذريءَ زندگيءَ ۾ توُن مان هرڻ ۽ هرڻي هياسي ۽ رڃ ۾ پاڻيءَ لاءِ رلندا رهياسين ۽ نيٺ ٿڪجي ڪنهن درخت جي ساڻي ۾ ويهي هڪٻئي جي چپن مان پياس ٻجهائيسين. عقلي طرح مان تناسخ جو قائل نه آهيان پر جذباتي طور مون کي تنهنجي محبت مجبور ڪيو ته مان اها ڳالهه مڃان ته توُن مان زندگيءَ جي دور دراز سفر ۾ ڪيتري منزلون اڳي ملي چڪا آهيون. جا روح جي ڇڪ مون تو کي پهريون ڀيرو ڏسڻ سان محسوس ڪئي سا محض اتفاقي نه هئي.

لائبرريءَ مان توُن ڪتاب وٺي مس وئينءَ ته لئبريرين مون کي سڏ ڪيو ۽ معنيٰ خيز نگاهن سان چيائين ته، ”هن ڇوڪريءَ مون کان پڇيو پئي ته، اِ جيڪي ڪتاب پڙهندو آهي، مون کي به اهي پڙهڻ لاءِ ڏيندو ڪر.“

مون کي تعجب آهي ته تو مون ۾ ايتري دلچسپي ڇو ٿي ورتي. شايد تو مون کي ڪاليج ۾ تقرير ڪندي ٻڌو هو. شايد ڪاليج جي پارليامينٽ ۾ بحرو وٺندو ڏٺو هو. شايد ٽرمينل امتحان ۾ مان اول آيو هوس. يا شايد جميل، جو تنهنجو همسايو هو ۽ منهنجو دوست هو ۽ جو مون سان تنهنجي ذهانت، خلوص ۽ شرافت جون ڳالهيون ڪندو هو، تنهنجو منهنجو غائبانه تعارف ڪرايو هجي. پوءِ جڏهن اسان

گهايل مائل ٿي وياسي ڇڏهن تو ٻڌايو هو ته تو ٻهريون دفعو
جڏهن مون کي غور سان ڏٺو هو تڏهن ڪلاس ۾ پروفيسر
برطانوي شاعر ڪيٽس جي حسن جي نظرئي تي تقرير ڪري
رهيو هو. هن مرد ۽ عورت جي جنسي تعلقات جي متعلق
ڳالهيون ڪيون جن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي دلين ۾
ڪتڪتايون ڪيون ۽ هو کلڻ لڳا. تو چيو ٿي ته ان وقت
مان سنده بينچ جي پٺيان ويٺو هوس ۽ بلڪل خاموش هوس.
گويا نه مون پروفيسر جا شوخ جملا ٻڌا هئا ۽ نه سڄي ڪلاس
جا ٽهڪ! پنهنجي خيالات ۾ محو هوس، پنهنجي دنيا ۾ گم
هوس، گويا منهنجو بدن بينچ تي هو باقي منهنجو سيلاني روح
ڪائنات جي ڪنهن ڪوني ۾ وڃي نڪتو هو. اڄا تائين مون
کي اها عادت آهي. يار دوست ويٺا هوندا آهن. ڇهچا ۽ ٽهڪ
لڳا پيا هوندا آهن. محفل رنگ ۾ هوندي آهي. رکي رکي
شمع جي دونهين وانگر منهنجو روح اڏامندو آهي. منهنجو بدن
هتي هوندو آهي ليڪن منهنجي ”مان“ گم هوندي آهي ڪنهن
پراسرار ان چاتل عالم ۾، گرد و نواح کان بيخبر. گويا زندگيءَ
جي شاهراه تي گڏ هلندي هلندي اهڙو وراڪو ايندو آهي، جتي
منهنجي جان منهنجي تن کي لنوائي کسڪي ويندي آهي. ڪيڏانهن؟
ڪنهن جي جستجو ۾؟ ڇا معلوم! تو منهنجي انهيءَ ڪيفيت
جو صحيح اندازو لڳايو ۽ منهنجي چهري ۾ معصوميت ڏسي
تنهنجي دل ڇڪي ڏني. ان وقت تنهنجي عمر سورنهن ورهيه
هئي ۽ منهنجي عمر سترهن. تون عورت هئينءَ انهيءَ ڪري
تنهنجي نشو و نما مون کان وڌيڪ ٿي چڪي هئي.

مان تو ڏانهن تنهنجي ڪهاڻي لکي رهيو آهيان. شايد
تو ان کي وساري ڇڏيو هجي. هر انسان پنهنجي ماضيءَ جو
جنازو ڪلهن تي کنيو ڦرندو پيو - پر مون کي انديشو آهي ته تو
ماضيءَ کي بلڪل دفنائي ڇڏيو آهي. مان گهڙيءَ پل لاءِ ان
ماضيءَ کي زنده ڪرڻ ڪريان. منهنجا خط تنهنجي ماضيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگين تصوير آهن، جا مون لڙڪن ۽ لهو سان ڪينچي آهي.
انهن ۾ منهنجي مصوريءَ جون آرائشون به شامل آهن، پر مون
ڪوشش ڪئي آهي ته تنهنجا خط و خال برقرار رکان.

هن وقت بادل پرجي آيا آهن. اولهه کان گهٽائون جهومنديون اچن ٿيون. ساري ڪائنات سرمستيءَ ۽ خمار ۾ آهي. منهنجون اکيون به پرجي آيون آهن. هي تنهنجي ديس جا بادل، هي تنهنجي پار جون گهٽائون، ڪراچيءَ کان تنهنجي پني پني ياد ڪئي آيون آهن. برسات پئي رهي آهي، مان پاڻ تو ته ڪوئي ڪکر ۽ ڪکري ورهين کان وڇڙيل هئا، اڄ انهن جي اتفاقي ملاقات ٿي آهي ۽ پئي هم آغوش ٿي رنا آهن. اي سائين، تون ڪيترو نه دور آهين! ايترو دور جيترو چنڊ! اي ڪاش، تون منهنجي اداس جهوپڙيءَ جو ڏيئو ٿي سگهين ها! اي ڪاش، تنهنجي ڏيمي جوت منهنجي مستقبل جي اونده ۾ ٽمٽمائي ها ۽ منهنجي حال جي رهنمائي ڪري ها! مون کي اهو ڏينهن ياد اچي رهيو آهي جڏهن تون ۽ مان تنهنجي گهر جي ڇت تي ويٺا هياسين ۽ ڪالج جي ڇوڪرين، ڇوڪرن ۽ پروفيسرن متعلق ڳالهه ٻولهه ٿي ڪئي سون. ڪجهه وقت کان پوءِ موضوع بدلجي ويو ۽ شعر و ادب جي باري ۾ روح رهاڻ ڪئي سين. تو کي خبر هئي ته مان شعر چوندو آهيان. شايد مون سان تو ايترا تعلقات وڌايا ئي ان ڪري هئا، جو مان شاعر هوس. تو فرمائش ڪئي ته مان تو کي ڪوئي شعر ٻڌايان. مون کي فطري گهٻراهٽ محسوس ٿي، ڇو ته ان کان اڳي تو ڪڏهن به اهڙي فرمائش نه ڪئي هئي. ان وقت به جهڙ هو ۽ سنهڙيون سنهڙيون ڪڪريون ڪپهه جي پوڻين وانگر آسمان تي پکڙيل هيون. شفق جي سنهريءَ نيراڻ ۾ برساتي شام جو نهايت دلڪش منظر هو. گويا ساري ڪائنات ڪنواري ٿي لڳي. مون تو ڏانهن ڏسي گهٻرايو ۽ ڇيو ته مون کي ڪوئي پنهنجو شعر ته ياد ڪونه آهي باقي شاهه عبداللطيف جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي سٽ دل تي تري آئي آهي:

”اڄ پڻ منهنجي يار وسڻ جا ويس ڪيا“

اها سٽ چئي، مون توڏانهن ڏٺو، تنهنجا نرم ڳل آسمان جي سفيد ڪڪرين وانگر ٿي لڳا ۽ تنهنجي هلڪي پيلي پوتيءَ مان شفق جا ٽڏيرا شعاع نڪري رهيا هئا. گويا تو به وسڻ جا ويس ڪيا هئا. ڪائنات جو ازلي حسن تنهنجي هستيءَ ۾ سمائجي ويو هو. مون پهريون دفعو محسوس ڪيو ته تون منهنجي شاعريءَ جو روح آهين. منهنجا لفظ بهنوا فقير هئا، جي جهولي جهلي پنندا رهيا هئا ۽ اي حسن جي ملڪ، تو انهن کي تاثير جي بي‌حساب دولت ڏئي ڇڏي! ان وقت برسات زور سان پوڻ لڳي، ساوڻ جا وسڪارا هئا ۽ سارا ڪپڙا پچي ويا. تو ڳائڻ شروع ڪيو، بادل برسڻ آيا. تنهنجو سريلو آواز گويا ڪائنات جي دل ۾ چڀي ويو. اونده ساري عالم تي پر ڦهلائڻ لڳي. فطرت گهريءَ خاموشيءَ ۾ ٻڏي هئي. تون ۽ مان هڪٻئي کي ساڪت ۽ خاموش ٿي ڏسي رهيا هئاسين. تنهنجين اکڙين ۾ اسرار هئا، نيري آسمان کان به گهرا! منهنجي دل چوليون ماري رهي هئي. مون محسوس ڪيو ته تنهنجي ۽ منهنجي هستي رلندي ملندي ٿي ويئي. گويا تون ۽ مان به برساتي بوندون هياسين ۽ هزارها ميل سفر طي ڪري رات جو ڪنهن گلاب جي پتي تي ڪريا هئاسين ۽ ان وقت زندگي فقط رنگ و بو جو طلسم هئي. هاءِ! ڪنهن کي معلوم هو ته انهن مان هڪڙي بوند چلڪي ڌرتيءَ ۾ جذب ٿي ويندي ۽ هڪڙي آفتاب جي تپش ۾ بادلن سان وڃي ملندي! ٻه اجنبي، جن کي پنهنجي پنهنجي منزل معلوم نه هئي، ڀٽڪندا ڀٽڪندا ڪنهن ڪڙيءَ تي ملي ويا ۽ ناگاه محسوس ڪيائون ته اسين هڪٻئي جي منزل آهيون.

ڪافي دير ٿي وئي هئي، سو مون توکي چيو، هاڻي مان هلان ٿو. تون هٿ ٻڌي ڏاڪڻ وٽ جهلي بيٺينءَ ته جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان آسانيءَ سان لھي وڃان. اڇا مان ھڪ ٻه ڏاڪو لٿو ھوس تہ تو چيو ”ٻڌو تہ“ ۽ پوءِ مان ٻڌندو رھيس.... تون ڳالھائيندي رھينءَ. وقت اڏامندو ويو. محبت وقت تـي فاتح آھي، وقت محبت تي فاتح آھـي، وارا ڍارا آھن- ان وقت محبت وقت تي فاتح ھئي. خبر نہ ٿي پئي تہ پل پھر ڪيئن اڏامندا تـي ويا. تون اونداھيءَ رات ۾ ھٿ بتيءَ سان ڪنھن ديو مالا جي حسين جادوگرياڻي ٿي لڳينءَ ۽ ڪجھہ وقت ڪان پـوءِ جڏھن مان پنھنجي ڪافي ”گھرا گھرا ڪارا نيڻ جـادو لائي ويـا جيءَ ۾“ چئي رھيو ھوس تہ اھو مينھو ڳيءَ جو منظر اکين اڳيان تي ڦريو.

ھينئر شام ٿي وئي آھي. برسات بيھجي وئي آھي. ھر چيز پرسڪوت آھي، ھر شيءِ اداس اداس آھي. مون چيھا پاليا آھن. سنڌن پر مينھن ۾ پيڄي ويا آھن ۽ ھو جھولڻي تي لٽڪي رھيا آھن. انھن ننڍڙين ننڍڙين جانين ۾ قربت ۽ محبت جـو گھرو احساس آھي، نہ ڪين ڪنھن ڪلي ڪوت ۾ کيل ڪوڏ جي پرواه آھي نہ پرواز جي حسرت! ھو ائين ڏسي رھيا آھن گويا پڃري جون لوھي شيخون انھن ۽ آسمان جي وچ ۾ حائل نہ آھن. اي ڪاش! تون مان بہ ٻہ پکيئڙا ھجون ھـا ۽ پنھنجو ننڍڙو پڃرو جوڙي ويھون ھا. اي منھنجي حسين روشني، توسان گڏ پابندي ھزار آزاديءَ ڪان بھتر آھي. ھاءِ، مون چڙواڳي چو ٿي چاھي! ھاءِ، مون تنھنجي زلفن جا زنجير پنھنجين ويڻين ۾ ڇو نہ ٿي ويڙھي ڇڏيا.

توکي ياد آھي اھا جنوريءَ جي رات!

ڪاليج جو مشاعرو ١١ بجي ختم ٿيو ھو. اندر ھال ۾ تہ شعر و شاعريءَ جي ڏن ۾ ھئاسين ۽ سرديءَ جو احساس ئي نہ ٿي ٿيو. ٻاھر نڪتاسين تہ ولھہ ٿي وسي. آسمان تي ستارا چمي ويا ھئا. لڳ لڳ ۾ ڦرڪڻي ھئي- تو ٽانگي جـي ڳولا ڪرائي، ٽانگو نہ مليو. سو تو مون کي چيو گھر تائين پيدل

چڏي آءُ! سيءُ بدن ۾ سيرون ڪندو ٿي ويو- مون گرم مفلر پنهنجي ڳلي مان لاهي تنهنجي ڳلي ۾ وجهي ڇڏيو. نهايت پياري رات هئي اها! چانڊوڪي ۽ خاموشي گويا پڻ جاڙيون ڀينر هيون جي مدت بعد ڳلي ملي سڪ لاهي رهيون هيون. سڀ راهگير گويا سايا هئا. انسان نه هئا، روح هئا جسم نه هئا. مونءَ ته هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي دنيا هئي، انسان ان دنيا جو مرڪز هو ۽ ساري ڪائنات ان جي چوڌاري چڪر ۾ هئي، پر ان وقت انسان ۽ ڪائنات ٻه مختلف چيزون نه هئا. انسان ڪائنات هو، ڪائنات انسان هئي. تون به چانڊني رات جي نظاري کان ڪافي متاثر ٿي هئينءَ. چوطرف سانت وسي رهي هئي- قدمن جي چاپ ڪنهن دور ديس جو آواز پئي معلوم ٿي. ان وقت مون چيو ته اي ڪاش! هيءَ راهه ڪڏهن به ختم نه ٿئي- هيءَ راهه ازل کي ابد سان ملائي، ۽ تون مون سان هلندي رهين ۽ چانڊني تنهنجي چهري کي چمندي رهي! رستي جي پرسان واهي هئي ۽ ان ۾ ڪنول جا گل ٻيٺا هئا- چانڊوڪيءَ ۾ ڪنول جا پتا نهايت پيارا ٿي لڳا. مون ڪڏهن ڪنول ٿي ڏٺا، ڪڏهن تنهنجا ڪومل ڳل! مون کي سنسڪرت جي شاعر ودياپتي جو شعر ياد آيو- اي پرين، تون ته چور آهين! تنهنجي رخسارن اها ملائمت ڪٿان آندي؟ ڪنول جو گل نوتي گواه آهي، تنهنجي چهري اها چمڪ ڪٿان آندي؟ چنڊ توتي دانهين آهي، سياري جي سرد رات پڪاريو ٿي ته تو اهي دراز زلف ڪٿان آندا آهن! مون تو ڏانهن وري ڏٺو. مون کي به خوف ٿيو ته تو منهنجو به ته ڪجهه چورايو نه آهي! مون غريب شاعر وٽ هيو ئي ڇا؟ مون سيني تي هٿ لائي ڳوليو. واهه مٺڙي! تو ته مون کي به نه ڇڏيو. جا شيءِ مون مدت کان سيني ۾ سانڍي رکي هئي سا تون ٺڳائي وئينءَ. تون فاتحانه انداز سان هلي رهي هئينءَ. مون فقير جو سارو سرمايو تنهنجي مٺ ۾ هو. پنهي کي يقين ٿي چڪو هو ته

اهڙين هڪٻئي سان محبت ٿيا ڪريون. جا ڳالهه زبان نه ٿي چئي سگهي، جو راز اکيون افشا نه ٿي ڪري سگهيون، سا ڳالهه ۽ سو راز چانڊوڻي رات چئي وئي. تو به سمجهيو، مان به سمجهيو. نه تو ڪجهه نه مان ڪجهه. مان تنهنجي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ دٻائي چپن تائين آندو. تنهنجا گورا گورا هٿڙا مون کي نهايت وڻندا هئا. گويا مرجان مان ٺهيل هئا. ڪير چائي ته انهن هٿن جي ليڪن ۾ ڇا لکيل آهي!

جنهن وقت تنهنجي گهر پهتاسين ته ڪافي دير ٿي چڪي هئي. تو آهستي در کڙڪايو. تنهنجي ماءُ ڪڙو کولي پڇيو ته "امان اڄ ته ڏاڍي دير ڪئي اٿـي!" مون تي نظر پيس ته ويتر گهٻرائجي وئي پر ڪڇيائين ڪجهه به نه. پوءِ تو کيس مشاعري متعلق ٻڌايو. مون موڪلايو ته تو چيو ته "سرديءَ مان آيا آهيون. ٿوري دير ويهه ته باهه سيڪيون. سگڙيءَ ۾ ڪوئلا ٻري رهيا هئا. ڪمري ۾ گاسليٽ جي لئمپ جي ڌيمي روشني هئي. بتيءَ تي ڪيترا ئي پتنگ ڪنيرائيون کوهي رهيا هئا. تو شرارت سان چيو "هڪڙيءَ روشنيءَ تي ايترا پتنگ!"

منهنجي روشني، تو کي ڪهڙي خبر ته توتي ڪيترا پتنگ مرندا! اگرن جي مچ مان چڻگون اڏاميون ۽ اونده جي سرد سيني ۾ پيهي ويون. تو باهه تي هٿ سيڪيندي ماءُ کي چانهه ٺاهڻ لاءِ چيو ۽ اوچتو مون کان پڇيو ته "بي. اي. پاس ڪرڻ کان پوءِ ڇا ڪندؤ؟" مون کي سوال نه وڻيو. ان وقت زندگي هڪ ڀر ۽ هتي هئي. تڏهن ۽ تتي جو ته خيال ئي گناه هو. ڳالهه لنوائڻ لاءِ مون جواب ڏنو، "جيڪا قسمت". "تڏهن توهان قسمت ۾ به اعتبار ڪندا آهيو!" تو چيو. مون ورائيو ته "نه، قسمت ته انسان پاڻ ٺاهي." منهنجو مطلب هو ته جڏهن وقت آيو تڏهن ڏنو ويندو. اڄ جڏهن مان هي خط لکي رهيو آهيان ۽ حياتيءَ جون لاهيون چاڙهيون ڏسي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڏيون ڪوسيون سهي چڪو آهيان تڏهن مون چڱيءَ طرح
محسوس ڪيو آهي ته قسمت آهي، ته انسان ڪٺ پتلي
آهي جنهن جي ڏوري ڪنهن ازلي بازيگر جي وس ۾ آهي جو
ساري عالم جي نظام کي نچائي رهيو آهي. ساري زندگي شطرنج
جي راند آهي جا ڪوئي اداس اجنبي کيڏي رهيو آهي. تون
۽ اسان مهرا آهيون.

خير، تون مطمئن هئينءَ ته منهنجو مستقبل چمڪندو،
ان ڪري منهنجي آئنده تعليم جي باري ۾ تو زياده سوال نه
ڪيا، ۽ وري اسان مشاعري جي ماحول ۽ ڪاليج جي زندگي
متعلق ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. ڳالهه تي ڳالهه نڪرندي، آئي، وقت
گذرندو ويو. نه پنهنجي وجود جو احساس نه آس پاس جي خبر!
گويا اسان به ٻه ڳالهيون هواسين، مٺڙيون ڳالهيون جي
وقت جي پرن تي اڏامنديون ٿي ويون. مون توکي سرڪائي
پنهنجي آغوش ۾ آندو، تنهنجا نرم ۽ گداز بازو منهنجي هٿن
۾ هئا، باهه جي تو تي تنهنجا رخسار گرم ٿي ويا هئا ۽ جڏهن
اهي منهنجي منهن سان لڳا تڏهن مون جا روحاني ڪيفيت ۽
گرمي محسوس ڪئي، سا ڪڏهن به وساري نه سگهندس. چڻ
تنهنجي رخسارن جي گرمي منهنجي نس نس کي محبت جو پيغام
ڏئي وئي. اگرن مان ٻه ڇپيون نڪري ملي ويون ۽ ٻنهي مان
هڪ وڏي ڇپي نچندي نڪتي. هاڻي جڏهن مان ماضيءَ جي
رک کوٽي رهيو آهيان تڏهن ان ڇپيءَ جو سهسايل سيڪ ياد
اچي رهيو آهي ۽ ساهه مان سيسرات پيا اپرن! هاءِ، هيءَ محبت
ڇا آهي؟

تنهنجو اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساهه جا ساڻين،

هن رات جي تنهائيءَ ۾ تون دور هوندي به ڪيترو نه قريب آهين! ڳويا منهنجي پهلوءَ ۾ ويٺي، هن خط کي تعجب مان ڏسي رهي آهين. هيءَ تنهنجي تصوير آهي! تو کي يقين نٿو اچي ته تون منهنجي مُوقلم کي ڏسي رهي آهين. مان اهو مصور آهيان جنهن زندگيءَ ۾ فقط هڪ ئي تصوير ڪڍي آهي ۽ مان اها مڪمل ڪندس. مان اها يقيناً مڪمل ڪندس.

منهنجو تصور ۽ منهنجي تصوير! خدا ۽ ان جي تخليق! جنهن وقت ڪٿيون ڪر موڙيندڙيون آهن ۽ پوڙين پهر جو ڪائنات ۾ روحاني راز وسندا آهن، منهنجو بي چين روح تنهنجي تلاش ڪندو آهي، اها تلاش ازل کان شروع ٿي آهي ابد تي ختم ٿيندي. شايد اها تلاش ڪڏهن به ختم نه ٿيندي، ڇو ته ان ۾ منهنجي وجود جو راز مضمر آهي، مان خود تنهنجي تلاش آهيان. تنهنجي تلاش نه رهندي ته مان نه رهندس. بهتر آهي ته تون دور آهين، تون قريب آئينءَ ته تون ئي تون رهندينءَ. مان ڪير، مان ڪٿي! هن وقت ڏکڻ جي هير لڳي رهي آهي،ڳويا ڪائنات تڏا ساهه پري رهي آهي. گذشته زندگيءَ جا دلفريب واقعا اکين اڳيان ترندا ٿا اچن. وقت منهنجي لاءِ بي معني لفظ آهي، وقت منهنجي لاءِ اهو بيٺل تلاءُ آهي جنهن جا ماضي ۽ مستقبل به ڪنارا آهن. انساني دل ڪشتي آهي، ڪڏهن هن پار ڪڏهن هُن پار! ماضي به حقيقت آهي. مستقبل به حقيقت آهي، فقط حال غيرحقيقي آهي، فريب آهي. جو ماضيءَ يا مستقبل ۾ رهيو سو زنده جاويد آهي، جو حال ۾ رهيو تنهن ڳويا خودڪشي ڪئي.

شاهه جو بيت: ”ڪنول پاڙون پاتار ۾ ڀنور پري آڪاس“ اسان جي محبت جي بهترين تفسير آهي. تون ڪنول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهين، تو ۾ نرمي ۽ نزاڪت آهي، حسن ۽ ملائمت آهي. ليڪن تنهنجي زندگي حقيقت پرستي آهي. تنهنجون پاڙون پاتار ۾ آهن. مان پنوَر آهيان. منهنجو خمير نغمي ۽ محبت مان ٺهيو آهي. تخيل پرستي منهنجي زندگي آهي. ڪنول سان پونري جي محبت ازلي آهي جيتوڻيڪ سندن فطرت هڪٻئي کان نرالي آهي. پونرو ڦرندو ۽ پرندو رهي ٿو، ڪنول مرڪندو رهي ٿو. انهن ۾ اها باهمي ڪشش ڇو آهي؟ انهن ۾ اها ازلي آشنائي ڪٿان آئي؟ منهنجا سائين، تون مون سان شڪايت ٿي ڪرين ته مان تو کي ڇو ڇڏي هليو ويس، ڪنول سان پونري جي ياري ڪيترو وقت هلندي آهي؟ اوهان ازدواجي زندگي چاهي، ان جو ساز و سامان چاهيو، اوهان چاهيو ته بهترين مڪان هجي، ڪار هجي، چڱي نوڪري يا بزنس هجي، اوهان کي خوشيءَ کان وڌيڪ خوشحاليءَ جو خيال هو. عاشقيءَ کان وڌيڪ آرام پيارو هو. پونر سمجهي ويو ته ڪنول جون پاڙون پاتار ۾ آهن، پونرو اڏامي ويو. هن جي زندگي ازلي نغمو آهي، آسماني سير آهي- هن جو زمين ۽ ان جي باشندن سان ڇا؟

تون دور رهي به منهنجي تخيل تي ڇانيل آهين! تنهنجو ماضي منهنجي فن سان وابسته آهي. تنهنجي اسان جي ازلي آشنائي آهي. تنهنجي اسان جي ڳالهڙي حسن و عشق جو ابدي داستان آهي.

تنهنجو اياز

منهنجي چانڊوڪي، منهنجي روشني،

ننڍي هوندي جا ساٿي به ڪهڙا نه پيارا ٿا ٿين! انهن جي صحبت ۾ گويا ماضيءَ کي نئين زندگي ٿي ملي وڃي- زندگيءَ ۾ ايتريون ته بي وفايون ۽ بي اعتنايون آهن، ايترا ته ڏک ڏاکڙا، ڪئن ڪشالا آهن، جو ماڻهوءَ لاءِ سنگت ئي فقط آٿت آهي. مان ته پاڻيان ٿو زندگي دوستيءَ جي سهاري تي ٽڪي!

رات ج- سان براج تي ويٺو هوس. ج —— اسان جو جهونو باهمي دوست آهي ۽ تازو ڪراچيءَ کان هتي آيو آهي. آسمان جي نيري وسعت ۾ چنڊ پنهنجون منزلون طي ڪندو ٿي ويو. ستارا کيس تڪيندا رهيا. ٻن ستارن پاڻ ۾ سرگوشي ڪئي ته هي تيز تيز ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي، هن جي منزل ڪٿي آهي! اي ڪاش، هي اسان سان ترسي ها، هيءَ آسمان جي بي انتها بي انت گهرائي! ۽ هيءَ اڪيلائي! ۽ هي احساس ته اها چانڊوڪي چارگهڙيون آهي! اي ڪاش، انهيءَ چنڊ کي اسان منائي سگهون ته هو اسان سان ترسي، هيءَ پياري پياري رات وري نه ايندي! ج- ب- چنڊ ڏانهن ڏسي شايد ساڳي ڳالهه سوچي رهيو هو ۽ هن تولاءِ پڇيو، ”تازو ڪوئي خط آيو اٿيئي“ ۽ يڪدم سندس ياد ماضيءَ جي ڪوهيڙي ۾ هٿوراڙيون هڻڻ لڳي.

مون سنڌوءَ ۾ نهاريو- چنڊ جو عڪس پاڻيءَ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو هو، ٽڪرو ڪنهن لهر جي جهولي ۾ هو، ٽڪرو ڪنهن جي. جيئن منهنجي ۽ منهنجي دوست جي من ۾ تنهنجي گذشته زندگيءَ جي ياد! مون کي ياد آيون اهي راتيون جڏهن اسان سمنڊ جي ڪناري تي گهمڻ هلندا هئاسون، تون آب هوا جي تبديل لاءِ ڪراچيءَ وئي هئينءَ ۽ اتي تو واپس اچڻ جو ارادو باوجود مخالفت بدلائي ڇڏيو هو. مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي جڏهن معلوم ٿيو ته تون اتي ڪاليج ۾ داخل ٿي آهين ته مون به تنهنجي وطن کي الوداع ڪئي. اڙي بانوري! ساريءَ دنيا ۾ منهنجي فقط تون ئي هم وطن آهين. جتي تون آهين، اتي منهنجو وطن. هينئر جڏهن تون دور آهين، مان پاڻ کي ديس ۾ پرديسي پيو سمجهان! ڪراچيءَ ۾ اسان شام جو تنهنجي گهر کان ڪياماڙيءَ واري رستي تي گهمندا هياسين. پهريون نيٺي جيٽي وٽ ترسندا هياسين. اتي هڪ پوڙهي مندر هو. شام جو ان جا گهنڊ ڪنهن ماورائي دنيا جي صدا معلوم ٿيندا هئا. گوتم ٻڌ جا حسين مجسما شام جي ڏنڌ ۾ عجيب روحاني اسرار جا ذخيرا لڳندا هئا. خود تنهنجي هستي هڪ حسين مجسمو لڳندي هئي- گويا ڪوئي روحاني راز پنهنجي حل جي جستجو ۾ عالم وجود ۾ آيو هو، گويا ڪوئي ازلي پکيئڙو ڪائنات جي ڪنهن مبهم ڪوني مان اڏري آيو هو ۽ زندگيءَ جي حسين قفس ۾ ڦاسي ويو هو. تون آشنا هوندي بيگاني لڳندي هئينءَ، نزديڪ هوندي دور هوندي هئينءَ. مون کي ان وقت نهايت تعجب ايندو هو ته تي تنهنجا خيالات ۽ اعمال بلڪل دنيوي انسانن جهڙا هوندا هئا. تون نهايت سمجهو هئينءَ.

مان اهو تضاد اڃان تائين سمجهي نه سگهيو آهيان. تنهنجو زندگيءَ جو نظريو بلڪل دنيوي آهي- تون هر چيز کي نفع نقصان جي تارازيءَ ۾ توريندي آهين، تنهنجا اعمال ڳڻ ڳوت ۽ سوچ سمجهه جو ثبوت ڏيندا آهن. ليڪن مون توکي جڏهن به فطرت جي نفيس جهولي ۾ ڏٺو آهي، تڏهن تون هڪ غيرمرئي چيز لڳندي آهين، گويا تون شام جي رنگين لطافت آهين، گويا لهرين جي حسين راڳي آهين، گويا سرد هوا جي پياري خنڪي آهين. توکي ياد آهي اها شام جڏهن ڪياماڙيءَ جي قريب اسان هڪ ننڍل ڪشتيءَ تي هلي ويٺا هئاسين. ڳالهين ڪندي مون محسوس ڪيو ته اها ڪشتي

پاڻيءَ ۾ لڙهندي ٽـي وئي، اڳتي اٿـاه پاڻي هو، چوڏهن، چـر، چٽيون چوليون- اڳتي، جتي ڪوئي پنهنجو پرائو نه هو، دنيا ۽ ان جا دک نه هئا، گذشته جو غم ۽ آئنده جو اونو نه هو، اڳتي جتي تون ۽ مان به انسان نــه هياسين، ڪشتيءَ جا ٻه سڙه هياسين ۽ زندگي روان دوان هئي، ڪنهن نامعلوم ساحل جي تلاش ۾.... اهو ساحل ڪٿي آهي، اهوساحل ڇا آهي، اهو ساحل اڃان تائين پيو مون کي اشارا ڪري، اڃان انهيءَ لاءِ منهنجي زندگيءَ جي ناو بيچين آهي. پر پياري، هينئر سڙه فقط هڪڙو آهــي ۽ ساحل دور، نهايت دور! اهڙيءَ طرح توسان راتيون گذري ويون. ڪيئي سال گذري ويا. اي ڪاش! مان چنڊ کي روڪي سگهان ها! اي ڪاش، هي چنڊ آسمان تان نه هٽي ها ۽ صبح نه ٿئي ها! اي ڪاش، هر چانڊوڪي رات، جا توسان گذري سا عمر دوام ٿــي وڃي ها! هــي چنڊ جو هينئر سڀڪجهه ڏسي رهيو آهي، سو چغلي هڻي رهيو آهي ته تون ڪراچيءَ ۾ ڪنهن ڇت تي محو خواب آهين. تو هن جهوني پرديسي دوست کي وساري ڇڏيو آهي، هن حسن پرست سودائيءَ کي جنهن کي تنهنجي محبت ڪنهن حسن مطلق جي تلاشيءَ ۾ ڀٽڪايو آهي.

اسان جي جهوني دوست تي هينئر غنودگي طاري آهي. دريا جي ٿڌي هير ڪيس پنهنجي آغوش ۾ لوليون ڏئي رهـي آهي. هي انسان مون کي نهايت پيارو آهي، ڇو ته هن توسان محبت ڪئي آهي. هيءُ منهنجي دل جو درد سمجهي سگهندو، هيءُ ئي سمجهي سگهندو منهنجي بيمنيءَ بيچيني، منهنجي بلاوجه بيقراري. هيءُ رقيب منهنجو قريب آهي ڇو ته هن کي تو لاءِ قرب آهي!

تنهنجو اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي منزل،

تو لکيو آهي تہ تون مغرب جي سير و سياحت لاءِ وڃي رهيو آهين. تنهنجي خط مان خود اعتمادي ۽ تنهنجو مستقبل جو درخشان تصور پيو بکي. تنهنجي زندگيءَ ۾ خوشي آهي يا نہ، ڪم از ڪم خوشحالي تہ بلڪل ظاهر آهي. هن دنيا ۾، هن فتح و شڪست جي بازيگاه ۾، تنهنجي جيت آهي. مان سوچيان ٿو تہ مون هارايو آهي يا جيتيو آهي؟ شايد منهنجي زندگي هار ۽ جيت کان بي‌نياز آهي! مان فقط تماشائي آهيان! آه! جهون‌جهون ڪيڏاري اڃان تائين نہ سمجهي سگهيا تہ هن دنيا جي هر فتح شڪست آهي، هر شڪست فتح آهي! مان ٿوريءَ عمر ۾ زندگيءَ جون ٿڌيون ڪوسيون، هيٺاهيون مٿاهيون ڏسي چڪو آهيان. منهنجو روح بلڪل مطمئن آهي. هي ڏک سک، عزت ذلت پاڇا آهن، اڏامندڙ پکين جا وهندڙ پاڻيءَ تي پاڇا، جن جي ڪائي حقيقت نہ آهي. آه، انسان ڪيتري نہ عزم ۽ استقلال سان ڪوشش ٿو ڪري تہ مون کي اهميت ملي، اهميت، اهميت، اهميت، آخر ڇا آهي؟ گويا شرير ٻار رنگين خوبصورت پوپٽن پٺيان ڊوڙي ڊوڙي، سهڪي سهڪي، کين پڪڙي سندن پر ڇني وجهي!او پرين! اوهين پوپٽ پڪڙيندا رهو، اوهان جي زندگي صدا بهار هجي، اسين هن چمن جي رنگ و بوکي ڏي بي‌حقيقت ٿا سمجهون. ايتري پيچ ڊوڙ، وٺ پڪڙ ڇا لاءِ؟

تنهنجون منهنجون راهون الڳ نڪتيون. تو منزل معين ڪئي ۽ ان جي تلاش ۾ نهايت دور نڪري وئين. منهنجي لاءِ، تلاش ئي منهنجي منزل ٿي وئي. مان پڇندو رهيو آهيان تہ منهنجي منزل ڪٿي آهي؟ شايد ڪائي منزل نہ آهي- دنيا جي هر چيز وانگر منزل جو تصور بہ هڪ فريب آهي. زندگي

لا انتها جستجو آهي، جستجو لا انتها زندگي آهي. ليڪن زندگي بہ فريب آهي، جستجو بہ فريب، لا انتها فريب! آه! مان هر فريب ڪان پڇندو رهيو آهيان تہ حقيقت ڇا آهي؟ اي ڪاش! تون مان هڪڙي جي منزل ٿيون ها، اي ڪاش بہ فريب ملي هڪ حقيقت ڏاهن ها! اي ڪاش، هيءَ چانڊوڪي رات ائين اڪيلي نہ گذري ها! تو پڇيو آهي تہ آخر مون کي ڇا کپي؟ چڪور کي چنڊ ڪان ڇا کپي؟ چڪور جو اڏرندو رهندو آهي، تڙندو رهندو آهي، پهچي نہ پهچندو آهي پنهنجي محبوب کي! چنڊ، جو نهايت دور هوندو آهي، نهايت ٿڌو هوندو آهي! تون هجين، تنهنجي چانڊوڪي هجي! مون کي تو ڪان ڪجهہ نہ کپي! مان هن گوشهٔ زمين جو گمنام شاعر آهيان، شايد گمنام جيئندس، گمنام مرندس! مون کي پنهنجي تڙپ، پنهنجي محبت بخشي ڇڏ. اهي کسي، تو کي ڇا هٿ ايندو. مون کي زندگيءَ ۽ موت جا حسين همسفر ملي پوندا!

منهنجي چانڊوڪي، منهنجي روشني،
شب بخير!
تنهنجو اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي پره، منهنجي روشني!

تو لاءِ تنهنجي دورافتاده دوست جا سلام. اج خلاف معمول توکي هيءُ خط صبح جي وقت لکي رهيو آهيان. رات جو پوين پهر توسان گذريو. عجيب خواب هيو. جڏهن اک کلي ته دل نه چاهيو ته تو سان تار ٽٽي وڃي. ان ڪري توکي صبح سويري هي خط لکي ويٺو آهيان. مون خواب ۾ ڏٺو ته منهنجي ڪلهن تي جي ٻه فرشتا ڏينهن رات هوندا آهن، سي سير لاءِ نڪري ويا. رستي تي تنهنجي ڪلهن وارا ٻه فرشتا انهن کي مليا. تنهنجن فرشتن منهنجن فرشتن کان پڇيو ته اوهان جو انسان ڪيئن آهي؟ منهنجن فرشتن ورائيو ته هو اوهان جي انسان لاءِ روئي رهيو آهي. پوءِ منهنجن فرشتن تنهنجن فرشتن کان پڇيو ته اوهان جو انسان ڪيئن آهي. جنهن تي انهن جواب ڏنو ته هو توهان جي انسان تي کلندو آهي. ان تي منهنجا فرشتا عبرت ۾ کلڻ لڳا ۽ تنهنجا فرشتا ندامت ۾ روئڻ لڳا. آهي نه عجيب خواب؟ پر سائين، الائي ڇو، منهنجي دل چئي رهي آهي ته گذريءَ رات اوهان به اهوئي خواب ڏٺو هوندو.

هن وقت پره جي ٿڌڙي هير لڳي رهي آهي ۽ دل ۾ تنهنجي تازي ياد شگفته ٿي رهي آهي. نه معلوم ڇو بار بار عمر خيام جو شعر پيو ياد اچي.

”پره جو پهر آهي
هيٺئر مان ۽ مئي ۽ مئفروش جي گهٽي
اي ساقي! هي صلاح جو وقت آهي؟
هن وقت حديثون ڇڏ، ۽ پيءُ ۽ پيئار“

اج واقعي وري دل ٿي آهي ته پره جو پيمان! پيئندو رهان، پيئندو رهان، جيستائين سج جي ڪشتي لالاڻ جي ليٽ ۾ ٻڏي وڃي ۽ شام ٿي وڃي! آه! هي دلوزين جام! هي آتشين

شراب، هيءَ اندر جي اسات! اڄ ايتري چڪ آهي هن چنال ۾!
جيتري تڏهن هئي جڏهن مون توکي هميشه لاءِ ڇڏيو هو.
پنهل ڪان پوءِ ... ....
پنهل ڪان پوءِ...... ڏينهس باهه ڀنڀور ڪي......

جڏهن تون وئينءَ ته مون چاهيو ته ساريءَ ڪائنات کي قلابازيون ڪارايان، ساري نظام- دهر کي الٽ پلٽ ڪريان، ساري جڳ ۾ ڀنڀوٽ ٻاريان، عرش و فرش کي ڇپن ۾ چرڪايان، ڏيان باهه ڀنڀور کي. آهسته آهسته وقت پنهنجو چار وڇائيندو ويو، اندر جا عتاب انهيءَ ۾ اٽڪندا ويا. پرڙا ڦڙڪائي ڦڙڪائي، ساڻا ٿي، سانت ۾ اچي ويا. وقت جو تيز رفتار ڪاروان گذرندو ويو. سندس قدم ماضيءَ جا نشان مليا ميٽ ڪندا ويا. ڀنڀور جلي ويو. شعلا وسامي ويا. پنهونءَ جا پيرا مٽجي ويا. سسئيءَ جا سڏڪا ڪنهن نه سڻيا. سنسان هوائن ۾ سيسرات گم ٿي ويا. منڙي، ماضيءَ کي ياد ڪري يقين ئي نه ٿو اچي ته هتان به ڪوئي ڪيچ جو قافلو گذريو هو- هزارن اميدن ۽ آرزوئن جو ڪاروان منزل انداز ٿيو هو. اڄ ته ڀنڀور ۾ فقط رک ئي رک ٿي اڏامي- سسئيءَ جي روح جي رک، پنهونءَ جي پيار جي رک. پنهل ڪان پوءِ.... ڀنڀور.... باهه.... رک ..

اڄ دل چاهي ٿي ته هي آلا آلا، هي شراب، گيتون ڪري پيئان، سرڪين مان سڪ نه ٿي لهي، جيئن منهنجو سينو سڙڻ لڳي، لڳن جي لهس ساهه کي سيڪ ڏئي، ۽ تنهنجو تصور به جري پجري رک ٿي وڃي- سرد سرد رک جنهن ۾ نه چڻنگ نه چوچڙي نه سيڪ نه ساڙو. تنهنجي نفي منهنجو اثبات، تنهنجي نيستي منهنجي هستي، تنهنجي وجود جي فنا منهنجي نجات آهي- پرينهن تون ڪنهن اجنبي ديس ڏانهن وڃي رهي آهين. نظرن ڪان به دور، دل ڪان به دور. وڃ، ڀلي وڃ، مان توکي وساري ڇڏيندس، پر الائي ڇو دل نه ٿي مڃي، دل چوي ٿي ته اجل جو بي پناه سيلاب به توکي مون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڇوڙي نہ سگھندو، لڙھندا لڙھندا ھڪٻئي کي ڇنبڙنداسين ۽
وڇي ڪائنات جي ھڪ ٻئي ڪپر تي ڪرنداسين.

تنھنجو
ازل جو آشنا، اياز

# جي تند برابر توريان

آبدار مغربي موسيقيءَ جو رڪارڊ وڄايو. راڳ جون ڇوليون ڇپوهه سان آيون، ۽ ڇر ۾ بدلجي ويون. جوڙيون فرش تي ترڪنديون، رقص ڪنديون، ائين ويون، ڳويا هنج پاڻيءَ تي لهوارا وڇي رهيا هئا. بجليءَ جي روشنيءَ ۾ زرق برق ساڙهيون چمڪي رهيون هيون، ۽ هن جي گلاس ۾ وسڪي، سوڊا، روشني، رقص ۽ موسيقي رلي ملي چمڪي رهيا هئا. هن چوٿون گلاس خالي ڪيو، ۽ سندس ڏيان جون لهرون ڪيس لوڙهينديون ويون - دور، دور ڪنهن اجنبي ساحل ڏانهن. هو شاعر هو، هميشه چاهيندو هو ته مان پيو ڪجهه هجان ۽ ٻئي ڪنهن هنڌ هجان. جڏهن جڏهن شراب پيئندو هو، تڏهن هن کي دور دور جون صدائون اينديون هيون؛ ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ناد وڄندا هئا؛ هن جا خيال ديوداسين وانگر رقص ڪندا هئا؛ ۽ هن جو من-مندر جهونين مورتين سان سجايو ويندو هو. هن جا دوست جهومندا نچندا هئا، پنهنجي پنهنجي جوڙي دار جا جسم جاچيندا هئا، انهن جي ڳلن کي نفاست سان ڏسندا هئا؛ ۽ ڪائي ازلي ڪشش سندن تن من ۾ چڻنگ دکائيندي هئي، جا ٻري ٻري آڳ ٽيندي هئي، ۽ پوءِ هر رقص ڪندڙ جوڙي ٻه ڇپيون ٿي ويندي هئي، ۽ هڪٻئي جي ڇر ۾ ڇرڪندي هئي. ليڪن هو خاموش، تنها، اداس ويٺو هوندو هو. زندگي آمرت تي جلترنگ وڄائيندي هئي، ۽ ٻهڪندڙ نظرون ۽ مهڪندڙ منهن ڏسي، هو پنهنجو نئون فلسفو دل ۾ دهرائيندو هو ته ’خوشي حسن آهي ۽ حسن خوشي آهي‘- پر پوءِ به سندس روح تي غم جو گهيرو رهندو هو: خوشي حملي تي حملو ڪري، شڪست کائي موٽندي

هئي، ۽ هو غم جي قلعي ۾ محصور، حسرت سان ڏسندو هو ته ڪيئن فوج در فوج، زندگيءَ جون مسرتون پنهنجي هٿنديون ٿيون وڃن. اڳيان ڪل ۽ خوشيءَ جو سمنڊ موجون ماريندو هو، ۽ هي ساحل وانگر خاموش ۽ ساڪت ان کي ڏسندو هو.

هو غم کان نجات پائڻ لاءِ شراب پيئندو هو، پر شراب کيس ويتر غمگين ڪندو هو. هن هڪ ڀيري لکيو هو ته "جڏهن خدا ڪائنات خلقي خوشي ۽ غم پيدا ڪيو، تڏهن پنهي کي چيائين ته پنهنجا پنهنجا دوست چونڊيو. هن جو اترو چوڻ، ۽ ساري مخلوق جو خوشيءَ سان سات ڏيڻ. هرڪوئي وڃي خوشيءَ جي پاسي ۾ بيٺو، ۽ ٻئي طرف غم ويچارو اڪيلو بيٺو رهيو. خدا فيصلو ڪيو ته غم جي قسمت ۾ تنهائي آهي. ۽ پوءِ جڏهن سيئي مخلوق ڏرڻ پکڙڻ لڳي، تڏهن چوريءَ چوريءَ شراب غم جي ويجهو آيو، ۽ سٽ پٽ ڪري چيائينس ته 'تون غم نه ڪر، مان ظاهري طرح ته خوشيءَ سان آهيان، پر دلي طرح توسان آهيان'." اج هن جي زندگيءَ ۾ شراب غم سان اهو قول نڀائي رهيو هو. هن پنجون گلاس پريو، ۽ گيت سان پي ويو. هاڻي هو سمنڊ کان هٽي، سپ جي سيني ۾ اچي رهيو هو. آسپاس ۽ اردگرد کان بي‌نياز، هو پنهنجي محويت جي عالم ۾ هو. هن جا گيت ۽ غزل ٽوليون ڪري ٿي آيا، ۽ رنگارنگ لباسن ۾ نچي رهيا هئا. مطلعا، مقطعن سان جهمريون وجهي رهيا هئا؛ بيت، واين سان هم آغوش ٿي جهومندا ٿي ويا ۽ اهي آخر هن جي جيءَ جي جهوريءَ ۾ تحليل ٿيندا ويا، ۽ انهن جي پٺيان هن کي ڪائي صورت نظر آئي — صورت، جا شراب جي چولين تي چمڪندي ٿي آئي. هوءَ ويجهو ايندي وئي.... ويجهو ايندي وئي.... ۽ آخر ان جا نيڻ شراب جي جام مان کيس گهورڻ لڳا. هن کيس سڃاتو. هوءَ "شمع" هئي — شمع، جا هاڻي وسامي چڪي هئي، شمع جا ڪيتري وقت لاءِ هن جي شاعريءَ کي روشن ڪندي رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشي جي ڇوليءَ هن کي ڪراچيءَ جي ساحل تي اُڇليو. ڇهه سال اڳ هو شمع سان گڏ 'هاڪس بي' تي ٽهلي رهيو هو. شام جو وقت هو. ڪوئي ازلي صراف سج جي سون کي ڳاري رهيو هو، ۽ ڳِگهريل سون سمنڊ ۾ ڇوليون هڻي رهيو هو. هن شمع جون ٻئي ڊگهيون چوٽيون پنهنجيءَ گردن ۾ وجهي، هن کي ڇڪي پنهنجي قريب آندو. سج ڪي پاڻيءَ ۾ پنهنجو پاڇو ايترو ته وڏيو، جو ان کي آغوش ۾ آڻڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ غوطو هڻيائين، ۽ پنهنجي پاڇي سميت ٻڏي ويو. هن محسوس ڪيو ته شمع هن جو حسين پاڇو هئي؛ ۽ هن پنهنجيءَ فطرت جو عڪس شمع ۾ ڏٺو. جڏهن به هو پنهنجو شعر پڙهندو هو ته شمع ايترو ته محويت ۾ اچي ويندي هئي، جو هو محسوس ڪندو هو ته، هنن ٻنهي جو ڪوئي وجود نه هو: هو ٻئي غير حقيقي هئا، فقط شعر ئي حقيقي هو — شعر، جو شمع جي حسن ۽ هن جي عشق سان جڙيو هو — شعر جنهن ۾ ڪائي ازل جي ڇپي آهي، جا زندگيءَ جي هر ڏک سک کي جلائي رک ڪري ڇڏي ٿي، ۽ پوءِ ڇرڪندي، جرڪندي، ڪنهن جوالا ۾ بدلجي وڃي ٿي. هن شمع کي زياده قريب آڻي، هن جي اکين کي چميو. ٻه سهڻا سرد ڪنول ڪنهن سُرور ۾ ٻوٽجي ويا.

"آبدار!" هن خالي گلاس سنگمرمر جي ڪائونٽر تي سرڪائيندي چيو، "هڪ پورو." ۽ جيستائين آبدار وسڪيءَ سان سوڊا ملائي، تيستائين هو وري ڏيان جي لهرن ۾ لڙهندو ويو: هو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو ۽ 'ادب براي زندگي' ۽ 'زندگي براي ادب' تي ڪجهه لکي رهيو هو. در مان گهميل پني هوا هن جي وارن کي ڪنبڻيري رهي هئي ۽ هو انهن کي هٿ سان سنواري رهيو هو، ته ڪنهن پنيان اچي هن جي هٿ تي هٿ رکيو، ۽ پوءِ هٿ سرڪائي هن جي اکين تي رکيائين. هن ڇرڪ ڀري پڇيو، "ڪير آهي؟" پنيان مٺڙو آواز آيو، "شاعري!" هن جواب ڏنو ته "شاعريءَ کي

ڏسڻ لاءِ واقعي هي اکيون ضروري نه آهن. مون شاعريءَ کي بنا ڏسڻ جي ڏسي ورتو.“ پوءِ هن هٿ کي جهٽڪو ڏنو ته، شمع اچي آغوش ۾ پئي.

’ڪمبري‘ رقص جي ڌن ڪجهه تيز ٿي وئي، ۽ هن جي خيالات جو سلسلو ٽٽي ويو. هن اکيون چنبي ڏنو ته، ريڊيوگرام وٽ هڪ انگريز ڇوڪري رڪارڊ ڏسي رهي هئي، ۽ هن کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي، ڪجهه چرڪي وئي. هن مرڪي گلاس هٿ ۾ کنيو، ۽ باقي بچيل وسڪيءَ کي ڏسڻ لڳو. گويا چئي رهيو هو ته ”چري، تون چرڪين ڇو ٿي؟ جو انگريز، ”ايليٽ“ (T.S. Eliot) جي شاعري نٿو سمجهي سگهي، سو مون لاءِ ڪائي معني نٿو رکي.“ پرسان هڪ ديسي پوليس آفيسر انگريزي ڳالهائي رهيو هو، ۽ پنهنجي صحيح تلفظ جي احساس سبب فخر سان ڏسي رهيو هو. هن مرڪيو—گويا چئي رهيو هو ته ”ڪمبخت، تو شاهه لطيف نه پڙهيو آهي، تون به، مون لاءِ ڪائي معني نٿو رکين!“ هن پوءِ گلاس مان ڍُڪ پيري ان ۾ آب حيات کي ڏٺو ۽ ان کي اکين سان چيائين، ”هرڪنهن کي تو کي پيئڻ جو حق نه آهي. معلوم نه آهي ته توکي ڪڏهن هنن جانورن مان نجات ملندي!“ ۽ پوءِ ڪيٽ ڏيئي گلاس خالي ڪري ڇڏيائين. وري ڇوليون آيون ۽ پنهنجي چوڌاري ۾ هن کي ڪٽي ويون: هن ڏٺو ته ”شمع“ پنهنجي گهر جي بالڪنيءَ ۾ ويٺي هئي، ۽ هن جي نظم جي ڪتاب جي ٻي ڪاپي ڪري رهي هئي. هن کي ڏسي ”شمع“ ڪتاب بند ڪيو. ”شمع“ جي چهري تي ڪجهه اداسائي ڇانيل هئي—گويا هوءَ پهرئين پهر ۾ پندرهينءَ جي چنڊ وانگر ٿي لڳي. هن سندس وار ڪنڊيري، پنهنجو منهن هن جي منهن جي قريب آڻي چيو، ”منڙي، اڄ اداس ڇو آهين؟“

”سائين“، شمع ورائيو، ”زندگي امتحان وٺي رهي آهي. منهنجي پيءُ اڄ زور رکيو آهي ته، مان ’ارشد‘ سان شادي

ڪريان. ڇوته تو ته ارشد کي ڪپڙي جي مل آهي، ڪلفٽن تي بنگلو آهي، ڪئڊلڪ ڪار آهي ۽ ڪافي بئنڪ بئلنس آهي. هن کي خبر نه آهي ته مان تنهنجي آهيان - تنهنجي آهيان، ڇو ته تون شاعر آهين، تنهنجي ڦاٽل جهوليءَ ۾ ڪائنات جي دولت آهي." اهين چئي، شمع پنهنجو منهن هن جي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ سرگوشيءَ جي انداز ۾ چيائين، "سائين، مان تنهنجي آهيان!"

هو خاموش هو، ليڪن هن جي دل چئي رهي هئي ته "هائو، تون منهنجي آهين، ۽ هي ساريءَ ڪائنات جو حسن منهنجو آهي؛ ۽ جيستائين مون کي تنهنجي محبت حاصل آهي، تيستائين مان ان حسن کي زياده حسين ڪندو رهندس - ۽ اهو سڀ تنهنجي طفيل ٿيندو."

هاڻي چواليهون ڇيهين ۾ بدلجنديون ٿي ويون، ۽ هو ڪنهن آڳ جي سنڌ ۾ هو. اوچتو سندس اکين اڳيان "شمع" جي مرڻينگ صورت آئي. "شمع"، پويان پڙڪا ڏئي رهي هئي. ڪيس نمونيا ٿي پئي هئي، ۽ هوءَ شايد بخار ۾ پاسا ورائي رهي هئي. هو زندگيءَ ۽ موت جي لڪ ڇپ ڏسي رهيو هو. آخر شمع وسامي وئي. ڪوئي پکيئڙو پنهنجي آکيري مان اڏاڻو، ۽ هن جي آکيري جي قريب آيو ۽ پر ڦڙڪائڻ لڳو - گويا هو پرن جو آواز ٻڌي رهيو هو. هن چپن ۾ چيو، "پکيئڙا، تون پرڏيهي آهين. منهنجو آکيرو تولاءِ نه آهي؛ مان به ڪڏهن هي آکيرو ڇڏيندس، تنهنجي پٺيان ايندس - ازل جا آشيانا ڳولي ڳولي، تو کي هٿ ڪندس. هن وقت تون مون کان دور وڃي رهيو آهين.... نهايت دور! منهنجو پرواز به تو تائين پهچي نه سگهندو؛ شايد منهنجو راڳ تو تائين پهچي سگهي! مان ڳائيندس .... مان ڳائيندس!.... منهنجو راڳ تو تائين ضرور پهچندو!"

هن جي دل ۾ شايد خواهش پيدا ٿي ته هو شمع جي چپن کي چمي؛ پر آسپاس هن جا رشتيدار ڏسي، مشڪل سان ان خواهش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي قابو پائنائين.

آگ جي ڇڀي هـن جي نس نس کي چرڪائڻ لڳي، ۽ هن ڪوٽ جي کيسي مان ڪجهه نوٽ ڪڍي شراب جو بل ادا ڪيو، ۽ تيز ڪائيندو بار مان ٻاهر نڪتو. هن جي هانوَ تي نشو ڪجهه مونجهه ڪري رهيو هو. هو بار جي ٻاهرئين در سان ٽيڪ ڏئي، ڪجهه وقت بيهي رهيو. ڪڏهن ڪڏهن هن جون اکيون کليون ٿي، ۽ سامهون رستي تـي بتين مان ايندڙ ڪرڻا هن جي نظرن سان نيزن وانگر ٿي اٽڪيا. هـن در جي ٿڌي لوهه تي هٿ ڦيريو، ۽ گهڙيءَ پل لاءِ ان جي وڻندڙ خنڪيءَ ۾ محو ٿي ويو. جهٽ ڪان پوءِ هن جون اکيون ٻوٽجي ويون، ۽ وري هن جو سارو تن بدن چڪيا ٻڌجي ويو، جنهن ۾ شراب آلا ڏوڏا جلائي رهيو هو. اوچتو هن کي اندران ڪائي آجهل آچل آئي، ۽ هـو مدهوشيءَ ۾ در سان گسندو زمين تي ويهي رهيو. هن کيسي مان سگريٽ ڪڍي دکايو، ۽ سوچيو ته ’ڇا ماضي سگريٽ جـي رک وانگر آهي، جو ختم ٿيڻ کان پوءِ زندگيءَ مان ڇنڊجي ٿو وڃي؟‘ ’ائين نـه آهي‘، هن سوچيو، ’ماضي، حال ۽ مستقبل - ٽيئي زندگيءَ جي تاڃي پيٽي ۾ ڳتيل آهـن: بـاقي ائين ضرور آهي تـه زندگي کهري سَٽ جو تاڃي پيٽو آهي، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي ماضيءَ جي پـَٽ جون تارون آهن‘. ڏيان جون لهرون وري هن کي پنهنجي آغوش ۾ ڇڪي ويون. هو وري پاتار ۾ پيهي موتي ميڙڻ لڳو.

هو ڊرگ روڊ جـي هوائي اڏي تـي پنهنجي دوست ”شيام“ کي ڇڏڻ ويو هو. ڪراچيءَ ۾ فرقيوارانه فسادن کان پوءِ سنڌي هندو پارت لڏي وڃي رهيا هئا: ۽ شيام، هن جي ننڍپڻ جو دوست ۽ شاعر، جنهن سنڌ جـي عظمت جا گيت ڳايا هئا، جنهن جـي لونءِ لونءِ ۾ سنڌڙيءَ لاءِ سڪ هئي، سو هميشه لاءِ وطن کي وداع ڪري رهيو هو. ڏينهن جو ٻارهين بجي هـو ريل ۾ ڊرگ روڊ پهتو: ۽ جڏهـن هوائي اڏي تـي

آيو، تڏهن شيام اڳيئي آئي هو، ۽ هن سان گڏ هن جي پيءُ ”شيلا“ ۽ هڪ گهرين ڪارين اکين واري ڇوڪري هئي.
شيام ان ڇوڪريءَ جو تعارف ڪرائيندي چيو، ”هيءَ آهي ’غزاله‘، شيلا جي ساهيڙي؛ هن کي ڇڏڻ آئي آهي.“ هن هرڻيءَ جي نيڻن ۾ گهوريو، جن ۾ رچ پنيان رڃ هئي. اکين جي اُڃ، اکين جي رُڃ جو پيچو ڪيو، ۽ ٻئي روح جي بي‌انتها وسعتن ۾ گم ٿي ويون. شيام هن ڏانهن آڪير مان ڏسي چيو، ”ادا، اسين وري ڪڏهن ملنداسين؟ اسان ته سمجهيو هو ته اسين تاريخ ڏاهي رهيا هئاسون؛ اسان کي اها خبر ته نه هئي ته تاريخ سورڳو اسان کي ڏاهي وجهندي!“ شيام جون اکيون ڪجهه ڪجهه پرجي آيون ۽ پريل آواز سان هن چيو، ”ادا، مون کي ياد ڪندين نه؟“
”شيام“، هن چيو، ”توکي خبر آهي ته شاعر ۽ اديب ڪان سواءِ مان ٻئي ڪنهن جي دوستيءَ جو قائل نه آهيان- ۽ تون ڏي پڌاهه ته سنڌ ۾ واقعي شاعر ۽ اديب آهيون گهڻا؟ توکي به ياد نه ڪندس ته باقي ڪنهن کي ڪندس!“
”جي شيام اهڙو چڱو شاعر ۽ اديب نه هجي ها، ته اوهين شايد ڪيس وساري ڇڏيو ها!“ غزاله مرڪندي چيو.
”شايد!“ هن جي چپن غزاله جي چپن تان مُرڪ جهٽيندي چيو.
ٿوري وقت ڪان پوءِ شيام ۽ شيلا وڃي هوائي جهاز ۾ ويٺا، ۽ هو ۽ غزاله کين حسرت ۽ محبت سان ڏسندا رهيا.
”شيلا ڪان سواءِ مون لاءِ سنڌ ڪاڏي معنيٰ نٿي رکي.“
غزاله چيو.
”واقعي، شيام جي متعلق منهنجو به اهوئي خيال آهي،“ هن غزاله کي غور سان ڏسندي جواب ڏنو. غزاله اڻويهن ورهين جي هئي. هن جي گندمي چهري تي صباحت ۽ معصوميت ٿي ٻکي، ۽ ان ۾ هن جون وڏيون اکيون ائين ٿي لڳيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گويا ڪنھن مندر ۾ ڏياٽيون ٻري رھيون ھجن، ۽ انھن جي پرسان ھن جون ڇپون اگربتين جي دونھين وانگر وڪڙ ڪائي رھيون ھجن.

”اوھين ڇا تي ويندؤ؟“ غزالہ پڇيو.

”بس تي.“

”مون وٽ ڪار آھي، جي گڏجي ھلو تہ بھتر- ڳالھائيندا ھلندا سين.“

”چڱو.“

غزالہ پاڻ ڪار ھلائڻ لڳي ۽ ھي اڳين ۽ سيٽ تي ھن جي پرسان ويھي رھيو. ملير وٽ پھتا تہ آسمان تي گھاٽو جھڙ ڇانئجي رھيو ھو ۽ اٿين پاسي لڳو تہ چانڊ اُتو. ٻہ-ٻھري ڪنھن ڳيرو مھاڙيءَ وانگر جھڙڪي جھاڳي رھي ھئي، ۽ ننڍڙيون ڪڪريون چوڌاري ڇارين ۽ ڪارين وانگر پکڙيل ھيون. اوچتو ڪجھہ گيڙو رنگ ڪڪر آسمان ۾ اٿين ڏوڪيندا آيا، ڄڻ ڪنھن جوڳيءَ جي من جا اُمنگ ھئا. ڪار رستي تان ڪڪرن جو تعاقب ڪندي ٿي ويئي. ھن غزالہ ڏانھن ڏٺو، جنھن جو منھن گھڻو سبب زيادہ ملائم ٿي ويو ھو، ۽ پوءِ ھو پنھنجي جھوني ڪافي ڳائڻ لڳو:

نيڻھن آيو مينھن وانگر ھاءِ ھاءِ،
پيو ٿڙي دل جو گلستان، اي اديون!
ڇا چوان آ ڪير مھمان، اي اديون!

ھن جون اکيون کلي ويون ۽ ڏٺائين تہ ھو بار جي در سان ٽيڪ ڏيو ويٺو ھو. ھو ساڳيو راڳ ڳائڻ لڳو:

”آ اڱڻ ۾ چنڊ مون سان، اي اديون!“

ھن ٿورو ساھہ پري سوچيو تہ ’اڄ اھو اڱڻ ۽ اھو چنڊ مون کان ڪيترو نہ دور آھي! ھن وقت ڪھڙو ثبوت آھي تہ ڪنھن وقت اھو چنڊ منھنجيءَ جھوليءَ ۾ ھو. واقعي ھر حقيقت بي حقيقت آھي!‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشو هن جي هانوَ جي هندوري کي لوڏڻ لڳو ۽ هو ڏاڍيان ڳائڻ لڳو:

”آ اڱڻ ۾ چنڊ مون سان،
آ اڱڻ ۾ چنڊ مون سان، اي اديون!“

هن جون اکيون وري کيپ ۾ پوتجي ويون. هير جو جهونڪو آيو، ۽ هن کي هنج ۾ کڻي اُڏائو: هو غزاله جي گهر جي ايوان ۾ ٽهلي رهيو هو. غزاله جو پيءُ انجنيئر هو. کين پنهنجو ڪشادو بنگلو هو، جنهن جي اڱڻ ۾ باغيچو هو، جتي هو ۽ غزاله گهڻو ڪري شام جو ٽهلندا هئا، ۽ ادب، سياست ۽ ٻين موضوعن تي بحث ڪندا هئا. هن جي ڪنن ۾ ناريل ۽ ٻيٽي جي سرسر آئي، جا غزاله جي ايوان ۾ پڌبي هئي.

”شاهه کان پوءِ سنڌ ۾ صحيح معنيٰ ۾ ڪوئي شاعر نه ٿيو آهي،“ غزاله بحث ڪندي چيو، ”ٻين سڀني روايتي پيرائي ۾ شاعري ڪئي آهي، ۽ شاهه جا لفظ، ترڪيبون، محاورا، تشبيهون، تلميحون، وغيره دهرايون آهن. انهن ۾ ڪائي تخيل جي ندرت ۽ انفراديت ڪانه آهي.“

”ائين ته نه آهي،“ هن چيو، ”’بيڪس‘ جي ڪائي به سٽ کڻ، ڏس ته ان ۾ بيان جي انفراديت آهي يا نه.“

”مثال طور؟“

”مثال طور؟ مثال طور: ’ساجن سائين، سير ڪرڻ لاءِ آيو ٿيءِ انسان‘!“ هن غزاله ڏانهن شرارت سان ڏسندي، ”بيڪس“ جي سٽ پڙهي.

غزاله حاضرجوابيءَ جي شوق ۾ اچي وئي ۽ چيائين ته ”سير ڪرڻ لاءِ چئو، شعر چوڻ لاءِ چو نه؟“ — پر پوءِ پنهنجي جواب تي پاڻ ئي شرمندي ٿي وئي.

مٿيون منظر اوندهه جي پردي ۾ لپيٽجي ويو، ۽ ڏيري ڏيري هن جي روح تي روشني پوڻ لڳي. هن پاڻ کي غزاله سان منهوڙي تي ڏٺو. هو ٻئي چولين کي چاتي ڏئي، سمنڊ ۾

اڳتي وڌندا ٿــي ويا. ڪڏهن ڪڏهن ڇولي زياده ڇوهه سان ٽي اڏي ته پنهي جا هٿ جدا ٿي ٿي ويا، ۽ پاڻيءَ مان اچانڪ ڏڏي غزاله ٿهڪ ٽي ڏنا. اهي ٿهڪ ڇولين جي گجيءَ ۽ گاج سان ملي هڪ پرشور ڪائنات بڻجي ٽي ويا. هن کي ڪيتريءَ مدت کان پوءِ سچيءَ خوشيءَ جو احساس ٿيو هو — خوشي، جا هن جي پنل منهن تي ٽڙي رهي هئي، ۽ جنهن کي هن جون نظرون نهايت نفاست سان غزاله جــي ڳلن تــي ڇــهي رهيون هيون.

”اچ ته ’بريڪ-واٽر‘ تي هلون“. غزاله چيو.

”هل.“

ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏڏي پاڻيءَ مان نڪتا ۽ ساحل تــي ٻوڙڻ لڳا. بريڪ-واٽر ڏانهن ٻــه رستا ٽي ويا — هڪ پڪي رستي تان ۽ ٻيو سمنڊ جي ڪناري تان، پهاڙيءَ وٽان. پڪي رستي تان ڪيترائي ماڻهو ٽي ويا، سو هنن تنهائيءَ لاءِ پهاڙيءَ وارو رستو ورتو. ٿورو اڳتي ويا ته رستو ڪجهه خطرناڪ نظر آيو. پهاڙيءَ تي پيچرو ڇولين سبب آلو هو، ۽ ان جي هيٺان سمنڊ جون دهشتخيز ڇوليون هيون؛ ليڪن هي ٻئي پنهنجيءَ ڌن ۾ وڌندا رهيا. جڏهن هڪ اوچيءَ جڳهه تي آيا، ته اوچتو غزاله جو پير ترڪيو؛ پر هن سان هٿ هٿ ۾ هوس، سو هن ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو، ۽ هوءَ هن جي ٻانهن ۾ هلي آئي. موت کان اوچتو بچي وڃڻ بعد، هراس جــي احساس ۽ هڪ دوست جي پنل جسم جي ڇُهاءَ-رس، غزاله کي گهڙي پل لاءِ ساڪت ۽ خاموش ڪري ڇڏيو. سامهون اٿاهه ۽ بي انت نيرو پاڻي هو، ۽ هي ٻه تنها انسان — هڪٻئي کي ڇنبڙي ان کي ڏسي رهيا هئا؛ هنن جا نيڻ نيراڻ تي ڪپي ويا هئا.

”غزاله —“ هن سرگوشيءَ سان چيو.

”پرين —“ غزاله سُنهن هن جي ڇاتيءَ ۾ ڇپائيندي چيو، ٻه ساں خواب و خيال وانگر گذري ويا. هڪ ڏينهن هو

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

غزالہ جي ڊرائينگ روم ۾ ويٺو هو. هن تازو ايل.ايل.بي. پاس ڪئي هئي؛ غزالہ ايم.اي. پاس ڪئي هئي ۽ ڪاليج ۾ سياسيات جي ليڪچرر مقرر ٿي هئي. ڳالهہ تي ڳالهہ نڪتي ۽ هو پنهنجي مستقبل تي سوچڻ لڳا.

”اوهان وڪالت ڪڏهن تا شروع ڪريو؟“ غزالہ پڇيو.

”وڪالت ڪرڻ جو تہ ڪوئي خيال نہ آهي: ايل. ايل.بي. تہ مون فقط قانون جي مطالعي لاءِ ڪئي هئي“.

غزالہ جي منهن تي غيرمعمولي سنجيدگي اچي وئي- جنهن مان ائين ٿي لڳو تہ هن ڪجهہ چوڻ چاهيو ٿي، پر چئي نٿي سگهي. هو سندس خيال ڀانپي ويو، ۽ چيائين: ”غزالہ توکي خبر آهي تہ شعر ۽ ادب منهنجي زندگي آهي. مان ان کي معاش جو ذريعو بڻائڻ چاهيان ٿو. ائين برابر آهي تہ ان ڪري شايد فاقہ ڪشيءَ تائين نوبت پهچي. پر مون توکي ڪيئي دفعا چيو آهي تہ جي شاعريءَ ۾ دولت نہ آهي تہ دولت ۾ بہ شاعري نہ آهي.“ غزالہ بلڪل سُن ۾ اچي وئي، ليڪن هن جون اکيون هن جي اندروني آنڌ مانڌ جون گواهہ هيون. هوءَ ڪنڌ جهڪائي پير سان زمين کوٽڻ لڳي.

”شايد اوهان فقط پنهنجي لاءِ ٿا سوچيو“، هن چيو ۽ ڪمري مان ڊوڙندي نڪري وئي.

هاڻي هن جو نشو ڪجهہ گهٽجي رهيو هو. هن اکيون چنيءَ تڏي آڪاس ڏانهن ڏٺو. سامهون هڪ ستاري اک ڇنڀي- گويا هن کي چيڙائي رهيو هو. هن سگريٽ دکايو.... ۽ کيس غزالہ سان آخري ملاقات ياد آئي.

هو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو، ۽ ڪوئي نظم لکي رهيو هو. اوچتو در کولي غزالہ ڪمري ۾ مرڪندي اندر آئي، ۽ اچي هن جي مٿان بيٺي. هو نظم جي آخري سٽ لکي رهيو هو تہ غزالہ هن جي هٿ مان ڪاغذ کسيو ۽ چوڻ لڳي، ”’زندگي براي ادب‘- ’هر خوشي براي ادب!‘ آخر

اسان ٻه ڪنهن ڪاڻ ۾ آهيون يا نه؟“ هن ڪاغذ ٻنهي هٿن ۾ جهليو ۽ چوڻ لڳي: ”مان هن ڪي ڦاڙيان ٿـي. جـي مان توکي شاعريءَ کان زياده پياري آهيان ته، توکي شاعري ڇڏڻي پوندي! تـو ۾ بيحد صلاحيتون آهـن ۽ تون هڪ ڪامياب وڪيل ٿيندين.“ ائين چئي غزاله نظم وارو ڪاغذ ڦاڙي ڇڏيو، ۽ مرڪي هن ڏانهن نهارڻ لڳي. هن جي چپن غزاله جي مرڪ نه ورائي.

”غزاله تون پڳلي آهين،“ هن غزاله جي اکين ۾ گهوريندي چيو، ”تو غلط سوچيو ته مان توکي ڇونديندس!“

ان کي ٻه سال ٿي ويا. اڄ هو ساڳيو بيمت گهائي رهيو هو، جو غزاله جي وڃڻ بعد هن جهونگاريو هو:

سـوَ سـرن پاڻي، جـي تند برابر توريان،
ته آڌل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن پيجل پرائي!

”جـي تند برابر توريان....،“ هن چپن ۾ جهونگاريو، ”جـي تند برابر توريان....“. هـو اٿيو ۽ تيز ڪاڏيندو ڌانڳي جي تلاش ڪرڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چار ايڪڙ ٻڌي

رات جو ٻيون پهر هو. ڪڪڙن دس تي هنيا. آپ تي ڦڪي چانڊوڪي اڱڻ تي لڳي جڻ خدا زمين تي نهاري مرڪي رهيو آهي. ساري ڪائنات تي خاموشي وسي رهي هئي. انسان ۽ ان جا هل هنگاما سانت جي گود ۾ ستا پيا هئا. قرآن ۾ انسان کي اشرف به چيو ويو آهي ته ظالم ۽ جاهل به. شايد رات جي وقت انسان اشرف آهي ۽ ڏينهن جي وقت ظالم ۽ جاهل. ڏينهن جي وقت هن جا جهيڙا ۽ جهڳڙا، ساڙ وير، غم غصو ۽ چڪتاڻ ڏسي ته هن جي فطرت کان نفرت اچي ويندي. پر رات جي وقت جڏهن هو ننڊ ۾ الوٽ هوندو آهي ۽ چانڊوڪي سندس منهن کي چمندي آهي تڏهن هن تي پيار اچي ويندو آهي ته. هي اهو آهي جنهن جي محنت خدا جي اڻ گهڙيل دنيا کي گهڙيو ۽ ٺاهيو آهي، جنهن هوا، باهه، ۽ پاڻيءَ کي مٺ ۾ آندو آهي ۽ هاڻي هڏ هئي، ڪنبڙائيون ڪوهي، سانت جي گود ۾ ستو پيو آهي. جنهن قدرت سان هو ڏينهن جو وڙهندو آهي، سا ڪيس لوليون ڏئي رهي آهي.

جنهن رات جي هيءَ ڳالهه آهي، اها به اهڙي مٺڙي پياري رات هئي. شاهوءَ ننڊ ۾ پاسا تي بدلايا. سندس منهن تي معصوميت وسي رهي هئي. سفيد ريش، نوراني پڻل چهرو. اوچتو ڪتي جي ٻونڪ تي هو ڇرڪ ماري اٿيو. سندس رڳ رڳ ۾ آرس ڪر موڙڻ لڳو. ڏکڻ جي هير ۾ سندس اکيون ٻوٽيون تي ويون. پر اڄ رات آوندا پيچڙا هئا. سندس ۽ سندس وڏيري جي عزت جو سوال هيو. هن پنهنجي پٽن رمون ۽ جانوءَ کي ڏونڌاڙي اٺاريو جي سندس پرسان ڪٺولن تي ستل هئا. اکيون مهٽيندي رمونءَ پنهنجي سيراندي‌ءَ کان لوڙهه

ڪيڏي ۽ جانوءِ کهاڙي ۾ هٿ وڌو. ٽيئي موريءَ جو ٻنو ڏيئي هليا ۽ چوڏاري ڦري موٽي آيا.

”اڇي پرِه ٿـي آهي.“ رمونءَ اکيون مهٽيندي چيو. ٽڏي هير کين ننڊ جي جهوليءَ ۾ چڪي رهي هئي. ٽيئي ٻه چار جهوٽا ڪائي ليٽي پيا. شاهو پريو مڙس هو. رمون ڪرڙوڻ ۽ جانو ڳيرو. شاهو سوچي رهيو هو، ڪري خدا خير باقي اڄ اٺ ضرور لڳندي. هن اڳ ٻه گهٽائي جهيڙا ڪيا هئا. متا ڦاڙيا ۽ ڦاڙايا هئا. اڃا سندس کهاڙيءَ تان رت ٻه نه سڪي هئي. اها ٻه رات هئي جڏهن هو شانيءَ سان روح ريجهائي رهيو هو. شاني جنهن جـو بدن ڪنهن سنگتراش ٺاهيو هو. جنهن جي ڇاتيءَ تي ٻه اسا گـول پهڻ هئا. شاني، جنهن جون چميون اکيون اڃا ٻه ڪيس گهوري رهيون هيون. جنهن جا ماسيرا ڳل ياد ڪري اڃا ٻه سندس روح ۾ گلاب ٽڙي رهيا هئا. جنهن جا ٻولائتا انگ اڄ ٻه سندس اکين اڳيان ڦري رهيا هئا. اي محبت تون سدا جوان آهين. تـون هميشه زنده آهين. شاني اڃا زنده هئي توڙي کيس ڪاري ڪري ماريو ويو هو. شاهوءَ کي ياد آيو ته ڪيئن شاني سندس ڇاتيءَ سان ڪرڙي وانگر چهٽي پئي هئي ته ڪوئي ٽان ٻه جوان لٿا، هڪڙي کهاڙيءَ سان شانيءَ جي سري لاهي ڇڏي ۽ ٻئي هن تي وار ڪيو پر هي ٻانهن ڏئي ڌڪ بچائي اٿيو مس ته ٻئي ڪوڙو ٽپي ڀڄي ويا.

هاءِ ڙي سنڌڙي. تو ۾ ڪيترا معصوم گنهگار ماريا ويا آهن، ڪيترا اڀوجهه ڏوهي ڪٺا ويـا آهـن! ان وقت شاهوءَ شاني ڏانهن ڏٺو هو تـه سندس لڱ لڱ ڪانڊارجي ويو هو. سري ڌار، ڌڙ ڌار، نه انگل نه ارڏايون، نه ماٺا مهٽا نـه ناز نخرا، نه چرپر نه سس پس. چڻ هوءَ ٻه ڪا ڪٺ هئي، بسترو هئي، پٿ هئي.... ڪجهه ٻه نه. گهڙي اڳـي جـا سندس هٿن مان مڇيءَ وانگر ٿي کسڪي وئي، سندس ڇاتيءَ سان ڪرڙيءَ وانگر ٿـي چنبڙي پئي، سا اٿين ساڪن ۽ خاموش پئي هئي

جيئن چانڊوڪيءَ پٽ تي پاڇو. جڻ سندس روح نڪري ان چانڊوڪيءَ جي پاڇي ۾ ملي ويـو هو ۽ نور جـي لهرن ۾ لڙهندو دور وڃي رهيو هو. دور جتي تارن جي ڪٽ تـي هن لاءِ دسترو وڇايل هو. جتي فرشتا لوليون ڏئي رهيا هئا.

شاهوءَ ٿڌو ساهه ڀريو ۽ سندس ذهـن ورانگ ڀري ڏهه سال اڳتي وڌي ويو. هن کي يـاد آيو تـه ڪيئن هو پهريون دفعو چوريءَ لاءِ نڪتو هو، ان وقت جڻ ساري ڪائنات دم روڪي بيٺي هئـي. جـڻ ستارا اکيون ڇنڀي ڏسـي رهيا هئا. لوڙهو ٽپي هن مينهن ڇوڙي مس تـه ياڳيو جاڳي پيو هو ۽ کيس هڪل ڏئي اک جو ڀڇنڊ نڪاءُ ڪرايو هو. شاهوءَ اک کي اٿين مهٽيو جڻ اجا تائين اها ڏکي ٽـيء هن پاسو ورايو ته کيس ياد آيو ته وڏيري کيس ٻي چوريءَ تي گهرايو جا هن نه ڪئي هئي. وڏيري کيس ٻونگو ٻاسيو هو، ٻوندو ڏنـو هو، ڇٽ ملائـي هئي، چپاٽ هڻـي هئـي، پڳـب لاٿـي هئـي، ڏاڙهي پٽي هئي، پـر هن چوري ڪئي هجي تـه سلي. نيٺ وڏيري هن کي پوليس ۾ ڏنو هو ۽ هن پهريون دفعو ڪورٽ ڏٺي هئي، جتي قانون ٿي قانون هو، انصاف ڪونه هـو. ’اهو وڏيرو، اها پوليس، اهـو قانون، سڀ هڪ وڏي سازش آهـي،‘ هن سوچيو، ’اها جانده جنهن ۾ اسان جي هڏي هڏي پيسجي ٿي وڃي ته هو دنيا کي چون ٿا ته اسان هن کي چڙي چانڊي، اڇو اجرو ڪري ڪڍيو آهي.‘

اڄ انهيءَ وڏيري جـي لاءِ هو سر ڏيئي رهيو هـو. شاهوءَ مٿي نهاريو. ٿڌو نيرو آسمان خـدا جي پيشانيءَ جيان ٿي لڳو. هڪ هلڪي ڪڪري چنڊ جي مٿان اچي هٿي وئي. شاهوءَ اٿين محسوس ڪيو جڻ چنڊ مٿانئس اوچتو نگاه وجهي تعجب مان ڏسي رهيو هو. هن منهن ورائي رمونءَ ڏانهن ڏٺو. شايد هو به اٿين محسوس ڪري رهيو هو. رمونءَ ڪڪريءَ ڏانهن نهاري دل ۾ سوچيو ته بادل ڏهي ڏهي هليا ٿـا وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برسات جي بوند به نه پئي آهي. پر سال بيگاري ڏنيءَ ڪنيءَ تي وهي. هيل سڪ پڌ آهي. اڳي ئي پاڻي ٿورو وري جڙي ماڇيءَ وارا سندس موڙيءَ جا آواندا پيجي پنهنجي بنيءَ ڏانهن پاڻي لاڙڻ جا ڏڙڪا ڏيئي رهيا هئا. رمونءَ چار ايڪڙ بني ڪئي هئي. ان تي سندس زندگيءَ جو دارومدار هو. ان ۾ هن پنهنجو پگهر پوکيو هو. سلن سان گڏ سندس آسون اميدون اسري رهيون هيون. چا به ٿئي پر آواندا پيچڻ ڪونه ڏيندو. سندس ڏيءَ ڪي سال کان ٽيئڙ تپ هو. سندس زال جو ڳهه ڳٿو، چوڙي پانهين سڀ خرچ ۾ ڳري ويو هو. فصل لهندو ته ڪيس چار پئسا ٿيندا ۽ ڏيءَ جي دوا ڪرائيندو.

اوچتو سندس دل ۾ وهم جاڳيو ته سندس نياڻي نظيران مري ويندي. سندس دل ڳاڏون ماڏون ٿيڻ لڳي. سندس هانوَ ڪي اڇل آئي ۽ ڳوڙها سندس اکين ۾ تري آيا. خدا ڪيس سالن کان پوء نياڻيءَ سان نوازيو هو. ننڍڙو گڏيءَ جهڙو ٻار. گهر جي سونهن، پيءُ ماءُ جي ورونهن. افسوس صد افسوس. اهو ابهم دوا دارون جي خرچ نه هئڻ ڪري مري ويندي. ڪيئي طبيب ڪيئي دوائون. پر هن وٽ پئسو ڪونه هو جو اهي خريد ڪري. شايد انسان جي زندگيءَ کان پئسو وڌيڪ قيمتي آهي. شايد طبيب چٽائڻ لاءِ نه ڪمائڻ لاءِ آهن. شايد دوا شفا لاءِ نه پر بها لاءِ آهي. پئسي نه هئڻ ڪري موت سندس جهوليءَ مان نياڻي کسي رهيو هو. اي موت ذرا ترس. جي پئسو نه آهي ته مون وٽ نه آهي. هن نياڻيءَ، هن ابهم جو ته ان ۾ ڏوهه نه آهي. هن کي ڪهڙي خبر ته مان جنهن وٽ ڄمنديس سو سچو هوندو، پينگهو هوندو. ڏينهن رات پگهر جو پورهيو ڪندو هوندو ته به چار پئسا بچائي نه سگهندو هوندو. پڌين تو اي موت. انهيءَ اپوجهه ابهم کي ڇا معلوم ته هوءَ ڄمندي ته نه تهه سپارو هوندو، پارا پوندا هوندا، ڏند ڏڪندا هوندا، لڱ لڱ ۾ ڏڙڪڻي هوندي ۽ سندس ڪنگال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيءُ وٽ پئسو نہ هوندو جو هو ڪمبل وٺي. هن کي ڪهڙي خبر تہ هيءَ دنيا پئسي جو چڪر آهي. پئسو انهن وٽ آهي جي پيٽ ڪيي، طول ويهاڻن تي ٽيڪ ڏئي ويهن ٿا. پر جن جي رونبو ڪري چيلهہ چيي ٿي وڃي آهي تن جي لاءِ پئسو نہ آهي. تن جي لاءِ محنت ۽ مشقت آهي، بک ۽ ڏک آهي، مرض ۽ موت آهي. رمونءَ منهون پڪوڙيندي پڪو ارادو ڪيو تہ آواندا پيچرا نہ ڏيندس، پوءِ سر وڃي تہ وڃي. آواندا پچندا تہ فصل سوڪ تي ويندو، ڪيس پئسو نہ ٿيندو ۽ سندس نياڻي ٽيڻڙ تپ وگهي مري ويندي. هن کي جڙي ماچي وارن تي سخت ڪاوڙ آئي ۽ ڪهاڙيءَ ۾ هٿ وڌائين. جڙيو ماچي هو. پر جڙيو ماچي تہ هن جو لنگوٽيو يار هو. ننڍي هوندي هو گڏ ٻڪريون چارڻ ويندا هئا. جڙيو ڪنڍيءَ جي وڻ تي چڙهي سگر چاڙهيندو هو تہ ٻنهين جون ٻڪريون چرنديون هيون ۽ هو سچين ڪوڏين جهڙا ڏند ڪيي رمونءَ کي چوندو هو، ”اسان تہ نوريئڙي وانگر وڻ تي چڙهي ٿا وڃون. تون چا چڙهندين ٻليءَ وانگر تو تڙ وٽ ٻيهي تڪين.“ جڙيو ۽ هو گڏ بيگاريءَ ۾ ترندا هئا، ٻلهاڙو کيڏندا هئا. رمون نڙ وڃائيندو هو تہ جڙيو ڪن تي هٿ رکي ڪافي ڳائيندو هو:

منهنجا گهوڙي سوار- تنهنجي ڇهبڪ ڪئي هان ڇري
تنهنجي ڇهبڪ ڪئي هان ڇري
الا وڃان ٿي مري
ڪڏهين ايندين وري - منهنجا پرڏيهي يار
تنهنجي ڇهبڪ ڪئي هان ڇري- منهنجا....

اهو راڳ اڄ بہ رمونءَ جي ڪنن ۾ ٻري رهيو هو. اهو راڳ ٻڌي رمونءَ کي ڪيترو نہ جڙي تي پيار ايندو هو! اڄ اهو جڙيو سندس رت پيئڻ لاءِ تيار هو. اڄ اهو جڙيو سندس آواندا پيچرا ايندو. ڪهاڙيون هلنديون. رت وهندي. دوستي زخمي ٿي لچندي. انسان ڪهڙو نہ ذليل آهي. پنهنجي سڌن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيترو نه ڪڏو ٿو ٿي وڃي. هاڻ رمونءَ
کي ڪهڙي خبر ته جڙي کي ٻه چار ايڪڙ ٻني هئي. هن کي
ڪهڙي خبر ته موريءَ ۾ پاڻي گهٽ ڇو هو. هن جو ٻه ٽئي
وقت اڌ آن وڏيرو کڻي ويندو هو. هن جو دارومدار ٻن انهن
آن ڪڻن تي هو. هن کي ڇا معلوم ته موريءَ جي مهڙ تان
سڄو پاڻي وڏيرو الله بخش ٿي کڻي ويو.

وڏيرو الله بخش لکها جريب ٻنيءَ جو خاوند هو. سڀ
ڪامورا ڪڙا هن وٽ ايندا هئا ۽ ڪانئس رسائي وٺندا هئا.
رشوت جو ٻالو رسائي آهي. رشوت بيشڪ رسائي آهي. انسان
جي انسان تائين رسائي، انسان جي خدا تائين رسائي، سڀ
رسائي رشوت رستي ئي سگهي ٿي. غريب هارين جو رت
پيئڙي وڏيرو الله بخش هر سال زڪوات ڪيندو هو ۽ خدا
تائين رسائي ڪندو هو. ۽ ماڻهن کي مرڪي چوندو هو ته
منهنجو نالو ئي الله بخش آهي ۽ مولوي ثناءالله ڪيس ٽيڪو
ڏيندو هو. اي الله، تنهنجي بخشش ايتري سستي ته نه هوندي.
اي ثناءالله، شايد تنهنجو الله رشوت نه وٺندو آهي؟

رمونءَ کي ڊبرندو ڏسي جانو چرڪ پري اٿيو. جانو
انهيءَ جهيڙي جي بلڪل خلاف هو. هن جڙي جي ڌيءَ
نازيءَ سان ياراڻي رکي هئي. جهونجهڪڙي مهل نازي داو
کڻي کوه تي ايندي هئي ۽ وات تي لون جي اوٽ ۾ جانوءَ
سان روح رهاڻ ڪندي هئي. گهڙي کڻي سان نازيءَ جي چيلهه
ٻيڻ جي لڪڻ وانگر مڙي ويندي هئي ۽ جانو جهونگاريندو هو:

جيڪو چيلهه تي چار گهڙيون تنهنجي
سان تنهن گهڙي تان گهوريس وو
سان تنهنجي جدائيءَ جهوريس وو
جيڪو چيلهه تي چار گهڙيون تنهنجي
الا چيلهه تي چار گهڙيون تنهنجي
سنارن جي چانڊو ۾ اهي پيار جون گهڙيون جانوءَ کي

ابدي زندگيءَ جيان لڳنديون هيون. هن دنيا جي ڌرتيءَ ۾ جنهن کي گهڙي پل پيار جي ڇايا ملي اهو کهڙو نه خوش نصيب آهي. جانوءَ کي نازيءَ جو خيال آيو. سندس ڇپهه ڇڄي پيا— هو ڪيئن پنهنجي محبوبڙي جي ميار کڻي، سندس پيءُ تي هٿ هلائي. پر چوندا آهن ته رت راڻي آهي. جانوءَ جي پاءُ ۽ پيءُ تي ٻري ايندي ته هو ڪيئن ماٺ ڪري ويهندو. 'شل چار ايڪڙ ٻني ئي غرق ٿئي.' جانوءَ دل ۾ چيو، پر ريج لاءِ پاڻي پورو ڪونه هو، ٻني غرق ڇا ۾ ٿيندي.

پره ريڪون ڪيون. اوچتو ڪوڏر جو کڙڪو ٿيو. جانو ٽپ ڏيئي اٿيو، "نه ويندءُ"، رموزءَ هڪل ڪئي. ۽ ٽيئي کهاڙيون ۽ لوڙهيون کڻي ڊوڙيا "ماريو نه ڇڏيو"جون رڙيون سناٽو چيريندڙيون ويون. ڏسندي ڏسندي ماس جا ڳپل اڏامڻ لڳا، رت جون سيرون وهي ڇڙيون ۽ ٻه جوان ڌرتيءَ تي ڪري پيا. هو پاڻيءَ تي وڙهي رهيا هئا. هرڪو چوي ته منهنجي چار ايڪڙ ٻني آباد ٿئي. هي چار ايڪڙ زمين مون لاءِ آهي. هي منهنجي زمين.... ۽ زمين چئي رهي هئي ته مان ڪنهن جي به نه آهيان. توهان سڀ منهنجا آهيو. گهڙيءَ کان پوءِ توهان سڀني جا لاش منهنجي آغوش ۾ دفنائبا.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جڳ مڙيوئي سپنو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي پاڙي ۾ هڪ برهمو سماجي رهندو هو. هن جي گهر ۾ گئلري هوندي هئي جنهن ۾ دنيا جي ڪيترن ئي اهم ماڻهن جهڙوڪ شيڪسپيئر، ٽالسٽاءِ، ٽئگور، ايمرسن، برنارڊشا ۽ گانڌيءَ وغيره جون مڙهيل تصويرون يا فوٽوگراف ٽنگيل هوندا هئا ۽ انهن سڀني جي وچ ۾ برهمو سماج جي باني راجا رام موهن راءِ ۽ هن جي پياري پوئلڳ ڪيشب چندرسين جا فوٽوگراف ٽنگيل هوندا هئا. انهيءَ برهمو سماجيءَ نه رڳو اسان جي ننڍيءَ عمر ۾ ئي دنيا جي اهم ماڻهن سان واقفيت ڪرائي هئي پر اهو به ٻڌايو هو ته هندو ڌرم ۾ ڪهڙا فرقا هئا ۽ انهن مان برهمو سماج اسلام جي قريب هو، ڇو ته برهمو سماج ۾ خدا جي وحدانيت جو تصور موجود هو ۽ بت پرستي جائز نه هئي. هن مون کي ڪيشب چندرسين جا ڪتاب سنڌي، اردو ۽ انگريزي ترجمي ۾ ڏنا هئا. انهن ڪتابن ۾ مون پڙهيو هو ته ڪيشب چندرسين هن ڪائنات جي ازلي حقيقت کي ”ماتا“ ٿي ڪوٺيو ۽ وٽن ٽٽڻ، گلن ڦوٽڻ، ماڻهن مرڻ، مطلب ته ساري سنسار جي هر ساهه ۽ هر سڀني کي ”ماتا“ جي نالي ۾ سمائي، وارون وار پئي پڪاريو، ”ماتا!“ ”ماتا!“ ”ماتا!“: اهو آواز اڄ تائين منهنجن ڪنن ۾ گونجندو رهيو آهي. ڌرتي ته منهنجي ماتا آهي ئي جا امر آهي، پر منهنجي هڪ ٻي ماتا به هئي جنهن مون کي ڪک مان جنم ڏنو هو ۽ جا مري چڪي آهي. جڏهن رات جو طوفان لڳندو هو ۽ درين جا تاڪ ملڪ الموت جي هٿن وانگر ٺڪاڙيون وڄائيندا هئا ۽ مون کي خوف ٿيندو هو، تڏهن هوءَ مون کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لائيندي هئي؛ جڏهن چلهه تي تتل تئو منهنجي چتيءَ بک تي ڪلندو هو، تڏهن هوءَ ڳتيون ناهي مون کي منهن ۾ ڏيندي هئي؛ جڏهن ڏينهن جو مون کي ننڊ نه

ايندي هئي، تڏهن هوءَ مون کي پينگهي ۾ لوڏو ڏيئي، لولي ڏيندي هئي؛ ۽ جڏهن بدي جي رات ۾ پٽ مون کي بيچين ڪندي هئي تڏهن هوءَ ڏيهي سر ۾ لوڪ گيت ڳائيندي هئي ”گهل ڏکن ازي، نيڻ تا ننڊ گهرن!“؛ ۽ جڏهن منهنجي اها ماتا، اها امان، سڀ جي ڏاڏي- امان ڌرتيءَ جي گود ۾ هلي وئي هئي، ننڍڙي ٿي وئي هئي، اڻتري پٽڪڙي ٿي وئي هئي، جو ڏاڏيءَ امان جي ڪک ۾ سمائجي وئي هئي، تڏهن مون کي انهيءَ برهمو سماجيءَ جي پڪار ياد آئي هئي ”ماتا! ماتا! ماتا!“ ●

منهنجا سيئي مائٽ مسلم ليگي هئا ۽ هو مهاتما گانڌيءَ کي ”مهاطمع“ گانڌي ڪوٺيندا هئا. منهنجو ويجهو عزيز مرحوم واجد علي شيخ شڪارپور مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ ۽ مسجد منزل گاهه تحريڪ جو ليڊر هو ۽ جي اها تحريڪ پيدا نه ٿئي ها ته مرحوم الله بخش سومرو شهيد نه ٿئي ها ۽ جي الله بخش سومرو شهيد نه ٿئي ها، ته سنڌ اسيمبلي پاڪستان جو ٺهراءُ بحال نه ڪري سگهي ها. ان ڪري پاڪستان کان پوءِ شڪارپور جا مسلم ليگي شيخ شهر تي حاوي هئا ۽ پاڻ کي قانون جي گرفت کان آجو سمجهندا هئا.

شڪارپور ۾ مارچ ۱۹۴۷ع کان اڳ ئي لڏ پلاڻ شروع ٿي وئي هئي ۽ هندو پنهنجا ماڳ مڪان ڇڏي، گهرن کي تالا ڏيئي، ڀارت وڃي رهيا هئا.

مان انهن ڏينهن ۾ ايل. ايل. بي. جي پوئين امتحان جي تياريءَ لاءِ شڪارپور آيل هئس. (مان چالاهه چاڙي واڙي ايل. ايل. بي. جي پوئين ساليانِي امتحان ۾ نه ويٺو هئس ۽ سپليمينٽريءَ لاءِ تياري ڪري رهيو هئس، اهو منهنجي رومانوي زندگيءَ سان تعلق رکي ٿو جنهن جو ذڪر مان ٻئي ڪنهن هنڌ ڪندس.)

ڪراچيءَ ۾ مان ميٺارام هاسٽل جي ڀرسان آکاڙي ۾ طرح طرح جون ورزشون ڪندو هئس ۽ نيٽيءَ جيٽيءَ جي ڏاکڻ وٽان سمنڊ ۾ لهي اونهاري سياري ترندو هئس. (مون ساورڪر جي جيونيءَ ۾ پڙهيو هو ته انگريز هن کي گرفتاريءَ هيٺ پاڻيءَ جي جهاز ۾ وٺي وڃي رهيا هئا ته هو سئيز واهه ۾ ٽپو ڏيئي، تري، ڪناري تي پهتو هو ۽ قاهره جي گهٽين ۾ گم ٿي ويو هو ۽ نيٺ وڃي پئرس پهتو هو، جتي هن ۱۸۵۷ع جي بغاوت تي پنهنجو مشهور انقلابي ڪتاب لکي شايع ڪيو هو.) ايتريءَ ورزش مون کي لٺي جي آلي لڪڻ وانگر ايڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ لچڪيدار ٻڌائي ڇڏيو هو، جو مان روشندانن مان سرڪي، ڪمري ۾ لهي ويندو هئس.

١٩٤٧ع جي لـڏ پلاڻ ۾ هـزارين شڪارپوري هندو پنهنجو سامان سڙو ڇڏي، گهرن کي تالا هڻي، انهيءَ اميد سان هندستان هليا ويا هئا ته فساد جلد ئي ختم ٿـي ويندا، ٿوري وقت ۾ امن امان بحال ٿي ويندو ۽ هو پنهنجن گهرن ۾ موٽي ايندا. ان لڏپلاڻ سبب پاڙن جا پاڙا ويران ٿي ويا هئا. اسان جي پاڙي کي هڪ پاسي نيپن پور هئي جتي شيخ ۽ پيتا رهندا هئا، جنهن جي پريان شاهي باغ هو، ٻئي پاسي راڻي پور واري پير صالح شاه جو اوتارو هو جنهن جي پرسان ڪوري ۽ ڌکڻ رهندا هئا، ۽ باقي ٻن پاسن کان هندن جـا گهر ۽ حويليون هيون. انهن گهرن جي وچ ۾ رڳو ٻه ٽي گهر شيخن ۽ ڪنهباڻين جا هوندا هئا.

لڏپلاڻ کان پوءِ رات جي وقت منهنجا ٻه ٽي مائٽ چوريءَ تي نڪرندا هئا ۽ هندن جي گهرن جا تالا ڀڃي، انهن جو سرو سامان کڻي ايندا هئا. هڪ ڀيري هو پنهنجي چوريءَ جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا تـه مون هنن کي چيو، ”اوهان ته پڙهيل ڳڙهيل آهيو، سڀاڻي چـوري ڪندي پڪڙيا وڃو ته ڇا ڪندءِ؟“

انهن مان هڪ جواب ڏنو، ”پڪڙجڻ جو ڪو سوال ئي نـه ٿو اٿي. پهريون تـه رات جو چوڪاري سڄ وسندي آهي، اصل ڪڪڙوڪون لڳي پئي هوندي آهي، ۽ ٻيو ته اسان پاڻيءَ ۾ پسيل ڪپڙو ڪلف تي رکـي مٿان واهولي جا ڌڪ هڻندا آهيون ته ڪلف ڀڄي پوندو آهي ۽ ڪو آواز ٻه نه ٿيندو آهي ۽ اسان مانٺ ڪري سامان گهر کڻي ايندا آهيون.“

مون ڪجهه سوچي، هنن کي چيو، ”اڄ رات مان بـه اوهان سان هلندس.“

جڏهن رات جـو هڙو مڙو ٺريو، تڏهن اسان چـار ڄڻا

نڪتاسين. اسان جي پاڙي جي پٺيان گهگهرائين جو پاڙو هوندو هو. اسان ان پاڙي ۾ ڪنهن سيٺ جي وڏي مڪان وٽ بيٺاسين. ٻاهرئين دروازي کي لوهي تالو لڳل هو، جنهن تي منهنجي هڪ مائٽ پاڻيءَ ۾ پنل انگوڇو ٻڌو ڇوڙو ڪري رکيو ۽ پوءِ ان تي واهولي جا چار پنج ڌڪ هنيائين، ته بنا ڪنهن آواز جي تالو ڀڄي پيو. تالو ڀڃي اسان اندر وياسين ته ڏٺوسين ته ايوان سان لڳ ٽي ڪمرا هئا جن مان ٻن کي تالا لڳل هئا ۽ هڪڙو ڪمرو اندران بند هو، جنهن جو روشندان کليل هو. منهنجي مائٽ اهي تالا ڀڃڻ تي چاهيا ته مون هن کي روڪي چيو، ”آءٌ ٿو اندران وڃي ڪمرو کوليان.“ پوءِ ٽپو ڏيئي، مون ٻئي هٿ روشن دان ۾ لڳل لوهي سيخ ۾ وڌا، ۽ ٻانهن جي زور تي بدن مٿي ڇڪي، روشن دان مان هڪ نانگ وانگر نڪري، هيٺ ٽپو ڏنم. پوءِ مون ماچيس جي تيلي ٻاري، بجليءَ جو بٽڻ ڳولي لڌو ۽ بتي ٻاري. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڪمرو بند ڪري ڪو ٻاهر ويو هو. الماڙين ۾ ڪجهه ڪپڙا ۽ ٽوال ته ته ٿيا رکيا هئا، پرسان ۾ ٽي لوهي ٽرنڪون تالن سان بند ٿيل رکيون هيون ۽ انهن جي پرسان پٽ تي ڪپڙي مان ٺهيل هڪ گڏي پئي هئي، جنهن کي هڪ چوٽي هئي ۽ ڇاتيءَ تي ڪپڙي مان ٺهيل ٻه آره هئا، ۽ جنهن جو سارو سرير ننگو هو. مان چئي نه ٿو سگهان ته گڏي هندو هئي يا مسلمان. گڏي هٿ ۾ کڻي، مان ان کي ڏسندو رهيس، ۽ ان جي ننڍڙيءَ مالڪياڻيءَ جو تصور ڪندو رهيس، جا ڪو ڪراچي ڇڏي بمبئي/بنارس/ڪلڪتي يا ٻئي ڪنهن شهر هتان خالي وڃي پهتي هئي. مان ڪافي دير ان گڏيءَ کي ڏسندو رهيس ۽ منهنجا مائٽ منهنجو انتظار ڪري ٿڪجي پيا. مون کي ڏاڍا سڏ ڪيائون پر جڏهن هنن کي ڪو جواب نه مليو، تڏهن هو ڪلف کي واهولا هڻڻ لڳا. هو اڄ تائين ڪلف کي واهولا هڻي رهيا آهن، واهولا هڻي رهيا آهن؛ واهولا هڻي رهيا آهن...... ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال ۱۹۴۷ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڪٽوريا روڊ تي پئراڊائيز هوٽل ۾ اردوءَ جي ترقي پسند مصنفين جي ڀرپور گڏجاڻي ٿي هئي، جنهن ۾ سجاد ظهير تقرير ڪري رهيو هو. هو تقرير ۾ بار بار ترقي پسند ۽ رجعت پسند لفظ ڪم آڻي رهيو هو. تقرير ختم ٿيندي، ميڙ مان هڪ شخص اٿي هن کان اردوءَ ۾ پڇيو، ”ڇا، ترقي پسند مان اوهان جي مراد اشتراڪي آهي؟“

سجاد ظهير ٿورو گهٻرائجي ويو ۽ چيائين ته ”نه، ائين ته نه آهي.“

ان تي ساڳئي شخص بلند آواز مان وري سجاد ظهير کان پڇيو، ”ڇا، اوهان جي نظر ۾ اهو هر ڪو اديب ترقي-پسند آهي جنهن جو آزاديءَ جي جدوجهد ۾ انگريز دشمن ڪردار رهيو آهي؟“

سجاد ظهير جواب ڏنو، ”مان پاڻيان ٿو ته آزاديءَ جي جدوجهد ۾ اهو اديب يا ٻيو ڪوئي شخص جنهن جو ڪردار انگريز دشمن رهيو آهي، ترقي پسند آهي.“

ان تي سوال ڪندڙ شخص چيو، ”پوءِ ٻڌوا مان فاشي قوم پرست (نيشنل فاشسٽ) آهيان. مون کي انگريز جي حڪومت لاءِ بيحد نفرت هئي ۽ ان ڪري ٻي جنگ عظيم وقت مان جپان جو ايجنٽ هوس ۽ ان کي خفيه خبرون پهچائيندو هوس. جڏهن اها ڳالهه فاش ٿي، مون کي انگريز جي حڪومت پنج سال قيد ۾ رکيو. ڇا، مان اوهان جي نظر ۾ ترقي پسند آهيان؟ جي هر آزادي پسند ترقي پسند آهي ته اوهان مان مون کان وڌيڪ ترقي پسند ڪوبه نه آهي. اوهان ته انگريزن جي مخالفت رکو ايستائين ڪئي جيستائين جرمنيءَ روس تي ڪاهه نه ڪئي هئي، پر جڏهن کان اسٽالن چرچل جو اتحادي ٿيو تڏهن کان جنگ جي خاتمي تائين اوهان انگريز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت جي حمايت ڪئي."

ترقي پسند مصنفين ۾ ڌاڪوڙو پنجي ويو. سجاد ظهير
کي تقرير اڌ ۾ ختم ڪرڻي پئي، ۽ جهاني ايجنٽ مُڪ مٿي
ڪري چيو، "پاڪستان اشتراڪي نه آهي ۽ نه ٿيندو."●

١٩٤٧ع ۾ منهنجا ادبي دوست ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، ارجن شاد، موهن پنجابي، نارائڻ شيام ۽ ٻيا ڪيترائي يار، جن سان ڪراچيءَ ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون، سرحد پار وڃي نڪتا هئا. ڪراچيءَ ۾ منهنجا ادبي دوست رڳو ٻه وڃي رهيا هئا. محمد ابراهيم جويو ۽ سوڀو گيانچنداڻي. منهنجو ڪلاس فيلو ۽ منهنجو ۽ نارائڻ شيام جو گهرو يار شيخ عبدالرزاق راز ڪراچي ڇڏي وڃي سکر ميونسپالٽيءَ جو چيف آفيسر ٿيو هو. ان دور جي عظيم سنڌي دانشور حشو ڪيولراماڻيءَ کي ملڪ بدر ڪيو ويو هو، ۽ مان ۽ منهنجو پنجابي دوست مُونس حشوءَ جي ڇڏي ويل فليٽ ۾ رهندا هياسين. اهو فليٽ سنڌ لاڪاليج جي پرسان هئي ۽ ان جي پٺيان ٿهيل ماڙيءَ جي هڪ فليٽ ۾ ظهور نظر پنهنجي ماءُ سان گڏ رهندو هو ۽ هن وٽ هن جو دوست جاويد قمر به اڪثر رهيو پيو هوندو هو. ٻنهي سان منهنجي واقفيت مونس ڪرائي هئي. ظهور نظر ملتان جو هو ۽ ان وقت به اردوءَ جو جوش و خروش وارو ترقي پسند شاعر هو. (ان دور ۾ اردو ادب تي ترقي پسندن جو غلبو هو ۽ مون کي ياد آهي ته ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ ڪرايل هڪ مشاعري ۾ ٻڌندڙن، ترقي پسند شاعرن کان سواءِ، ٻئي ڪنهن به شاعر کي ٻڌڻ کان انڪار ڪيو هو.) ظهور نظر مون کان ٿورو عمر ۾ وڏو هو ۽ ڇاڪاڻ جو اسان جا آدرش لڳ ڀڳ ساڳيا هوندا هئا، ٻنهي جي اردو ادب ۽ خاص ڪري اردوءَ جي ترقي پسند ادب ۾ گهري دلچسپي هوندي هئي، ۽ اسان تمام ٿوري عرصي ۾ گهرا يار ٿي ويا هياسين. انهن ڏي ڏينهن ۾ ظهور نظر پنهنجي سموري موڙي تي سؤ رپيا سيڙائي، جاويد قمر سان گڏجي هفتيوار رسالو 'پيڪار' ڪڍيو، جنهن جي سرورق تي هن ۽ جاويد قمر پنهنجو گڏ نڪتل فوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپيو- جنهن ادبي حلقن ۾ هن جي شهرت ڦهلائي ('پيڪار' جو فقط هڪ شمارو نڪتو جو ظهور نظر ڪيئي مهينا وڪڻندو/ ورهائيندو وتيو.) هڪ پيري ظهور نظر ۽ منهنجي ٻئي دوست ڪامريڊ اشرف (جو اردوءَ جو نقاد هو ۽ بقول خود فيض احمد فيض کي ٻه ڪوڪا ڏيچ ٻيڻو جا ۽ جوش مليح آباديءَ کي هڪ ڪوڪو اسڪاچ وسڪيءَ جو هندستان ۾ پيئاريو هئائين ۽ سجاد ظهير جي پڀاءَ ۽ اردوءَ جي مشهور ترقي پسند شاعر مجاز لکنويءَ جو گهرو يار هو ۽ مجاز کي اُن جون ڪيئي بوتلون پيئارڻ کان پوءِ مئخاني جي ديوار سان سر ٽڪرائيندو ۽ پنهنجو نظم پڙهندو ڏٺو هئائين.) پاڻ ۾ صلاح ڪري، انجمن ترقي پسند مصنفين ڪراچي جو بنياد رکيو، ۽ ظهور نظر کي ان جو سيڪريٽري بڻايو ويو. جي مون پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي، ته اشرف ۽ ظهور نظر جي باري ۾ ڪيئي صفحا لکندس، ڇو ته ٻنهي جو اردو ادب ۾ پائنده مقام آهي: پر هن وقت جنهن واقعي جو مان ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو، ان کي مد نظر رکي، مان هنن جي ڪردار، گفتار ۽ پاڻ سان گڏ گذاريل وقت جو ذڪر فقط ايتروئي موزون سمجهان ٿو جيترو اُن واقعي سان تعلق رکي ٿو.

اُن وقت ظهور نظر، جاويد قمر ۽ مان ٽيئي ڪنوارا هياسين. ظهور نظر جي ڇهڇ سائي تصور ۾ ڪيئي طوطيون آڏامنديون هيون. هو روز مون کي نوان ٺلا وٺي ساڳي ڪهاڻي ٻڌائيندو هو ته فلاڻي ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ 'پيڪار' جو شمارو هيو ۽ جڏهن مان ۽ جاويد قمر هن جي پرسان لنگهياسين ته هن ساهيڙيءَ کي اشارو ڪري چيو 'اهي ٿا وڃن ٿي پيڪار جا مدير!' ۽ پوءِ اسان هن جي گهر تائين هن جي ڪڍ وياسين ۽ هن گهر ۾ اندر وڃڻ کان اڳ منهن ورائي، اسان ڏانهن ڏسي، مرڪيو. سچائي تو کي هن جو گهر ڏيکاريندس.

ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ منهنجو واسطو هندو ڇوڪرين

سان پيو هو، جي مون سان گڏ پڙهنديون هيون يا پروفيسر پنجوانيءَ جي ذاهيل ’سنڌي سرڪل‘ ۾ ايندڀون هيون ۽ ورهاڱي کان پوءِ وچي سرحد پار نڪتيون هيون. ها، هڪ مسلمان شاعره به ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، جا منهنجن خطن ’پنهل کان پوءِ‘ جي هيروئن آهي، پر ان وقت هوءَ شادي ڪري چڪي هئي. منهنجي زندگيءَ ۾ جنسي تشنگي ايتري هئي، جو ظهور نظر جا افسانا جن کي مون ڪڏهن به حقيقت نه سمجهيو هو، مون کي لذت ڏيندا هئا ۽ مون ڪڏهن به هن کي ڪنڌ کاڻڻ تي نه ٽوڪيو هو. هڪ ڀيري مان اٽڪل ڏهين بجي صبح جو هن جي گهر ويس ته هن جي ماءُ مون کي چيو ته ”ظهور ۽ جاويد اڃان تائين اندرئين ڪمري ۾ ستا پيا آهن.“ مان هميشه وانگر صبح جو پنجين بجي سائيڪل تي ڪلفٽن ويو هوس ۽ تازيءَ هوا ۾ سمنڊ جي ڪناري تي ڀر، ادائي ڪلاڪ چڪر ڏئي موٽيو هوس ۽ پوءِ وهنجي سهنجي ناشتو ڪيو هيم. مون کي هي ٻئي نحوست ـ وتا ڏسي چڙ آئي ۽ مون پنهي کي بوٽ سان ٺوڪر هڻي اٿاريو. ظهور نظر چرڪ ڀري اٿيو ۽ اکيون مهٽيندي چيائين، ”يار، اڃا هاڻي اک جهپڪي هئي ته اڃي ننڊ ڦٽائي اٿئي.“ پوءِ مون کي ٻانهن کان ڇڪي اشارو ڪيائين ته مان فرش تي هن جي پرسان ويهان. مان ويٺس ته هن رازدارانه انداز ۾ چيو، ”ڪجهه ڏينهن کان عصمت چغتائيءَ جي ڀيڻ ٻيو واري فليٽ ۾ اچي رهي آهي. رات هن سان دير تائين ادبي گفتگو ٿيندي رهي، ان ڪري دير سان ننڊ آئي هئي.“

”هٽ تيري ڪي“، مون ڪاوڙجي، ڀڙيون پيرو هن کي ٽوڪيو، ”سچائي چوندين ته عصمت چغتائي پاڻ اچي ٻير واريءَ فليٽ ۾ رهي آهي، ورجينا وولف اچي رهي آهي، ايملي برانٽ اچي رهي آهي ۽ پنهنجو ناول ’ودرنگ هائيٽس‘ (Wuthering Hights) لکي رهي آهي!“ ظهور نظر مون

ڏانهن حيرت مان ڏسي چيو، ”اڙي، توکي اعتبار نه ٿو اچي. چڱو ڀلا ته توکي هن وقت وٺي هلان: ڇاڪاڻ ته هن وقت ئي ٿا پيئون.“

پوءِ جاويد قمر کي اتي ڇڏي، ظهور نظر مون کي سامهون واري فليٽ وٺي آيو ۽ ان جو در کڙڪايائين. در کليو، ته مون ڏٺو ته در جي ناڪن پٺيان لٺڪيل پردو لڏي رهيو هو. اسان اندر وياسين ته ڪمري ۾ ڪوبه ڪونه هو. ظهور ان ڪمري سان لڳ ٻئي ڪمري ۾ ويو ۽ ٿوري دير کان پوءِ موٽي آيو ۽ چيائين، ”ويهه، چانهه اچي ٿي.“

”عصمت بمبئيءَ ۾ ڏاڍي خوش آهي، شاهد لطيف سان شادي ڪئي اٿائين“، ظهور نظر اهڙيءَ بي تڪلفيءَ سان چيو ڄڻ عصمت چغتائيءَ يا شاهد لطيف جي خاندان سان هن جي خاندان جا ستن پيڙهين کان تعلقات هئا. ڪجهه دير کان پوءِ هو پر واري ڪمري ۾ ويو ۽ ڪاٺ جي ٽري ۾ چانهه جي ڪيٽلي ۽ ٻه ڪوپ کڻي آيو. اسان چانهه پيتي ته پوءِ هن چيو ته ”هل ته هلون“ ۽ پوءِ پر واري ڪمري ڏانهن ڏسي چيائين، ”چڱو اسان وڃون ٿا. جي عصمت ڏانهن خط لکين ته هن کي منهنجا سلام لکجانءِ. مان پاڻيان ٿو ته هن وقت ’پيڪار‘ جو شمارو ڇپجي ويو هوندو.“

اندران ڪوئي جواب نه آيو.

ٻاهر نڪري، مون کي ظهور نظر چيو، ”بيٺا، تون به ڇا ياد ڪندين، عصمت چغتائيءَ جي ڀيڻ توکي چاءِ پياري آهي.“

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اردوءَ جو مشهور ترقي پسند شاعر سردار جعفري هندستان مان ڪراچيءَ جي مختصر دوري تي آيو. انجمن ترقي پسند مصنفين هن جو شايان شان استقبال ڪيو ۽ برنس گارڊن ۾ هڪ ادبي نشست رکي جنهن ۾ ڪيئي اردوءَ جا اديب ۽ شاعر آيا. نشست کان اڳ ڪامريڊ اشرف منهنجو، ظهور نظر جو ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن ۽ شاعرن

جو سردار جعفريءَ سان تعارف ڪرايو. سردار جعفري شڪل صورت جو وجيھہ ۽ بااثر شخصيت جو مالڪ نظر آيو. تقرير ڪندي ھن علامہ اقبال تي بہ ڳالھايو ۽ ھن جي شاعريءَ تي ھيگل، نٽشي، فشتي (Fishte) وغيره جھڙي جرمن فلسفي جي اثر جو ذڪر ڪجھہ اھڙيءَ ريت ڪيو، جو سامعين مان ھڪ شخص، جو علامہ اقبال ۽ سردار جعفريءَ ٻنھيءَ جو مداح ٿي نظر آيو، ھن جو ڌيان علامہ اقبال جي ڪارل مارڪس تي لکيل سٽ 'نيست پيغمبر و ليڪن در بغل دارد ڪتاب' ۽ لينن جي ترانې 'اٿھو ميري دنيا ڪي غريبون ڪو جڳادو' ڏانھن ڇڪايو ۽ ٻنھنجيءَ راءِ کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ فيض احمد فيض جو علامہ اقبال تي لکيل نظم پڙھي ٻڌايو جو 'نقش فرياديءَ' ۾ شايع ٿي چڪو ھو. سردار جعفريءَ ھن سان اتفاق نہ ڪيو، جنھن تي ھو رنج سان سردار جعفريءَ کي ڏسي خاموش ٿي ويو. مون کي ائين نظر آيو تہ يا تہ سردار جعفري پاڪستان جي حقيقت نہ سمجھي سگھيو ھو يا چاڻي واڻي ان کي سمجھڻ کان انڪار ٿي ڪيائين.

نشست ختم ٿي تہ ظھور نظر سردار جعفريءَ کي چيو تہ عصمت چغتائيءَ جي پيٽ ھن کي چانھہ تي مدعو ڪيو آھي. پوءِ ظھور نظر مون کي، اشرف، ۽ ھڪڙي ٻئي اديب کي بہ چانھہ جي دعوت ڏني، جنھن جو نالو مون کان وسري ويو آھي. ان تي سردار جعفريءَ ھن کي باقي رھيل اديبن کي بہ دعوت ڏيڻ لاءِ چيو. پر ظھور نظر ائين ڪرڻ کان اھو چئي مجبوري ڏيکاري تہ "فليٽ ۾ ايترن ماڻھن کي ويھارڻ لاءِ ڪافي جاءِ نہ آھي." اھو ٻڌي ڪيترائي ترقي پسند اديب، جي سردار جعفريءَ جا مداح ٿي ڏٺا، مايوس ٿي، ھن کان موڪلائي ھليا ويا. پوءِ اسان سڀيئي ڳالھائيندا فليٽ تي پھتاسين. ظھور نظر فليٽ جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪئي، در کليو، در جي پٺيان ٽنگيل پردو لڏيو ۽ اسان ڪمري ۾ اندر وياسين

نہ ڪمري ۾ ڪوئي نظر نہ آيو. ظهور نظر اسان کي ڪمري ۾ وچايل دريءَ تي ويهڻ لاءِ چيو. دريءَ تي ويهي سردار جعفريءَ ظهور نظرکان پڇيو، ”ڀائي، عصمت جي ڀيڻ ڪٿي آهي؟“ ظهور نظر جواب ڏنو، ”هوءَ پر واري ڪمري ۾ اوهان لاءِ چانهه ٺاهي رهي آهي.“ ان تي سردار جعفريءَ چيو، ”ڀائي، هن کي چئو تہ ڀرين مهمانن سان ملي، چانهه پلي پوءِ ٺاهي.“ ظهور نظر ٻئي ڪمري ۾ وڃي ڪجهہ دير کان پوءِ موٽي آيو ۽ چيائين تہ، ”هن معذرت پيش ڪئي آهي. دراصل هوءَ پردو ڪندي آهي ۽ غير مرد جي سامهون نہ ايندي آهي.“ ان تي سردار جعفريءَ چيو تہ، ”پوءِ بهتر ٿيندو تہ مان هتان هليو وڃان.“ ۽ ائين چئي هو اٿڻ لڳو تہ ظهور نظر هن جي ڪلهن تي ٻنهي هٿن سان زور ڏئي هن کي فرش تي ويهاري ڇڏيو ۽ چيو تہ، ”چانهہ پي وڃو.“ مجبور ٿي، سردار جعفري ويهي رهيو. خاموشي جيئن پوءِ ڏيئن پاري ٿيندي وئي ۽ پوسات کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ سردار جعفريءَ چيو، ”حيرت آهي ’لحاف‘ جي مصنف جي ڀيڻ پردو ڪندي آهي!“

ڪجهہ دير کان پوءِ ظهور نظر اندر ويو ۽ ساڳيءَ ڪاٺ جي ٽري تي چانهہ جي ڪيٽلي ۽ ڪوپ کڻي آيو ۽ چانهہ ٺاهڻ لڳو.

اوچتو سردار جعفريءَ چيو، ”ڀيڻ، ٻاهر اچ! اسان ڪي غير تہ نہ آهيون؛ اچ پاڻ اچي چانهہ ٺاهہ!“

اندران ڪوبہ جواب نہ آيو. مون ماحول جي بي چسائيءَ ٽارڻ لاءِ سردار جعفريءَ کي چيو، ”سردار صاحب! جي هن کي تنهنجي منهن پوڏو هجي ها تہ پاڪستان ڇو اچي ها!“ ان تي هو کلي ويٺو. ٻيا بہ کليا. مون سمجهيو تہ اندران بہ ڪوئي ٽهڪ ايندو پر ڪوئي ٽهڪ نہ آيو.

مون کي اڄ تائين پڪ نہ آهي تہ ان فليٽ ۾ عصمت چغتائيءَ جي ڀيڻ رهندي هئي يا ٻي ڪائي عورت رهندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي اُئين ته نه آهي ته اها فليٽ خالي هئي ۽ ان جو اندريون دروازو ظهور نظر جي فليٽ ۾ کلندو هو ۽ ظهور نظر کي چانهه هن جي ماءُ ڏاهي ڏيندي هئي ۽ عصمت چغتائيءَ جي پيءُ واريءَ فليٽ جو دروازو جاويد قمر کولي لڪي ويندو هو! ●

هڪ ڀيري ڪراچيءَ جي ايڪسيلشر هوٽل ۾ آل پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي ميٽنگ جي صدارت ڪري، هال مان ٻاهر نڪتو هوس، ته قرأة العين حيدر سان ملاقات ٿي، جا به ميٽنگ ۾ موجود رهي هئي. نه ڄاڻان مون کي کهڙيءَ ڪٿيءَ ڪنيو جو مون هن کي چيو، ”قرأة العين مان چاهيان ٿو ته تنهنجي ناولٽ ’سيتا هرڻ‘ جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪيو وڃي: اهو پهريون اردوءَ جو ناول آهي جنهن کي سنڌ جو پس منظر آهي.“

”گهڻا پئسا ڏيندين؟ گهڻا پئسا ڏيندين؟“ هن پنهنجي هٿ سان اشارو ڪندي اُردوءَ ۾ چيو.

مون هن ڏانهن ڏٺو ۽ ٻانواٽي ڪاٺي، قطب مينار ڏانه ٿڪو ڏئي هيٺ ڪريس.

هٻڪندي، مون هن کي جواب ڏنو، ”قرأة العين! مان ’آگ ڪا دريا‘ جي مصنف جي قيمت ته ڪٿي نه ٿو سگهان، تون پنهنجي قيمت پاڻ ٻڌاءِ، مان ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”وري شرارت!“ هن هلڪڙائيءَ سان چيو.

ڪجهه وقت کان پوءِ مون چرو ڇاتيءَ مان چڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ قرأة العين کي شڪ جو فائدو ڏنو. اسان رائيٽرس گلڊ جي ميٽنگن ۾ ”ڪاپي رائيٽ قانون“ تي ڪافي بحث ڪري، گورنمينٽ کي موڪلڻ لاءِ مسودو ٺاهيو هو، ۽ بحث جي دوران اديبن بار بار شڪايت ڪئي هئي ته ناشر هنن جو معاوضو کاڌي ٿا وڃن. شايد ان بحث جو اثر اڃا قرأة العين تي هو، جڏهن مون هن کي ’سيتا هرڻ‘ جي ترجمي لاءِ چيو هو! ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال ۱۹۶۳ع ۾ مان دهليءَ ۾ ڪنهن هوٽل ۾ ترسيل هوس. هڪ ڏينهن مان پنهنجن ڪجهه دوستن سان تاج محل گهمي، موٽي دهليءَ آيس، ته هوٽل جي ڪمري ۾ ميز تي سجاد ظهير جو ڪارڊ رکيو هو ۽ ان جي پرسان سنڌو سماج جي سيڪريٽريءَ شيام ڀاڳيا جي چٺي رکي هئي. شيام ڀاڳيا لکيو هو ته سجاد ظهير مون سان ملڻ آيو هو ۽ منهنجي نه هجڻ سبب موٽي ويو هو ۽ شيام کي چٺي ڏيو ويو هو ته هو مون کان ملاقات لاءِ وقت وٺي، کيس اطلاع ڏئي. ساڳئي ڏينهن شيام ڀاڳيا مون وٽ آيو ۽ ساڳي ڳالهه ڪيائين، جا هن چٺيءَ ۾ لکي هئي. مون شيام کي چيو، "اهائي وڏي ڳالهه آهي ته سجاد ظهير پاڻ مون وٽ آيو هو. ٻيهر هن کي تڪليف ڏيڻ مناسب نه آهي. مان پاڻ هن وٽ هلندس. اوهان هن کان ملاقات لاءِ وقت وٺو."

شيام ڀاڳيا سجاد ظهير سان وقت طي ڪري، مون کي ۽ رشيد ڀٽيءَ کي سجاد ظهير جي ڀاءُ جي بنگلي تي وٺي هليو، جو غالباً ان وقت نهرو ڪئبينيٽ ۾ هو. بنگلي جي لان تي سجاد ظهير، رضيه، سجاد ظهير ۽ مشهور هندستاني اديب ملڪ راج آنند ويٺا هئا. اچا سجاد ظهير منهنجو پنهنجيءَ رفيقه حيات رضيه ۽ ملڪ راج آنند سان تعارف مس ڪرايو ته ملڪ راج آنند مون کان پڇيو، "اوهان بمبئيءَ مان ٿا اچو؟"

مون جواب ڏنو، "هائو."

ان تي ملڪ راج آنند وري پڇيو، "ڪيرت ٻاٻاڻي اوهان جو دوست هوندو؟"

"هائو، منهنجو پراڻو دوست آهي." مون جواب ڏنو.

ان تي هن چيو، "پر هو مون کي رائيلٽي ڇو نه ٿو ڏئي؟ اوهان ڏٺو هوندو ته هن منهنجو ڪتاب 'ڪولي' سنڌيءَ ۾

منهنجيءَ اجازت کان سواءِ ترجمو ڪري ڇپايو آهي. بهتر آهي ته اوهان هن کي اطلاع ڏيو ته مون کي يڪدم رايلٽي ادا ڪري، نه ته ان لاءِ مون کي عدالت جو در کڙڪائڻو پوندو.“

مان پهرين ته هڪو بڪو ٿي ويس پر پوءِ ڪاوڙ آئي ۽ دل ۾ چيم، ”ڪيرت ته ڏاڍو پڙهيل ماڻهو آهي. هن دنيا ۾ جي ترقي پسند ادب جو مطالعو ڪيو آهي. نه ته ڇا هن بيا هزارين ناول ڇڏي، ’ڪولي‘ جو ترجمو چالاءِ ڪيو!“

مون سجاد ظهير ڏانهن ڏٺو. هو پيلو ٿي ويو هو. جواب ۾ مون ملڪ راج آنند کي چيو، ”بمبئيءَ موٽي ويندس ته هن کي چوندس.“

جڏهن هنن کان موڪلايو، اسان موٽي رهيا هئاسين، مون رشيد پٽنيءَ کي چيو، ”پٽني! ڏک جي ڳالهه آهي. سنڌي اديبن کي ڪتاب ڇپائڻ لاءِ پيٽ تي پٽي ٻڌڻي پوي ٿي. ڇا اهو ڪافي نه آهي، جو هي انهن کان رايلٽي طلب ڪري رهيو آهي.“ ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال ۱۹٦۴ع ۾ مان، ابراهيم جويو، جمال ابڙو ۽ رشيد ڀٽي جيپ ۾ نگر پارڪر کان ڪجهه پنڌ تي ٻن- چڪي ڏسڻ تي وياسين. رستي تي هڪ ويڙهي اڳيان ڊرائيور جيپ بيهاري، ته لوڙهي جي ڳليءَ مان هڪ ريبارڻ نڪري آئي. پوري ولائتي ون، ڳچ هيٺيان ڳورو پيٽ، ڌونڌ تائين عاج جي ٻڪي، گورا ڏورا، ڪنن ۾ ڏر گلا، مٿرن ۾ جهمرڻا، چم چم ڪندي وچ وانگر وراڪو ڏنائين. ڊرائيور هن کي نياپو ڏئي، جيپ اڳتي هلائي. منهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪيئي خوبصورت عورتون آيون هيون پر اهڙي ڪاٻه نه آئي هئي، جا اوبري هوندي به ڪن پل ۾ ائين دل تي نقش ٿي وئي هجي.

ان کي ڪيئي سال گذري ويا، پر هن جي ياد منهنجي دل ۾ تازه رهي.

ڪافي وقت پوءِ، مان ارينا سان ماسڪو جي پيڪنگ هوٽل جي ڪمري ۾ روسي شيشن پٺيان رهيو هوس ۽ هن کي چتائي ڏسي رهيو هوس — ساڳيو نڪ سڪ، ساڳيون ون واس، گوريون ٻانهون، گوريون پنيون، گوري ڳچي جنهن مان چٽ شيشن نظر ٿي آيو، ۽ فراڪ، جنهن جي هيٺان جوئر جا ڪچا سنگ هئا جن کي ٿر ۾ 'آيو' چيو ويندو آهي!

مون هن کي ٿر جو مٿيون حادثو ٻڌائيندي چيو، ”تون مون کي ملڻ هئينءَ نه ته تنهنجي هڪ جهلڪ منهنجي من ۾ ايترا سال اٽڪي نه بيهي ها.“

”اوهان مشرقي سڀ وهمي آهيو،“ ارينا مرڪندي وراڻيو، ”آخر تون به ته مون کي مليو آهين. مون ته تنهنجي جهلڪ ڪٿي نه ڏٺي هئي!“ ●

توهان ڇو نٿا سمجهو ته وڪالت جو ادب سان ڇا؟ علامه اقبال بئرسٽر هو پر وڪالت نه ڪيائين. فاني بدايونيءَ کي وڪالت راس نه آئي ۽ رڳو هن جي مفلسيءَ هن جي شاعريءَ کي ياس آميز بڻايو. توهان ته ڪامياب وڪيل آهيو، وڪالت توهانجي ادبي تخليق لاءِ ڪارآمد ڪيئن ٿيندي؟

مان جواب ۾ پنهنجيءَ ذاتي ڊائريءَ مان هيٺيون نوٽ پيش ڪيان ٿو. منهنجيءَ ڊائريءَ ۾ اهڙا ڪيئي نوٽ آهن:-

هن ڪيس خاڪي وردي ڪفن ڪيان وڏيڪ ڪنباڻيندي آهي. ٿاڻو گهاڻو آهي، جو پوئين رت ڦڙي چوسي ٿو وٺي. پوليس ان لاءِ نه آهي ته پوري جاچ ڪري ۽ انصاف لاءِ پاڻ پتوڙي. خون ٿيو، ڌاڙو لڳو، رن ڀڄي يا زوريءَ کنئي وئي، ڪنهن جي پونگيءَ کي باهه ڏني وئي يا مال جي چوري ڪئي وئي- فرياد پوءِ لکي ويندي، پهرين ٿاڻي منشيءَ/جمعدار/صوبيدار کي رشوت ڏيڻي پوندي. فرياد توڙي سچي هجي، فرياديءَ کي ڳنڍ ۾ ڪجهه هجي نه هجي، ڳهه ڳٺو وڪڻي، پاڙو اوڙو پٽي، قرض پڪو ڪئي، ڪٿان به آڻي، پر ويڻي ڏئي ضرور. پوءِ پوليس واردات تي ايندي ته ڳوٺ ۾ ٿاڪوڙو پوندو. اڇا دانست نامون ڏي نه ڏهندو ۽ لاش تڏي تي ڏي پيو هوندو، ته همراهه ڇيلو پائيندا. آخر ڪامورو ڪڙو، مشهور مڙو ايندو ته ٻوڙ ماني ته کائيندو، لکهڻ تي ڪاروايون ته نه ڪيون وينديون آهن! نه رنيءَ جا ڳوڙها سڪا، نه چوري ٻار کي آٿت ڏني وئي، هرڪوئي اوطاق جي چند ڦوڪ ۾ لڳي ويو آهي. آخر ٿاڻي جا عملدار آيا آهن، آجيان ته لهڻائون! ڪيڪر، ڪنگهڪار، آئي وئي جو

آدرياءُ، پنهنجو پڻ، آفيسر جو ڪَوُ – هرڪوئي اڻين مڙي آيو آهي ڇڻ ڪنهن کي به موتيءَ فوتيءَ جو ڪوئي خيال ڏي نه آهي. سڀرنهن جي چانو ۾ جمعدار فوتيءَ جي ڏڪن جو مشير- نامون ناهي رهيو آهي ۽ صوبيدار سوچي رهيو آهي ته 'جوابدار سٽيي آسامي آهن، ويهه ٽيهه هزار وهي ويندا؛ اڳئين خون ۾ به ڊي. ايس. پي. باهه تي ويو هو ته حساب پورو نه مليو آهي. هن يمري نوٽن جون ٿهيون ڏسي ڏري پوندو.'

ٿوريءَ دير کان پوءِ ماني اچي ٿي. کٽ تي بافتي جا چريل دسترخوان وڇايا وڃن ٿا. جن تي الله ۽ محمد جا نالا لکيل آهن ۽ ان تي صوبيدار لاءِ اڏاريون آنڊل چنيءَ جون پليٽون ۽ ٻين لاءِ جست جا وٽا ۽ پيس جون پنڊيون رکيون وڃن ٿيون ۽ هرڪنهن کي حيثيت آهر ڳڙيون ۽ ريهو ڏنو وڃي ٿو. رت ڳڙنديون آڱريون ڳيهه ڳڙنديون مانيون پچائي موڪلين ٿيون ۽ هر اوڳرائيءَ تي بسم الله جي صدا بلند ٿئي ٿي. آخر اهوئي ته آهي جنهن روز ازل تي هرڪنهن جو مقسوم لکيو آهي، هرڪنهن جي رزق جو ذمو کنيو آهي! هو پيرادو نريءَ جي ميڪ کي چنبڪو ڏئي ڪيڏي رهيو آهي ۽ ان کي زور سان چوسي شڪر الحمدالله چئي رهيو آهي.

ماني پوري ٿئي ٿي، ته هرڪوئي لسيءَ جا به گلاس پئي ٿو. ڊائي پيٽ تي، لسيءَ جي گوراڻ ننڊ کي نينڊ ڏئي ٿي، ۽ هرڪو اوباسيون ڏئي، چپري هيٺان سمهي پوي ٿو. فقط هڪڙو سپاهي، بيل گاڏيءَ تي لاش رکائي، صوبيدار کان ليٽر وٺي، فوتيءَ جي پاءُ سان گڏ اسپتال ڏانهن روانو ٿيو آهي.

مٿان اونهاري جو سج ازل جي اک وانگر ٻري رهيو آهي ۽ هيٺان ٻسڙ مان بيل گاڏي چنگهندي چيڪندي وڃي رهي آهي ۽ ان تي هڪ بيڪفن، بيوطن لاش آهي، جو جيئري به مئو هو ۽ مئي به مئو آهي– ڪٿي ڪنڊيءَ جي چڊي چانو هوا کي هلڪڙيون ٺڦون هڻي رهي آهي، نه ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچو ڏڳ اُنت ۽ اُپس آهي. هاڻي لاش ڪنو تي رهيو آهي ۽ سپاهي ان جي ٻڌانس ڪان ٻچڻ لاءِ منهن تي پٽڪي جو پلئه ڏئي رهيو آهي. اوچتو هو فوٽيءَ جي پاءُ کي ڇوي ٿو، ”سچ ۾ سڙون ٻه اسان، خرچي ٻه اسان کي نه ملي.“ فوٽيءَ جو پاءُ اهو ٻڌي، مونن مان منهن ڪڍي ٿو ۽ پڳ جي پلو مان ڪجهه رپيا ڇوڙي هن کي ڏئي ٿو. سپاهيءَ کي اُنت گهٽبي نظر اچي ٿي. نيٺ اسپتال ٻه اچي ٿي. ڪمپائونڊر چار ڏوڪڙ وٺي، لاش اسٽريچر تي ڪڍائي، حادثاتي وارڊ ڏانهن نئي ٿو. پوءِ ڪمپائونڊر ۽ سپاهيءَ جي وچ ۾ سس پس ٿئي ٿي. لاش چيربو نه گرميءَ ۾ رجهي ويندو. وڏ ڪپ نه ڪئي وڃي ۽ پوسٽ مارٽم وارو فارم ائين ئي پربو وڃي. قانون، اخلاق ۽ ذميداريءَ تي بحث ٿئي ٿو ۽ نيٺ ڪجهه ڊاڪٽر، ڪجهه ڪمپائونڊر کي رشوت ڏني وڃي ٿي ۽ لاش نئون سنئون موٽي ملي ٿو ۽ بنا پوسٽ مارٽم جي پوسٽ مارٽم نوٽ ڏاهيا وڃن ٿا.

هوڏانهن صوبيدار لانديءَ جي چانو ۾ پاسا ورائي رهيو آهي ۽ فريادي هن کي وچڙو هڻي رهيو آهي. هن جو متو ويهاڻي جي گرميءَ ۾ پگهرجي ويو آهي ۽ هن جي تن ۾ تناءُ آهي. هو ننڊ ۾ ان جو ڪوٺيءَ جهڙو منهن ڏسي رهيو آهي، جنهن جي مڙس کي خون ۾ جهليو هئائين ۽ جا ٿاڻي تي سڏڪا پري رني هئي. اوچتو سوسيءَ جي شلوار جو اڳٽ ڇڙي نانگ ٻڻجي وڃي ٿو ۽ هوا ۾ ٽپو ڏئي ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ بدلجي وڃي ٿو ۽ ڦندي ۾ هن جو مڙس لڙڪي رهيو آهي، جنهن جي ڪڍ هن رت لڳل ڪهاڙي لاٿي هئي ۽ جنهن کي مارڪٽ ڪري هن مئجسٽريٽ وٽ باس ڏياري هئي. هو، جو بي قصور هو، تنهن ڦاسيءَ جي سزا ڪاڏي هئي. هن رشوت ڪاڏي هئي، هن ڦاسي ڪاڏي هئي! عجيب ڪاڏو آهي هن ديس جو! پر هو ڪير هو؟ ڪير؟ ڪيئي ڦاسي ڪاڏي ويا، ڪيئن ڇٽجي، هو ڪير هو! هن لاءِ انسان نه آهي، فريادي آهي يا

جوابدار آهي، سٺيي آسامي آهي يا اٺيي، ڏنيرو آهي، جهينگو آهي، ڪيڪڙو آهي جو هن جي ڪکيءَ جي ڪاريءَ ۾ پنهنجا چلر ڇڏي وڃي ٿو. هو ڪير هوندو آهي، جو عدالت جي پڃري ۾ چپ وانگر هوندو آهي ۽ جنهن ڪي سرڪاري وڪيل ڪارو جبو پاتي ڪنهن پوپي وانگر ڏسندو آهي ۽ جنهن جي سلوڪ سرير ڪي هو ٻڍو ٻيمڪٽو جج پنهنجي اوچيءَ ڪرسيءَ تان ڪرب سان ڏسندو آهي؟ هو بي ڏوهه آهي پر پوءِ پ-پ-ڪ جي قلم ۳۰۲ جو ڏوهي آهي ۽ ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ لڙڪي رهيو آهي.

نند ۾ صوبيدار جي اکين مان ڳوڙها ٽپڪي رهيا آهن ۽ وڇڻي جي جهلڪي تي هن جي اکين ۾ ٽڏاڻ پيدا ڪري رهيا آهن.

نند! تون هر ڪنهن لاءِ ساڳي نہ آهين. تو ڪُتّي ۽ ڪانئر ڪي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪيو آهي. تو وٽ هن جو جوڳو ڪيتو موجود آهي. تنهنجو هر سپنو هن لاءِ ڦٽڪار آهي، ڦٽڪو آهي جو هن ڪي لچائيندو رهندو آهي؛ پر هي تنهنجو ياءُ، هي موت تہ سڀ ڪي معاف ڪيو ڇڏي!

لڙيءَ ۾ پهريءَ جو هن ڪي جاڳ ٿئي ٿي. هو اوپاسيون ڏئي اٿي ٿو. اڃا لڪ لڳي رهي آهي. ڪانوَ ڪانگيرن مان ٻاهر نہ نڪتا آهن. لانڍيءَ ۾ هڪ ڪُجليءَ هاٿو، ڪنگيءَ وتو ڪتو پنهنجن ڇڇڙن تي گُرڪي رهيو آهي. ڪَچيءَ جي چوٽيءَ مٿان هڪ هِل ڪيڪرائيون ڪري رهي آهي. هو ڪٽي ڪي 'هل' چئي، ڪٽ تان اُٿي ٿو ۽ پرسان رکيل نڪر جي ڪوُنري مان منهن تي ڇنڊا هڻي ٿو. صاحب ڪي سنيرندو ڏسي، عملو بہ تيار ٿئي ٿو. رات جوابدارن جي ڳوٺ ۾ ڏابو ڪرڻو آهي. ●

جڏهن جي ڳالهه آهي تڏهن آرتوار موڪل جو ڏينهن هوندو هو ۽ ان ڪري ڇنڇر شام جو سکر جا وڪيل گهڻو ڪري آفيس بند رکندا هئا. انهن مان ڪي شام جو سئنيما تي ويندا هئا ۽ ڪي جمخانه ڪلب ۾ وسڪي پيئندا هئا يا رمي يا برج کيڏندا هئا. سياري ۾ مان ٻه، ٽي ڀيرا جي ماڻي ڪاڻي، ڪار ۾ باگڙجيءَ هليو ويندو هوس. باگڙجي سکر کان اٺ ميل پري آهي ۽ ان جي پير ۾ ٻيلو آهي. ڪار بند تي روڪي مان ٻيلي ۾ گهمڻ هليو ويندو هوس. ٻيلي ۾ مون کي عجيب سڪون ملندو آهي ۽ ٻڪي ٻڪڻ، وڻ ٽڻ، ڍوري ناري سان قربت جو احساس ٿيندو آهي. مون سدائين محسوس ڪيو آهي ته مون کي مارڪس کان ٿارو وڌيڪ ويجهو رهيو آهي، ۽ انقلابن، خونريزين ۽ طبقاتي جهاد لاءِ رغبت جا مون ۾ پنهنجي ماحول سان نفرت پيدا ڪئي آهي، دراصل منهنجي فطرت سان عين مطابقت نه ٿي رکي. مان ڪنهن وڻ کي ايتريءَ سڪ سان ڀاڪر پائيندو آهيان جيتريءَ سڪ سان ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان ڪراچي جيل ۾ پاتو هيم، ۽ ٻيلي ۾ ڪاٺ ڪٺي کي ٻير جو ڏار ٽڪيندو ڏسندو آهيان ته مون کي نارائڻ شيام ’هيڪڙو‘ لڳندو نظر ايندو آهي. جديد ٽيڪنالاجيءَ جي پيداوار مون تي ڪوئي جادوءَ جو اثر نه ڪندي آهي ۽ مان صنعتي ترقيءَ کي ”جديد سهوليتون“ ڪوٺي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهيان. ناظم حڪمت سان محبت جي باوجود، هن ۾ ۽ مون ۾ اهو فرق آهي ته هيءَ پراسرار ڪائنات مون لاءِ ڪنهن به شپ يارڊ يا اسٽيل مل کان وڌيڪ پرڪشش ۽ بامعنيٰ هوندي آهي، ۽ مان ان جي ڪنهن به راز کي افشا ڪرڻ جي نه ڪوشش ڪندو آهيان ۽ نه پاڻ ۾ اهڙي صلاحيت پائيندو آهيان، ۽ ان کي، جيئن به آهي، پنهنجي حسن ۽ حيرت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفريني ۽ سان، ائين ٿي ڏسي لطف اندوز ٿيندو آهيان. مون کي مفڪر جو دماغ آهي به يا نه، پر هڪ مصور جي دل ضرور آهي.

باگڙجي ۽ جي ٻيلي ۾ سان چور چڪار جي ڀؤ کان گولين سان ڀريل رولور کڻي ويندو هوس. دگ تي ٻيلي جي ٺيڪيدارن جا مقرر ڪيل چوڪيدار، جي ڪاٺين جي چوڪڙين تي پهرو ڏيندا هئا، مون کي سڃاڻي ويا هئا، ۽ منهنجي طلب تي مون کي چانهه چڪي ٺاهي ڏيندا هئا. ڪنڊين ۽ ٻٻرن جي وڻن هيٺان، سياري جي لڙيءَ ۾ ڦيرائيون کائيندڙ، سرنهن جي ٽڪل ڦرين ۽ وڻن جي ڇڻيل پنن جي وچ ۾ ويهي، جڏهن چوڪيدار سڪل ٽارين کي باهه ڏئي، چانهه جي ديگڙي ان تي رکندا هئا، تڏهن باهه جون چڻگون هوا ۾ ٽانڊاڻن وانگر اڏامنديون هيون، ۽ ٻريل ٽارين مان نڪهيل اگر انهن شاعرن جي اکين وانگر دهڪندا هئا جن کان صديون مون کي جدا نه ڪري سگهيون آهن ۽ جي جڻ مون سان ٻيلي ۾ گڏ هوندا هئا ۽ مان پنهنجي چانهه جي پيالي هوا ۾ مٿي ڪري، رس خان يا روحل فقير يا ٻئي ڪنهن پراڻي يار جي نالي ٽوسٽ ڪري پيئندو هوس.

باگڙجي ٻيلي جي اندر هڪ وڏو ڍورو آهي جو شفق جي پاڇاون ۾ مون کي انگريز مصور ڪانسٽيبل (Constable) جي تصويرن جي ياد ڏياريندو آهي. سياري ۾ ان ڍوري تي سوين پرڏيهي پکي اچي لهندا آهن، آڙيون، هنجرون، نيرگيون، ڊگوش، ٻڏڙا، چيڪلا، ٻوڻاڙ، ڦاراوا، لنگها، ٽوڏايا وغيره. مان انهن پکين کي آڪير سان ڏسندو هوس ۽ ڪڏهن انهن جي نالي تي سوچي، مون کي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ وسعت تي پيار ايندو هو. لنگهي پکيءَ تي اهو نالو ان ڪري پيو هو، جو هو اڏڻ مهل دهل وانگر 'ڊب ڊب' ڪندو آهي. ڊگوش ڳاڙهي رنگ جو وڏو پکي ٿئي ۽ ان کي ڏسي الاجي ڇو مون

ڪي شولوخوف جي ياد ايندي هئي. شايد ان ڪري ته هو پڻ ڪان وڏو هوندو آهي، رنگ جو ڳاڙهو هوندو آهي ۽ ڊگوش جي پچاڙيءَ ۽ شولوخوف جي اڳياڙيءَ ۾ شين جو اکر آهي. اهو سبب به ٿي سگهي ٿو ته ٻئي روسي آهن، ڊگوش سائبيريا جو ۽ شولوخوف قازقستان جو.

ڀڪين وانگر مون کي مڇين سان به محبت هوندي آهي ۽ مهاڻن سان انهن جي باري ۾ ڳالهائيندي نه ٿڪبو آهيان؛ مان ننڍو هوندو هوس ته ٻيڙيءَ تي چڙهي، زنده پير ويندو هوس ۽ ميربحرن کان پلن، ڏيرن ۽ ٻين مڇين جي باري ۾ پڇائون ڪندو هوس. مون کي اڃا تائين ياد آهي ته انهن ڏينهن ۾ مون کي هڪ ميربحر ٻڌايو هو ته پلو واري ۽ ڏيرو ڪڪ ڪائيندو آهي ۽ چرڪا، سينگاريون ۽ ڪڳا شڪاري مڇيون آهن. مان وڪيل ڇو ٿيس ۽ آمريڪي ناول نويس جان اسٽينبيڪ (John Steinbeck) وانگر بحري حياتيات (Marine Biology) جو ماهر ڇو نه ٿيس، اهو قصو ڪنهن ٻئي وقت بيان ڪندس.

سائنس سان مون کي چڙ نه آهي، دراصل مون کي ان سان بيحد محبت آهي. مون شاعريءَ ۽ سائنس ۾ ائين تضاد محسوس نه ڪيو آهي جيئن ليونارڊو دوانسيءَ مصوريءَ ۽ سائنس ۾ تضاد محسوس نه ڪيو هو. ها، پر مان ليونارڊو وانگر سائنسدان نه آهيان ۽ هن جي نالي کي وچ ۾ آڻي بيجا انانيت جو مرتڪب ٿيو آهيان (اها ٻي ڳالهه آهي ته مان پنهنجا ڪي شعر مونالزا سان بخوبي ڀيٽي سگهان ٿو.) سائنس سان محبت جي باوجود مون کي سائنس جي انڌي هر مداح تي چڙ آهي، جو دهلاريءَ وانگر ڏونڪي جي چوٽ تي چوندو آهي ته سائنس ڪائنات جي هر اسرار کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي اهل آهي.

مان پانيان ٿو ته ڳالهه ڊگهي ٿي وئي آهي، دراصل مون کي چوڻو اهو هو ته منهنجي فطرت جي هر مظهر سان محبت آهي، پوءِ اهي وڻ هجن، پکي هجن، ڍنڍون ڍورا، درياءَ

يا سمنڊ هجن يا انهن ۾ پلندڙ مڇيون ۽ پيدا ٿيندڙ گاهه هجن. سنڌ جي ڍنڍن ۽ ڍورن ۾ ٿيندڙ گاهه - ڏير، ٽوپ، ڪل، نڙ، ڪاراندو، پڀي، پٽ، پرڙ وغيره - جو پٽو پٽو مون کي پيارو لڳندو آهي ۽ مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته گاهه کي به پکيءَ وانگر ساهه آهي. مون ته ايستائين محسوس ڪيو آهي ته پاڻيءَ کي به ساهه آهي ۽ ڪڏهن اڳين يوناني فلسفين وانگر مون پاڻيءَ کي ئي شين جي اصل حقيقت سمجهيو آهي. هڪ ڀيري مان استنبول ۾ باسفورس سمنڊ جي ڪناري تي ٺهيل شيراٽن هوٽل ۾ ترسيل هيس. هوٽل ۾ هر ڪمري کي هڪ شيشي جي ديوار هئي جنهن مان باسفورس جو منظر نظر پئي آيو؛ جنهن تي ڪيئي پاڻيءَ جا جهاز بيٺا هئا. هڪ ڏينهن پنيرڪي جو مون شيشي واري ديوار تان پردا هٽايا ته سامهون باسفورس جي ڏندلي تصوير نظر آئي. آهستي باڪ ڦٽندي وئي ۽ جهازن جا سڙهه ۽ ٿوها آسمان جي پس منظر ۾ نظر اچڻ لڳا ۽ باڪ جا ڳاڙها شعاع پاڻيءَ تي پيا جو پرڏي رات وڇايل چادر وانگر لهرائڻ لڳو. نه ڄاڻان ته رات جو پيتل ترڪي شراب راڪيءَ جو اثر هو (پر مان پاڻيان ٿو ته ائين نه هو)، مون کي ائين محسوس ٿيو ته باسفورس مان سيلاب ايري رهيو آهي، چوڌاري پرليءَ جو پاڻي آهي، شيراٽن هوٽل به پاڻيءَ سان پاڻي ٿي ويو آهي ۽ مان پاڻ پاڻيءَ جو هڪ قطرو آهيان ۽ چوڌاري بحر بيڪران آهي جنهن ۾ ڌرتي ۽ آسمان پئي ٻڏي هڪ ٿي ويا آهن. مان پاڻيان ٿو ته هندستاني ويدانتيءَ سوامي رام تيرٿ به ساڳي ڪيفيت محسوس ڪئي هوندي جنهن وقت هن ”تون به لهر، مان به لهر“ چئي جمنا ۾ ٽپو ڏنو هو ۽ ان سان هڪ ٿي ويو هو.

ماڻهوءَ جو من به ڏاڍو چنچل ٿئي ٿو. پل ۾ هتي پل ۾ هتي. مون ڳالهه شروع ڪئي باڳڙجيءَ سان ۽ وڃي پهتو آهيان باسفورس تي. سو جنهن ڏينهن جي مون ڳالهه تي ڪئي، ان ڏينهن مان

ٻهلي ۾ ڍوري جو ڪنارو ڏٺــي، ڪافي اڳتي نڪري ويـو هوس. اتفاق سان ان ڏينهن مـون کي ڪانهن جـي چوڪڙين تي ڪوئي چوڪيدار نظر نہ آيو. چوڌاري چپ چپات هئي. اوچتو بندوقن جا ٺڪاو ٿيا. مون ڏٺو تہ هوا مان پنج نير ڳيون ڦهڪو ڏئي پاڻيءَ ۾ ڪريون. مان وڻ جو پاسو ڏئي ويٺم تہ ڪافي دور چـار همراهہ بندوقون جهلـي بيٺا هئا. انهن مـان هڪڙي بندوق پر تي رکي، ور مـان چاقو ڪڍي ڪوليو ۽ پاڻيءَ ۾ گهڙيو. ٿوريءَ دير ۾ هو پنج ئي پکي کڻي آيو جن مان ٽي فير سان مري چڪا هئا ۽ ٻہ زخمي ٿي ڦٿڪي رهيا هئا. هن انهن ٻن کي چاقوءَ سان سير ڏني. بندوق سان مئل تہ هــونءَ ئي حلال ليکيو ويندو آهــي. بندوق جـي ٺڪاو تــي ڪيترائي پکي اڏامي ويا هئا، ۽ آسمان ۾ رڙو رڙ پئجي وئي هئي پـر ٿوريءَ دير کان پوءِ ڍوري تــي وري بلڪل سانت ڇانئجي وئي. مان پانيان ٿو تہ هابيل جي قتل کان پوءِ قابيل بہ چوڌاري اهڙي سانت محسوس ڪئي هوندي. وير نہ گذري تہ وري هڪ ولر ڍوري تي اڏامندو آيو. پر تي ويٺل همراهن مان ٻن ڄڻن ان تي فير ڪيا. پنج ڇهہ پکي پاڻيءَ ۾ ڪري پيا. چاقو وارو همراه پنهنجيءَ ستن جا پاچا کهنجي، گوڏي پر پاڻيءَ ۾ گهڙيو ۽ 'لپڙڪ لپڙڪ' ڪندو اهي پکي ٻـہ پاڻيءَ مان ڪڍي آيو. مون ڏٺو تہ انهن پکين ۾ هڪڙو شولوخوف هيو، منهنجو مطلب آهــي تــہ هڪ ڊگوش هيو. وري سانت ڇانئجي وئي، وري پيا ولر آيا. وري فير ٿيا، وري پکي پاڻيءَ ۾ ڪريا، ڪي فير سان مري ويا ۽ ڪن کي پڪڙي چاقوءَ سان سير ڏني وئي. آخر ۾ هنن وڻـن تــي ويٺل ڏهہ پندرنهن 'ڪوڪڙات' ماريا جن جو گوشت لوڙ وارو ۽ بي‌مزي ٿيندو آهي ۽ انهن کي ڪوئي بہ شوق سان کائيندو نہ آهي. جڏهن رات ٿي ۽ وڻ ڏڻ اونده ۾ ڍڪجي ويا، مـان وڻ جي اوٽ مان نڪري شڪارين کان اڪل ويهن قدمن تي ٻي وڻ جي

اوت ڏئي ٻيٺس. هنن سڪل تاريون ميڙي مچ ٻاريو ۽ ٻه ٻڪي ڳوهه جي سيخ ۾ وجهي انهن کي مچ تي سڄهي ڪرڻ لڳا. هڪ همراهه وسڪيءَ جي ٻوتل کولي ۽ گلاسن ۾ هڪ هڪ پيگ وجهي پاڻي ملايو ۽ پوءِ هرڪنهن پي تي ڍڪ پيتا. ايتري ۾ چاقو واري همراهه ڪوڪڙات ڪٺي پري اڇلايا ۽ چيائين ته "اڄ سؤ کن ٻڪي ماريا آهن، اهي ڪافي آهن، ڪوڪڙات ڪير کائيندو! مان پاڻيان ٿو ته ڪوڪڙات جو گوشت حرام آهي." سيئني هن سان اتفاق ڪيو. پوءِ چاقوءَ واري همراه ٻڳوش کي ٽنگن کان جهلي ابتو لٽڪايو. ٻاهه جي روشنيءَ ۾ هن جو انقلابي رنگ هونءَ کان به وڌيڪ ڳاڙهو نظر آيو. پوءِ هو ٻڳوش جا ڪنڀ ڪپي هن کي چاقوءَ سان ڇلڻ لڳو.

اوچتو مون کان رهيو نه ويو. مون روالور جون ٻه گوليون شڪارين طرف هلايون جي هنن کان ٿورو دور ڪنڊيءَ جي ٿڙ ۾ لڳيون. چاقوءَ واري همراه جي هٿ مان ٻڳوش ۽ چاقو ٻئي وڃي پٽ تي پيا ۽ هن جا ٻيا ساٿي ٻه چرڪ ڀري، ٽپو ڏئي اٿيا. مون ساڳي وقت وحشي چيخ ڪري چيو "ظالمو!" شڪارين مان هڪڙي رڙ ڪئي "ڏاڙيل!" "ڏاڙيل!" "ڏاڙيل!" باقي ڇئن به رڙيون ڪيون. مون هڪ گولي وڌيڪ هلائي ته هو شڪار ڇڏي وٺي ڀڳا.

تنهن کان پوءِ مون باقي چار گوليون به هلايون ۽ هر گولي فير ڪرڻ کان اڳ رڙ ڪري چيو "ظالمو!"........ "ظالمو! ظالمو! ظالمو!" جي رڙين سان جهنگ گونجي اٿيو. هو سيئي ڊوڙندا اونده ۾ گم ٿي ويا. مون سوچيو ته مون نه هنن کي جيئرو ڇڏائي ڪيو آهي پر رستي تي جيڪڏهن ڪنهن سوٽر هنن کي وچ ۾ هنن جا آنڊا ڪڍي وڌا يا هنن کي ٽانگ ڪاڏو ته مون کي افسوس نه ٿيندو ڇو ته هو خوني هئا. مون افسوس سان ٻاهه جي روشنيءَ ۾ ڏهه پندرهن مئل ڪوڪڙات ڏٺا جن جو گوشت ڪوئي به نه کائيندو آهي. پوءِ

مون ٻاهه جي پرسان ڪرڀل ڊگوش ڪيڪٽي جهول ۾ جهليو ۽ چيو ته ”شولوخوف! جي هي وري تنهنجي شڪار تي آيا ته هنن ڪي سڌو ڇاتيءَ ۾ گولي هڻندس.“

پوءِ مون منهن مٿي ڪري آسمان ڏانهن ڏٺو. ان جي سيني تي چنڊ ٽائٽ وانگر لڙڪي رهيو هو. زندگيءَ جي تجربن منهنجيءَ سوچ ۾ گهڻي ڦيرگهير آندي هئي. جو اهو واقعو اڃا به ڪجهه سال اڳي ٿئي ها ته مان اهو ٽائٽ زور سان چئي، آسمان جي منهن ۾ هڻان ها. ●

---

ٿارو- آمريڪا جو فطرت پرست اديب.
جان اسٽينبڪ - آمريڪا جو نوبل انعام يافته ناول نويس.

مان رومانيا جي مصور مائڪلو باراباس* جـي تصوير "سالستيءَ جا جابلو ڪسان مارڪيٽ جي رستي تي"** ڏسـي رهيو هوس. اها اصل تصوير بداپيسٽ ۾ آهي پر اُن جو آنارو (Replica) بخارسٽ ۾ آهي. تصوير ۾ نظر اچي رهيو آهي ته ُوڻن جي جهڳٽن ۾ ويندڙ هڪ عورت ٽٽونءَ تـي سوار آهي ۽ ٻيءَ چانورڙي ۾ ڌاڙو ڪيو آهـي ۽ پنڌيءَ مـان ڪجهه ڪڍي رهـي آهـي؛ هڪ ڪُتو ۽ ڏينڊڙو هاري ٽٽونءَ جـي واڳ جهلي بيٺو آهي ۽ ان تي سوار وينگس ڪي ڪجهه چئي رهيو آهي ۽ ٻيو هاري جنهن کي سينٽ پال جهڙي ڏاڙهي آهي ۽ جنهن کي ڦندڻ سان ٽوپي پئـي آهي، ڪُڪي هـاريءَ ڏانهن ڪن ڏئـي، هن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهـي. هارين ۽ هارياڻين پٺيان ڪنڌيءَ جهڙا ڳهاٽا وڻ آهن. تصوير ۾ ڪسان فطري مناظر جو اڻوٽ انگ لڳن ٿا.

مٿين تصوير ڏسي، منهنجين اکين اڳيان هڪ ٻي تصوير ايري اچي ٿي—

(ان ڪـي ڪيئي سال ٿيا. منهنجي مـرحوم پـيءُ ستر جريب زمين چڏي هئي جـا اسان جو نلو پلو سهارو هوندي هئي. فصل تيار ٿيندو هو ته منهنجو ڪمدار، مون کي پنهنجي گهوڙي تي سوار ڪري، انهيءَ تـي وٺي ويندو هـو ۽ هڪ ڦيري—)

فضا ۾ ڪوريئڙي جي چار واري چپ چپات آهي. مان گهوڙي تي هڪ سڪل واهه مان وچي رهيو آهيان. منهنجو ڪمدار، جنهن کي ميندي‌ءَ لڳل چاپئين ڏاڙهي آهي، مون سان

---

* Miklo Barabas, 1810-1890

** Mountain peasants of Saliste on way to Market.

نوٽ:- سالستي رومانيا جي هڪ وستي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳڌ پيدل هلي رهيو آهي. ڪنڌيءَ جون سڳريون منهنجي مٿي کي لڳڻ ٿيون ته هڪ پورو ٽنڊ هوا ۾ اڏامي ٿو ۽ هن جا پر هوا کي ڦٿڪائيءَ وانگر ڪٽرڻ ٿا. سياري جي هوا ۾ ڏرڻيءَ تي ڪريل سڪل پنن تي سنهن جي چيٽاڙ جو آواز اچي ٿو. سامهون هڪ گڏڪو هاري اچي ٿو، ڪمدار سان حالي حوالي ٿئي ٿو؛ هن سان ڳڌ هن جي ڪڙي تڙي وڏور ڏيءَ آهي جنهن جي ڳهڳهي ۾ آرهه انهن ڏيکاري ڏئي رهيا آهن ڇڻ ڪنهن ڳوٺڙيءَ ۾ ٻه جيئرا جانور بند آهن. هو هر ڳالهه تي 'خدا خير ڪندو' چئي رهيو آهي. هن جو سارو مذهب خوف تي مبني آهي. انهن ٿو لڳي ڇڻ هن کي سرديءَ، پيريءَ، موت کان خوف اچي رهيو آهي ۽ ان تي هن پنهنجو ايمان اوني لوئيءَ وانگر ويڙهي ڇڏيو آهي.

اڳتي وڌون ٿا ته هڪ ڪرڙوڙ هاري ملي ٿو. هن کي ڇڏي، ته - ڪڇي ڏاڙهي آهي. هو ڪاوڙ ۾ آهي، ڇو ته عدالت هن جي فرياد خارج ڪري ڇڏي آهي. هو ڏند ڪرٽي ٿو ته هن جون هيٺيون ۽ مٿيون مهاڙيون جنڊ جي ٻن پڙن وانگر هڪٻئي سان رڳڙجن ٿيون ۽ پوءِ چوي ٿو، 'ٻلو' پراڻا نه ٿيندا آهن'. گهوڙي کي ايندو ڏسي جهنگ ڪڪڙ ٽهي تي ۽ ان جي ٽاهه تي ٻه هد هد اڏامي وڃن ٿا.

سڪل واهه جي پرسان ٻني آهي جنهن تي ٻاجهريءَ جا سنگ ڪنهن بوجريءَ ٻليءَ جي پڇيءَ وانگر لڳي رهيا آهن. ڳپل پنڌ اڳتي وڃون ٿا ته ٽيون هاري ملي ٿو. هن جي ڏاڙهي ڪوڙيل آهي، ڪارا شهپر وڌيل آهن ۽ مٿي تي اهر ذئل اجرڪ جو ڦندڻ مور ڍڪيءَ وانگر ٽڙيل آهي. هن جي ڪهاڙيءَ جو ڦر سج جي ڪرڻن ۾ تجلا ڏئي رهيو آهي. (ڪهاڙيءَ جي ڦر جون ٻئي واڇون اجايل لڳي رهيون آهن ۽ اڃا رت نه چکي اٿائون).

هو ٻه ڪمدار سان حالي حوالي ٿئي ٿو. هو سرديت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ملاقات لاءِ سنبريل آهي. منهنجو ڪمدار ٻــہ سير سواد ڪندو آهي ۽ چوندو آهي، "سائين، مڙس رڳو گهمڻ نہ ويندا آهن، گهمڻ گهتڻ ويندا آهن."

ائين اڳتي وڌندا رهون ٿا. پپل جي ڏاريءَ کي ڏڪيندڙ ڪات ڪٽو، هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڏاريءَ ۾ چهنب هڻي ٿو، چڻ ڪنهن جي امانت ۾ خيانت ڪري رهيو آهــي ۽ پوءِ گهوڙي سوار کي ايندو ڏسي، ڀڙڪو ڏئي آڏامي وڃي ٿــو. ائين ماڻهو ملن ٿا، رنگا رنگ پکيئڙا اڏامي وڃن ٿــا ۽ سج کهاڙيءَ سان ڪنهن ڪاريءَ جي لٽل منڊيءَ وانگر ڦيرائيون کائيندو هيٺ وڃي ٿــو ۽ سڪل واهہ ۾ سانجهي ٿــي وڃي ٿي ـــ سڪل واهہ، جنهن ۾ بيٺل پاڻيءَ جي اپٽري چڙ ٻہ نہ آهي جو ان ۾ ڪوئي ڪرندڙ پن چڙ پڙ پيدا ڪري سگهي.

مان سوچان ٿو تہ جي مان مصور هجان ها تہ ڪيترديون نہ تصويرون ڪڍي سگهان ها! ڇا مان پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ اپٽريون تصويرون ڪڍي سگهان ٿو؟ ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سوريئلي آرٽ تي ڳالهائيندي، پنهنجي دوست حمايت علي شاعر کي چيو، ”مون سوريئلي مصور سئلويڊار ڊاليءَ (Salvador Dali) جي ڇپيل ڊائريءَ ۾ هڪ هنڌ پڙهيو هو ـــ ”نه، چاڻان هي هوٽل جا بيرا منهنجي پلوٽ ۾ تريل ڪيڪڙي جي بدران رڌل ٽيليفون ڇو نه ٿا ڪٽي اچن!“

ڊاليءَ جو اسپين ۾ ڄاڻو نپنو هو، مٿين ڊائريءَ جي اشاعت وقت آمريڪا جو شهري هو ۽ ديوانگي هن جو ذندو ٿي چڪي هئي. هن جي هر تصوير جنهن جو موضوع پنهنجي تحت الشعور جو اظهار هو ۽ جنهن جو شعوري فهم، جي ناممڪن نه هو ته به نهايت مشڪل هو، لکين ڊالرن ۾ وڪامندي هئي.

مون هن جي ڊائريءَ ۾ مٿيون جملو پڙهي سوچيو هو ته جي مون کي به ساڳيو لڙهو اچي ته، مان جهڪر هيئن لکان ـــ

”هڪ ٽنبورو ڪنڌيءَ جو خواب لهي رهيو آهي.“

يـا

”طوفان اچي رهيو آهي.

درياهه پنهنجي آرڪيسٽرا تيار رکي آهي.“

ان تي حمايت علي شاعر چيو، ”پر تنهنجي ڳالهه ۽ ڊاليءَ جي ڳالهه ۾ ڪهڙي مشابهت آهي!“

”ڪائي به نه،“ مون جواب ڏنو، ”ان کي ئي سوريئلي آرٽ چئبو آهي. ها، اسان ٻنهي ۾ هڪ ڳالهه ساڳي آهي ته، آرٽ ذريعو آهي، مقصد نه آهي جيتوڻيڪ مقصد ٻنهي جا مختلف آهن.“ ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ حالات جي منطقي رشتي کي بي پرواهيءَ سان ڏسندي آهي پر تاريخ نويس ماضيءَ تي گهري نظر رکندو آهي ته حالات ۾ منطقي رشتو ليي پوندو آهي.

ٻي جنگ عظيم کان ڪجهه وقت اڳ مون ڀهريون پيرو مرحوم لطف الله بدويءَ کي شڪارپور ۾ هاڻيءَ در لڳ هڪ ڇاپ خاني ۾ ڏٺو هو. ان وقت هو هڪ مختصر حلقي اڳيان مجدد ۽ مجتهد ۾ فرق تي پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري رهيو هو ۽ هن جي گفتگوءَ ۾ مجدد الف ثاني، شاهه ولي الله، سيد احمد بريلوي، شاهه اسماعيل شهيد، سر سيد، مولانا حالي، علامه اقبال وغيره جا نالا باربار پئي آيا. ڪنهن وقت هن اسلم جيراجپوري ۽ چوڌري پرويز جا حوالا به پئي ڏنا ۽ اسد ملتانيءَ ۽ ظفر علي خان جا شعر به پئي پڙهيا. اها ساري گفتگو اسلامي احيا جي داري ۾ هئي. ان کان اڳ مون مرحوم لطف الله بدويءَ جا رڳو ڪجهه نظم ۽ گيت سنڌو رسالي ۾ پڙهيا هئا ۽ شڪارپور جي حلقن ۾ اهو تاثر هو ته لطف الله بدوي ۽ ڪيئلداس فاني شڪارپور جا ٻه چوٽيءَ جا شاعر هئا، جيتوڻيڪ بدوي صاحب فانيءَ کي نيم شاعر سمجهندو هو.

ٻي جنگ عظيم شروع ٿي چڪي هئي ته منهنجي لطف الله بدويءَ جي وڏي فرزند احسان بدويءَ ۽ هن جي رشتيدار لعل محمد لعل سان دوستي ٿي وئي. (احسان بدوي پوءِ ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ٿيو جتي هو رحلت ڪري ويو.)

فقير غلام علي مسرور ؛ ، (جنهن جو ڪتاب 'مسدس مسرور' اسان ڪاليج ۾ درسي ڪتاب طور پڙهندا هئاسين) لطف الله بدوي جو قريبي رشتيدار هو ۽ مان ڀانيان ٿو ته انهن ڏينهن ۾ هن سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائر ڪيو هو ۽ هاڻي

در ڪان ڪجهه پند تي گوشه نشينيءَ جي زندگي بسر ڪندو هو. مان احسان بدويءَ ۽ لعل محمد مان ڳڏجي ڪڏهن ڪڏهن هن وٽ ايندو هوس. مسرور فقير جي صورت ۽ سيرت ٻئي ليپائيندڙ هيون، هو تصوف جي صاف ستري هوا ۾ ساهه کڻندو هو، موسيقيءَ سان گهرو لڳاءُ رکندو هو ۽ ستار ڏاڍي چڱي وڄائيندو هو. جنهن وقت هو ستار تي پنهنجون گوريون چٽيون آڱريون رکندو هو ته مون کي ائين لڳندو هو ته ستار جي تارن مان رابيل جا گل ڦٽي پوندا. هڪ ڀيري اسان آرهڙ جي گرميءَ ۾ هن جي اوطاق تي وياسين ته هو اڪيلي سر ستار هلائي رهيو هو ۽ جڏهن هن ستار هلائي بس ڪئي ته مون ائين محسوس ڪيو ته اونهاري جو ڏينهن هڪ تازي سنگتري وانگر ڪچجي پيو اڌ ٿي پيو هو، جنهن جو ميٺاج ۽ تازگي شام تائين منهنجي روح کي فرحت ڏيندي رهي.

مرحوم لطف الله بدوي ڪنهن وقت جوڳي تخلص ڪندو هو، يڪتاري تي صوفيانه ڪلام ڳائيندو هو ۽ خير محمد صوفيءَ جي ڪلام سان هن کي خاص رغبت هوندي هئي. مان يارنهن ٻارهن سالن جو هوس ته مون هن جو هڪ گيت ’وري ڪوڪ ڪويل آها ڪوڪ پياري‘ سندو رسالي ۾ پڙهيو هو جو مون کي ايترو ته وڻيو هو جو مون کي اهو پورو گيت ياد ٿي ويو هو (ڪجهه وقت پوءِ ڪنهن پراڻي اردو رسالي ۾ ڪنهن اردو شاعر جو گيت پڙهيو هوم جنهن جي هڪ سٽ ’وهي ڪوڪ ڪوئل وهي ڪوڪ پياري‘ مون کي اڄا تائين ياد آهي.) مان جڏهن احسان بدويءَ ۽ لعل محمد سان گڏجي لطف الله بدويءَ وٽ ويو هوس تڏهن هو جوڳي تخلص ڇڏي، بدوي تخلص اختيار ڪري چڪو هو. ان ڏينهن هن اسان سان علامه اقبال جي ڪتابن، اسرار خودي، رموز بيخودي ۽ ارمغان حجاز تي گفتگو ڪئي هئي ۽ اسرار خودي ۽ رموز بيخودي جي تتبع تي پاڻ جيڪا مثنوي فارسيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکي هئائين، اسان کي پڙهي پڌائي هئائين. مون ائين محسوس ڪيو هو ته جنهن وقت مرحوم زير اضافت ۽ همزهٔ اضافت جو استعمال تي ڪيو، هن جي فارسي شعر جو وزن ٽٽي ٿي پيو. مرحوم لطف الله بدويءَ ۾ خود داري خود پرستيءَ جي حد تائين موجود هوندي هئي. شهر ۾ هن کي هرڪوئي سڃاڻندو هو ۽ جيتوڻيڪ ائين نه ٿو چئي سگهجي ته ڪوئي هن سان محبت ڪندو هو پر هن جي عزت ضرور ڪئي ويندي هئي، جيئن ڪنهن اهڙي شيءِ جي عزت ڪئي وڃي جا ماضيءَ جو يادگار هجي ۽ جنهن جي نئين نسل کي چڱيءَ پرچاڻ نه هجي، جيئن ڪنهن مينار جي يا جهوني قلعي جي يا ڪنهن مشهور جبل جي عزت ڪئي ويندي آهي.

مرحوم لطف الله بدوي پاڻ کي مفڪر اسلام سمجهندو هو ۽ مان پانيان ٿو ته اردو ڪتاب 'خون کے آنسو' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو به هن ئي ڪيو هو، جنهن ۾ هندستاني مسلمانن جي سياسي ۽ اقتصادي ابتريءَ جي باري ۾ لکيو ويو هو.

جڏهن روسي - جرمن عدم جارحيت جي معاهدي (Russo- German Non Aggression Pact) جي خلاف ورزي ڪري، هٽلر روس تي حملو ڪيو هو ۽ لينن گراڊ تي بم ڪيري رهيا هئا تڏهن مرحوم لطف الله بدويءَ پنهنجو ولولي- انگيز نظم 'لينن گراڊ تي حملو' لکيو هو جو سنڌو رسالي ۾ شايع ٿيو هو. مرحوم بدويءَ جي بين الاقوامي سياست جي معلومات نهايت محدود هئي ۽ هن کي ترقي پسند ادب يا سياست سان ڪا رغبت يا دلچسپي ڪانه هئي. هن کي اهو معلوم نه هو ته روسي شاعرن سينٽ پيٽرسبرگ (لينن گراڊ) تي پشت به پشت طبع آزمائي ڪئي هئي ۽ پشڪن پيٽر اعظم جي انهيءَ آهني ارادي ۽ عزم جي باري ۾ لکيو هو ته نيوا (Neva) نديءَ جي سم واري علائقي ۾ عظيم عروس البلاد ڏاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي ۽ ان عزم جي تڪميل لاءِ نه زندگيءَ جي پرواه ڪئي ويندي، نه خرچ جي، نه سيلاب جي، نه طوفان جي، نه سرديءَ جي، نه بيماريءَ جي، نه تڪليف جي نه موت جي؛ نه هن کي اها ڄاڻ هئي ته دوستو وسڪي سينٽ پيٽرسبرگ کي ”تيرگي ۽ تحت السرا جو شهر ڪوٺيو هو، سو جو شهر، ٽامي جي گهوڙي سوار جو شهر، اهو شهر جو روس هو به ۽ نه به هو، جو ابد ۾ معدوم ٿي ويو ٿي، بيڪنار بحر ۾، روس جي انتها ۽ يورپ جي ابتدا جي وچ تي نظر نه ايندڙ سرحد ۾“؛ نه هن اهو پڙهيو هو ته نراجوادي بڪونن (Bakunin) جمهوريت پسند اليگزينڊر هرزن (Alexander Herzen) لينن جو وڏو پاءُ، روسي اديب ترگنيف، چيخوف ۽ ٽالسٽاءِ، ٽوڙي سڀ ڏي لينن گراڊ ۾ نه رهيا هئا، تڏهن به انهن سڀني جي روح جي تربيت لينن گراڊ ۾ ٿي هئي ۽ اتي ڏي روس جا عظيم سائنسدان ۽ محقق رهيا هئا ۽ اتي ئي پاولوف (Povlov) پنهنجا (Behaviourist Psychology) ۾ تجربا ڪيا هئا؛ نه هن کي فاشزم جي نظرياتي ۽ تاريخي پس منظر جي ڄاڻ هئي، نه اها ڄاڻ هئي ته روسي-جرمن عدم جارحيت واري معاهدي کان اڳ استالن، روسي وزير خارجه مالوٽوف ۽ جرمن وزير خارجه ربن ٽراپ جي وچ ۾ ڪي ڳالهيون ٿيون هيون ۽ ٢٤ آگسٽ ١٩٣٩ع تي دنيا صبح جي اخبارن ۾ ان معاهدي جي باري ۾ شهه سرخيون پڙهي حيران ٿي وئي هئي؛ نه اها ڄاڻ هئي ته معاهدي کان پوءِ جڏهن روس ۽ جرمنيءَ پولنڊ تي حملو ڪيو هو تڏهن فرانس ۽ انگلنڊ جي اشتراڪين جا ذهني شيش محل ٽڙڪي، ٽڪرا ٿي ويا هئا، پر آخر هٽلر اهو وساري ڇڏيو هو ته جنگيون سياست سان کٽبيون آهن ۽ نه سينه زوريءَ سان ۽ جڏهن ٢٢ جون ١٩٤١ع تي هٽلر ريڊيو تي روس سان جنگ جو اعلان ڪيو هو تڏهن هو نيپولين جي شڪست کي وساري چڪو هو.

مرحوم لطف‌الله بدوي جنهن نہ رڳو Fall of Paris ناول نہ پڙهيو هو پر اليا اهرنبرگ جو نالو بہ نہ ٻڌو هو، تنهن پنهنجو عاليشان نظم 'لينن‌گراڊ تي حملو' ان ڪري نہ لکيو هو تہ هن لاءِ روسي انقلاب جي ڪائي اهميت هئي پر ان ڪري تہ جنهن جرأت سان روس نازي جرمنيءَ جي حملي جو مقابلو تي ڪيو، اها جرأت بدويءَ جي حريت پسنديءَ جي ان تصور سان عين مطابق هئي جو هن کي علامہ اقبال جي شاعريءَ ۾ نظر آيو هو. هو پان اسلامزم جو نہ رڳو قائل پر مبلغ تي چڪو هو، جمال‌الدين افغاني هن جو هيرو هو ۽ هن جو مرغوب شعر هو—

درويش خدامست نہ شرقي ہے نہ غربي
گهر ميرا نہ دلي، نہ صفاهان نہ سمرقند

ڪجهہ سال اڳ مون کي هڪ دوست ٻڌايو هو تہ "لينن‌گراڊ تي حملو" پڙهي، سنڌ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪنهن اهم رڪن مرحوم لطف‌الله بدويءَ سان رابطو قائم ڪيو هو ۽ هن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي حمايت لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر مرحوم هن کي، اسلام ۽ علامہ اقبال تي ہہ ڪلاڪ تقرير ڪرڻ کان پوءِ، اهڙي حمايت کان صاف انڪار ڪيو هو. ان تي مون پنهنجي دوست کي ايم.اين. راءِ (M.N. Roy) جي آتم ڪهاڻيءَ مان هيٺيون واقعو ٻڌايو هو—

ايم.اين. راءِ سائنسي سوشلزم (Scienetific Socialism) جو قائل هو ۽ پان اسلامزم (Pan Islamism) جي انگريز دشمنيءَ کي سياسي اهميت نہ ڏيندو هو ۽ نہ وري مهاتما گانڌيءَ يا سرحدي گانڌيءَ غفار خان جي آزاديءَ جي تحريڪ کي ڪائي جمهوري انقلاب جي تحريڪ سمجهندو هو. جيتوڻيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم. اين. راءِ ان خيال جو هو تہ تاريخ مشرقي بورجوازيءَ کان مغربي بورجوازيءَ وارو ڪردار ڪسي ورتو هو، تنهن ڪري هن جو انقلاب جي ان جنم پتريءَ تي پروسو هو جا ڪارل مارڪس ناهي هئي ۽ هن جو ويساهہ هو تہ بورجوازي چاهي يا نہ چاهي، هندستان ۾ بورجوا انقلاب اچڻو هو ۽ جي ان انقلاب جي اڳواڻي بورجوازي نہ ڪئي تہ پرولتاري قوتون ڪنديون، لينن (Lenin) ساں ڪجهہ ڳڻ ڳوت ۾ سوچ ويچار کان پوءِ، ايم. اين. راءِ اهو طئي ڪيو تہ هندستان ۾ گانڌيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ هلندڙ تحريڪ جي حمايت ڪري، ان ڪري انقلابي موڙ ڏنو وڃي. ان مقصد سان لينن ايم. اين. راءِ کي Turkestan Bureau of Communist International, جو ميمبر مقرر ڪيو ۽ هن وچ ايشيا ۾ انقلابي قوتن کي منظم ڪرڻ لاءِ سمرقند ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي. خلافت تحريڪ جي دوران سال ١٩٢٠ع ۾، ڪي هندستاني مهاجر جي ترڪي ڏانهن جهاد لاءِ وڃي رهيا هئا، افغان حڪومت جي پابنديءَ جي باوجود افغان سرحد ٽپيا هئا ۽ انهن کي ترڪمانن گرفتار ڪيو هو. سرخ فوج ترڪمانن تي حملو ڪري انهن هندستاني مهاجرن مان اٽڪل ستر مهاجرن کي هٿ ڪري بخارا آندو هو جتان هنن کي تاشقند نيو ويو هو جتي هنن کي سرخ وردي پهرائي وئي هئي ۽ سياسي فوجي تربيت ڏني وئي هئي پر هو آخر تائين ترڪيءَ ۾ جهاد لاءِ آتا هئا ۽ هندستان ۾ جمهوري انقلاب هنن لاءِ ڪائي اهميت نہ ٿي رکي. ايم. اين. راءِ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي تہ انهن مان جي تعليم يافتہ هئا، اهي پڻ سيني کان وڌيڪ ڪٽر اسلام پسند هئا ۽ هڪ آمريڪي ڪميونسٽ، جنهن انهن مجاهدن جي تنظيم پئي ڪئي، مايوسيءَ سان ايم. اين. راءِ کي چيو هو تہ ”اسان انقلاب جي فوج تہ تيار نہ ڪري رهيا آهيون، خدا جي فوج تيار ڪري رهيا آهيون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي جنگ عظيم دوران هندستان ۾ انگريز سامراج جي خلاف زبردست تحريڪ هلي رهي هئي ۽ ان جو اثر سنڌ تي به پيو هو جيتوڻيڪ مسلمانن جي اڪثريت ان تحريڪ کان بي نياز رهي هئي ۽ انهن جي تعليم يافته طبقي کي مسلم آمہ جي تصور برصغير جي تقسيم لاءِ مسلم ليگ جي قيادت ڏانهن راغب ڪيو هو. انهن ڏينهن ۾ صوفي چيتمل، پروفيسر رام پنجواڻي ۽ ٻيا ڪانگريس جا حمايتي شڪارپور آيا هئا ۽ جماڻي هال ۾ اڪبر اعظم جو ڏينهن ملهائي رهيا هئا ۽ ان جي آڙ ۾ سامراج دشمن تقريرن ۾ هندو مسلم اتحاد ۽ انگريز سامراج خلاف گڏيل جدوجهد جو پرچار ڪري رهيا هئا. جلسي جي صدارت فقير غلام علي مسرور کان ڪرائي وئي هئي. مرحوم لطف الله بدوي، احسان بدوي، لعل محمد ۽ آءٌ گڏجي نڪتا هئاسين، جلسي ۾ دير سان پهتا هئاسين ۽ خالي ڪرسيون نه ملڻ سبب، پاسو وٺي بيٺا هئاسين. جلسي ۾ هندستان جو هڪ هندو مقرر به آيل هو جنهن جو نالو مون کان وسري ويو آهي پر اهو ياد آهي ته هن جو تخلص سخن هو. هن اردوءِ ۾ تقرير ڪئي هئي ۽ اهڙي لوڻاءِ ڪاندار ۽ ڏنگ تقرير نه مون اڳ ٻڌي هئي ۽ نه اڄ تائين ٻڌي آهي. صوفي چيتمل اڪبر اعظم جي قومي يڪجهتيءَ لاءِ ڪيل ڪوششن کي ايترو ساراهيو جو چڙ هن کان اهو وسري چڪو هو ته مسلم ليگ جو نظرياتي فلسفو اڪبر اعظم کي رد ڪري چڪو آهي ۽ اورنگزيب عالمگير جي دور کي اهميت ڏئي رهيو آهي ۽ هن کي هندستان جي تقسيم جو پهريون باني سمجهي رهيو آهي ۽ مسلم ليگ جي اها نظرياتي سوچ سنڌي مسلمانن جي تعليم يافته طبقي ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪري چڪي آهي. پروفيسر پنجواڻي پنهنجو بار بار دهرايل نڪتو پيش ڪيو ته هندوءَ جي 'ه' ۽ مسلم جو 'م' گڏبا ته هم (اسان) ٿي پوندو ۽ اسان پنهنجيءَ گڏيل جدوجهد سان وطن کي آزاد ڪرائي سگهنداسين. هو اهو وساري چڪو هو ته 'م' 'ه' جو

دم چلو ٿيڻ لاءِ تيار نہ هو، پنهي ۾ ويچو حد کان وڌي چڪو هو ۽ ڪانگريس پنهي کي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ لاءِ ڪوبہ پنهي ڌرين لاءِ قابل قبول اقتصادي پروگرام پيش ڪري نہ سگهي هئي. آخر ۾ مسرور فقير صدارتي تقرير لاءِ اٿيو. مون هن ڏانهن ڏٺو تہ هو شاهہ بلوط جي شهتير وانگر سڌو- سنئون ٿي نظر آيو ۽ هن جي پيٽ ۾ مرحوم لطف الله بدوي مينهن ۾ پنل پور جي تختي وانگر مڙئي ويل ٿي لڳو. مسرور فقير نهايت مختصر تقرير ڪئي؛ هونءَ بہ سپ وٽ هڪ موتي هوندو آهي. مون کي هن جي تقرير تہ ياد نہ آهي پر هن جون اکيون ياد اچي رهيون آهن، جن کي ڏسي مون لوڪگيت جي سٽ ’اکيون ادل جون پرن مشعالان‘ جهونگاري هئي. صاف ۾ صاف آئينا انسان جون اکيون ٿينديون آهن ۽ جي اهي مشعالن وانگر پرن تہ ڇا ڇئجي!

جلسو ختم ٿيو تہ سيٺي انٽي بيٺا ۽ وندي ماترم ڳائڻ شروع ڪيو ويو. ايتري ۾ مرحوم لطف الله بدويءَ اوچتو رڙ ڪري چيو، ”وندي ماترم ڪفر آهي، اوهان هڪ درويش سان دوکو ڪري هن کان جلسي جي صدارت ڪرائي آهي.“ جلسي تي چڻ وچ ڪري ۽ ترانو وچ ۾ بند ٿي ويو. سرڳواسيءَ چيتمل مرحوم لطف الله بدوي کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”جوڳي صاحب! وندي ماترم جي تراني ۾ تہ رڳو ديس سان پيار جو ورنن ڪيل آهي. ديس سان پيار ڪفر تہ نہ آهي؟“

”صوفي چيتمل!“ مرحوم بدويءَ ٻيهر رڙ ڪري چيو ”مان جوڳي نہ آهيان، بدوي آهيان! ٻڌين ٿو مان بدوي آهيان، بدوي آهيان، بدوي آهيان! وندي ماترم سراسر ڪفر آهي، اسان جلسي جو بائڪاٽ ڪيون ٿا.“

مرحوم لطف الله جي اها رڙ تہ ”مان بدوي آهيان، بدوي آهيان، بدوي آهيان“ اڄ تائين منهنجن ڪنن ۾ گونجندي رهي آهي ۽ نہ ڄاڻان ڪيستائين گونجندي رهندي! ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد چنل 'چنل' هڪ نوم حڪيم هو ۽ جمعيت الشعرا جو ميمبر هو. مان ننڍو هوندو هوس ته هو شڪارپور ۾ لکي در تي پنهنجو سامان پٽ تي پٿاري ويهندو هو، جنهن ۾ طرح طرح جون تيل جون شيشيون ۽ طباخ رکيل هوندا هئا. ڪن طباخن ۾ تيل ۾ مثل ساندا ۽ کھڪڙن جيڏا پهاڙي وڇون پيل هوندا هئا ۽ ڪن ۾ مختلف رنگن جا سفوف ۽ حب پيل هوندا هئا. هن سان هڪ ڇوڪرو به ساڻ هوندو هو جنهن سان 'مان عامل تون معمول' وارو ڊرامو رچائيندو هو ۽ جنهن وقت ميڙ ۾ ماڻهوءَ گهڻت ٿيڻ لڳندا هئا، هو اردوءَ جو هيٺيون شعر پڙهندو هو—

سچائي ڇپ نهين سڪتي، بناوت ڪي اصولون سي
ڪه خوشبو آ نهين سڪتي ڪبهي ڪاغذ ڪي ڀولون سي

۽ اهو ڏسي ته هاڻي ميڙ ۾ ماڻهو منجهي ويا آهن، هو تيل جون شيشيون ۽ ڪاغذ جي پڙين ۾ سفوف ۽ حب وڪڻندو هو ۽ چڱا پئسا ڪمائي ويندو هو—

انهن ڏينهن ۾ جمعيت الشعراءَ جو هڪ رسالو "اديب سنڌ" لاڙڪاڻي مان نڪرندو هو جنهن ۾ جمعيت جي طرحي مشاعرن ۾ پڙهيل غزلن جو انتخاب شايع ٿيندو هو ۽ ايندڙ مشاعري لاءِ مصرع طرح، ان جو قافيو ۽ رديف به ڏنل هوندا هئا. مثال طور هڪ مصرع طرح، جي رديف "خالص" هئي ۽ قافيہ گلاب، شراب، خضاب، جلاب وغيره هئا ۽ ان جو وزن چار ڀيرا مفاعلاتن ڏنل هو ۽ وڌيڪ وضاحت لاءِ "گلاب خالص"، "شراب خالص"، "خضاب خالص"، "جلاب خالص" وغيره قافيا ۽ رديف ڪٺا ڪري ڏنل هئا.

انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ نامعلوم شاعر جا شعر، جنهن جو ڪانءُ تخلص هو، وڏي طمطراق سان اديب سنڌ جي

انتخاب ۾ شايع ڪيا ويندا هئا ۽ انهن شعرن جميعت جي حلقن ۾ ڪافي ڌرتلو مچايو هو. ڪي چوندا هئا ته ڪانءُ نظامي آهي ۽ ڪي چوندا هئا ته ڪراچيءَ جو پيو ڪوئي شاعر آهي. جڏهن به جميعت الشعرا جا ميمبر هڪٻئي سان ملندا هئا ته اهو سوال ضرور پڇندا هئا ته ”پتو پيو ڪانءُ ڪير آهي؟“

جن ڏينهن جي ڳالهه آهي تن ڏينهن ۾ مان شڪارپور ڪاليج پڙهندو هئس. هڪ ڀيري مان ريل ۾ سکر مان شڪارپور موٽي رهيو هوس. ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي چڪي هئي؛ هندوستان ۾ ريل گاڏين جو تعداد اوترو ئي هو ۽ مسافرن جو تعداد وڌي ويو هو. ٿرڊ ڪلاس جو گاڏو، جنهن ۾ مان سفر ڪري رهيو هئس، ڪچا ڪچ ڀريل هو. ويهڻ لاءِ جاءِ ڪانه هئي، ان ڪري مان گاڏي جي در وٽ لوهي شيخ ۾ هٿ وجهي بيٺو هئس. اوچتو ٻه ڇڙا ڀاڻ ۾ عجيب غريب گفتگو ڪرڻ لڳا. انهن مان هڪڙو مٿئين سيٽ تي اوڪڙو ويٺو هو جو ڳرڙيو سرڙيو هو ۽ ٻيو منهنجي ڀرسان بيٺو هو جو ميرو متارو هو. مٿي متاري ڳرڙئي سرڙئي کي چيو، ”نون ته سچي اٿين ويٺو آهين چڻ موسيٰ ڪوه طور تي ويٺو آهي.“ ان تي ڳرڙئي سرڙئي ڏهه ڀهه ورائيو، ”نون ڀيهه ۾ اٿين تو لڳين چڻ فرهاد ڪوه بيستون ڪوٽي رهيو آهي.“

”موسيٰ، ڪوه طور، فرهاد، ڪوه بيستون! اهي ته جميعت الشعرا جي مشاعرن ۾ بار بار دهرايل لفظ آهن. پڪ ئي پڪ هي ڪي لاڙڪاڻي جا شاعر آهن.“

ايتري ۾ ڳرڙئي سرڙئي چيو، ”پلا ڪانوَ جو ڪو پتو پيو؟“

”نه، ڪانءُ، عنقا ٿي ويو آهي،“ مٿي متاري جواب ڏنو.

”عنقا جميعت الشعرا جي مشاعري ۾ بار بار دهرايل پيو لفظ!“ مون سوچيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو پوءِ انهن پنهنجي لاڏلي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا رهيا.

جڏهن ريل لکيءَ جي ريلوي اسٽيشن تي بيٺي، هنن پليٽ فارم تي لهي چانهه پيتي. ايتري ۾ هڪ عورت جا اکيون برقعي ۾ ڍڪيل هئي، پنهنجي مڙس سان گڏ ريل گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لڳي. هن کي ڏسي ڳرڙئي سرڙئي چيو، ”واه تقديرا لعلي محمل جو پردو به نه هٽايو!“ مئي متاري ڳرڙئي سرڙئي کي نهن کان چونڊيءَ ڏانهن ڏسي هن کي سر وڻايو، ”اک ورائي به نه ڏٺائين ته قيس فراق ۾ ڳري ڪنڊا ٿي ويو آهي.“ ان تي ڳرڙئي سرڙئي ٺهڪ ڏنو ته ڪنگهه ۾ ويڙهجي ويو. ڪنگهي ڪنگهي هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ رکي رکي چيائين، ”ڪٿي آهي اسان جو مسيحا؟“ — ڪئون، ڪئون، ڪئون — ”مسيحا؟“ — ڪئون، ڪئون — ”يار ڪوئي شربتِ ديدار به نه ٿو پيئاري!“ — ڪئون، ڪئون، ڪئون....

هڪ ڀيري جڏهن محمد ڇتل عامل معمول وارو ڊرامو پورو ڪري پنهنجا تيل سفوف ۽ حب وڪڻي چڪو هو، منهنجي دوست مرحوم حبيب الله پڻي هن کي چيو، ”ميان محمد ڇتل! ڀلا اهو ته ٻڌاءِ ته ڪانءُ ڪير آهي؟“

”ڪانءُ!“ ڇتل ٽڙو ساهه ڀري چيو، ”تيون ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ جمعيت الشعرا جو مشاعرو هو ۽ مصر طرح غالب جي هڪ شعر جو مصرع هو —

ڪهتي هين جس کو عشق خلل هي دماغ کا

ان مصرع طرح تي مون غزل پڙهيو هو جنهن جو مطلع هو —

بابل نه يون ڪهي گي يه ڪهنا هي زاغ کا
ڪهتي هين جسکو عشق خلل هي دماغ کا

۽ غزل جو مقطع هو —

ڍونڊنا اسي بهوت ڪلاچي مين اي ڇهتل
ليڪن ملا سراغ نه مجهکو ڪلاغ کا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاغ اهو ڪانءُ ئي ته آهي جنهن جي تلاش جاري آهــي.“

”ميان محمد چٽل: فارسيءَ ۾ ڪلاغ ڪارو ڪانوَ کي چوندا آهن، ڪانوَ کي زاغ چوندا آهن“، ”ون هن کي چيو، ”پر اوهان ته ڪهنه مشق شاعر آهيو، صحيح لفظ تــه ’بهت‘ آهي ۽ ’بهوت‘ اردو ۾ متروڪ ٿي چڪو آهي.“

محمد چٽل، جو هر نيم حڪيم وانگر چرب زبان هو، جواب ڏنو، ”برخوردار! ’بهت‘ ۾ اها ڳالهه ڪٿي آهي جا ’بهوت‘ ۾ آهي: ’بهوت‘ ۾ گرومندر ڪان چاڪي واڙي تائين چڪر اچي وڃن ٿا، ڪانو جي پوري تلاش سمائجي وڃي ٿي، ڪانءُ جو ڏاڍو وڏو شاعر آهي، ڪلاغ آهي، زاغ نه آهي.“ ●

ڪامريڊ احمد منهنجو ١٩٤٥ع کان دوست آهي جڏهن اسان ايم.اين. راءِ جي ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽي (Radical democratic Party) جا ميمبر هئاسين. آزاديءَ کان ڪجهه سال پوءِ ايم.اين. راءِ پنهنجي پارٽي ختم ڪري رينيسانس (Renaissance) تحريڪ شروع ڪئي، پنهنجي آتم ڪهاڻي ۽ ٻيا ڪتاب لکيا ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ دل شڪستو ٿـي ديرادون ۾ مري ويو. هن جي موت کان پوءِ هن جي ميڪسيڪن زال ايلن راءِ کي به ڪنهن قتل ڪري ڇڏيو. پارٽي تـه هن پاڻ ئي ختم ڪري ڇڏي هئي پر هن جي تحريڪ به لڳ ڀڳ ختم ٿي وئـي. پـر ڪامريڊ احمد چوندو آهي تـه اڃا تائين هندستان ۾ ايم.اين. راءِ جي تحريڪ جاري آهي، هن وٽ هن جـا سڀ ڪتاب، ٽه ماهي رسالي مارڪسٽ رويو (Marxist Review) ۽ هفتيوار اخبار Independent India جـا سـڀ شمارا ۽ ٻيو تاريخي مواد ائين سنڀار لاءِ رکيل هوندو آهـي جيئن گردواري ۾ گرنٿ رکيل هوندا آهن ۽ اڄ به هو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پراڻن ميمبرن ئي چوهه چنبڙيندو آهي ۽ سٺيهه سال اڳ وارا دليل ورجائيندو آهي ته راءِ انگريز سرڪار کان پيسا وٺي ڪو غلط ڪم نه ڪيو هو. (ايم.اين. راءِ فاشزم جو وڏو دشمن هو ۽ ٻي جنگ عظيم جي دوران انگريز سرڪار هن کي ٽيرنهن هزار رپيا مهينو ڏيندي هئي ته جيئن هو نازي جرمني، اٽلي ۽ جپان خلاف پنهنجي سياسي خيالن جي اشاعت ڪري سگهي.) ڪامريڊ احمد لاءِ ايم.اين. راءِ اڃا تائين مئو نه آهي ۽ هن جي تحريڪ ئي انسان ذات جـي نجات آهي، جيتوڻيڪ هندستان ۽ پاڪستان جـي ڪجهه دانشورن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ايم.اين. راءِ جو نالو به معلوم نـه آهي. اڄ تائين ڪجهه پاڪستاني دانشور احمد وٽ ايندا آهـن ۽ هـن جـي

ڳالهين تي پنهنجا ولهه جهڙا هٿ سيڪيندا آهن. ها، جي مان هن سان رد ڪد ڪندو آهيان، ته هو مايوس ٿي ويندو آهي.

ڪجهه سال اڳ ديوبند جو مهاجر مرحوم محمد علي ڪاظمي مون وٽ ڪنهن مقدمي جي سلسلي ۾ آيو هو. هو حسين احمد مدني جو وڏو مداح هو ۽ هن وٽ نه فقط حسين احمد مدني جا پر ٻين ديوبندي عالمن جا به سڀ ڪتاب موجود هئا. منهنجي گهر تي هن مون کي حسين احمد مدنيءَ جو ڪتاب "اسير مالٽا" پڙهڻ لاءِ ڏنو هو ۽ پوءِ ملت جي فرق تي ڏکهي تقرير ڪري ٻڌايو هئائين ته علامه اقبال هيٺيون شعر حسين احمد مدني لاءِ چيو لکيو هو—

سرود برسر منبر ڪه ملت از وطن است
چه بے خبر ز مقام محمد عربي است.

(منبر تي ويهي چيائين ته ملت وطن مان ٺهندي آهي، محمد عربيءَ جي مقام کان ڪهڙو نه بيخبر آهي!)

محمد علي ڪاظميءَ جي اهڙين ڳالهين ڪري سيءَ آهه، ڏي هن تي ڪڙي نظر رکندي هئي. هڪ ڀيري هو منهنجي آفيس تي اوچتو آيو ۽ ايوب پل ڏانهن اشارو ڪري چيائين.

"اسير مالٽا!"

"ڇا؟" مون حيرت مان پڇيو.

"اسير مالٽا.... روهڙي،" هن وري چيو.

"مون نه سمجهيو،" مون هن کي اردوءَ ۾ چيو.

"ڀائي"، هن اردوءَ ۾ جواب ڏنو: "مان چوان ٿو ته حسين احمد مدنيءَ جو پٽ ڪراچيءَ وڃي رهيو آهي ۽ ريل ۾ روهڙيءَ مان اڄ لنگهيو آهي. هن جي استقبال لاءِ هلندين؟ اسان هن جا سيئي پيروڪار روهڙي وڃي رهيا آهيون...."

مون هن کي ٻهانو ڏيئي ٽاريو ته هو مايوس ٿي وڃڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد هو سوچي رهيو هو تہ ”اسير مالٽا“ جو پٽ روهڙيءَ مان لنگهي رهيو آهي ۽ جنهن کي ”اسير مالٽا“ جي مطالعي جي سعادت نصيب ٿي آهي، اهو اهڙي موقعي تي روهڙيءَ هلي ڪان ڪيئن ٿو لنوائي سگهي! هن جي مايوسي مون کي پاڪائين ڪهاڙيءَ وانگر مٿي تي لڳي. مون هن کي رڙ ڪري چيو، ”ڪامريڊ احمد! ترس، ترس مان هلان ٿو!“

”ڪامريڊ احمد! ڇا مطلب؟“ محمد علي ڪاظمي غصي ۾ جهرندو هليو ويو.

ڪائي مرڪ اکين ۾ ائين چمڪ پيدا ڪندي آهي جيئن سج جا پهريان ترورا هرڻ جي اکين ۾ پيدا ڪندا آهن. اها مرڪ مون پنهنجي بزرگ دوست ڊاڪٽر مهڪريءَ جي اکين ۾ ڏٺي آهي. هڪ ڀيري هن مون کي چيو، ”شاعر، تاريخ جو ٽيون دور شروع ٿي چڪو آهي.“

”ڊاڪٽر صاحب! ڪهڙو ٽيون دور؟“ مون حيرت مان هن کان پڇيو.

”بابا، قبل از مسيح ۽ بعد از مسيح کان پوءِ تارا مسيح جو دور“، هن جواب ڏنو. هن جي اکين ۾ ساڳي مرڪ هئي جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي.

پر مون هن جي اکين ۾ ٻي مرڪ به ڏٺي آهي جا آئيني وانگر هن جو اندر پسائيندي آهي. هو بنگلور مان هجرت ڪري آيو آهي. جنهن وقت به هن کي بنگلور جي ياد شدت سان ايندي آهي تنهن وقت هو پنهنجي مضمون جي متان پنهنجو فرضي نالو ”بنگلور مهڪري“ لکندو آهي. ان وقت هن جي اکين ۾ مرڪ ائين چمڪندي آهي جيئن واريءَ جي ننڍڙي آس ۾ سج جا ترورا هرڻ جي اکين ۾ چمڪندا آهن ۽ هو ڪنهن ترائي لاءِ واجهائيندو آهي. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ٽري چور هو پر چوريءَ جي ڳالهه اهڙي رس سان
ٻڌائيندو هو جو مرزا غالب بيدل دهلوي جو ڪوئي شعر
چورايو هو.* هڪ پيري هو مون کي پنهنجا تجربا ٻڌائي
رهيو هو.
”چور ٽن قسمن جا ٿيندا آهن هڪڙا گهر جا چور
ٻيا ٽر جا چور ۽ ٽيان ڏاڍا مڙس چور. ڏاڍو مڙس چور پنهنجي
ڇني جي ست راڇيءَ ۾ چوري ڪونه ڪندو؛ اها ست راڇي
چوڏاري ويهه ڪوهي ۾ ٽڙيل پکڙيل هوندي آهي. ڏاڍو مڙس
چور پنهنجي ذات کان به پاسو ڪندو؛ سوڍو سوڍي جي، سمون
سمي جي چوري ڪانه ڪندو. ٽر ۾ ڏاڍي مڙسي واري چوري
ٿئي ڪنهن پليءَ اٺيءَ جي يا گهوڙي جي، جنهن جي پٺن
۾ هاڪ پئي وڃندي. ٺلهي وهٽ تي سڌ اهڙو چور نه ڪري.
ٽر ۾ ڪاٽڙيا چور گهٽ ٿين جو گهر ۾ ايترو مال ئي نه ٿيي.
پلي وهٽ تي پاڳين جو پهرو پيو هلندو، ۽ پاڳين جو وات
به ڪونه رهندو ۽ ٻيا آڏي وٺي اڳهان واڪان جا دهل وڄائيندا.
چي، ”پاڏو، سنهيءَ ڇيلهه ۽ سنهين ٽنگن واري اٺي اها اٿيئي
جو ڏاڙهي جي مهارڪي ٿوري چنبڙ ڏئي، پوءِ واري پئي وڃندي،
پٺن جي پنڌ کي ڪاٿيندي دير نه ڪندي.“
ڳالهيون ڪندي هن وڏيڪ چيو، ”چور جي ذات جي

---

* بيدل دهلويءَ جو شعر آهي—

بوئي گل نالهٔ دل دود چراغ محفل
هرکه از بزم تو برخواست پريشان برخواست

ان تان مرزا غالب هيئن چوري ڪئي آهي—

بوئي گل نالهٔ دل دود چراغ محفل
جو تيري بزم سے نڪلا وه پريشان نڪلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگت جو ور ٿئي چور سان، سو همراهه پيو وهٽ جا پار پتا هن کان پڇائيندو- ڪٿي ٿـي آٿئي ٻڌجي؟ لوڙهو ڪيڏو وڏو آهي؟ گهر جي پاتين ۾ ڪيڏي مڙسي آهـي؟ گهر ۾ ڪاتر هلائڻ جـو ڪير ڪاريگر آهي؟ گهر ۾ ڪهڙا ڪهڙا لٽڙيا مڙس آهن؟ پهرو ڪيئن ٿو هلي؟ ننڊ جو ڪچو ڪير آهي؟ وهٽ آڏو ڪٽ وجهيو گهٽا مـڙس ٿـا سمهن؟ گهٽي ڪهڙي پاسي کان آهي؟ وغيره وغيره. مهمان ٿي هڪ اڌ ڦيرو به ڪري ايندو، سڀ وجهه ور، گهٽ گهيڙ جاچي ايندو.“ هن مون ڏانهن معنيٰ ڀريل مرڪ سان ڏٺو ۽ ڳالهه جاري رکي، ”گهٽ گهيڙ جاچي ايندو ته پوءِ جيڪو هن جو ويجهو يار هوندو ۽ چور به هوندو، ان سان ڪندو صلاح سئولي- ڏاڍي مڙس چور جا راز جا سنگتي به ٿين ۽ وڏ ۾ وڏ ٿي. ڪنهن ٺڙڪو يا ڪچي چور يا چڳ مڙسيءَ جا سندرا ٻڌي هلندڙ سان ڪونه پوندن. صلاح سئولي ڪري، آڳـو پيڇو سوچي، پـوءِ نڪرندا پنڌ. چوري ڪرڻي هوندن ته انهيءَ کان اڳئينءَ رات، سڄي رات پنڌ ڪي چڪيندا: جڏهن وچي به ٿي ڪوهه ٻچندا، تڏهن اهو ڏينهن ڪنهن گهاٽي ٻهڙ ۾ ڪٽيندا.“

”ٻهڙ ڇاڪي چوندا آهن؟“ مـون هن جي ڳالهه ڪـٽي ڪٽيندي پڇيو.

”ٻهڙ ننڍن وڻن جي جهڳٽي کي چوندا آهن، جتي چور ڏينهن جو لڪي ويهندا آهـن يـا ٻنا الڪي ننڊ ڪندا آهن. جهڳٽو ايترو گهاٽو هوندو آهي جو ايندي ويندي جي مٿن نظر پئجي نه سگهندي آهي.“ هن جواب ڏنو ۽ پوءِ ڳالهه جاري رکندي چيو، ”هيئان واري، مٿي هيئان ٻڌڪي جو وهاڻو، مٿان ڪٿو اوڍي سمهي پوندا، پـر واٽ کان، لڪ کان، رستي کان، راڄ کان مڙيئي پاسي تي. ڪير نـه ڏسي تـه چڱو، پلا جي ڪو ڏسي ته ٺهيل ٺهيل ڏس ڏيندا ته ”ابا فلاڻي همراه وٽ، فلاڻي ڳوٺ ۾ وڃڻو آهي، اتـي فلاڻا همراه رهن ٿا.“ اها پڇا

اڳ ئي ڪيل هوندن.

چوريءَ جو وقت ٿئي ڪچي آڌيءَ. ننڊ جو ڀڃريون ڦوهارو ماڻهوءَ کي گهڻو وڻندو آهي. اڌ ڪلاڪ ته پيا ڪن ڏيندا ۽ آواز ٻڌندا ۽ جڏهن ڇڻني پاسن جي پڪ ٿيندن، تڏهن پير اڳتي کڻندا. ڪتي کي به اڳ ۾ رکندا. ڪتي جا علاج ٽين به. مڙس پٽ تي ويٺو هوندو ته پوءِ ڪتو گهڻو ڪري حملو نه ڪندو. آسپاس پيو ڦرندو، دل ڇپس ته تنگ ڪٿي چور مٿان مٿي ڇڏيندو. پنڌرهن ويهه منٽ ڦري ڦري پوري هليو ويندو. ٻيو علاج آهي گوشت جي ٽڪر جو. ڪتي اڳيان گوشت اڇلائبو ته هو لڳندو ان جي پويان. پر جي ڪتو هجي ٻنهين حرامي ته پوءِ کهاڙي پاڪي وٽان ڏيندس، لونڊڙي واري لٺ هٿي ڪيندس. پر اهڙي عمل کان پوءِ چوري ته چوريءَ جي ماڳ، مرڳو پيرن تي زور رکبو ۽ جي ڪو پلو وهٽ وٽن هوندو ته ان تي چڙهي ڀاڄ ڪائبي.“

مون هن کي غور سان ٻڌي چيو، ”آهن ته اسان جا اڪثر سياستدان، چور، چور جا پٽ، پر هنن کي ٽري چور جيترو عقل نه آهي.

”نه انهن کي اها خبر آهي ته ٻهڙ ۾ ڏينهن ڪيئن گذاربو آهي، ڪتي جو علاج ڪيئن ڪبو آهي، ۽ ضرورت وقت ڀاڄ ڪيئن ڪائبي آهي. ٽري چور اسان جي سياستدان کان سؤ ڀيرا وڌيڪ سياڻو آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جلاوطن اديب جي ناول ۾ اهو پڙهي ته ”روءِ، انسان ذات روءِ! لڙڪ ۾ وڏي قوت سمايل آهي“، مون کي پنهنجو هڪ دوست ياد آيو، جو جهمپير جو رهاڪو هو. هو هڪ ڀيري مون کي پنهنجي ڳوٺ وٺي هليو. شام جو ڪچهري ڪري رهيا هئاسين ته هن ٻڌايو ته ”هتي ڪجين مان تاڙي ناهي وينديءِ آهي، رات جو ڪجين ۾ مٽڪا لٽڪايا ويندا آهن، جي ڦڙو ڦڙو ڀري ڀربا آهن ۽ منهن انڌيري ۾ لاهي وٺبا آهن. انهيءَ تازيءَ تاڙيءَ کي ’نيرو‘ چئبو آهي.“ ان تي مون پنهنجي دوست کي، جنهن کي هن جي اشتراڪيت پسنديءَ سبب ڪامريڊ ڪوٺيندا هئاسين، چيو ته ”ڪامريڊ! دکني اردوءَ ۾ به ان کي ’نيرا‘ چوندا آهن ۽ ان جي وڪڻندڙ کي ’ڪلال‘ چوندا آهن.“ منهنجي دوست فخر سان چيو ته ”قديم سنڌ پنهنجي جهاز رانيءَ لاءِ مشهور هئي ۽ ان جا جهاز ملبار جي ڪناري تائين وڪر ڪٺي ويندا هئا ۽ ان ڪري اسان جي ٻوليءَ جا ڪجهه لفظ دکني ٻولي ۾ اچي ويا هوندا.“ مون هن کي اهو نه چيو ته اها ڳالهه اجا تحقيق طلب آهي ته عربن ڪجين جون ڪکڙيون ڀريون سنڌ جي ڌرتيءَ تي ڦٽي ڪيون هيون يا ملبار جي ڌرتيءَ تي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهي لفظ دکني ٻولين جا هجن ۽ انهن مان سنڌي ٻولي ۾ آيا هجن.

رات جو اسان ماني کائي سمهي پياسين. علي الصبح جو ڇهين بجي هن مون کي ننڊ مان ڏونڌاڙي اٿاريو ۽ چيائين ته ”امرت ويلو آهي، اٿي ته نيرو پيئون!“ پوءِ هو ۽ هن جا ساٿي ڪجين تي چڙهي ڪيئي مٽڪا نيري جا لاهي آيا ۽ نيرو ائين ڳيت سان پيئڻ لڳا ڄڻ هومر (Homer) جي آڊيسيءَ (Odessey) جا ڪجهه ڪردار هئا. مون به هنن سان ساٿ نڀايو. اجا باڪ مس ڦٽي هئي ته سواءِ منهنجي، اسان مان هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻه ٻه منٽڪا ننڊ ۾ ويو هو. مان نٿو ٻڌائي سگهان، ان کري مون گهٽ پيتو هو پر تڏهن به مون کي ڪافي خمار چڙهيا هئا. اوچتو مون ڏٺو ته ڪامريڊ سامهون ڪجهه سان مٿو ٽڪرائي رهيو هو. مان اٿي هن ڏانهن ويس. هو بار بار چئي رهيو هو، ”آخر هي چيني ۽ روسي پاڻ ۾ وڙهن ڇو ٿا!“ هر ڀيري هن اهو چئي ڪجهه جي ٿڙ سان مٿو ٿي ٽڪرايو ۽ هن جي نرڙ مان به ٿي رت جا ڦڙا نيري وانگر ڪجهه جي چوڏن تان ٽپڪڻ ٿي لڳا. مون هن کي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”ڪامريڊ! خروشيف مائوءَ سان نه ٿو وڙهي. دراصل اسٽالن موت کان پوءِ به روسي ذهن تي ايئن ڇانيل آهي، جيئن مائو هن وقت چيني ذهن تي ڇانيل آهي. خروشيف مائوءَ جو بت ڊاهي چڪو ته اسٽالن جو بت ڊاهي رهيو آهي.“ پر ڪامريڊ مون کي پڌو اڻ-ٻڌو ڪري وري ڪجهه سان مٿو ٽڪرائي چيو، ”ڏرتي ماءُ، هي روسي ۽ چيني پاڻ ۾ وڙهڻ ڇو ٿا!“

ڪجهه وقت کان پوءِ اسان ناشتو ڪري سمهي پياسين ته گهري ننڊ اچي وئي. منجهند جو جڏهن جاڳ ٿي تڏهن مون ڏٺو ته ڪامريڊ جي نرڙ تي سڪل رت ڦڙا ڪارن موتين وانگر لڳي رهيا هئا. هن ٿوريءَ دير لاءِ مون کي ڇتائي ڏٺو ۽ پوءِ اٿي پنهنجي گهر ويو ۽ اتان هڪ ڪتاب کڻي آيو، جو ”ڊان وهي رهي آهي“ (Quiet flows the Don) جو ڪيل اردوءَ ۾ ترجمو هو ۽ جنهن جو مترجم سيد مطلبي فريد آبادي هو. پوءِ هن مون کي چيو ”ڪامريڊ! تو صبح جو ائين سمجهيو هو ته مان نشي ۾ آهيان ۽ ان ڪري ڪجهه سان مٿو ٽڪرائي رهيو آهيان. ڏس! هيءُ شولوخوف ڇا لکيو آهي.“- فيبروري-مارچ ١٩١٧ع ۾ ڪيرنسڪيءَ (Kerensky) زار جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو هو. ”ڊان وهي رهي آهي“ جو ڪردار گريگر (Gregor) جيڪو ان وقت ماسڪو جي ڪنهن اسپتال ۾ زير علاج زخمي هو، تنهن کي ٻيو زير علاج زخمي، بولشيوڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظريو هيئن تہ سمجھائي- ”جنگ ازل ڪان ٿيندي آئي آهي ۽ ٿيستائين ٿيندي رهندي جيستائين اسان هن بري حڪومت کي هٽائي نہ ڦٽي ڪيون. پر جڏهن هر حڪومت محنت ڪش جي حڪومت ٿيندي، تڏهن اهي حڪومتون پاڻ ۾ جنگيون نہ ڪنديون. جڏهن جرمن ۽ فرينچ ۽ ٻيون سڀئي قومون مزدورن ۽ ڪسانن جون حڪومتون ٺاهينديون، تڏهن انهن کي جنگ ڇا لاءِ ڪرڻي پوندي؟ هٽايو اهي سرحدون، هٽايو اهي اشتعال انگيزيون! هڪ خوبصورت زندگي سڄيءَ دنيا لاءِ.... گريگر جو ذهن جاڳي پيو.“

مون ڪامريڊ کي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”انهيءَ ڪتاب کي لکئي گهڻا سال ٿيا؟“

ڪامريڊ پنهنجو مٿو ڪٽ جي پاڻي سان ٽڪرائي چيو، ”گهڻا سال ٿيا؟ اهو نہ تو پڇين تہ مون گهڻا سال انهيءَ نظرئي ۾ اعتبار ڪيو آهي؟ هن وقت مان پنجاهہ سالن جو آهيان، مان انهيءَ بين الاقوامي برادريءَ ۾ ان وقت کان اعتبار ڪندو رهيو آهيان جڏهن شولوخوف جو اهو ڪتاب ترجمو بہ نہ ٿيو هو. هو مون کي نڪي ويا.“

ڪامريڊ وري ڪٽ جي پاڻي سان مٿو ٽڪرائي چيو، ”هو مون کان منهنجي زندگيءَ جا پنجويهہ سال نڪي ويا، پنجويهہ سال نڪي ويا، پنجويهہ سال نڪي ويا.“ ڪامريڊ جي اکين مان لڙڪ ٽاڙيءَ جي ڦڙن وانگر ٽپڪڻ لڳا.

مون ان وقت سوچيو هو تہ هن سڄيءَ دنيا کي گل و گلزار بڻائڻ تي چاهيو تڏهن هن جي اها حالت ٿي آهي؛ جي هي پنهنجي اڳڻ سان شروع ڪري ها تہ ڇا پاڻ کي ايترو بيوس محسوس ڪري ها؟ ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو لاڙ جو سگهڙ هو. هن سان پهرينءَ ملاقات ۾ ئي مون محسوس ڪيو هو تہ، هن جي وجود ۾ ڪائي حيرت انگيز پراسراريت هئي. اسان شاهہ لطيف جي تشبيهن ۽ استعارن تي ڳالهائي رهيا هئاسين. مون هن کي ٻڌائيءَ جي واٽيءَ جي سٽ ”گهاندار مرون موهيا، هيءَ ماڙهو مهندڙي“ ٻڌائي پڇيو، ”گهاندار ڇاکي چوندا هئا؟ شهوائيءَ ان جي معنيٰ ’گهند بدل‘ ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ۽ ڪلياڻ آڏواڻي ’وڏا گهند‘ لکي آهي. پر مان ٻانيان ٿو تہ اهي معنائون غلط آهن ڇو تہ انهن سان سٽ بي‌معنيٰ ٿي وڃي ٿي. ڇا تون ’گهاندار‘ لفظ تي ڪجهہ روشني وجهي سگهين ٿو؟“

هن تلاءُ ۾ هنج وانگر ٽٻي ڏني ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ مٿاڇري تي اچي کنڀ ڇنڊيائين ۽ چيائين، ”شاهہ لطيف جي دؤر ۾ شڪار جي ٻين طريقن سان گڏ هڪ عجيب طريقو رائج هو، جنهن کي ’گهاندار وارو طريقو‘ سڏيو ويندو هو. ان طريقي ڪار مطابق، ڏهہ پندرنهن ماڻهو گڏجي شڪار جي جوءِ ڏانهن ويندا هئا. هڪ ماڻهو جنهن کي ’گهاندار‘ چيو ويندو هو، ان جي هٿن، ٻانهن، ٽنگن ۽ لڳ ڀڳ سڄي بدن تي چمڙي جو اهڙو ويس پهرائيندا هئا، جو ڪنهن جانور جا خونخوار چنبا، ڏند يا ننهن هن کي نقصان پهچائي نہ سگهندا هئا. ان گهاندار جي مٿي تي ٺڪر جو اهڙو ننڍڙو دلو مضبوطيءَ سان ٻڌندا هئا، جنهن ۾ اکين جيترا ٻہ سوراخ نڪتل هوندا هئا. پوءِ ٻتي يا ڏيئو ان دلي جي اندر رکي، دلي جو منهن بند ڪري ڇڏيندا هئا. جڏهن گهاندار ان دلي سميت اونداهيءَ رات جو ٻن پيرن ۽ ٻن هٿن تي چوپيرو ٿي هلندو هو تہ پري کان ائين لڳندو هو ڄڻ جانور اچي رهيو آهي جنهن جون اکيون چمڪاٽ ڪري رهيون آهن. ڪو جانور پري کان جڏهن

چمڪندڙ اکين واري گهانڊار کي ڏسندو هو ته ان جي ڪشش تي ڇڪجي ايندو هو. گهانڊار جا هٿياربند مددگار پويان ۽ پاسن کان لڪي خاموشيءَ سان هلندا هئا يا بيهي رهندا هئا. انهن کي گهانڊاريا سڏبو هو. ويجهو ايندڙ جانور يا جانورن کي اهي گهانڊاريا هٿيارن سان يڪدم حملو ڪري، پنهنجو شڪار بڻائيندا هئا. شاهه لطيف اهو گهانڊار لفظ استعمال ڪري سنڌ ۾ شڪار جي انهيءَ طريقيڪار جي ياد کي محفوظ رکيو آهي، نه ته اڄ انهيءَ جي ڪنهن کي خبر نه هجي ها. حيرت آهي ته هن وقت تائين رسالي جا مرتب 'گهانڊار' جي معنيٰ 'وڏو گهنڊ' ڪندا رهيا آهن."

اسان چام شوري ۾ وي. سي. هائوس جي لان تي ويٺا هئاسين. چوڌاري بجليءَ جون بتيون ٻري رهيون هيون ۽ سرءُ جو چنڊ سرو ۽ صنوبر جي وڻن مٿان تيزيءَ سان وڃي رهيو هو. اوچتو بجلي وسامي وئي. مون چنڊ جي روشنيءَ ۾ سگهڙ ڏانهن ڏٺو ته مون کي محسوس ٿيو ته سگهڙ شاهه لطيف کان به پراڻو هو ۽ هن جي عمر ڪيئي صديون هئي. هن مون کي خاموش ڏسي پڇيو، "سائين، ڇا تي غور ڪري رهيا آهيو؟" مون جواب ڏنو، "پڻائيءَ جي انهيءَ وائي جي پوئين سٽ تي غور ڪري رهيو آهيان —

آهي عبداللطيف چئي، مٺا جاريندڙي

مون ماريندي ڪڏهين." ●

"جهڙو پرڏيهي پکيڙو،
مان تہ مسافر وانگر سمهندو آهيان
پنهنجي ڳوٺ ۾ بہ."
(هڪ جپاني هائڪو)

مون پنهنجي ڊائري ڪولي ۽ روس جي سفرنامي تي اڇاتري نظر وڌي، جو مان پنهنجين بي‌انتها دنيوي مصروفيتن سبب مڪمل ڪري نہ سگهيو آهيان. هاڻي تہ سفر جو ڪيترو ئي تفصيل وسري ويو آهي. نہ وري اهو ياد آهي تہ ڇا لکي سگهيو آهيان ۽ ڇا نہ لکي سگهيو آهيان. مان هڪ ٽڪڙو ساهہ پري، ڊائريءَ تي نظر وجهان ٿو—

۱۳—۸—۷۶ع

منهنجي همسفر گل رخسار.... پنهنجي نانءَ ڪان بہ وڌيڪ خوبصورت تاجڪ شاعره .... مار سياهہ وانگر ڪارا زلف، قلقل مونا وانگر ٽهڪ.... ٽهڪ، جن سان ستارن جا آئينا ٽڙڪي پوندا آهن.... ٽهڪ جن تي مکڙيون ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿنديون آهن ۽ ٽڙي گل ٿي پونديون آهن.... سارو وقت ٽهڪي رهي آهي، جيئن بهار ۾ بلبليون ٽهڪنديون آهن، جيئن ڪوهسارن ۾ آبشار ٽهڪندا آهن. جيئن خوشي ٽهڪندي آهي، دلبري ٽهڪندي آهي، آزادي ٽهڪندي آهي.... هن کي فارسيءَ جا هزارين شعر ياد آهن، جي هوءَ مون کي ٻڌائي رهي آهي—

صبا بہ لطف بگو آن غزال رعنا را
کہ سر بہ کوه و بيابان داده‌ٔ ما را

(اي آذر هير، هن من-موهڻي هرڻ کي پيار سان چئجانءِ تہ مون کي ٿرن برن ۾ ڀٽڪائي ماريو اٿائين)

تاجڪ ساڳي فارسي ڳالهائين ٿا جيڪا برصغير ۾ ڳالهائي ويندي آهي- مثنوي مولانا روم، ديوان حافظ ۽ بوستان سعديءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري فارسي.... طهران جي فارسيءَ ۽ تاجڪستان جي فارسيءَ ۾ وڏو فرق آهي....

اسان تاجڪستان ۾ 'ڪوه زر افشان' ڪان اڳتي نڪري چڪا آهيون.... رود ورزاب (ورزاب ندي) پهاڙن سان لڳ وهي رهي آهي.... "چاه خانهٔ چهاربيد" (چئن بيد جي وڻن وارو چاه خانو) وٽ ڪار روڪي چانهه پيئون ٿا.... ڪجهه اڳتي وڃون ٿا ۽ وري هڪ چشمي وٽ ڪار روڪيون ٿا.... چشمي جو نالو چشمهٔ مژگان (اکين جي ڇپرن وارو چشمو) آهي .. ان تي اهو نالو ڇو پيو آهي، ان ڪري جو ان مان ٻڪ ۾ پاڻي پيئڻ وقت پاڻيءَ جا ڇنڊا ڇوڪرين جي ڇپرن کي لڳندا آهن ته انهن جا ڇپر وڏا ٿي ويندا آهن.... "گل رخسار! تنهنجا ڇپر ته اڳيئي وڏا آهن، جي انهن کي چشمي جو پاڻي لڳو ته بيد مجنون (Weeping Willow) جي شاخن وانگر لڙڪي پوندا.... چشمي هيٺان ٻڪ جهل ته مان تنهنجي ٻڪ مان پاڻي پيئان".... هوءَ پاڻيءَ هيٺان ٻڪ جهلي ٿي.... مان پاڻي پيئندي، هن جي ترِيءَ کي ڏندڙي ڏيان ٿو.... پوءِ ٽهڪ، آبشار جي روح مان اُڀري ايندڙ ٽهڪ.... ٻڪ هٽائي فارسيءَ جي رباعي پڙهي ٿي....

اي مي دهمت اگر تو مستي نه ڪني
با من سخن بلندي و پستي نه ڪني
آئينهٔ روئي دلبرت مي باشم
شرطيست که آئينه پرستي نه ڪني

(توکي شراب ڏيان اگر تون مستي نه ڪرين، ۽ مون سان بلنديءَ ۽ پستيءَ جي ڳالهه نه ڪرين؛ تنهنجي وڻندڙ چهري جو آئينو ٿيان شرط اهو آهي ته تون آئيني جي پرستش نه ڪندين.)

رخسارن جا گل ٽڙي پون ٿا يا گلن جا رخسار ٽڙي پون ٿا ... ٽهڪ ڏئي چوي ٿي، مرد مون لاءِ روئيندا ويا آهن"....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مرڪي جواب ڏيان ٿو، ”عورتون مون لاءِ روئنديون ويون آهن“....

وري ٿهڪ ڏئي چوي ٿي، ”شرط لڳي؟ ڏسون ته ڪير ڪنهن لاءِ ٿو روئي!“....

دو شنبي ۾ رات.... هوٽل ۾ رقص گاهہ.... شراب سمرقندي.... آفتاب ۽ خيزان جوڙا.... گردنن تي مار سياه جهڙا زلف.... ٽهڪ، ڳلن تي ٽهڪ، اکين جا ٽهڪ، مثان پرندڙ قمقمن جا ٽهڪ.... چميون، جي چنڊ ڪائنات کي ڏيندو وېندو آهي پر ڪائنات جو روح رڃي نه رڇندو آهي.... ۽ مون کي ياد اچي رهي آهي.... شراب سمرقنديءَ جي چوليءَ تي ايري آئي آهي - روس جي سفر کان اڳ چار شوري جي پوئين رات ... گل مهر جي ڳل تي چمي ڏئي چنڊ دور دراز سفر لاءِ موڪلائي رهيو هو.... هرجائي!.... ڪهڙو شاعر هرجائي نه آهي؟.... چو؟.... حافظ جي هڪ ئي محبوبہ نه هئي، شاخ- نبات!.... شاخ نبات هر شاخ شاخ نبات ته نه آهي!.... ڪائي شاخ شاخ انگور آهي، ڪائي شاخ انار آهي، ڪائي شاخ انجير آهي.... هر شاخ جي پنهنجي شيريني آهي.... تڏهن ته حافظ بور آهي.... هن ۾ ڪوئي تنوع نه آهي.... رڳو شاخ نبات جهڙو مٺو تصوف آهي.... ۽ شراب سمرقنديءَ جي ڳچيءَ کان پوءِ هيءَ جا قندونبات، پنهي وانگر لڳي رهي آهي.... ۽ هي ٽهڪ.... ڪهڙي ڪهڙي زخم تي پها رکي رهيا آهن! ... شاخ انار.... نہ، نہ گل رخسار!.... تو وٽ ايترا ٽهڪ نه آهن جيترا مون وٽ زخم آهن.... تون ڪهڙي ڪهڙي زخم تي پهو رکندينءَ؟....

١٤—٨—٦٧ع

سامهون بحرنووڪ تي ڪشتي وڃي رهي آهي.... گل رخسار فارسي شعر پڙهي ٿي....

غافل م شو ز عمر کہ چون کشتیٔ بر آب
استاده مـی نمایـد و چـون تیر مـی رود

(عمر کان غافل نہ ٿـيءُ، پاڻيءَ تـي پيڙي بيٺل نظر ايندي آهي پر تير وانگر ويندي رهندي آهي) ... مان گل رخسار ڏانهن چتائي ڏسان ٿو... ڇا هن اهو شعر ڪنهن ايذا پسنديءَ Sadism جي جذبي هيٺ پڙهيو آهي.... مان نٿو ڄاڻيان ... هر روسي شاعر وانگر هوءَ شاعريءَ ۽ زندگـيءَ ٻنهي ۾ حقيقت پسند آهي.... هائو، پيڙي تير وانگر وڃي رهي آهي ۽ ان جي ڪندي نظر کان اوجهل ٿي چڪي آهي، ۔ ۽ مان جاگيرداري دور جو بورجوا شاعر آهيان....... جنهن تان شراب سمرقنديءَ جـو خمار لهي چڪو آهـي.... ڇا مان پنهنجي ٻئي ڇڪائي سگهان ٿو؟.... مون ڇڪائي تـہ هئي!.... موڪي.... متارا.... ڪاريهر جـي ڪاٽ.... ۽ هاڻـي رڳـو وات ۾ وهم پـريـل آهي.... ڇا مان ٻي ٻئي ڇڪائي سگهان ٿو.... ڇڪائڻ چاهيان ٿـو؟ .... مـدَ اِن لاءِ تہ نہ ڇڪائبو آهي تہ رڳو متارا ماريا وڃن!....

هوءَ خمدار ڪاڪل کي جهٽڪو ڏئي پڇي ٿي، ”شاعر ڇا ٿو سـوچين؟“.... ڇا تـو سـوچيان؟ تون جا ’پراودا‘ پڙهي پنهنجي ضمير ۽ دنيا جي تقدير جو فيصلو ڪندي آهين، تو کي ڇا ٻڌايان تہ ڇا ٿو سوچيان! ... مان ٿـڌو ساهہ ڀـريان ٿو.... هوءَ انهيءَ وهم هيٺ آهي تہ شرط کٽي رهي آهي .... پويون داءُ هڻي شعر پڙهي ٿي—

شنيدم کز ايـن جا سفر مي کني
تـــو آهنگـــ شهر دگر مي کني
خيال مـــن از سـر بـدر مي کني
مـــن آن لحظہ آشنائـي تـــو
گمان بـرده بـودم جـدائي تـــو

(ٻڌو اٿم تہ ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي رهيو آهين، ٻئي ڪنهن شهر جو سانباهو ڪيو اٿئي!
منهنجو خيال مٿي مان ڪڍي رهيو آهين

توسان چاڻ سڃاڻ مهل ٿي
مون کي تنهنجي وڇوڙي جو ڏپ هو.)

”ڇا هي تنهنجو شعر آهي؟“ مان پڇان ٿو.... ”نہ، ڪنهن گمنام شاعر جو آهي“، هوءَ چوي ٿي....

”اهي شعر تو اڳ ڪنهن ڪنهن کي ٻڌايا آهن؟“

مان پڇڻ چاهيان ٿو پر ڪونہ ٿو پڇان....

مان ڊائري بند ڪيان ٿو.... مٿيون جملو هاڻڪو ياد اچي ٿو.... ڇا، سائبيريا کان منچور تائين آڏامي ايندڙ هنجرون تاشقند تان گذرنديون آهن؟.... ڇا انهن کي پنهنجو پورو سفر ياد هوندو آهي.... يا انهن کي ايتروئي ياد هوندو آهي جيترو اختصار سان مون ڊائريءَ ۾ ڏنو آهي يا ايترو بہ ياد نہ هوندو آهي! ڇو تہ جڏهن پر پرواز ۾ هوندا آهن تہ ڏيان صرف منزل ڏانهن هوندو آهي.... ڇا گل رخسار مون کان شرط کٽي وئي.... يا مان هن کان شرط کٽي ويس؟.... يا ٻنهي شرط هارائي! ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳۱-۷-۷۶ع

”ماڻهو انسان جي هر سوال جو جواب آهيان، هن جي نصب العين جو ۽ منزل مقصود جو.“ (Dylan Thomas)

مون کي اسلام آباد مان تار پهتي هئي ته ۳۰ تاريخ ڪراچيءَ پهچي وڃان، جتي مرڪزي وزارت تعليم جو جائنٽ سيڪريٽري، مسٽر مختيار احمد، مون لاءِ روس جي سفر لاءِ اين. او. سي (N.O.C)، ويزا ۽ پرڏيهي ناڻو آڻيندو. مون مختيار احمد سان ٽيليفون تي اسلام آباد ڳالهايو ته هن ٻڌايو ته بانو قدسيه ۽ خاطر غزنوي به ساڳيءَ تاريخ ڪراچيءَ پهچي ويندا. هن اهو به چيو ته مان هن سان پاڪستان ڪائونسل آف آرٽس ۾ فون تي رابطو قائم ڪيان. مون سان منهنجي زال زرينه ۽ پٽ سليم چام شوري مان گڏ نڪتا ۽ اسين هميشه وانگر ڪراچيءَ ۾ ايم. پي. اي. هاسٽل ۾ وڃي رهياسين، جتان مون شام تائين ٻه ٽي ڀيرا فون ڪيو پر معلوم ٿيو ته مختيار احمد اڃا نه پهتو هو، ان ڪري مون ڪائونسل آف آرٽس جي ڊائريڪٽر مسٽر عرفان احمد کي گهر فون ڪيو ته مان پهچي ويو آهيان ۽ جي ٻيا ڊيلي گيٽ اچن ته مون کي هاسٽل ۾ اطلاع ڏنو وڃي. جمال ابڙي مون کي حيدرآباد فون ڪيو هو ته جڏهن به مان روس وڃان ته هن وٽان ڪجهه تحفا روسي دوستن لاءِ کڻندو وڃان، ان ڪري مون جمال کي هاسٽل مان فون ڪيو ته معلوم ٿيو ته هو ڪنهن ڪم سان اسلام آباد ويل هو.

مون ڊاڪٽر عاليه امام کي گهر فون ڪيو پر هوءَ موجود ڪانه هئي. پوءِ مون ’م‘ کي فون ڪري چيو ته ڊاڪٽر مهڪريءَ کي ساڻ وٺي اچي. ڊاڪٽر مهڪري ته هن کي نه ملي سگهيو پر هو پاڻ آيو ۽ پاڻ سان گڏ Chivas

Regal جي بوتل به کڻي آيو. ۾ اصل ميرٺ جو آهي، پاڪستان جو محب وطن صحافي آهي، خوش خلق ۽ ذهين آهي ۽ منهنجو ڪافي وقت کان دوست آهي. هو پاڻ کي سنڌي سمجهندو آهي. سنڌي زبان ۽ تهذيب جو حامي آهي، سنڌ جي تاريخ ۾ گهري دلچسپي رکندو آهي ۽ هن کي ان ڳالهه جو ڀرپور احساس آهي ته هن جا ٻار ڄائي ڄم کان سنڌي آهن ۽ پاڪستان هن جو وطن آهي. دراصل هو تمام ٿورن اردو ڳالهائيندڙ پاڪستانين مان آهي جي پاڪستان جي سالميت ۽ استحڪام جي ناتي ۾ پاڪستان جي صوبائي زبانن، تهذيبن ۽ تاريخ کان نابري نه واريندا آهن، جي سنڌين کي ڌاهر پرست ڪوٺي سنڌ جي تاريخ کان ئي انڪار نه ڪندا آهن، جن لاءِ پاڪستان جي ڪنهن به صوبي جو ذڪر پاڪستان جي نظريي جي منافي نه آهي، جن کي ٽئڪسلا ۽ هڙپا ۽ خاص ڪري موهن جي دڙي جي ڳالهه تي چڙ نه ايندي آهي، جي سنڌ کي "واديءِ مهران" نه چوندا آهن ۽ جڏهن هنن کي اهو ٻڌايو ويندو آهي ته 'مهراڻ' سنڌوءَ جي هڪ شاخ هئي جا ڪجهه صديون اڳ سڪي چڪي آهي ته هو ان ڳالهه تي اعتبار ڪندا آهن. مطلب ته هن کي سنڌ جي وجود کان الرجي (Allergy) نه آهي. هن کي پنهنجي مادري زبان اردوءَ سان محبت آهي پر ان ڪري هو ڪنهن به علائقائي زبان جو دشمن نه آهي، هو چاهي ٿو ته پاڪستان جي هر زبان ۽ ثقافت وڌي ويجهي ۽ آئر- اولهه برصغير هڪ رنگارنگ گلدستي وانگر لڳي. اها ٻي ڳالهه آهي ته پنجاب جي ادبي حلقن ۾ پنجابي ٻوليءَ جي حمايت ڏسي هو ڪومائجي ويندو آهي ڇو ته هن کي سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته هڪ ڀيرو پنجابي زبان اڀري ۽ پنجاب جي چار ڪروڙ مسلمانن ان جي حمايت ڪئي، ته اردو ڪيڏانهن ويندي. في الحال هو منهنجي اردو شاعري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهي ۽ هر هر مون کان پڇيو اٿائين ته مون پوريءَ تي

ايترو عبور ڪيئن حاصل ڪيو آهي؟— پوربي، جا اردوءَ جي اديبن کان وسري چڪي آهي ۽ جنهن جي لوڪ گيت سان ”آگ کا دريا“ جو آخري صفحو ختم ڪندڙ قرأة العين حيدر هندستان موٽي ويئي ۽ جنهن کي قدرت الله شهاب ۽ جميل الدين عاليءَ جون ڪوششون به پاڪستان ۾ پناهه ڏيئي نه سگهيون. ۾، جمهوريت پسند آهي، صوبائيت جو ليبل هڻي سنڌ جي تشخص کي نه گهٽيندو آهي، اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ ڪڏهن به ون - يونٽ (One Unit) جي وجود جو قائل نه ٿيو هو، ۽ سنڌين هٿان ڏک کائي به سنڌ جو دشمن يا سنڌيءَ جو دشمن نه ٿيو آهي. ها، پر وسڪي پيئڻ کان پوءِ هڪ پيو به ۾ آهي، جو ميرٺ ۾ ڄائو نپنو هو، جنهن کي اتان جون گهٽيون ۽ گهر، رهٽي کهٽي، يارين دوستين مٽيون مائٽيون سڀ ياد آهن، جنهن سان ميرٺ سازش ڪيس Merath Conspiracy Case جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته ائين ٿو لڳي ته چڙ هو به انهيءَ سازش ۾ شامل هو ۽ ايم. اين. راءِ سان گڏ ڪيس ۾ ڇهه سال ٽيپ کائي چڪو هوا هن کي اتان جون موسلادار بارشيون، آهي ڪاريون گهٽائون، اهي انبن جا باغ ۽ انهن ۾ جهولندڙ جهولا، اهي ساوڻ رت جا لوڪ گيت (نيم کي نمڪولي پڪي، ساون آيا رے) اڇا ٿائين ياد آهن، چڙ اها ڪالهه جي ڳالهه هئي. ملتان ۽ سنڌ جا دسهري، سرولي، لنگڙا، انور رٽول، سنڌڙي، بيگن قلي، گلاب خاص وغيره هن کان اتان جا انب وساري نه سگهيا آهن، جي هو مٺن پيري وٺندو هو ۽ انهن جو رس چوسيندو هو. وسڪي پيئڻ کان اڳ هو سنڌ جي پلي جي ڏاڍي ساراهه ڪندو آهي ۽ به ڏيئي پيرا مون کي چيو اٿائين ته مان هن کي ارباب نورمحمد جي ڳوٺ، بني، وٺي هلان، جتي ٻيڙين ۾ سير ڪري پلا به ماريون ۽ نڙ تي اها ڏن به ٻڌون جنهن ۾ چارڻ سارس پکين جي جوڙي جو هڪٻئي لاءِ ڪيل پڇو آواز جي ذريعي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُجاگر ڪندا آهن. پوءِ وات ۾ پاڻي آڻي ھو پڇندو آهي ته واريءَ ۾ پڪل پلي جو سواد ڪھڙو نه چڱو ھوندو! (مون اھا ڳالھ پڏائي ھن جي تصور کي گرمايو آھي ته اسان ھتي ۾ تازا ماريل پلا واريءَ ۾ پچارائي کاڌا ھئا ۽ نڙ ۽ ٻيڻن تي سنڌ جون بي مثال ڏنون به ڏٺيون ھيون جن مان ھڪ ڏن ۾ سارس پکيءَ جي پنھنجي ساٿيءَ لاءِ ڳولا ڇٽي وڏي ھئي.) ھاڻ پر وسڪي پيئڻ کان پوءِ ھن کي پلي جي ياد نه ايندي آھي ۽ ھو سيرٽ جي ڪنھن انھن جي باغ ۾ گم ٿي ويندو آھي جنھن ۾ ھزارين انبن جا وڻ ھوندا ھئا ۽ جنھن جا انب جواھر لال نھروءَ کي به ڏاڍا پسند ھئا.

وسڪيءَ جو گلاس ڪٿي ھن جون اُڱريون ڪنبي رھيون ھيون ۽ اھو ظاھر ھو ته ھن جي روح تي ڪافي رھڙون اچي چڪيون آھن. مون ھن ڏانھن ڏسي سوچيو ته ڪراچيءَ جا گھڻا مھاجر اوچتو آسمان ڏانھن ڏسي، ساڳئي وقت، ساڳيءَ جذبات سان، ڪنھن مھربان لفظ لاءِ، ڪنھن ھمخيال روح لاءِ تڪيندا ھوندا جنھن جي ھن کي اڄ ايتري ضرورت آھي! ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١-٨-٦٧ع

صبح سان نائين بجي تيار ٿيس، اٽڪل ڏهين بجي رباني آيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي پرو وائيس چانسلر جي حيثيت ۾ يونيورسٽيءَ جي چارج مون کي ڏني هئي. يونيورسٽيءَ ۾ وئڪيشن هئي ۽ انتظامي ڪم ڪار هوڻ ڪري گهٽ هو. اسان گڏجي پاڪستان ڪائونسل آف آرٽس ۾ وياسين ۽ ان جي ڊائريڪٽر عرفان احمد سان ملياسين. ايتري ۾ مختيار احمد، بانو قدسيا ۽ خاطر غزنوي به اچي نڪتا. قدسيا ۽ خاطر مون سان گڏ روس هلڻا هئا. (بانو اردوءَ جي مشهور ناول نويس آهي ۽ خاطر پشاور يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي ۽ اردوءَ جو مشهور شاعر آهي.) مختيار احمد اسان مان هرڪنهن کي پاسپورٽ ۽ ٻيا ضروري ڪاغذ ۽ ٻه ٻه سئو ڊالر ڏنا جي حڪومت پاران اسان کي ڏنا ويا هئا. مون پنهنجي ذاتي خرچ تي هن کان سؤ ڊالرن جا سفري چيڪ (Travellers Cheques) به ورتا. اهو وڏ ۾ پرڏيهي ناڻو هو جو مون کي ملي ٿي سگهيو. پوءِ اسان پرسان ڪنهن هوٽل ۾ چانهه پيئڻ لاءِ وڃي ويٺاسين. بانوءَ ۽ خاطر، مختيار احمد کي پنجابيءَ ۾ حال احوال ڏنو. مختيار احمد اسان کي چيو ته جي روس ۾ اسان کان نندڙي ڪنهن جي حالتن کي معمول تي آڻڻ لاءِ ڪو سوال ڪيو وڃي ته اسان ان تي ذاتي راءِ جو اظهار نه ڪيون ۽ هنن کي چئون ته اڃا حالتون پوريءَ طرح سازگار نه آهن، ڇو ته ڪشمير جو مسئلو اڃا حل نه ٿيو آهي ۽ حڪومت غور ڪري مناسب وقت تي مناسب فيصلو ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته رات جو روس جي ڪائونسل جنرل مسٽر ڪشيرن اسان جي سنڌ ڪلب ۾ دعوت ڪئي آهي، ۽ فيض احمد فيض، جيڪو ڪالهه روس مان موٽيو آهي، اهو به اسان جي ڪري ڪراچيءَ ۾ ترسي پيو آهي ۽ رات جو دعوت تي موجود هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتان اٿي مان ۽ رباني هاسٽل آياسين جتي ڪيترائي دوست احباب مون سان ملڻ لاءِ آيا هئا.

.... .... ....

شام جو ڊاڪٽر عاليه امام، ڊاڪٽر مهڪري ۽ مر– آيا. عاشق نالي يونيورسٽيءَ جي فوٽوگرافر منهنجو ۽ زرينه جو گڏ فوٽو ورتو ۽ عاليه امام چيو ته– هڪ فوٽو مان تو سان گڏ ڪڍائيندس ۽ مون کي ٻانهن کان ڇڪي، مون سان گڏ فوٽو ڪڍرايائين. زرينه هن کي واڱڙو ٿي ڏٺو.

ڊاڪٽر مهڪريءَ سان منهنجي هميشه وانگر گفتگو ٿي. هن جي گفتگو هزار گيت آهي. هن هندي ديومالا کي ٽوڙي مروڙي پنهنجي ديومالا ناهي آهي ۽ ڪنهن وقت مهاڀارت ۽ رامائڻ مان ڪهاڻيون اهڙي دلڪش قورگهير سان ٻڌائيندو آهي، جو هو ويد وياس ۽ تلسي داس جو نئون جنم لڳندو آهي. هن جي عمر ستر کان مٿي آهي ۽ هن جي دل مشين تي هلندي آهي جا سرجن جتوئيءَ آپريشن ڪري هن جي جسم ۾ سبي چڙهي آهي. ڪجهه مهينا اڳ ان مشين جون ٻئٽريون ختم ٿيڻ تي هيون ته هن ڏهاڪو هزار رپيا خرچي ٻي مشين گهرائي هئي جا اڳينءَ مشين جي جاءِ تي هن جي جسم ۾ داخل ڪئي وئي آهي. هو وڏو دانشور هوندي به ڇرچي گهڻي، نشي نشي وارو مڙس آهي. هڪ دفعو مون هن کي ٻڌايو ٿي ته مان آجين ۾ ڪالي داس جي مندر ۾ ويو هئس ۽ اتي لنگم پوڄا ڏٺي هئم ته هن چيو هو ته ”پاڻ ته گوري داس آهيون، ڪالي داس سان پنهنجو ڇا؟“ ڊاڪٽر مهڪري مون سان پهريون ڀيرو ٽي سال اڳ مليو هو، مر– سان گڏجي جناح اسپتال آيو هو جتي مان زير علاج هئس. ان وقت رباني مون سان گڏ هو ۽ مان موت جي سرحد ٽپي، زندگيءَ جي پاسي اچي چڪو هئس. مون کي اهو سوچي کل آئي هئي ته– آءٌ، جنهن ايتري مصروف زندگي گذاري آهي، ٻئي جهان ۾ واندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ڪيئن گذاريندس! مون سوچيو هو ته گذري ويل رات ڪيئن نه هڪ بڪايل بگهڙ وانگر مون کي گهڙڪائي رهي هئي ۽ موت پنهنجي آڏيءَ اک سان ان کي اطمينان سان ڏسي رهيو هو! هي رباني، جو موت جي سرحد تائين منهنجو همسفر هو، ڇا، هن کي منهنجي واپسيءَ تي مايوسي ٿي آهي؟ ڇا، هن کي مون تي ڪوئي افسانو لکڻو هو جو اڌ ۾ رهجي ويو؟

تفريح لاءِ مان انگريز مصنف Alexandera David Neel جو تبيت تي ڪتاب Magic and Mystery in Tibet پڙهي رهيو هوس جنهن ۾ تبيت جي لامائن جا عجيب غريب اکين ڏٺا واقعا لکيا ويا هئا جن تي مون کي اعتبار نٿي آيو. مون ڊاڪٽر مهڪريءَ کي ان ڪتاب جي باري ۾ ٻڌايو ۽ پوءِ هن کي ڪلي ڇيو ته چيني انقلابين جڏهن تبيت تي حملو ڪيو تڏهن اهو هلايو ويو ته لاما سراين ۾ ٻڌ جا بت رکايا آهن ۽ ان ڪري چيني انقلابين جون گوليون سراين ۾ اندر اچي نه سگهنديون. تبيت جي ماڻهن جو اهو ويساهه ٽوڙڻ لاءِ چيني انقلابين وچ چونڪ تي ٻڌ جا ٽامي جا بت پگهاري، انهن جي ٽامي مان گوليون ٺهيون هيون ۽ پوءِ ماڻهن کي چيو هو، "هاڻي ته هي گوليون سراين ۾ وينديون؟" مون ڏٺو ته ڊاڪٽر مهڪري ٿوريءَ دير لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ ڪجهه سوچي چيائين، "موت جي منهن ۾ اهو مذاق تنهنجي زندگيءَ جي ضمانت آهي، پر ماده پرست جنهن قطعي نتيجي تي پهتا آهن، اهو صحيح نه آهي، گهٽ ۾ گهٽ ان کي صحيح سمجهڻ لاءِ ڪوئي خاص سبب نه آهي. پر مان هن وقت توسان ڪو گنڀير بحث ڪرڻ نٿو چاهيان، تون چاق ٿيءُ ته پوءِ ڏسنداسين."

۽ مون سوچيو هو ته مان پنهنجو پيالو چوٽيءَ تائين تار ڪري، ان تي گلاب جو پن مصلي وانگر وڇائيندس، ته ان تي هزارين فرشتا سربجود نظر ايندا؛ ۽ مون اهو طئه ڪيو هو ته مستقبل اڃا اڳتي آهي، اهو اڃا ماضي نه ٿيو آهي، مون

کي اچا جيئڻو آهي، وڏيڪ پرپور جيئڻو آهي. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ڊاڪٽر مهڪري مون کي Extra Sensory Perception (بعيد از حواس مشاهدي) تي ڪو ڪتاب ڏيڻي ويو هو. مون اڳ ئي ان موضوع تي آمريڪا جي انسٽيٽيوٽ آف پئرا سئڪالاجي جا ڪجھ ڪتاب پڙهيا هئا، پر اهي مون کي لوڏي نہ سگهيا هئا. هڪ ٻيري محترم اي. ڪي. بروهي مون کي جلاوطن روسي پروفيسر اوس پينسڪي (Ouspesnky) جو فلسفي تي ڪتاب Tertium Organum تحفي طور ڏنو هو. مون کي اوس پينسڪي جي زمان ۽ مڪان جي تصور ڪجھ مرعوب ڪيو هو ۽ پوءِ مون هن جي گروءِ گردجيف (Gurd Jieff) جا پنهنجا لکيل ۽ هن تي لکيل ڪجھ ڪتاب وٺي پڙهيا هئا. انهيءَ ساري گورک ڌنڌي جي مطالعي کان پوءِ مان انهيءَ نتيجي تي پهتو هئس تہ مون لاءِ ڪنهن بہ ڳالھ ۾ اعتبار ڪرڻ جا فقط ٻہ طريقا آهن. هڪ طريقو اهو آهي تہ ڪابہ ڳالھ سائنسي تجربي جي ذريعي ثابت ڪئي وڃي، ٻيو طريقو اهو آهي تہ جيڪا ڳالھ سائنسي تجربي ذريعي ثابت نہ ٿي سگهي ۽ اهو چيو وڃي تہ اها ڪنهن اندرينءَ اک، ڪنهن الوپ اک، ڪنهن وجدان جي ڪيفيت، جي ذريعي محسوس ٿي سگهي ٿي، تہ پوءِ ان ڳالھ جي وجود ۾ اعتبار ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ اها وجدان جي ڪيفيت مون تي طاري ٿئي ۽ مان اها ڳالھ پاڻ محسوس ڪيان. چاڪاڻ تہ هن وقت تائين منهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهڙو واقعو نہ آيو آهي، ان ڪري اهڙين بعيد از فهم ڳالهين کي يا تہ مان يڪدم رد ڪري ڇڏيندو آهيان يا جيڪڏهن راوي معتبر هوندو آهي تہ مان وٽ ۾ وڌ هن کي شڪ جو فائدو ڏيندو آهيان، پر هن جي ڳالھ ۾ ايترو اعتبار نہ ڪندو آهيان جو ان تي عمل ڪيان.

هن ٻيري مون کي ڊاڪٽر مهڪريءَ چيو تہ "ماسڪو ۾ ٻہ انسٽيٽيوٽ آف پئراسئڪالاجي آهي ۽ مان اتي ضرور وڃان.

هن ٻڌايو ته ان انسٽيٽيوٽ جي تجربن جي باري ۾ آمريڪا ۾ هڪ حيرت انگيز ڪتاب ڇپيو آهي، جو هن پڙهيو آهي. مون هن کي چيو ته دعا ڪريو ته ايترو جيئان جو هيءَ ساري دنيا گهمي وٺان. باقي هن زندگيءَ کان اڳتي جياپي جو مون کي شوق نه آهي. مان جن ٿي جيئڻ نٿو چاهيان ۽ نه وري ٻيهر جڪ مارڻ لاءِ هتي موٽي اچڻ ٿو چاهيان. سياسي طرح مون کي مهاتما گانڌيءَ وانگر اهڙي خرافات جي ضرورت نه آهي جنهن هڪ ڪوڙي بدوڙي ڇوڪري پاڻ سان ڪٺي، هن سان گڏ، اتر پرديش جي ڪنهن ڪوٺ ۾ هن جي اڳئين جنم وارو گهر ڳولي لڌو هو. Story of Briday Murphy جنهن جي دنيا ۾ ايتري ڌوم هئي، ان کي به نڳيءَ جو ناه ثابت ڪيو ويو آهي. دراصل بورجوا ملڪ اهڙا ڪتاب اشتراڪي نظرئي خلاف جنگ ۾ استعمال ڪن ٿا ۽ انهن جي ڪوڙي يا سچي هئڻ کي تنقيدي نگاه سان يڪدم نٿا ڏسن. ها، جي اهڙي ڪا انسٽيٽيوٽ ماسڪو ۾ آهي، ته مان اتي ضرور ويندس."

ٻالهيون ڪندي اچي ست لڳا. مون سيني کي چيو ته "آءٌ هلان ٿو، چو ته مون کي روسي ڪائونسل جنرل جي سنڌ ڪلب ۾ دعوت آهي، فيض به اتي اچڻو آهي ۽ مون کي هن کان حال احوال وٺڻو آهي." ان تي ڊاڪٽر عالي، امام چيو ته "ڪشيرن مون کي چڱيءَ طرح سڃاڻي؛ مان به توسان گڏجي هلنديس" مون هن کي چيو ته "مان توکي ڪار ۾ سنڌ ڪلب تائين ڪٺي ٿو هلان؛ جي تون مناسب سمجهين ته منهنجي اندر وڃڻ کان پوءِ پاڻ اندر هلي اچجانءِ."

مان سنڌ ڪلب ۾ اندر ويس ته ڏٺم ته مسٽر ڪشيرن ۽ هن جي عملي جا ڪجهه روسي آفيسر اڳئي ويٺا هئا. فيض صاحب، جيڪو وسڪي پي رهيو هو، گلاس ٽپائيءَ تي رکي اٿي بيٺو ۽ ڀاڪر پائي مون سان مليو. ٻين سيني سان هٿ

ملاقات ۽ خيرعافيت کان پوءِ مون فيض کي چيو، ”ڊاڪٽر عاليه امام ٻاهر آهي ۽ اندر اچڻ ٿي چاهي.“ فيض جي پيشانيءَ ۾ گهنج اچي ويا ۽ هن چيو ته ”هيءَ سفارتي سطح تي دعوت آهي ۽ ان ۾ ڪنهن جي به بنا ڪوٺ جي، شرڪت مناسب نه آهي.“ ان تي مون فيض کي چيو ته ”عاليه جي اوهان سان پراڻي دوستي آهي، وڌيڪ جيئن اوهان مناسب سمجهو.“ ايتري ۾ قدسيه، خاطر ۽ مختار احمد اندر آيا ۽ انهن سان گڏ عاليه به اندر هلي آئي. مون مسٽر ڪشيرن جي منهن تي تعجب جي هلڪي لهر ڏٺي پر هو ان کي دٻائي، سڀني سان خوش-اخلاقيءَ سان مليو ۽ هن جو آڌرڀاءُ ڪيائين. فيض ۽ روسي ميزبان وسڪي پيئندا رهيا، باقي ٻين سڀني نارنگيءَ جو رس پيتو. فيض مون کي ٻڌايو ته هن ماسڪو ۾ پروفيسر گنڪو وسڪيءَ Yuri V Gankovsky کي منهنجي باري ۾ پوري حقيقت ڏني هئي ۽ روسي اديب منهنجو ڏاڍو چڱو آڌرڀاءُ ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته ”جڏهن تون روس ڏسندين تڏهن ئي اندازو لڳائي سگهندين ته انقلاب کان پوءِ روس ۾ ڪيتري ترقي ٿي آهي.“ ڪجهه وقت کان پوءِ مون فيض کي ٻڌايو ته احمد سليم منهنجي شاعريءَ جا اٽڪل ڏيڍ سؤ صفحا پنجابي نظم ۾ ترجمو ڪري چڪو آهي جو پريس ۾ پهچي چڪو آهي. مون هن کي وڌيڪ ٻڌايو ته ترجمو ڏسي مون کي ان تي حيرت آئي هئي ته منهنجي شاعريءَ جا سٺ سيڪڙو لفظ ۽ قافيا پنجابي ترجمي ۾ آسانيءَ سان کپي سگهيا هئا. ان تي فيض چيو ته ”مون ئي ته احمد سليم کي توڏانهن موڪليو هو. سان ياڻهان تو ته جيتري محبت ۽ همدرديءَ سان تون هن سان هلي سگهندين، اوتري محبت ۽ همدردي هن کي پنجاب ۾ به مشڪل ملندي. دراصل پنجابي ڪلاسيڪي ۽ جديد ادب جا ترجما سنڌي ۾ ٿيڻ گهرجن ۽ سنڌي ڪلاسڪي ۽ جديد ادب جا ترجما پنجابيءَ ۾ ٿيڻ گهرجن. ٻئي ٻوليون عوامي آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهي جي وچ تي سرائڪي آهي ۽ انهن ۾ ڪيئي لفظ ساڳيا آهن ۽ ڪيترن ئي لفظن ۾ فقط اچار جي ٿوري ڦيرگهير آهي."

مون هن کي ٻڌايو ته "سنڌالاجيءَ پاران احمد سليم کي شاهه عبداللطيف جي رسالي جي منظوم ترجمي ڪرڻ جو ڪم سپرد ڪيو ويو آهي ۽ امداد حسينيءَ کي پنجاب جي چونڊ ڪلاسيڪي شعر جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمي جو ڪم سپرد ڪيو ويو آهي."

جنهن تي فيض مرڪندي چيو، "اياز، توهان پاڪستان کي سنڌ جي **Cultural Colony** بڻائڻ ٿا چاهيو؟" ٿوري وقت کان پوءِ اسان رات جي ماني کاڌي ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ وڌياسين تـه سنڌ جو چيف منسٽر رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي مليو جنهن خيرعافيت ڪئي. هن کي اڳ ئي خبر هئي ته مان روس وڃي رهيو آهيان ۽ چيائين ته "موٽي اچين ته مون سان ملجانءِ."

عاليه امام مون سان گڏجي هاسٽل ۾ آئي. زرينه ۽ سليم اڃا شهر مـان نـه موٽيا هئا. عاليه ڪمري جو دروازو کليل رکيو ۽ صوفا تي ويهي رهي. ٿوريءَ دير ۾ رباني، حميد ۽ ٻيا ڪيترائي دوست آيا. ايتري ۾ عاليه اٿي مون کي امام ضامن ٻڌو. عاليه امام ڪيتري وقت کان، اردوءَ جي ترقي پسند شيعن وانگر، ڪربلا جي واقعي تي روئندي آهي، جوش مليح آباديءَ جي نظم "حسين اور انقلاب" کي اردوءَ جي ترقي پسند ادب جو اهم حصو سمجهندي آهي ۽ مير انيس کي اردوءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ظاهر ڪندي آهي. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦—٨—٦٧ع

اٽڪل هڪ بجي رات جو اسان سڀ ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تي پهتاسين. سامان تورائي ٽئگ ۽ بورڊنگ ڪارڊ وٺي، مان وچي زرينه سان وي. آءِ. پي. لائونج ۾ ويٺس. رباني، حميد ۽ ڊاڪٽر الانا به اتي هليا. اٽڪل ڏيڍ بجي رات جو مسٽر ڪشيرن اتي آيو. مون ان جي انهيءَ زحمت لاءِ پاڻ کي هن جو احسان مند محسوس ڪيو. اٽڪل ٻين بجي رات جو زرينا ڇپيل سوره ياسين منهنجي ڪوٽ جي اندرئين کيسي ۾ وڌي ۽ ٻه ٽي منٽ قرآن جون ڪجهه آيتون ڇپن ۾ جهونگاري مون ڏي شوڪاريائين. جڏهن لائونج مان هوائي جهاز ڏانهن ڪٺي وڃڻ لاءِ ڪار لائونج جي دروازي تي پهتي، تڏهن هن پريل اکين سان مون ڏانهن ڏٺو. شايد هوءَ ڇپن ۾ چئي رهي هئي، ”وڃ، مون توکي الله جي امان ۾ ڏنو.“ مون مرڪي هن کي چيو، ”دلجاءِ ڪر، مان پندرهن ڏينهن ۾ موٽي ايندس.“

روسي هوائي جهاز ايروفلاٽ ۾ اسان کي ايڪانامي ڪلاس جي ٽڪيٽ هئي. اسان ڏاڍي سوڙهه سکوڙ ۾ ويٺا رهياسين ۽ سامهون فرسٽ ڪلاس ۾ ڪجهه روسي ٽيڪنوڪرٽ (Technocrat) ٽنگون ڊگهيري مزي سان واڊڪا پي رهيا هئا. اٽڪل ٽئين بجي رات جو هڪ وهيءَ کان مڪڙيل ايئر هوسٽس ٿڌو گوشت، ڊبل روٽي ۽ ڪافي کڻي آئي. مون فقط ڪافي پيتي. هوائي جهاز ۾ ايڏي بور ڪندڙ مسافري مون ڪڏهن به نه ڪئي هئي. پي. آءِ. اي. جي هوائي جهازن ۾ وڌيڪ آرام ڏيندڙ ڪرسيون، وڌيڪ سهڻيون ايئرهوسٽسون ۽ وڌيڪ وڻندڙ کاڌو هوندو آهي. الاجي ڇو، مون کي ايروفلاٽ ڏسي ڪامريڊ پوهو ياد آيو هو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو منهنجو من ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي وڃي نڪتو ۽ مون ڪان اهو وسري ويو ته مان هزارها فوٽ بلنديءَ تي هوا ۾ روس وڃي رهيو آهيان. اوچتو ڪنهن منهنجي ڪنن ۾ سرگوشي ڪئي، ”تون جتي ٻه هوندين مان تو سان هوندس. تون منهنجو فوٽو ڇا ڪندين، تون جدا ٿوروئي ٿي رهيو آهين!“ هوءَ جا منهنجي مايا جو نئون روپ هئي، ان جو گندمي چهرو هير وارث شاهه وانگر منهنجين اکين اڳيان اڀري آيو، ۽ مون سوچيو ”ڇا، ماضي ڪوئي پيارڪ خواب هو؟ پر جي اهو خواب نه هو، حقيقت هئي، ته مان اها حقيقت ٻار ٻار دهرائڻ چاهيان ٿو، اهڙي موسم بهار لاءِ، اهڙيءَ شگفته رنگ و بو جي هڳاو لاءِ.“

مون سوچيو ته مون ڪيترا پيرا چاهيو هو ته دنيا ڏسان. ائين ته مون کي پنهنجو ڪمرو ساريءَ ڪائنات کان وسيع لڳندو هو، انسان ذات جي ذهني حاصلات منهنجي ڪتب خاني ۾ موجود هوندي هئي. وڪالت جي مصروفيات مان فارغ ٿي جڏهن مان پنهنجي پيالي ۾ آگ اوتيندو هئس، ته جيءُ جڳ مڳ ٿي ويندو هو ۽ اهو نيرو پنڇي جنهن کي آتما چيو ويندو آهي، پنهنجي آکيري ۾ موٽي ايندو هو ۽ منهنجي ڪوٺا هر نئينءَ پيڙا کي هڪ نئين سپني ۾ بدلائيندي هئي. مون سمجهيو هو ته منهنجي دنيا اتي وڃي ڪٿي هئي، مون کي نه پاسپورٽ ملندو ۽ نه ٻاهر وڃڻ لاءِ اين. او. سي. ۽ يوناني فلسفي ديوجانس (Diogenese) وانگر منهنجي زندگي به هڪ tub ۾ گذري ويندي. پيسو ته وڪالت مان مون کي ملي ٿو ۽ مان پنهنجي خرچ تي گهمي ٿو سگهان پر شايد مرندي تائين منهنجي اها جهانگرديءَ جي حسرت پوري نه ٿي سگهندي. ان کان اڳ جو منهنجا هڏ ويهجي وڃن، وڌندڙ عمر منهنجا اجهل اڏما مانا ڪري ڇڏي، منهنجي نظر گهٽجي وڃي ۽ مان محبوب حسينائن جا خدوخال پوريءَ طرح ڏسي

نہ سگھان، سمنڊ تي ايرندڙ ۽ لهندڙ سج جا پهريان ۽ پويان شعاع منهنجي اکين اڳيان جهانورجي وڃن، پهاڙ تي ايرندڙ چنڊ جي سوني ٿال مان منهنجا ڪنبندڙ هٿ اشرفين مان ڀيون ڀري نہ سگهن ۽ هن دنيا جي سونهن ۽ سگند، جوت ۽ جهرمر وڏندڙ چمار هڪ ٻکيءَ ڏاڻي وانگر مون ڪان ڪسي وڃي- انهيءَ پوئينءَ اُجهام، اجائي انت، انڌيري ۾ آخري ڏڪي ڪان اڳ ڪيڏو نہ چاهيان ٿو تہ هيءَ رنگارنگ دنيا ڏسي وٺان! ڪتاب ڪافي نہ آهن، اهي ٻئي ڪنهن جو مشاهدو پيش ڪن ٿا، مان سڀڪجهہ پنهنجين اکين سان ڏسڻ ٿو چاهيان— اکيون، جي ڪڏهن بہ ڊاپٽيون نہ آهن، ڊاپڻ بہ نہ گهرجن ڇو تہ اکين جو ڊاپڻ موت آهي، صحيح معنيٰ ۾ موت اهو ئي آهي، باقي پيو تہ رڳو دم ٻيهجي وڃڻ جو معاملو آهي.

۽ پوءِ هوءَ، جا منهنجي مايا جو اڳيون روپ هئي، منهنجين اکين اڳيان آيري آئي. مون سوچيو تہ ڪٿي مون هن سان وعدو ڪيو هو تہ مان موٽي ايندس- جڏهن جمنا تي سج لهي رهيو هو ۽ تاج جو پاڇو پاڻيءَ ۾ لڙالجي ويو هو، جڏهن جهونجهڪڙي ۾ ڏيري ڏيري تاج محل روشنيءَ ۾ آيري رهيو هو، جڏهن فتح پور سڪريءَ تي شام لٿي هئي ۽ جوڌپائيءَ جو ڪمرو اونداهو ٿي ويو هو، جڏهن نربدا نديءَ جي ڪناري تي ويهي امان پاڻيءَ ۾ پير پچائي رهيا هئاسين ۽ ڪجهہ پنڌ تي مالوا جي روپ متيءَ باز بهادر جو محل هو، جڏهن اجنتا جي هڪ گُفا ۾ هن ٺيي کي هٿ سان وڄايو هو تہ نقاري وانگر وڳو هو ۽ آواز جي ڦهلاو کي پرکڻ لاءِ هن منهنجو هي گيت ڳايو هو—

پٿر ۾ پيهي، گهڙيم تنهنجيءَ گهور کي،
پرين پرڏيهي، ويجهو آنهہ وجود کان.

جڏهن ناسڪ ۾ گوداوريءَ تي سج جا پهريان ڪرڻا پيا هئا ۽ سانوريون ناريون گهاگهريون پاڻيءَ مان ڀري رهيون

هيون ۽ ڪڇين ۾ جهليا پائي، ڪيئي ياتري پوتر پاڻيءَ ۾ ٽٻيون ڏئي رهيا هئا—— ها، ڪٿي ڪٿي مون هن سان وعدو ڪيو هو ته مان ٻئي سال موٽي ايندس!.... ۽ پوءِ جنگيون، ڌرتيءَ تي ماس جا ڳاڙها ڳپل، ٻنهي پاسي ابهم ٻارڙن، وڏوائن، پوڙهين مائن جا ڳوڙها، جي پنهنجي پاڻ ۾ هڪ پورو سمندر هئا، جي سمندر جي پاڻيءَ کان به وڌيڪ کارا هئا، وڌيڪ ڳهرا هئا. هائو، مان موٽي وڃي نه سگهيس، مون وعدو نه پاڙيو ۽ روحن جي وچ ۾ هڪ رڻ ڦهلندو ويو، وڌندو ويو، ويرونار رڃ ڏيکاري ڏيندي رهي، جيئن پوءِ تيئن پٽ تسي هٽندي وئي، پٽ تي هٽندي وئي. ٻن پيار ڀرين دلين وچ ۾ تاريخ ڪهڙي نه اوچي ديوار ٿي وڃي ٿي، جو هڪٻئي جو واڪو ته ڇا، سرٻاٽ به ٻڌڻ ۾ نه ٿي اچي—— اهو مون کان وڌيڪ ڪير ڄاڻي! تاريخ ڪيتري نه ظالم آهي، ڪيتري نه اجهل آهي، ڪيتري نه اٽل آهي!.... مون کي ياد آيا ڪيترا ڪوئيون، سکر، ساهيوال، سکر.... نفرتون، سختيون، تڪليفون.... مون تڏهن ساهه پري سوچيو ته زندگي وڏي غنيمت آهي، ان کان وڌيڪ غنيمت ڪهڙي هوندي ته مان اڃا زنده آهيان، ماضي هڪ ڀيانڪ ڪن وانگر آهي، جنهن مان آءٌ نڪري چڪو آهيان.... ڪير ڄاڻي ته اڳتي ڪيترا ڪن ايندا. في الحال ته لهرين ۾ لڙهندو ٿو وڃان!

مون سوچيو ته مون سکر ۾ پويان چار سال ڇو ته ڇلو ڪڍيو هو. ڏينهن ڪنهن واڳهه جي وات ۾ رڙڪجي ويندو هو. سکر کان جيڪب آباد، سکر کان لاڙڪاڻي، سکر کان ڪراچيءَ، سکر کان خيرپور، مون کي وڪالت جي سلسلي ۾ تتيءَ ٿڌيءَ ڪيترا چڪر ڪاڙهڻا پوندا هئا، ۽ جڏهن مان شام جو گهر موٽندو هوس ته منهنجو لڱ لڱ چور هوندو هو. صبح شام ساڳيو پورهيو، ساڳيا قانوني ڪتاب، ساڳيا لا رپورٽر، ساڳي بار روم ۾ ڪوڪلي ٺهه ٺهه، ننڍڙيون دليون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جا ساڙ وير، جل پچ، چغليون، چڙ، پرائيءَ واقفيت سبب پنهنجي همعصر جـي قد و قامت تسليم ڪرڻ کان انڪار، اجائي آڪڙ، پيپلز پارٽيءَ جا ڪيڙا ماڪوڙا جي ان تي وڙهندا هئا ته چار ان ـ ڪٺا ڪير پنهنجي پير ۾ ڪٺي وجي ۽ پوءِ قهر درويش به جان درويش.... گليور جون ٻانهون رسين سان ٻڌل ۽ ليلي‌پٽ جا چامڙا.... انهن جي سس پس، ڏند ڏيڙ....

مـون دنيا بدلائڻ چاهي هئي، سنڌ کنهن حـد تائين بدلائي وڌي هئي، مون کي ڪنهن اجوري جي تمنا نه هئي، پنهنجا عهدا ازل ۾ هئا، پر هيءَ بوريت بي‌انتها بوريت....

ڪنهن ڪـي آءٌ پسائيان انـدر جو ارمان، مون کان گيت رسي ويا.

۽ پوءِ مون کي اهو هيبت ناڪ واقعو ياد آيو.... ممتاز ڀٽو سنڌ جـو چيف منسٽر هو. هـن صوبائي اسيمبليءَ ۾ بل آندو، جنهن موجب سنڌيءَ کي سنڌ جي صوبائي ٻولي تسليم ڪري، ان کـي ڪجهه واضح حيثيت ڏني وئـي. جيئن بل اسيمبليءَ ۾ آيو، اردوءَ وارن ۾ اشتعال جي فضا ڦهلجي وئي. رئيس امروهيءَ ”اُردو کا جنازا هے ذرا دهوم سے نکلے“ جهڙا پـروپيگنڊا نظم لکيا. ڪراچـيءَ ۾ سنڌ جي گورنـر، مير رسول بخش ٽالپر، جي قبر ناهي وئي — توڙي مير رسول بخش چوندو هـو ته مان پنهنجي مافي‌الضمير جـو صحيح اظهار فقط اردو ۾ ڪري سگهندو آهيان! ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي باهه ڀڙڪي اٿـي. وانهڙو، جـن کي اردو يا سنڌي لکڻ به نه ايندي هئي، انهيءَ ڪري چرا هئي ماريا ويا، هنن جون اکيون ڪاڍيون ويون ۽ زبانون ڪپيون ويون چاڪاڻ جو انهن مان ڪن جـي مادري ٻولـي سنڌي هئي ۽ ڪن جي اردو هئي. مون کـي سنڌيءَ سان بي انتها محبت آهي پر مون کي ڪنهن به ٻوليءَ کان نفرت نه آهي ۽ مان دنيا جي هر ٻوليءَ کي پنهنجي ٻولي سمجهندو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن به ٻوليءَ جي غير عوامي رجعت پسند ڪردار ڪـي واڌڪو ڪرڻ ۽ ان کي ترقي پسند رخ ڏيـڻ لاءِ حالتون پيدا ڪرڻ، ان ٻوليءَ جي مخالفت نه آهـي پـر صحيح معنيٰ ۾ موافقت آهي. مان اردوءَ کـي اردو وارن کان وڌيڪ چاهيان، ڪنهن به اردو شاعر مون وانگر امير خسرو جي مزار تي گلن جا هار نه وڌا آهن، جنهن اردو شاعريءَ جون پهريـون سٽون لکيون هيون. ڪنهن بـه اردو شاعر مون وانگر ”امير خسرو پنهاري سے“ جهڙو نظم نه لکيو آهـي ۽ نه امير خسروءَ جي انداز ۾ نيون ڪه ـ مڪرنيون (ڳجهارتون) لکيون آهن. جڏهن اردوءَ جو چوٽيءَ جو اديب سبط حسن پنهنجي رسالي ”پاڪستاني ادب“ جو امير خسرو نمبر ڪڍي رهيو هو ته مون هن کي پنهنجي سنڌي نظم ”امير خسرو پاڻياريءَ کي“ جـو منظوم اردو ترجمو اشاعت لاءِ موڪليو هو. ان تـي هن مـون کي لکيو هو ته جي مان هـن کي اهـڙا چار پنج ٻيا نظم امير خسروءَ تي موڪليان ته هو فقط منهنجا نظم امير خسرو نمبر ۾ شايـع ڪندو ۽ ٻئي ڪنهن بـه اردو شاعر کي مون سان شريڪ ڪرڻ نه چاهيندو ڇو ته ٻيا اردو شاعر ته امير خسرو تي رکو قصيدا لکي رهيا هئا جن ۾ روح عصر جـو ڪوئي شعور نه هو. مون هن کي چار ٻيا نظم موڪليا ۽ هن منهنجا پنج ئي نظم ”پاڪستاني ادب“ جي امير خسرو نمبر ۾ شايع ڪيا ۽ ڪنهن به اردو شاعر کي مون سان شريڪ نه ڪيو ۽ انهن اردو نظمن ۾ منهنجا ٻه نظم لطيف ۽ خسروءَ تي به هئا ۽ انهن مان هڪ نظم ۾ انهيءَ پيانڪ دور جي ياد به هئي جنهن ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي سنڌ ۾ فساد ٿيا هئا ۽ جنهن ۾ هيٺيون سٽون به هيون جي هڪ نئينءَ سنڌ جو تصور پيش ڪن ٿيون، جا اڃا وجود ۾ اچڻي آهي.

.... .... .... ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اس طرف بهى ميرا گرم لهو
آس طرف بهى ميرا گرم لهو
كيون پانى بن كر بهتا هے؟
تاريخ كے خونيں سفاكو
تم كب تك خون بهاؤ گے
اور كب تك يه بسراؤ گے
يه ميرى زباں
يه ان كى زباں
هے ايك هى لورى
دونون كى ماں
لورى جو خاموش زباں سے
اس دهرتى كى كوكهه سے نكلے
نئے جنم كو تكتى هے.

منهنجي اردو نظمن جو اڻ ڇپيل مجموعو "نيل ڪنٺه اور نيم کے پتے" پڙهي هڪ اردو شاعر مون کي خلوص سان چيو هئو ته "توهان نه فقط سنڌيءَ جو پر سنڌ ۾ اردوءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهيو." جنهن تي مون هن کي جواب ڏنو هو، "ميان! مان ڪاليداس کان پوءِ ڪنهن کي نٿو مڃان ۽ ڪاليداس وانگر ڪنهن چندرگپت موريه جو ڪاٺيارو به نه رهيو آهيان."

ها، مان اردوءَ جي رجعت پسند ڪردار کي به چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو ۽ انهيءَ ٻوليءَ جو، جا قلعه معليٰ ۾ پاڙيچاري، ڌرتيءَ جي لڳاوَ ۽ انسان دوستيءَ جي ٻولي ٻڻجي پيدا ٿي هئي، قطب شاهه جي دور ۾ حيدرآباد دکن ۾ ڪنهن سائيءَ ولي وانگر وڌي هئي ۽ دهلي دربار ۾ پهچي ڪنهن وڻ ويڙهيءَ ۾ وڇڙي وئي هئي، اڄ کان پنجاهه سال پوءِ مستقبل ۾ ان جو جائز مقام ڄاڻان ٿو. هائو، مون کي اردوءَ کان ڪا نفرت ڪانه هئي: جي نفرت هئي ته انهن مطلب پرستن لاءِ هئي جي پنهنجن سياسي ۽ ذاتي مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ کي

ذريعو بڻائي استعمال ڪري رهيا هئا. مون نہ ٿي چاهيو تہ ٻولين جي جهيڙي ۾ پساري ۽ پنوارڙي ماريا وڃن- شاگردن، هارياڻين، هارين تي شرمناڪ حملا ڪيا وڃن، ٻولين جا ٻول وساري انسان هڪٻئي کي درندن وانگر چيرڻ چنگهارڻ لڳن. نہ، اهو ٻوليءَ جي مسئلي جو حل نہ هو. اوچتو شام جي وقت ريڊيو تي اعلان ٿيو تہ وزيراعظم چاهيو آهي تہ جي. ايم. سيد، پير حسام الدين راشدي، قاضي فيض محمد ۽ آءٌ ٻوليءَ جي مسئلي جي حل لاءِ راولپنڊيءَ پهچي وڃون. مون سوچيو تہ مان نہ وڃي سگهندس. ماڻهو ٻوليءَ جي مسئلي تي ٻانورجي پيا آهن ۽ هنن جي ڳالهين مان رت جي ٻوءِ ٿي اچي. اڳ بہ ٻوليءَ واري جهيڙي ۾ مون تي خوني حملو ڪرايو ويو هو. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي رتوڇاڻ جا ڇنڊا سکر تي پوندا ۽ ان ڪري بهتر ائين ٿيندو تہ ٻارن کي وٺي ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڪوئيٽا هليو وڃان. مان اڃان زرينہ سان ڳالهائي رهيو هئس، جنهن پيريو تريو گهر تالو هڻي ڇڏڻ نٿي چاهيو، تہ ايتري ۾ اسلام آباد مان پاڪستان جي وزير تعليم جناب حفيظ پيرزادي جو فون آيو جنهن چيو تہ مان ڪيئن بہ پنڊيءَ هليو اچان. مون هن کي پنهنجي مجبوري ٻڌائي جنهن تي هن چيو، ”تون فڪر نہ ڪر، تنهنجي گهر جي ٻاهران ويهہ هٿياربند پوليس وارا پهچي ويندا ۽ تيستائين پهرو ڏيندا رهندا جيستائين حالتون ٺيڪ ٿين؛ تون سڀاڻي هوائي جهاز ۾ هليو اچ.“ مان رشيد ڀٽيءَ کي ساڻ کڻي پنڊيءَ پهتس. قاضي فيض محمد پهچي چڪو هو، سيد ۽ راشدي نہ آيا. مون ۽ قاضي فيض محمد، حفيظ پيرزادي، معراج محمد خان، ملڪ معراج محمد ۽ شيرپاءُ تي مشتمل ڪميٽيءَ جي اڳيان ڪافي وقت ڳالهايو ۽ حفيظ پيرزادي منهنجي تقرير جا پنهنجن هٿ اکرن ۾ نوٽ ورتا جي پوءِ ڀٽي صاحب قومي اسيمبليءَ ۾ پنهنجي تقرير ۾ ڪم آندا. شام جو پيرزادو صاحب انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ مليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان ٻوليءَ جي معاملي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ان تي متفق ٿياسين ته بل ۾ مناسب ترميم ڪئي وڃي ۽ اجائي خونريزي بند ٿيڻ گهرجي.

جڏهن مان سکر موٽي آيس ۽ بار روم ۾ ويٺس تڏهن مون کي معلوم ٿيو ته جي. ايم. سيد سکر آيل آهي ۽ ڪجهه وڪيل ان راءِ جا آهن ته هن کي بار جي پاران دعوت ڏني وڃي ته جيئن هو ٻوليءَ جي مسئلي تي ڳالهائي. مون هنن کي گهڻو ئي سمجهايو ته معاملي کي وڌائڻ اجايو آهي، ان مان ڪجهه ورڻو نه آهي، اوهان موجوده حالتن ۾ ٻوليءَ جي فسادن جا نتيجا نٿا سمجهي سگهو، اوهان سڀ پيپلز پارٽيءَ ۾ آهيو ۽ پارٽي اوهان کي انهيءَ مسئلي کي اپارٽ جي اجازت نه ڏني آهي. هنن صرف اهو ڊيڪارٽ لاءِ جي. ايم. سيد کي هوٽل انٽرپاڪ ۾ دعوت ڏني ته مان ڊچي ويو آهيان. ٻئي ڏينهن تي مان هوٽل انٽرپاڪ پهتس ته جي. ايم. سيد کي دل جي تڪليف ٿي پئي هئي ۽ هو هڪ ڪمري ۾ ليٽيل هو ۽ ڪجهه وڪيل ٻئي ڪمري ۾ جذباتي تقريرون ڪري رهيا هئا. مان پنهنجي سٽ ”هي اڻ ڇاڻ ڇاڙو، هي ٻي سمجهه سمجهو“ جهونگاري گهر موٽي ويس. ٽئين ڏينهن تي جي. ايم. سيد ۽ نواب مظفر کي نظربند ڪيو ويو. مون بار روم ۾ وڪيلن کي چيو ته ”پلا هاڻي جي. ايم. سيد جي رهائيءَ لاءِ ڪوئي ٺهراءُ ته بحال ڪيو“ پر هو ڦڪي ڪل ڪلي، ڳالهه لنوائي ويا.

اهڙي ماحول ۾ جتي انسان کي بيحد تنهائيءَ جو احساس هجي، جتي ٿوريءَ ڦيرگهير سان انگريزي قانون تي ساڳيا بحث مباحثا ٿيندا هجن، جي هڪ سؤ سالن کان وڪيل ڪارا جبا پائي ڪندا آيا آهن، جتي زندگيءَ جو تڪ فقط انهيءَ پوڙهيءَ ماءُ جي مرڪ لاهيندي هجي، جنهن جي پٽ کي مون ڦاسيءَ کان ڇڏايو هجي ۽ جتي انهيءَ مرڪ جي پٺيان ٻيءَ ماءُ جا ڳوڙها هجن جنهن جو پٽ خون ٿي ويل هجي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان واقعي بيزار ٿي پيو هئس. ها، ڪڏهن ڪڏهن مان ان ماحول مان نڪري ويندو هئس. شهر جي ٻاهران سارين جو اوپر اٿندو هو ۽ مان ان ڏانهن وڌندو ويندو هئس. ان خوشبوءِ ڏانهن، مري ويل ولهارن ڏانهن، جتي ڏڻ ڏٺاڻا هوندا آهن، نڌڪي جهاپي ڪان پري، اجائي گوڙگهمسان کان پري، جتي ماڻهو ۽ مرونءِ جي سڃاڻ آهي، جتي پيسو سڀڪجهه نه آهي ۽ سڀڪجهه پيسو نه آهي، املهه ماڻهپي جي پنيان، آجڪائيءَ جي پنيان، ڪليل هوا ۾ نمن جي ٻور ۽ سرنهن جي گلن هيٺان ساهه کڻڻ لاءِ.

۽ پوءِ اڻين ڪجهه سال گذري ويا، سنڌ پنهنجي سياسي فيصلي جي منطقي زنجير ۾ جڪڙيل رهي. رات جا ڏهه لڳا هئا. مان ماڻڪوسڪي جي نظمن جي مجموعي اشاعت (Poems-Vladimir Mayakovsky) واڊڪا جي گلاس وانگر ڍڪ ڍڪ ڪري پي رهيو هئس. منهنجون اکيون ماڻڪو- وسڪيءَ جي هيٺين سٽن تي کپي ويون هيون:

Shine up high
Shine down on earth
till life's own source
runs dry
Shine on-
for all your blooming
worth.
So say
both sun
and I!

۽ مان سوچي رهيو هئس ته هڙي شعلہ نوا، رجائيت پسند شاعر خودڪشي ڇو ڪئي؟ مون نہ رڳو اشتراڪيت پسند آستاد پر اشتراڪيت پسند اديب به پڙهيا هئا. پوءِ اهو هاوربہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فاسٽ (Howard Fast) هو يا ”ڊيلي ورڪر“ جو ايڊيٽر ڊگلس هائيڊ (Duglous Hyde) هو يا ٻيا ڪيئي اهڙا اديب هئا جي اشتراڪيت کان ڪناره ڪش ٿي چڪا هئا؛ ڪنهن به ان ڳالهه جو تسلي بخش جواب نه ڏنو هو ته مائڪووسڪيءَ جوانيءَ ۾ خودڪشي ڇو ڪئي هئي؟ مائڪووسڪي – جو روسي انقلاب جو عظيم ترين شاعر هو.

ايتري ۾ فون جي گهنٽي وڳي. مون ڪي پنهنجي محويت ۾ ڏسي، منهنجي پٽ سليم فون کنيو. سليم فون تي اردوءَ ۾ چيو، ”ويٺو آهي، سڏيانس ٿو.“ ۽ پوءِ مون کي چيائين، ”بابا پرائيم منسٽر جو ملٽري سيڪريٽري اوهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي.“ هن جي منهن تي حيراني/هراس جا جذبا هئا. مون فون تي انگريزيءَ ۾ چيو ”هيلو، مان شيخ اياز ٿو ڳالهايان.“ ملٽري سيڪريٽريءَ انگريزيءَ ۾ چيو، ”شيخ صاحب، مان پرائيم منسٽر جو ملٽري سيڪريٽري ٿو ڳالهايان. پرائيم منسٽر اوهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي.“

مون فون تي انتظار ڪيو ته هن جو سنڌيءَ ۾ آواز آيو، ”شيخ! مان پٽو ٿو ڳالهايان. خوش آهين؟“

”سائين، اوهان خوش آهيو؟“

”شيخ! مان توکي هڪ ڪم سپرد ڪرڻ ٿو چاهيان؛ وعدو ڪر ته ڪندين.“

”جي منهنجي وس ۾ هوندو ته ضرور ڪندس.“

”هائو، هائو، تنهنجي وس ۾ آهي. مان چاهيان ٿو ته تون سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿيءُ.“

مون کي ڪجهه جهٽڪو آيو ۽ مون کسڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”مان هن وقت تائين ڪنهن به اداري جو منتظم نه رهيو آهيان. مون کي ان قسم جو ڪو تجربو نه آهي.“

”مان اڳي پاڪستان جو وزير اعظم رهيو هئس ڇا؟

پوءِ بہ پاڪستان هلائي رهيو آهيان نہ؟ تون يونيورسٽي هلائي نہ سگهندين! هلائي ويندين، هلائي ويندين!"

”پر حالات تہ اوهان ڇاڙو ٿا....“

”ڇاڙان ٿو، ڇاڙان ٿـو“ پٽي صاحب چيو، ”حالتون درست ٿي وينديون. اها منهنجي حڪومت جي ذميداري آهي. هاڻـي پڪ ڏي، پڪ؟ پڪ؟ پڪ؟“

۽ پوءِ مون اها نوڪري قبول ڪئي ۽ ڪن چيو تہ مون سياسي/ادبي خودڪشي ڪئي. ڇو؟ ڇو؟؟ ڇو؟؟؟ شايد ان ڪري تہ ڪجهہ سال اڳ مـان ڏاڍو بيمار ٿي پيو هئس ۽ جناح اسپتال ۾ بہ ڏينهن موت جـي بستري تي پيو هئس. رباني ۽ ابراهيم ساري رات جاڳندا هئا، ۽ جمال ابڙو، جـو روس وڃي رهيو هو، ڇڙ اسپتال ۾ مون سان الوداعي ملاقات لاءِ آيـو هو. ڇا، مـون سرڪاري نوڪري ان ڪري قبول ڪئي هئي، جو مـون ۾ ايتري جان نہ رهي هئي تـہ وڏيڪ ويڙه ڪائي سگهان؟

يا مان پنهنجي موجوده زندگيءَ مان بور ٿي پيو هئس ۽ مون کي ماحول جي تبديليءَ جي ضرورت هئي؟ جڏهن باربڊوس (Barbados) مان سنڌريءَ مون کي خط لکيو هو تڏهن منهنجيءَ دل چاهيو هو تہ مان بہ ڪئريبين سمنڊ (Caribean Sea) جي ان جزيري ۾ هفتو ڪن رهي اچان، پر پاسپورٽ ملڻ جو امڪان نہ ڏسي، ڪيئي ڏينهن بوريت محسوس ڪئي هيم. ڇا، سرڪاري ملازمت ان بوريت مان فرار جي ڪوشش هئي ؟

يا سبب رڳو اهـو هو تـہ جمهوري حڪومت جـو ڪوئي نعم‌البدل ڪونہ هو ۽ ان ڪري مون خود ان سان تعاون ڪرڻ چاهيو ٿي؟

مون سوچيو، ”هاڻ مان ادبي وفد جو سربراهہ ٿي روس وڃـي رهيو آهيان ۽ چوويهن ڪلاڪن ۾ مون کي پاسپورٽ ملي چڪو آهي! هاڻي مان ماسڪوءَ جي خودڪشيءَ

جي باري ۾ معلومات حاصل ڪري سگهندس.“ اوچتو منهنجي وڪالت جي تجربي منهنجي دل ۾ هڪ گمان پيدا ڪيو— اڏين ته نه آهي نه ماڊڪووسڪيءَ ڪـي استالن قتل ڪرايـو هو ۽ واردات خودڪشيءَ جي ڏاهي وئي هئي؟ قتل/خودڪشي؟ قتل/خودڪشي؟ سوچيندي، منهنجي اک لڳي وئـي ۽ جاڳ جهٽڪي تي ٿي، جڏهن هوائي جهاز ماسڪو ايئرپورٽ تي لٿو. ●

پروفيسر بوزڪرت گونچ (Bozkurt Guenc) سان منهنجي ملاقات ترڪيءَ ۾ گهرايل يونيسڪو ڪانفرنس ۾ ٿي. ڪانفرنس ۾ ترڪي، ايران، پاڪستان ۽ يو. ڪي. (U.K.) جا وائيس چانسيلر/ريڪٽر حصو وٺي رهيا هئا. پروفيسر گونچ پنهنجيءَ تقرير جي دوران گريٽ برٽن (Great Bertain) لفظ ڪم آندو پر يڪدم پاڻ کي درست ڪندي چيائين، ”معاف ڪجو، برٽن اڳي گريٽ (عظيم) هو، هاڻي نه آهي. منهنجو اشارو يو. ڪي. ڏانهن آهي.“ ان تي انگلنڊ ۽ اسڪاٽلنڊ جي يونيورسٽين جي ريڪٽرن جا منهن رڪ ٿي ويا. پروفيسر گونچ جي تقرير کان پوءِ ٻن پهرن جي مانيءَ لاءِ وقفو ڪيو ويو. اسان جي ماني استنبول جي ڪنهن هوٽل ۾ هئي. مانيءَ جي ميز تي پروفيسر گونچ منهنجي پرسان ويٺو هو: هو بيئر پي رهيو هو ۽ مان ڪمپاري (Campari) پي رهيو هوس. ڳالهيون ڪندي هن ترڪي تربوز جي هڪ ڦار مون ڏانهن وڌائي، ته مون هن کان پڇيو، ”پروفيسر گونچ! اڄ تو انگريزن کي اها چهنڊڙي چو پاتي؟ انگلنڊ ۽ اسڪاٽلنڊ جا ريڪٽر ڪيڏو نه مايوس ٿي ويا!“ گونچ جواب ۾ چيو، ”هنن کي چهنڊڙي به نه پاتم! منهنجو ڏاڏو انگريزن سان وڙهندي مئو، هن وقت انگريز هڪ ٿرڊ ريٽ پاور (Third rate power) آهن، هنن کي آئينو به نه ڏيکاريان!“ ان تي مون چيو، ”انگريز سامراج جو دشمن ته مان به هوس پر....“، مون ڳالهه کي وڌيڪ ڊيگهه ڏيڻ مناسب نه ڄاتي. مون پروفيسر گونچ جي ڳالهين مان اهڙو سمجهيو ته هو ڪنهن قسم جو سوشلسٽ هو جنهن تي ڪمال اتاترڪ جو فڪر حاوي هو. هن کي اها خبر به هئي ته پاڪستان جي شهر لاڙڪاڻي ۾ سوئيڪارنو ۽ ڪمال اتاترڪ جا يادگار ٺهرايا ويا آهن.

ٽئين ڏينهن اسان سڀئي نمائنـدا هوائـي جهاز ۾ انقره پهتاسين. ساڳئي ڏينهن مان ۽ پاڪستان جا ٻيا وائيس چانسيلر، پروفيسر گونيچ سان گڏجي حاجت ٽوپي يونيورسٽي ڏسڻ وياسين. يونيورسٽيءَ جـي ٻاهران سنگ اسود (ڪاري گرئنائيٽ) مان گهڙيل اتاترڪ جو ديوقامت مجسمو کتل هو. مجسمي ۾ ڪمال اتاترڪ جو رکو منهن ڏيکاريل هو، هن جو بدن لهرين وانگر ٽي لڳو ۽ هن جوکبو هٿ مٿي کڄيل پر کليل هو. مجسمي جي پيرن پٽر مان گهڙيل ڇوڪرو ۽ ڇوڪري رائيفلون جهلي بيٺا هئا ۽ چڻ اتاترڪ کي سهارو ڏئي رهيا هئا. مجسمي جي هيٺان پٽر تي آڪريل هو، "تو لاءِ ان کان وڌيڪ فخر جي ٻي ڪائي ڳالهه نه آهي ته تون ترڪ آهين."

پروفيسر گونيچ اسان کي ٻـڌايو تـه جڏهن هـو ترڪي حڪومت جي وزارت ۾ هو تڏهن هن اهو مجسمو ٺهرايو هو. هن سنگ تراش کي ڪنهن خاص تصور کي مجسم ڪرڻ جي فرمائش ڪئي هئي. پوءِ هن اسان کان پڇيو ته "اوهان مجسمي مان ڇا ٿا سمجهو؟ ڇئي سگهندؤ ته ان ۾ ڪهڙو تصور پيش ڪيو ويو آهي؟ مون سان گڏ ٻيا وائيس چانسيلر اڃا ڪجهه سوچي رهيا هئا ته مون هن کي چيو، "اتاترڪ هڪ تحريڪ هـو ۽ ان ڪري هن جي جسم کي لهرون لهرون جهنڊي وانگر پيش ڪيو ويو آهي؛ هو ڪابيءَ ڌرجو هو پر اشتراڪي نه هو، ان ڪري هن جوکبو هٿ اُڀو آهي پرکليل آهي ۽ لينن جي مٺ وانگر بند نـه آهي؛ ۽ هن نوجوان نسل جي ساٿ سان انقلاب آندو هو ۽ مرد ۽ عورت کي هڪجهڙا حق ڏنا هئا، ان ڪري ترڪ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري هن کي پنيان ٽيڪ ڏئي رهيا آهن." ان تي پروفيسر گونيچ مرڪي مون کي ڀاڪر پاتو.

ڳالهه ڪندي مون گونيچ کي ٻڌايو تـه مان بـه هن وانگر اشتراڪي نه آهيان پر مون کي ناظم حڪمت جي شاعريءَ سان رغبت رهي آهي ۽ هن جا ڪافي ترجما انگريزيءَ ۾ پڙهيا

اٿم. مون هن کي ٻڌايو ته مغربي فلسفيءَ بـرکلي (Berkley) کي مخاطب ڪري لکيل ناظم حڪمت جي نظم ”او برکلي!“ مون کي ايترو ته متاثر ڪيو هو جو مون سنڌ جي هڪ ويدانتي شاعر ساميءَ کي مخاطب ڪري پنهنجو نظم ”نوان سلوڪ“ لکيو هـو. جيتوڻيڪ ٻنهي نظمن ۾ ڪائي مشابهت نـه آهي تڏهن به منهنجي سنڌي نظم لاءِ جذبو ناظم حڪمت جي نظم آياريو هو. اهو ٻڌي، پروفيسر ڳونچ ڏاڍو خـوش ٿيو. چيو تـه ناظم حڪمت هن جو محبوب ترين شاعر هو. هن ناظم حڪمت سميت ٻين به ڪيترن ئي ترقي پسند ترڪ شاعرن جـو ذڪر ڪيو ۽ ناظم حڪمت جي نظم جا ڪي حصا مون کي پڙهي ٻڌايا ته جيئن مان ناظم حڪمت جي ترنم جي جواريالا محسوس ڪري سگهان. مون کي ترڪي زبان ته نه ٿي آئي، پـر ناظم حڪمت جي انهيءَ نظم مون کي اهـو تاثر ڏنو تـه سمنڊ ۾ ٻيڙي ڇولين تي ڇلي رهي آهي. ترنم ڪجھه هيئن هو:-

مٿي وئي
هيٺ وئي
مٿي وئي
مٿي، مٿي، مٿي وئي
هيٺ، هيٺ، هيٺ وئي
هيٺ مٿي، هيٺ مٿي
وئي وئي وئي وئي—

اوچتو پروفيسر ڳونچ چيو، ”شاعرا توکي خبر آهي ته ترڪيءَ ۾ اڄا تائين ناظم حڪمت تي بندش آهي؟“

مون هن کي مرڪي چيو، ”نه، مون کي اها خبر نـه آهي، باقي اهو ڄاڻان ٿو تـه ناظم حڪمت روس ۾ نوَ سال جلاوطن ٿـي رهيو هو ۽ مري به اتي ئي ويو هو. مون تـي پاڪستان جـي حڪومت ايترو اعتبار ڪيو آهي، جـو هتي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ موڪليو هئائين، پر پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اچا ٿاڻين منهنجن ڪِن ڪتابن تي بندش آهي."

پروفيسر گونچ ۾ مرڪڻ لڳو ۽ چيائين "شاعرن سان اڻين ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي ۽ حڪومتن ڪان وسري ويندو آهي ته هنن جي ڪتابن تي بندش وڌي وئي آهي. بودليئر ته ترقي پسند ڪونه هو پر فرانس جي بورجوازيءَ هن جي شعر جي هڪ حصي تي ان ڪري بندش وڌي هئي، جو بودليئر جي زندگي ۽ شاعري بورجوا اخلاق جي تصور لاءِ هڪ وڏي گار هئي. بودليئر جي شاعريءَ تي اها بندش لڳ ڀڳ سئو سال قائم رهي. فرانس جي حڪومتن کان اهو وسري ويو ته فرانس جي وڏي ۾ وڏي شاعر جي سڀني ۾ سٺي شعر تي بندش وڌل آهي ۽ اهو انگريزي ترجمي ۾ ته ملي سگهي ٿو پر فرينچ ٻوليءَ ۾ ناياب آهي! رڳو ڪجهه سال اڳ اها بندش لاٿي وئي آهي."

انقره ۾ اسان ريڪٽر ڊراماشيءَ جي ذاتي مهمان خاني تي قيام ڪيو هو. رات جو آتي ڏي اسان کي مانيءَ جي دعوت هئي. مون هيٺ لائونج ۾ وسڪي پئي پيتي ۽ پاڪستاني مهمانن کان سواءِ، ٻيا سڀ مرد ۽ عورتون جي آتي موجود هئا، ڪجهه نه ڪجهه پي رهيا هئا ۽ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ايتري ۾ پروفيسر گونچ آيو ۽ وسڪيءَ جو گلاس ڏاهي منهنجي پرسان اچي ويٺو. هن جي هٿ ۾ هڪ بنڊل هو، جو هن مون کي هٿ ۾ ڏئي آهستي چيو، "مٿي وڃي، هي پنهنجي پلنگ جي هيٺان رکي آءُ." مون بنڊل هٿ ۾ ورتي، هن کي ساڳيءَ ريت رازدارانه سرگوشيءَ سان چيو، "هن ۾ ڊائناماٽيٽ آهي ڇا؟" هن کِلي، مون کي، مٿي وڃڻ لاءِ اشارو ڏنو. مون پنهنجي ڪمري ۾ مٿي وڃي، پئڪيٽ پلنگ جي هيٺان سرڪائي ڇڏيو ۽ پوءِ هيٺ موٽي آيس. اچڻ سان مان گونچ کان آهستي پڇيو، "پئڪيٽ ۾ ڪجهه ڪاغذ يا ڪتاب پيا محسوس ٿيا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا، ان ۾ ٽي.ڪي.پي * (T.K.P.) جي ڪائي خفيه لٽريچر آهي؟"

"نه" گونچ جواب ڏنو.

"نڌهن ڇا آهي؟" مون پڇيو.

"تون ٽي پڌاءِ ته تولاءِ هڪ ترڪ رفيق جو ڪهڙو تحفو ٺي سگهي ٿو؟" پروفيسر گونچ، وسڪيءَ جو ڍڪ پيئندي، پڇيو.

مون کي ڪوئي جواب سُجهي نه آيو.

پروفيسر گونچ، جو قد ۾ مون کان ڪجهه ڊگهو هو، ڪجهه جهڪي آيو ۽ منهنجي ڪن ۾ سس پس ڪيائين، "پڪيٽ ۾ ناظم حڪمت جا ترڪي زبان ۾ بندش هيٺ آيل ڪتاب آهن. مٿان ڪنهن کي پڌائين ته مون اهي توکي ڏنا آهن! جي ترڪيءَ جي حڪومت کي اها خبر پئي ته منهنجي ڪل لاٿي ويندي!"

هن جو گلاس منهنجي گلاس وانگر خالي ٿي چڪو هو. هن مون کان خالي گلاس وٺي پئي گلاس وسڪيءَ سان ڀري ڇڏيو، "هي نيٽ (Neat) ٿا پيئون." پوءِ پنهنجو گلاس مٿي ڪري منهنجي گلاس سان ٽڪرائي چيائين، "ناظم حڪمت جي نالي"، "ناظم حڪمت جي نالي"، مون ورائيو ۽ گلاس ڇپن تي رکي گيٽ ڏني، جيستائين منهنجا ڦڦڙ باهه ۾ وڪوڙجي ويا.

پروفيسر گونچ وري ڪجهه جهڪي آيو ۽ مون کي ڪن ۾ سرباٽ ڪيائين، "ڇا معلوم، ڪنهن وقت ڪوئي پاڪستاني اديب پنهنجي ترڪ مهمان کي تنهنجن بندش پيل ڪتابن جو بنڊل ڏئي ڇڏي، "هن ۾ ڊائنامائيٽ آهي، ان کي پنهنجي ڪمري ۾ ڇپائي آءُ. جي هن کي خبر پئي ته مون توکي اهي ڪتاب ڏنا آهن ته هو منهنجي ڪل لاهيندا."

---

* ٽي.ڪي.پي– بندش پيل ترڪش ڪميونسٽ پارٽي جنهن جو هيڊڪوارٽر ايران جي توده پارٽيءَ وانگر مشرقي جرمنيءَ ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو مون ني انانيت جو الزام رکي رهيا آهن، ۽ مون کي فرانسي آرٽسٽ، تلوس لوترڪ، جي زندگيءَ جو واقعو ياد اچي رهيو آهي. لوترڪ پئرس جي هڪ ڪئفي ’مولان روش‘ ۾ هميشه وانگر فرانسي دراندي (Absinthe) پي ڪري، ڪافي سرور ۾ هو، ته هن جي ڪنهن واقفڪار هن کي چيو، ”ٻئي هفتي پرنس آف ويلس لنڊن ۾ تنهنجين تصويرن جي نمائش جو افتتاح ڪندو. وڏي عزت افزائي ٿيندي.“

”ڪنهن جي عزت افزائي؟؟؟......“

لوترڪ نشي ۾ هن ڏانهن ڏسي پڇيو، ”پرنس آف ويلس جي يا منهنجي؟“ ●

منهنجو پيءُ ۽ ڏاڏو به يڪتاي روزگار ڪردار هئا، پر سون پنهنجي ڏاڏي جي پاءَ جي باري ۾ هڪ ڳالهه پڌي هئي، جا وساري نه سگهيو آهيان. هو هڪ درويش صفت انسان هو. هر رات هو ميٽ ۾ لمبي جا پن پچائي رکندو هو، ۽ منهن- انڌيري ۾، ٻه ميل پنڌ ڪري، شڪارپور جي ڳاڙهي بنگلي پرسان هڪ کوه تي وڃي وهنجدو هو. ڪهڙا به ڀارا پوندا هئا، هو وهنجڻ ضرور ويندو هو.

هڪ ڀيري هو ٿڌي سياري ۾ وهنجي گهر موٽي آيو ته هن کي پنهنجي قميص تي هڪ ڪِئلي نظر آئي. هن ڪئلي کي چپٽيءَ ۾ کڻي هڪ شيشيءَ ۾ رکيو ۽ پوءِ منهنجي ڏاڏي کي چيائين، ”مان کوه تي موٽي ٿو وڃان.“

”ڇو، اڃا هاڻي ته آيو آهين؟“ منهنجي ڏاڏي حيرت مان پڇيو.

”هيءَ ڪئلي منهنجن ڪپڙن تي انهيءَ کوه وٽان چڙهي آهي. ان جو گهر اتي ڪٿي کوه جي پرسان آهي. مان ان کي پنهنجي گهر ڇڏڻ ٿو وڃان،“ منهنجي ڏاڏي جي پاءُ وراڻيو، ”ڪنهن کي به پنهنجي گهر مان بي گهر ڪرڻ جهڙو وڏو گناهه دنيا ۾ ڪو به نه آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ۽ ابراهيم جويو هڪ پيري جهنگ مان وڃي رهيا هئاسين. ٻنهي پاسي ديوين جا گهاٽا وڻ هئا. اسان ڪافي پنڌ ڪيو هو ۽ مون کي پيرن ۾ اڦون پئجي ويون هيون. آخر مون بير ٿي ابراهيم کي چيو، ”اسان دڳ ڀلجي ويا آهيون.“ هن مون کي ڏيرج ڏيندي چيو، ”نه، ڀليا نه آهيون؛ هلندو هل! منهنجو دڳ ڏٺل آهي هل، مان توکي ماڳ تي رسائيندس.“ هو مون کان ڏهه سال وڏو آهي ۽ مون کي هن جي بزرگيءَ لاءِ احترام رهيو آهي. پهرين مون هن تي ڀروسو ڪيو ته هو دڳ ڄاڻي ٿو ۽ هن سان گڏ هلندو رهيس. نه ماڻهو، نه ماڻهوءَ جي بوءِ! وڻن تي ڇپرا لنوي رهيا هئا. اسان هلندا رهياسين، هلندا رهياسين، ڪڏهن هيڏانهن، ڪڏهن هوڏانهن، ۽ نيٺ وڻن جي ڇانوري مان لهندڙ سج جو نارنگي شعلو نظر آيو ۽ اسان جهنگ مان نڪري آياسين. ان تي مون ابراهيم کي چيو، ”جي توکي دڳ جي خبر هئي ته تو اڌين ڊوماڏون ڇو پئي ڪاڍيون ۽ مون کي ايترو وقت ڇو پٽڪايئه؟ ڪنڊن ۾ منهنجا لٽا ڦاٽي پيا آهن، ۽ بدن رهڙجي پيو آهي ۽ منهنجا پير ٽڪجي شل ٿي پيا آهن!“

ان تي ابراهيم چيو، ”دڳ ڄاڻڻ ايترو اهم نه آهي جيترو پنڌ کي پيڙڻ، هلندو رهڻ، تيستائين هلندو رهڻ جيستائين جهنگ مان نڪري اچجي.“

”ان جي معنيٰ ته توکي خود دڳ جي خبر نه هئي!“ مون هن کي الزام ڏيندي چيو.

هن جي منهن تي مرڪ هن جي ڏوهه جي ٻاس هئي. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نيو فيلڊس جا جلد ايندڙ ڪتاب

| | |
|---|---|
| ۱. منهن تنين مشعل (خاڪا) | تنوير عباسي |
| ۲. منهنجي دنيا، مرگهه ترشنا (ناول) | سراج |
| ۳. علم تحقيق | الهداد ٻوهيو |
| ۴. فرينچ انقلاب | محمد ابراهيم جويو |
| ۵. اي جرني ٽُ ٽاٿلنڊ | الطاف شيخ |

## نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| ۱. روس جو روس (سفرنامو) | جواهر لال نهرو |
| ۲. ڳالهيون آهن ڳچ (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| ۳. ونڊسر محل جو مسافر (سفرنامو) | عبدالجبار جوڻيجو |
| ۴. وڄون وسڻ آئيون (شاعري) | شيخ اياز |
| ۵. تنهنجي دنيا، سپ رنگ سانول (ناول) | سراج |
| ۶. شاهه لطيف جي شاعري (ٽي جلد) | تنوير عباسي |

## پڙهندڙن لاءِ خوشخبري

نيو فيلڊس جا ۲۰ عدد ڪتاب گهرائڻ تي ۳۳ فيصد رعايت. ۱۵ تي ۲۵ فيصد رعايت. ۱۰ تي ۱۵ فيصد رعايت ۽ ۵ عدد ڪتابن تي ۱۰ فيصد رعايت ڏني ويندي. نيوفيلڊس اداري جو ميمبر ٿيڻ لاءِ ڪو شرط نه، آهي صرف پنهنجي رضامندي لکي موڪليندا. ڪتابن جي لسٽ يا ٻي معلومات گهرائڻ لاءِ جوابي لفافو موڪلڻ ضروري آهي.

گهٽ ۾ گهٽ ۵۰/- رپين کان مٿي جو آرڊر موڪليندا ڪريو.

ڪنڊ ڪوٽ ۾ 'ڀڳت ڪنور ڪتاب گهر' کان نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا ڪتاب ملي سگهن ٿا.

## نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٠١ | بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم | فيروز احمد | (ختم ٿيل) |
| ٠٢ | جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١) | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٠٣ | اڌ ملاقات (خط) | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٠٤ | جيل گهاريم جن سان | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٠٥ | جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢) | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٠٦ | زندگيءَ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون) | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٠٧ | ٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا | — | ٢٠/- |
| ٠٨ | بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون | — | (ختم ٿيل) |
| ٠٩ | اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول) | آغا سليم | ٤٥/- |
| ١٠ | رات منهنجي روح ۾ | غلام نبي مغل | (ختم ٿيل) |
| ١١ | ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١) | — | (ختم ٿيل) |
| ١٢ | ٿڌا ڇپ (ڪهاڻيون) | ايشور چندر | (ختم ٿيل) |
| ١٣ | واديون وڻجارن جون (سفرنامو) | الطاف شيخ | ١٢/- |
| ١٤ | ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٢) | — | (ختم ٿيل) |
| ١٥ | بندر بازاريون (سفرنامو) | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ١٦ | شڪليون (خاڪا) | عبدالقادر جوڻيجو | (ختم ٿيل) |
| ١٧ | يادگار ڪهاڻيون | مختلف ڪهاڻيڪار | (ختم ٿيل) |
| ١٨ | ٽين دنيا جون ڪهاڻيون | ولي رام ولڀ | (ختم ٿيل) |
| ١٩ | عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون | — | (ختم ٿيل) |
| ٢٠ | دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون) | مدد علي سنڌي | (ختم ٿيل) |
| ٢١ | دل جو بندر (ناول) | اڊورل آئيويس/نصير اعجاز | (ختم ٿيل) |
| ٢٢ | رهيل قرض (ڪهاڻيون) | ظفر حسن | ١٢/- |
| ٢٣ | درد جي خوشبو (ناول) | قاضي خادم | (ختم ٿيل) |
| ٢٤ | ڪنهن سان سور سليمان | مرتب: فيروز احمد | (ختم ٿيل) |
| ٢٥ | فڪر جي آزادي | آسٽيفن زويگ/ابراهيم جويو | (ختم ٿيل) |
| ٢٦ | منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو) | الطاف شيخ | ١٦/- |
| ٢٧ | غلامن جو بيڙو (ناول) | ايرڪ ڪاربر/دوست محمد پني | (ختم ٿيل) |
| ٢٨ | سي ڏي جوين ڏينهن (سفرنامو) | الطاف شيخ | ٥/- |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ۲۹. | عاشي (ناول) | هينري رائڊر هئگرڊ/فضل احمد بچاڻي | (ختم ٿيل) |
| ۳۰. | سي پيڙيون رکين پاڄهه سين (سفرنامو) | الطاف شيخ | ۲۰/- |
| ۳۱. | سڌارٿ (ناول) | هرمن هيس/فضل احمد بچاڻي | (ختم ٿيل) |
| ۳۲. | چپان رس (ڪهاڻيون) | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ۳۳. | روح جي ڳولا (ناول) | مترجم: فضل احمد بچاڻي | (ختم ٿيل) |
| ۳۴. | درد جا ڏينهن، درد جون راتيون | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ۳۵. | سانباهو سمونڊ جو (سفرنامو) | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ۳۶. | سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون) | نجم عباسي | (ختم ٿيل) |
| ۳۷. | آسيه (ناول) | هينري رائڊرهئگرڊ/فضل احمد بچاڻي | (ختم ٿيل) |
| ۳۸. | قلندر (ڪهاڻيون) | قرت العين حيدر/مدد علي سنڌي | ۱۲/- |
| ۳۹. | الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ۴۰. | سزا جا سک | آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي | ۱۲/- |
| ۴۱. | بهترين سفرناما | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ۴۲. | للڪار (ڪهاڻيون) | نجم عباسي | (ختم ٿيل) |
| ۴۳. | ڏڪل سريت (ڪهاڻيون) | البرٽو موراويا/وليرام ولڀ | ۱۵/- |
| ۴۴. | لنڊن تائين لفٽ (ڪهاڻيون) | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ۴۵. | تصوير جو خون (پڪچر آف ڊورين گري) (ناول) | آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي | (ختم ٿيل) |
| ۴۶. | حليم شو | حليم بروهي | (ختم ٿيل) |
| ۴۷. | پارن جون آکاڻيون | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ۴۸. | سپون | خليل جبران/فضل احمد بچاڻي | ۲۵/- |
| ۴۹. | سفر يورپ جي ڊائري (سفرنامو) | قاضي عبدالمجيد عابد | ۴۰/- |
| ۵۰. | آزادي خاطر (ڪهاڻيون) | مرتب: فيروز احمد | (ختم ٿيل) |
| ۵۱. | چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون) | ماهتاب محبوب | (ختم ٿيل) |
| ۵۲. | مس سدا بهارچنبيلي (ناول) | الطاف شيخ | ۲۰/- |
| ۵۳. | پيار ڪهاڻي (ناول) | نجم عباسي | (ختم ٿيل) |
| ۵۴. | نيگرو عشق ۽ بغاوت | ڪرسٽوفرڪول/نصيراعجاز | (ختم ٿيل) |
| ۵۵. | شرم پوتي (ناول) | گوبند مالهي | (ختم ٿيل) |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٥٦. | اڳي ايئن هياس (جلد ١) | فضل احمد بچاڻي | ٢٠/- |
| ٥٧. | پڙهه ڪان پهرين (ڪهاڻيون) | ماهتاب محبوب | ١٦/- |
| ٥٨. | بلنديون (ناول) | نجم عباسي | ١٦/- |
| ٥٩. | رڃ ۾ پاڇا (ناول) | موهن ڪلپنا | (ختم ٿيل) |
| ٦٠. | مون تو کي پيار ڪيو (ڪهاڻيون) | پوپٽي هيرانندائي | (ختم ٿيل) |
| ٦١. | آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون) | علي بابا | (ختم ٿيل) |
| ٦٢. | شاهه لطيف جي شاعري (جلد II) | تنوير عباسي | (ختم ٿيل) |
| ٦٣. | آپٽي گهوٽ تہ نشا ٽيوٽي (سفرنامو) | لوڪرام ڏوڏيجا | (ختم ٿيل) |
| ٦٤. | موهن جو دڙو (ناول) | علي بابا | (ختم ٿيل) |
| ٦٥. | ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون) | امر لعل هنگوراڻي | ١٢/- |
| ٦٦. | ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون) | آغا سليم | (ختم ٿيل) |
| ٦٧. | دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون) | نجم عباسي | (ختم ٿيل) |
| ٦٨. | پيغامبر | خليل جبران/ستار | ٢٠/- |
| ٦٩. | همہ اوست (ناول) | آغا سليم | (ختم ٿيل) |
| ٧٠. | اداس واديون (ڪهاڻيون) | حميد سنڌي | ١٢/- |
| ٧١. | آئيني جي اڳيان | ١٧ ساهتڪار | ١٢/- |
| ٧٢. | چنڊ چنبيلي ۽ ول (شاعري) | شيخ اياز | (ختم ٿيل) |
| ٧٣. | لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون) | ماهتاب محبوب | ٣٠/- |
| ٧٤. | اڻون ماڻهو (ڪهاڻيون) | سراج | (ختم ٿيل) |
| ٧٥. | ٻہ ننڍا ناول (ٻہ ناول) | آغا سليم | (ختم ٿيل) |
| ٧٦. | اڳي ايئن هياس (جلد ٢) | فضل احمد بچاڻي | ٢٥/- |
| ٧٧. | رڻ تي رم جهم (شاعري) | شيخ اياز | (ختم ٿيل) |
| ٧٨. | وات ويندي | علي احمد بروهي | (ختم ٿيل) |
| ٧٩. | مڪلي ۽ کان ملاڪا تائين (سفرنامو) | الطاف شيخ | ٣٥/- |
| ٨٠. | ڪهاڻي جو قافلو | نجم عباسي | ١٥/- |
| ٨١. | ساهيوال جيل جي ڊائري | شيخ اياز | ٣٥/- |
| ٨٢. | سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو) | الطاف شيخ | ٣٥/- |
| ٨٣. | چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون) | آغا سليم | (ختم ٿيل) |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٠٨٤ | ڀڳت سنگهه کي ڦاسي | شيخ اياز | -/٢٥ |
| ٠٨٥ | ست يوگوسلاويائي آکاڻيون | جڳت آڏواڻي | -/١٠ |
| ٠٨٦ | ست ڪشميري آکاڻيون | اختر محيعدين/ايشور چندر | -/١٢ |
| ٠٨٧ | ٻن ڇپن ۾ چنڊ (شاعري) | آغا سليم | -/١٠ |
| ٠٨٨ | ڪوالالمپور ڪجهه ڪوه (سفرنامو) | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ٠٨٩ | ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري) | شيخ اياز | (ختم ٿيل) |
| ٠٩٠ | سڏن مٿي سڏڙا | علي احمد بروهي | (ختم ٿيل) |
| ٠٩١ | گانڌي | لوئي فشر/نجم عباسي | (ختم ٿيل) |
| ٠٩٢ | ڀڳل ڪنيڙائيون | خليل جبران/عبدالله الفائز | -/٢٥ |
| ٠٩٣ | ماسٽر هريام جو ٻنڪاڪ وڃڻ.... | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ٠٩٤ | ڪي جو پيچل پوليو (شاعري) | شيخ اياز | (ختم ٿيل) |
| ٠٩٥ | سرهي سرهي سار (سفرنامو) | ماهتاب محبوب | -/٣٥ |
| ٠٩٦ | خط، انٽرويو ۽ تقريرون | شيخ اياز | (ختم ٿيل) |
| ٠٩٧ | دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو) | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ٠٩٨ | ڏيئا تيل ڦلول جا | علي احمد بروهي | -/٣٠ |
| ٠٩٩ | راج-گهاٽ تي چنڊ (شاعري) | شيخ اياز | -/٦٠ |
| ٠١٠٠ | موتي جي مهراڻ جا | مرتب: فيروز احمد | -/٥٥ |
| ٠١٠١ | تلاش (ناول) | نجم عباسي | -/٣٠ |
| ٠١٠٢ | لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري) | شيخ اياز | -/٢٠ |
| ٠١٠٣ | ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون | الطاف شيخ | -/٣٥ |
| ٠١٠٤ | مرڻ مون سين آهه (ناول) | سراج | -/٦٠ |
| ٠١٠٥ | پڙاڏو سوئي سڏ (ناول) | سراج | -/٥٠ |
| ٠١٠٦ | رات وچ ۾ (ناول) | بريٽ هيامدي/فضل احمد بچاڻي | -/٢٠ |
| ٠١٠٧ | ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي (شاعري) | شيخ اياز | -/٥٠ |
| ٠١٠٨ | اڪ سور (ناول) | رابندر ناٿ ٽئگور | -/٥٠ |
| ٠١٠٩ | جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو) | الطاف شيخ | -/٥٠ |
| ٠١١٠ | رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون) | امر جليل | -/٤٠ |
| ٠١١١ | ماسترياڻي (ناول) | مترجم: نجم عباسي | -/٢٥ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١١٢. | آکن نيرا ڦليا (شاعري) | شيخ اياز | -/٥٠ |
| ١١٣. | منهنجي دنيا، هيڪل ويڪل (ناول) | سراج | -/٢٥ |
| ١١٤. | رڻ ۽ رڃ جو اتهاس (ڪهاڻيون) | نورالهدیٰ شاه | (ختم ٿيل) |
| ١١٥. | انقلابي ماءُ (سوانح حيات) | مترجم: آزاد قاضي | -/٢٥ |
| ١١٦. | ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون | شيخ اياز | (ختم ٿيل) |
| ١١٧. | جلاوطن (ڪهاڻيون) | نورالهدیٰ شاه | -/٥٠ |
| ١١٨. | جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون) | امر جليل | -/٥٥ |
| ١١٩. | پونر پري آڪاس (شاعري) | شيخ اياز | -/٥٠ |
| ١٢٠. | راهون چنڊ ستارا (سفرنامو) | ماهتاب محبوب | -/٤٠ |
| ١٢١. | يادين جي اندلٺ | الطاف شيخ | -/٣٠ |
| ١٢٢. | جهڙ نيڻان نه لهي (شاعري) | شيخ اياز | -/٣٥ |
| ١٢٣. | وقت وٿيون وڇوٽيون (ناول) | ڪلا پرڪاش | -/٢٠ |
| ١٢٤. | شاه لطيف جي شاعري جلد I II ۽ III | تنوير عباسي | -/٦٠ |
| ١٢٥. | تنهنجي دنيا، سپ رنگ سانول (ناول) | سراج | -/٧٠ |
| ١٢٦. | وڇون وسڻ آئيون (شاعري) | شيخ اياز | -/٤٥ |
| ١٢٧. | وندر سرمحل جو مسافر (سفرنامو) | عبدالجبار جوڻيجو | ٢٠- |
| ١٢٨. | ڳالهيون آهن ڳچ (سفرنامو) | الطاف شيخ | -/٣٦ |
| ١٢٩. | روس جو سير (سفرنامو) | جواهر لال نهرو | -/٣٠ |
| ١٣٠. | پنهل ڪان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو | شيخ اياز | -/٤٠ |

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هن ڪتاب مان ڪنيل:-

خدا ڪيس سالن ڪان پوءِ نياڻيءَ سان نوازيو هو. ننڍڙو گڏيءَ جهڙو ٻار. گهر جي سونهن، پيءُ ماءُ جي ورونهن. افسوس صد افسوس. اهو ابهم دوا دارون جي خرچ نه هئڻ ڪري مري ويندي. ڪيئي طبيب ڪيئي دوائون. پر هن وٽ پئسو ڪونه هو جو اهي خريد ڪري. شايد انسان جي زندگيءَ ڪان پئسو وڌيڪ قيمتي آهي. شايد طبيب چتائڻ لاءِ نه ڪمائڻ لاءِ آهن. شايد دوا شفا لاءِ نه پر بها لاءِ آهي. پئسي نه هئڻ ڪري موت سندس جهوليءَ مان نياڻي کسي رهيو هو. اي موت ذرا ترس. جي پئسو نه آهي ته مون وٽ نه آهي. هن نياڻيءَ، هن ابهم جو ته ان ۾ ڏوهه نه آهي. هن کي کهڙي خبر ته مان جنهن وٽ چمنديس سو سچو هوندو، پينگهيو هوندو، ڏينهن رات پگهر جو پورهيو ڪندو هوندو ته به چار پئسا بچائي نه سگهندو هوندو. پڌين تو اي موت. انهيءَ اپوجهه ابهم کي ڇا معلوم ته، هوءَ چمندي ته تهه سيارو هوندو، پارا پوندا هوندا، ڏند ڏڪندا هوندا، اڱ اڱ ۾ ٽڙڪٽي هوندي ۽ سندس ڪنگال پيءُ وٽ پئسو نه هوندو جو هو ڪمبل وٺي. هن کي کهڙي خبر ته هيءَ دنيا پئسي جو چڪر آهي. پئسو انهن وٽ آهي جي پيٽ ڪيي، طول ويهاڻن تي ٽيڪ ڏئي ويهن ٿا. پر جن جي رونبو ڪري چيلهه ڇپي ٿي وڃي آهي تن جي لاءِ پئسو نه آهي. تن جي لاءِ محنت ۽ مشقت آهي، بک ۽ ڏک آهي، مرض ۽ موت آهي. رمونءَ منيون پڪوڙيندي پڪو ارادو ڪيو ته آواندا پيچڻ نه ڏيندس، پوءِ سر وڃي ته وڃي. آواندا پچندا ته فصل سوڪ تي ويندو، ڪيس پئسو نه ٿيندو ۽ سندس نياڻي تيئڙ تپ وگهي مري ويندي.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڦُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ڀاڙي، ڪاٺُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪِٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)